

تذڪره

پوراڻي سادات سکر

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

Sukkur Historical Society

www.facebook.com/musavisayed

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

سيد توحيد علي شاه موسوي

محترم سائين سدا سلامت هجو

السلام عليكم و تحفه يا علي مدد

بعد دائمي دعائن جي لکجي ٿو ته فيسبک تي موسوي سيد جي نالي سان هک پيج ٺاهيو ويو آهي جنهن ۾ موسوي خاندان متعلق تاريخي ۽ قيمتي معلومات گڏ ڪئي وئي آهي. مذکور پيج تي ٽي اهڙا فولڊر آهن جن ۾ موسوي سادات جي مرحومين، حال حيات ۽ ننڍڙن ٻارن (گل ڦل) جون تصويرون ڏنيون ويون آهن. ان ڏس ۾ توهان کي گذارش ٿي کجي ته پنهنجون، پنهنجي وڏن جون ۽ پنهنجن ننڍن جون تصويرون مهيا کندا ته جيئن موسوي سيدن متعلق تصويري رکارڊ مکمل کري سگهجي. ان سلسلي ۾ هک بئي گزارش اها به کجي ٿي ته پنهنجي ۽ پنهنجي وڏن جي ضروري ڊيٽا پڻ فراهم کندا. هن هيٺ موسوي پيج فيسبک تي نهيل تصويري فولڊرن جي لسٽ شامل کجي ٿي، فولڊرن جي حوالي سان کنهن به قسم جي معلومات توهان جي گهر سان لاڳاپيل هجي ته موکلي ڏيندا جيکي کجه ڏينهن ۾ اسکين کري واپس کيا ويندا (گهر موکليا ويندا) يا پاڻ ئي موسوي سيد (www.facebook.com/musavisayed) تي اپلوڊ کندا جيکا شکريي سان متعلق فولڊر ۾ شامل کندا سين

توهان کي گذارش ٿي کجي ته توهان مذکور پيج کي پروموٽ کيو اهو توهان جو پنهنجو پيج آهي

موسوي سادات متعلق فولڊر

01. مرحومين Late Musavi's (Decceased)
02. موسوي سادات جا پاٽي
03. گل ڦل (ڄم کان ڏه سالن تائين تصويرون)
04. ناياب ۽ يادگار تصويرون
05. ٺٽي جا پوراني سادات
06. سکر جا ميرکي سادات
07. موسوي سيدن جا قائم ڪيل تعليمي ادارا
08. موسوي سيدن جا علمي ۽ ادبي آثار
09. عبدالباقي پوراني جي مقبري جا ڏيک
10. مڪلي تي ميرڪن جو قبرستان (ٺٽي جا ميرکي سادات)
11. عبدالباقي پوراني جي مقبري جي مرمت
12. آڳاٽن قبرن جي بناوٽ
13. مسجدون ۽ عزاخانه، باني موسوي سادات
14. تابوتن/ ماتمن جون يادگار تصويرون
15. تعزيه ۽ تابوت، باني موسوي سادات
16. ماتمن جون يادگار تصويرون
17. چيري وارو اوتارو
18. ڪاشي جي سرن تي تاريخي ڪتبا
19. مزارون ۽ مقبرا (Mausoleum & Tombs)
20. ميرکي سيدن جون مهرون
21. قبرستان
22. سماجي خدمتون
23. مذهبي شخصيات سان تصويرون
24. تاريخي دعوت نامه
25. سياسي تصويرون
26. روهڙي جي موسوي سيدن ڏي خط و ڪتابت
27. موسوي سادات تي لکيل ڪتاب، مضمون، تاثر
28. موسوي خاندان جا محسن عالم ۽ اديب
29. ڪتابن ۾ ڇپيل تصويرون
30. بزم صوفيا سنڌ ۽ سائين جي ايم سي
31. نرالي نوعيت وارا خط
32. اشاعتي ادارو
33. اديبن ۽ شاعرن جا خط
34. عڪس تحرير
35. واڪاڻ
36. پمفليٽ
37. شادي ڪارنر
38. Wall Photos
39. Profile Pictures

- نوٽس/ مضمون
- وڊيو ڪلپس (ماتم، شاديون، غيره)

ايندڙ معلومات

01. نسب نامو ميرڪي سادات سکر
02. نسب نامو ميرڪي سادات ٺٽو
03. ميرڪي سادات جون حاويليون
04. انجمن حيدري پراڻو سکر
05. تابوتن/ ماتمن جون يادگار تصويرون
06. آڪاٽيون
07. ڪڏاٽا (لولي جو قسم)
08. نج نبار سنڌي لفظ
09. چوٽيون
10. ٺٽي جي ميرڪن جون تصويرون
11. شجره نويس
12. دلدار حسين شاه موسوي جون ڪهاڻيون (نوٽ)
13. ريتون ۽ رسمون
14. خدمتي ڪارڊ / پيا ڪارڊ / وغيره
15. موسوي سيدن جا خدمتگار
16. هر مهيني پي ڊي ايف ۾ ڪتابي صورت ۾ ڏني ويندي

والسلام

ايڊمنسٽريٽر؛ **سيد جواد حسين شاه موسوي**

www.facebook.com/musavisayed

E-mail: Musavi@hotmail.com

Cell: 0333-7103040

PDF Version: 1.0

Create Date: 1 September, 2011

نوٽ؛

ڪتاب " تذڪره پوراڻي سادات سکر " جي اسڪين سيد توحيد علي شاه موسوي ۽ پي.ڊي.ايف ڪرئيٽنگ لاءِ ڪراپنگ، ايڊيٽنگ، موڊيفيڪيشن سيد جواد حسين شاه موسوي ڪئي آهي

www.facebook.com/musavisayed

تذڪره

پوراني سادات سکَر

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

Sukkur Historical Society

musavi@hotmail.com
سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

Published on the Occasion of
SUKKUR THROUGH CENTURIES
NATIONAL SEMINAR-2001

حق ۽ واسطا محفوظ
ڪتاب جو نالو: تذڪره پوراڻي سادات سکر
ليکڪ: ڊاڪٽر حامد علي خانائي
ڇاپو پهريون: مئي ٢٠٠١ع
ڇپيندڙ: پوپٽ پريس خيرپور
ٽائيٽل: سنڌيڪا اڪيڊمي
ڇپائيندڙ: سکر هسٽاريڪل سوسائٽي، سکر
اهتمام: ڊاڪٽر ڪليم لاشاري

قيمت: =/150 رپيا

ملڻ جا هنڌ
سنڌيڪا زونل آفيس
١٩ - بلديه پلازا گهنٽا گهر چوڪ سکر
ڪاٺياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي
سنڌ بوڪ ڪلب گاڏي کاتو حيدرآباد
رابيل بوڪ شاپ المنظر لاڙڪاڻو

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

تذڪره پوراني سادات سڪر

musavi@hotmail.com

سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

انتساب

هيءُ ڪتاب نوجوان ڈاڪٽر سيد امجد حسين موسويءَ
ڏانهن منسوب ڪريان ٿو، جو عين نوجوانيءَ ۾، پنهنجي
عزيزن، احبابن ۽ دوستن ڪي جُدائيءَ جو داغ ڏيئي ويو:

نہ سي ووڻَ وڻن ۾، نہ سي ڪاتارِيُون،
پَسِيو بازاريُون، هِينئَڙو مُون لُوڻِ تِئي.
(شاهه رح)

- ق. ح. خ

musavi@hotmail.com
سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

فهرست

عنوان	صفحو
پبلشر پاران	11
مهاڳ	13
تمهيد	19
سيد محمد "العابد" بن امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام	21
– سيد محمد "العابد" جي شيراز ۾ آمد	22
– وفات	23
سيد ابراهيم "مُجاب"	26
– ڪربلا معليٰ جي مجاورت	26
– "مجاب" جو لقب	27
– وفات	27
– اهل ۽ عيال	29
امير سيد علي بن سيد هادي	30
امير سيد محمد بن امير سيد علي	32
قطب الابدال سيد جلال الدين ابو سعيد پوراني	33
– پوراني سادات ۽ ارغونن جي تعلقات جو تواريخي پس منظر	34
– محمد خان شيباني ۽ پوراني سادات	37
– وفات	39
– اهل ۽ عيال	41
– سيد بايزيد الحسيني	42
– سيد نور الدين محمد	42
– سيد احمد	43
– سيد محمود عرف شيخ ميرڪ	
پوراني سادات جي سنڌ ۾ آمد ۽ ان دور جون تواريخي ۽ سياسي حالتون	46
سيد بايزيد الحسيني پوراني	51

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

– عبيدالله خان ازبڪ ۽ سيد بايزيد الحسيني	53
– سيد بايزيد جي ڪابل ۾ سڪونت ۽ ميرزا ڪامران جي سرپرستي	56
– ميرزا ڪامران جي پاران سفارت	56
– وفات	57
– خوش نويسي	60
– شاعري	61
– اهل ۽ عيال	63
– ميرڪ محمد	64
– ميرڪ عبدالله	65
– ميرڪ عبدالوهاب	65
– ميرڪ عبدالباقي پوراني	66
– ڄاڻا	67
– (الف) شيخ مير غورماني	67
– (ب) مير محمود پوراني	70
ميرڪ عبدالباقي پوراني	71
– شيخ الاسلام جو منصب	74
– ميرڪ عبدالباقي ۽ روهڙيءَ جو وار مبارڪ	75
– وفات	78
– اهل ۽ عيال	79
– تصنيفات	82
ميرڪ سيد محمد عبدالله	85
ميرڪ سيد عبدالاول پوراني الحسيني	86
– سياست ۾ عمل دخل	87
– ميان شاهل محمد ڪلهوڙي پاران ٿياڪڙ	88
– شيخ الاسلام جو عهدو	89
– وفات	91
– آثار	

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

– اهل ۽ عيال	92
ميرڪ سيد محمد بن ميرڪ عبدالاول پوراني	94
ميرڪ سيد محمود بن ميرڪ عبدالاول پوراني	96
ميرڪ سيد تقي الدين محمد بن ميرڪ عبدالاول پوراني	101
ميرڪ سيد محمد مرتضيٰ	105
ميرڪ غلام حسين شاهه	109
بيبي الله تڪائي	111
ميرڪ غلام علي شاهه ۽ سندس اولاد	113
– مير ڏتل شاهه	114
– مير قلندر بخش شاهه	114
ميرڪ شاهه محمد شاهه	116
ميرڪ الله ڏنو شاهه	119
سيد عبدالرحمان شاهه	121
– سيد عبدالرحمان شاهه جو ائٽڪن صاحب ڪي لکيل خط ۽ تواريخي غلطيءَ جو ازالو	122
ميرڪ پنيل شاهه	127
سيد محمد حسن شاهه	128
سيد غلام لطيف شاهه "آفتاب"	130
سيد قائم علي شاهه موسوي	132
سيد نور علي شاهه	136
ميرڪ بهار علي شاهه "قربان"	137
سيد پناهه علي شاهه	139
سيد دلدار حسين موسوي	142
ميرڪ غلام مصطفيٰ شاهه	144
سيد غلام حيدر شاهه موسوي	146
سيد مقبول حسين موسوي	148
سيد عاشق حسين شاهه "عاشق"	151
اشفاق حسين شاهه موسوي	156

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

روهڙيءَ جا ميرڪي سادات	157
سيد وڏيل شاهه موسوي	162
– شاديءَ اولاد	164
– وفات	164
– تصنيف ۽ تاليف	164
سيد عطا حسين موسوي	166
– اهل ۽ عيال	169
– وفات	170
– شخصيت	171
– تصنيفات	173
سيد عبدالحسين موسوي	182
– تصنيفات	184
سيد جواد حسين "موسوي"	190
سيد شفقت حسين موسوي	193
ڊاڪٽر سيد اڪبر حسين موسوي	195
سيد عبدالرحيم موسوي	197
ڊاڪٽر سيد امجد حسين موسوي	198
سيد محمد عارف "عارف" موسوي	201
ميرڪي سادات جا گورستان ۽ آثار	205
– چبوترن واريون قبرون	205
– ميرڪ جو قبو	205
– ميرڪي سادات جا مقبرا	208
– ٽڪريءَ وارا چبوترا	209
– بيبي داديءَ جي مزار	209
– حلالي حراميءَ وارو منارو	209
– ميرڪي سادات جي مسجد	210
– ڏتل شاهه جو مڪان	210
– چيريءَ وارو اوتارو	212

musavi@hotmail.com

سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

– ميرڪ غوث بخش شاهہ جي مسجد ۽ امام بارگاهہ 213

ضميمو (1) : متفرق سادات سکر 215

(الف) خبوشاني سادات 215

(ب) سيد زئي سادات 218

(ج) بهاولي سادات 220

(د) مير سيد مصطفيٰ ۽ سندس اولاد 221

(هہ) سبزواري سادات 222

(و) رضوي مشهدي ملتاني سادات 223

ضميمو (2) : ميرڪي سادات جو منظوم نسب نامو 228

ضميمو (3) : شجره خاندان ميرڪي پوراني عربشاهي سادات 231

ضميمو (4) : شجره خاندان خبوشاني سادات 263

ضميمو (5) : شجره خاندان سيد زئي سادات 266

ضميمو (6) : شجره خاندان مير سيد مصطفيٰ 268

ضميمو (7) : شجره خاندان رضوي مشهدي ملتاني سادات 269

ضميمو (8) : سيد عطا حسين موسويءَ جي لکيل مضمونن جو وچور 270

تعليقات 273

(الف) مشاهير

– امير ڪبير سيد علي همداني 273

– جلال الدين بايزيد پُوراني 274

– سيد محمد ”نور بخش“ 275

– سلطان علي مشهدي 276

– سلطان حسين ميرزا بايقرا 277

– مير علي شير ”نوائي“ 280

– امير ذوالنون ارغون 281

– محمد خان شيباني 282

– عبدالوهاب مغل 284

– سلطان بديع الزمان ميرزا 285

– عبيدالله خان اُزبڪ 286

musavi@hotmail.com

سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

– ظهير الدين "بابر"	288
– شاهه اسماعيل صفوي	289
– ميرزا ڪامران	290
– مخدوم محمد وارث	291
– سيد فتح محمد شاهه شيرازي	292
– ميرزا مدد علي بيگ	293
(ب) جاگرافيائي ماڳ ۽ مڪان	294
– استرآباد	294
– پُوران	295
– حائر	296
– خبوشان	296
– خَتلان	297
– داور	297
– سبزوار	297
– شيراز	298
– غور	300
– فَراه	301
– قبچاق	301
– قندار	302
– ماوراءُ النهر	304
– مرو	305
– مشهد	306
– نيشاپور	308
– هرات	310
– هُرمز	311
– همدان	313
ببليو گرافي	315

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

پبلشر پاران

" پوراني سادات" هرات جهڙي مردم خيز شهر جي هڪ ديهہ "پوران" مان لڏي پلاڻي ڪابل ۽ قنڌار مان ٿيندا سنڌ جي مکيہ شهرن، سکر، بکر، ۽ ٺٽي ۾ هميشہ لاءِ سڪونت اختيار ڪري رهي پيا. هي سادات سنڌ جي تواريخ ۾ "ميرڪي سادات" جي نالي سان ياد ڪيا ويا ۽ هاڻوڪي دور ۾ "موسوي سادات" جي عرفيت سان معروف آهن، جيڪي سنڌ جي علمي ادبي، ثقافتي ۽ سياسي تواريخ ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. تواريخي لحاظ کان "پوراني سادات" جو جاگرافيائي سفر ٻيئن صدي هجري ۾ مديني کان شروع ٿيو ۽ شيراز، ڪربلا، نيشاپور، پوران، قنڌار، ڪابل کان، آخر ۾ سنڌ ۾ پورو ٿيو.

پوراني سادات پنهنجي علمي عظمت، حال جي بزرگيءَ، سخاوت ۽ آئي وئي جي آذرياءَ جي ڪري سنڌ توڙي وچ ايشيا جي تواريخ ۾ پنهنجي هڪ انفراديت رکن ٿا. "حبيب السير" جو مصنف - غياث الدين بن همام الدين حسيني، بدايع وقايع جو مصنف - زين الدين واصفي يا ڪٽي. سنڌ جو مؤرخ مير محمد معصوم بکري، مير علي شير قانع جهڙو بي مثل تذڪره نويس، تواريخ حڪام و متصديان بکر جو مصنف - بيگ محمد "نامي" سيئي سندن مهمان نوازي سخاوت ۽ علمي عظمت جي ساراه جا ڏڪ پريندي نظر اچن ٿا. هن خاندان سنڌ کي نہ صرف فارسيءَ ۽ سنڌي ٻولين ۾ تواريخ، ادب ۽ فقهہ ۾ بي بها ڪتاب ڏنا پر سنڌ ۾ اقليدس جي علم ۾ نوان تجربا بہ ڪيا جيڪي وقت جي جيد عالمن وٽ تسليم ڪيا ويا.

هن گهراڻي جي اڪيچار فردن جي خطاطي ۽ خوش نويسيءَ ۾ قابليت ۽ مهارت جي ساک هرات کان وٺي هندوستان ۽ سنڌ جي تذڪره نويسن پري آهي. جن ۾ سلطان حسين بايقرا، جو سرموڙ خطاط مير علي شير "نوائي" جهڙو بي مثل استاد بہ شامل آهي.

هن علمي خانوادي سنڌ کي هيٺيان فقيهہ ڏنا.

١. ميرڪ محمود پوراني

٢. ميرڪ عبدالوهاب پوراني

فقهہ جي علم ۾ "فتاويٰ پوراني" جهڙو ڪتاب ڏنو جيڪو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي دور تائين موجود رهيو.

سنڌ جي تواريخ کي مير محمد پورانيءَ جي صورت ۾ هڪ بهترين

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

تواريخ نويس ڏنائين. جنهن "نصرت نامہ ترخان" جي صورت ۾ ارغون دور جي جامع ۽ مستند معلومات سنڌ کي ڏني. اهو ڪتاب ڇپجي چڪو آهي.

هن گهراڻي سکر ۽ ڀرسان جي سرزمين ۾ ڪيئي آثار ڇڏيا جن ۾ مسجدون ۽ مدرسا سرفهرست آهن. انهن آثارن ۾ استعمال ٿيل ڪاشي سڄي سنڌ ۾ ٻئي هنڌ ڪٿي بہ نہ ملي آهي.

هن خانوادي جون سنڌ ۾ تعليمي خدمتون پڻ نہ وسارڻ جهڙيون آهن.

هيءُ شاندار ڪتاب مشهور مؤرخ اديب ۽ عالم ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي منهنجي گذارش تي تمام ٿوري عرصي ۾ تيار ڪري ڏنو. جنهن لاءِ مان سندس ٿورائتو آهيان.

سکر هسٽاريڪل سوسائٽي جي مالياتي سيڪريٽري ۽ "سکر صدين کان" قومي سيمينار جي آرگنازئينگ سيڪريٽري محترم بخش علي لاکي صاحب هن سيمينار جي سلسلي ۾ جيڪا ڏينهن رات محنت ڪئي آهي، سا سدائين يادگار رهندي.

آخر ۾ سکر هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي سرپرست ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري صاحب جا ٿورا مڃڻ فرض سمجهان ٿو. جنهن هن سلسلي ۾ اسان جي هڙان وڙان مدد ڪئي.

ڪراچي
١٠ مئي ٢٠٠١

نواز علي شوق
چيئرمين
اشاعتي ڪاميٽي

musavi@hotmail.com

سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

مهاڳ

"موءرخِ سنڌ" - سيد حسام الدين راشديءَ پنهنجي وفات کان ڪجهه ورهيه اڳ ۾، مون ڏانهن هڪ خط لکي ان ڳالهه جو اظهار ڪيو هو. ته پاڻ "تذڪره پوراني سادات" تي ڪم ڪري رهيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾، راشدي صاحب "پوراني سادات" جي متعلق مواد ڪٺي ڪرڻ ۾ ڪافي جاکوڙ ڪئي. سکر جي "سادات پوراني" جي هڪ سُڄاڻ ۽ علمي شخصيت - ميرڪ سيد غلام مصطفيٰ شاهه پڻ انهيءَ تذڪري لکڻ جي سلسلي ۾، ڪيس ڪافي خانداني شجرا ۽ قلمي ڪتاب هٿ ڪري ڏنا هئا. ان کان ڪجهه وقت اڳ ۾، راشدي صاحب فارسي زبان ۾ "سادات پوراني در سنده" جي عنوان سان هڪ مقالو لکي، "يادگار" نالي رسالي ۾ شايع ڪرايو هو. پاڻ ان رسالي جي هڪ ڪاپي پڻ مون کي حيدرآباد ۾ روبرو ڏني هئائين، ليڪن اهو رسالو مون وٽان ڪو مطالعي لاءِ وٺي ويو ۽ وري واپس نه مليو.

سيد حسام الدين راشدي سن ١٩٨٢ ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪري ويو. ان کان پوءِ اهو معلوم تي نه سگهيو آهي ته ان تذڪري جو ڇا ٿيو. ۽ هن وقت اهو ڪهڙن مرحلن ۾ آهي! بهرحال، "تذڪره پوراني سادات" جي باري ۾ وڌيڪ ڪجهه يقين سان چئي نه ٿو سگهجي.

مرحوم راشدي صاحب کان گهڻو عرصو اڳ ۾، مشهور و معروف موءرخ ۽ محقق - مير رحيمداد خان مولائي شيدائيءَ پڻ ميرڪ غلام مصطفيٰ شاهه سکر واري جي چوڻ تي "موسوي سادات جي مختصر تاريخ" لکي هئي. مولائي شيدائيءَ پاڻ خود انهيءَ ڳالهه جو مون ڏانهن هڪ خط ۾ اظهار ڪيو هو. سندس وفات کان پوءِ، ان ڪتاب جو ڪو به پتو يا ڪو سراغ ڪٿان ڪو نه ٿو ملي. البت، مرحوم رشيد ڀٽيءَ پنهنجي لکيل هڪ مضمون ۾ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي آهي ته مولائي شيدائيءَ "موسوي سادات جي تاريخ" مڪمل طرح لکي هئي، پر ان جو مسودو وٺانئس ڪو ادبي چور ٽپائي ويو. ڀٽي صاحب وڌيڪ لکي ٿو، ته جنهن شخص وٽ اهو قلمي ڪتاب موجود آهي، تنهن جي به ڪيس خبر آهي. ليڪن، معلوم نه آهي ته پاڻ ڪهڙي خيال کان ان تي پرده پوشي ڪري ويو.

محترم الله جوڙيي انصاري سکر واري جي پڻ مولائي شيدائيءَ سان گهري دوستي هئي، ۽ ساڳئي وقت ميرڪ غلام مصطفيٰ شاهه سان پڻ سندس دوستيءَ جو ناتو هو. عزيزم الله جوڙيي انصاري صاحب وٽ انهيءَ مذڪور

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

"موسوي سادات جي مختصر تاريخ" جا چند ابتدائي ورق، جي مولائي شيدائيءَ جي هٿ اکرين لکيل آهن، تبرڪ طور موجود آهن.

ازانسواءِ، ميرڪ سيد غلام مصطفيٰ شاهه سکر وارو هڪ وڏوسُڄاڻ شخص هو. وٽس پنهنجي خاندان جي قلمي مواد جو وڏو ذخيرو موجود هو. چوڻ ۾ اچي ٿو، تہ مرحوم خود سنڌيءَ ۾ "تذڪره پوراڻي سادات" لکيو هو، ليڪن ان جو مسودو بہ وٽانئس ڪو چورائي کڻي ويو، جنهن جو مرحوم کي زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين ڏاڍو ارمان هو. شاهه صاحب "پوراڻي سادات" جي سلسلي ۾ راقم ڏانهن منهنجي نوجوان ساٿيءَ انجنيئر عبدالحسين موسويءَ جي ذريعي ڪافي مواد موڪليو هو. افسوس جو پاڻ جلد ئي هن فاني جهان مان رحلت ڪري ويو.

"پوراڻي سادات"، جي عرف عام ۾ "ميرڪي سادات" يا "موسوي سادات" ڪري سڏبا آهن، سي سنڌ جي قديم شهرن - جهڙوڪ: سکر، روهڙي ۽ ٺٽي ۾ آباد آهن. راقم جڏهن "تذڪره ڪوٺائي سادات روهڙي" تصنيف پئي ڪيو، تہ ان وقت منهنجي نوجوان علمي ۽ ادبي دوست، انجنيئر عبدالحسين موسويءَ "تذڪره پوراڻي سادات سکر" لکڻ لاءِ آماده ڪيو. شاهه صاحب، رات ڏينهن هڪ ڪري، مواد گڏ ڪرڻ ۽ ان کي سهيڙڻ ۾ منهنجي ڪافي مدد ۽ معاونت ڪئي. انهيءَ ڏس ۾، پاڻ ڪيترن ئي اهم قلمي نسخن تائين رسائي حاصل ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪيائين. گهربل مواد گڏ ٿيڻ کان پوءِ، ان کي لکڻ ۽ ترتيب ڏيڻ ۾ چڱو وقت لڳي ويو. ڪجهہ زماني جون مصروفيتون ۽ ڪجهہ وري مواد جي سلسلي ۾ ڪي رنڊڪون ۽ مونجهارا ٿي پيا، جن ۾ ڪافي وقت لڳي ويو.

مرحوم سيد حسام الدين راشديءَ جو "تذڪره پوراڻي سادات" منهنجيءَ نظر مان نہ گذريو آهي. انهيءَ ڪري اهو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي تہ ان ۾ ٺٽي ۽ سکر جي سيني سادات جو ذڪر آهي، يا صرف ٺٽي جي "پوراڻي سادات" جو تذڪرو بيان ڪيو ويو آهي. بهرحال، مون هن تذڪري ۾ صرف سکر جي "ميرڪي پوراڻي سادات" جو ذڪر ڪيو آهي، جو سنڌ جي تواريخ جو هڪ اهم باب آهي. هن تذڪري ۾ نہ صرف اهم شخصيتن جو احوال ڏنو ويو آهي، پر ان سان گڏ ان دور جو تواريخي ۽ سياسي پس منظر ۽ ڪيترين ٻين اهم ڳالهين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هيءُ تذڪرو- تواريخ جي موضوع سان دلچسپي رکندڙن لاءِ، سنڌ جي تواريخ جي سلسلي ۾ ڪافي معلوماتي مواد فراهم ڪري ٿو. هن ڪتاب ۾، ڪوشش ڪري هر لحاظ کان تعلق رکندڙ تواريخي مواد ڇنو ڪيو ويو آهي. ان هوندي بہ ممڪن آهي تہ اجا بہ ڪي اهڙا پهلو رهجي ويا هجن، جن تائين اسان جي رسائي حاصل ٿي نہ سگهي

www.facebook.com/musavisayed

هجي. اميد تہ انهن ڳالهين جو مستقبل جو محقق پوزائو ڪندو. هن تذڪري ۾ "ميرڪي سادات" جي آثارن ۽ قبرستانن جو سير حاصل احوال پڻ ڏنو ويو آهي.

دراصل، هن ڪتاب ۾ آيل مواد کي يڪجاءِ ڪرڻ جو محرڪ، نوجوان ڊاڪٽر سيد امجد حسين موسوي صاحب هو. هن تذڪري کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرائڻ لاءِ سندس تمام گهڻو زور هو. اجا هيءُ تذڪرو آخري مرحلن ۾ هو، تہ شاهہ صاحب ١٨ سيپٽمبر ١٩٩٤ع تي نوجوانيءَ ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪري ويو. ان ڪان پوءِ سندس سوٽ - عزيزم انجنيئر عبدالحسين موسويءَ هن ڪم ۾ هٿ وندايو، ۽ ان کي تڪميل تائين پهچائڻ ۾ هر طرح جو ساٿ ڏنو. ان ڪان سواءِ، انهن مهربانن جو بہ ٿورائتو آهيان، جن هن تذڪري جي سلسلي ۾ ناياب تصويرن، فارسي مخطوطا ۽ خانداني شجرا فراهم ڪيا. انهن سڀڻن ۾ سيد جواد حسين موسوي (ثاني)، سيد ابرار احمد شاهہ موسوي، سيد ثقلين حيدر موسوي، محمد سلمان موسوي، سيد عبدالرحيم موسوي ۽ محترم شوڪت خواجائيءَ جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان.

هن ڪتاب جي مواد کي نقل ڪرڻ، حوالن کي پيٽڻ ۽ ان جي صاف ڪاپي تيار ڪرڻ ۾، منهنجي پياري نوجوان دوست - عزيزم بشير احمد هيسباڻيءَ پنهنجيءَ ملازمت جي گوناگون مصروفيتن هوندي بہ مڪمل معاونت ڪئي آهي. ازانسواءِ، سنڌ جي نامور عالم ۽ محقق - محترم ڊاڪٽر عبدالرسول قادري صاحب هميشہ وانگر، فارسي عبارتن ۽ ڪتبن وغيره پڙهڻ ۾ ڀرپور مدد ڪري، دوستيءَ جو ننگ نباهيو آهي. آءٌ پنهنجي انهن سمورن مهربان دوستن ۽ ساٿين جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان.

"خانائي هائوس"
مهراڻ ڪالوني، نواب شاهہ سنڌ.
١٦ جمادي الثاني ١٤٢١ هہ
مطابق ١٥ سيپٽمبر ٢٠٠٠ع

احقر العباد
ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

* * *

سنڌ ۾ قديم زماني جا جيڪي ٻہ مکيہ ۽ مرڪزي شهر هئا، انهن ۾ سيدن جا وڏا خانوادا، محلاءِ پاڙا آباد هئا. انهن مڙني سيد سڳورن مان ڪي عرب کان تہ ڪي خراسان، ۽ ڪي وري هرات ۽ قنڌار کان اچي سنڌ ۾ وارد ٿيا ۽ هن ملڪ کي پنهنجو اصلي وطن سمجهي، واپس ورڻ جو خيال دل مان لاهي، هميشہ لاءِ هتي رهي پيا.

انهن اعليٰ ۽ ارفع سيد سڳورن جي خاندان مان سنڌ جي "ميرڪي پوراني عرب شاهي سادات" جو گهراڻو - ڏاڍو مردم خيز هو. ميرزا شاهہ بيگ ارغون سن ٩٢٣هہ /١٥١٧ع ۾ سنڌ ملڪ فتح ڪيو ۽ ارغونن جي اقتدار دوران "ميرڪي پوراني سادات" سنڌ ۾ وارد ٿيا. "ميرڪي سادات" سنڌ کي پنهنجو اباڻو وطن سمجهي، هميشہ لاءِ هتي سڪونت اختيار ڪئي. اهڙيءَ طرح "ميرڪي پوراني عربشاهي سادات" جو خاندان سنڌ ۾ آباد ٿيو. دراصل، "ميرڪي پوراني عربشاهي سادات" جو گهراڻو ان لڙهيءَ سان تعلق رکي ٿو، جنهن جو سلسلو حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام سان وڃي ملي ٿو. انهيءَ ڪري هيءُ سيد سڳورا "موسوي سادات" بہ ڪري سڏيا ويندا آهن. هنن سيدن جي اولاد - وقت جي حاڪمن کان وڏا عهدا حاصل ڪيا ۽ صدين تائين سنڌ جي سياست تي ڇانيل رهيا. ميرزا شاهہ بيگ ارغون جي دور حڪومت کان وٺي ڪلهوڙن جي صاحبيءَ تائين، هن خاندان جا ڪيترائي بزرگ "شيخ الاسلام" جي معزز عهدي تي فائز رهندا آيا ۽ سنڌ جي ماڻهن جي ڪُليءَ دل سان خدمت ڪيائون.

هن خاندان مان هر دور ۾ - ناميارا عالم، فاضل، سخي ۽ درويش ٿيندا پئي رهيا آهن، جن جي ڪارنامن سان سنڌ جي تواريخ جا ورق ڀريا پيا آهن. "ميرڪي سادات" ● نهايت ئي مهمان نواز ۽ آئي وئي جي سارسنڀال لهڻ

● دراصل، "ميرڪ" لفظ ۾ "ڪ" جو استعمال اسم تصغير جي نشاني آهي، جنهن مان ننڍڙائي ۽ پيار جو مفهوم نڪري ٿو. "ميرڪ" جي معنيٰ آهي ننڍڙو مير يا ننڍو امير. "ميرڪ" جي نسبت سان هيءُ گهراڻو "ميرڪي سادات" سڏيو وڃي ٿو. ميرڪ عبدالباقيءَ جو سمورو اولاد انهيءَ ئي نالي سان سنڌ جي تواريخ ۾ مشهور آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

وارا هئا. سندن بزرگن جي مسند فيض تان وقت جي ڪيترن ئي عالمن ۽ فاضلن ظاهري توڙي باطني علمن جو وند حاصل ڪيو.

تواريخ جو جڏهن باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪجي ٿو، تہ اهو چڱيءَ طرح سان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جي ڪنهن بہ مؤرخ يا تذڪره نويس - "ميرڪي سادات" جي باري ۾ ڪو بہ مفصل احوال نہ ڏنو آهي. مير محمد معصوم بکري، جو "ميرڪي سادات" جو همعصر ۽ پاڙيسري پڻ هو، تنهن پڻ پنهنجي ڪتاب "تاريخ معصومي" ۾ هن خاندانُ جو مفصل تذڪرو بيان نہ ڪيو آهي. مورخو سيد بايزيد الحسيني ۽ سندس خاندان جو احوال - نهايت ئي مونجهاري وارو بيان ڪيو اٿائين. مير محمد معصوم بکريءَ جي پيٽ ۾، مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ پنهنجي ڪتاب "تحفـــــــة الڪرام" ۾ هن خاندان جو مختصر ۽ جامع ذڪر ڪيو آهي. هن موجوده دور ۾، سنڌ جي مشهور مؤرخ، ۽ محقق - مير رحيمداد خان مولائي شيدائيءَ "موسوي سادات جي مختصر تاريخ" جي نالي سان هڪ ڪتاب تصنيف ڪيو هو، جو قلمي صورت ۾ ئي پنهنجن جي خورد برد جو شڪار ٿي ويو. ازانسواءِ، سنڌ جي هڪ ٻئي نامور مؤرخ ۽ محقق - سيد حسام الدين راشديءَ "سادات پوراني در سنده" جي عنوان سان فارسي زبان ۾ هڪ مقالو لکي شايع ڪرايو هو. راشدي صاحب، انهيءَ مقالي کي هڪ ضخيم ڪتاب جي صورت ۾ مرتب ڪرڻ شروع ڪيو هو، ليڪن افسوس جو حياتيءَ ساڻس وفا نہ ڪئي ۽ اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو.

بهرحال، سکر ۽ روهڙيءَ جي "ميرڪي سادات" وٽ موجود پنهنجن وڏڙن جي قلمي نسخن ۽ شجرن مان هن خاندان جي جن اوائلي واسطيدار بزرگن جو احوال دستياب ٿي سگهيو آهي، تن جو تذڪرو بيان ڪنداسون. ان کان پوءِ، هن گهراڻي جي ناميارن عالمن، فاضلن، اديبن، شاعرن ۽ مشاهيرن جي سوانح حيات ۽ سندن علمي، ادبي، مذهبي ۽ سياسي خدمتن جو احوال بيان ڪيو ويندو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

امير سيد محمد بن امير سيد علي

امير سيد محمد بن امير سيد علي پنهنجي وقت جو وڏو بزرگ ۽ عالم ٿي گذريو آهي. سندس شمار ان دور جي وڏن عالمن ۽ اڪابرن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ شيخ جلال الدين بايزيد پورانيءَ جي نياڻي - بيبي صبيه سان شادي ڪئي هئائين، جنهن مان ڪيس امير سيد جلال الدين ابو سعيد نالي اعليٰ صفتن وارو فرزند ڄائو. امير سيد محمد جي متعلق – "شجره سادات پُوراني" جو صاحب هن طرح لکي ٿو:

"چون حضرت شيخ جلال الدين بايزيد خواستند که صبيہ ايشان ازين شرف محروم نکردند در حبالہ نکاح مير محمد مذکور آوردند از ايشان قطب الابدال شيخ ابوسعيد قدس سره العزيز تولد نمودند." (ص)

امير سيد محمد جي وفات ۽ مدفن جي باري ۾ ڪابہ معلومات ڪونہ ٿي ملي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

پاڪائيءَ ۽ نماز ۾ رذل ڏسي، مون کي الله تعاليٰ جو هيءُ ارشاد ياد اچي ويندو هو: ڪانوا قليلا من اليل ما يهجعون"● (2)

"روضات الجنات" جو موئلف - سيد جزائري جي ڪتاب "الانوار" مان هڪ روايت نقل ڪندي، سيد محمد جي متعلق لکي ٿو:

"سيد محمد بن امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام هڪ نيڪ ۽ صالح شخص هو. ڪثرت سان عبادت ڪرڻ جي ڪري، ڪيس "العابد" جي لقب سان سڏيو ويندو هو." (3)

سيد محمد "العابد" جي شيراز ۾ آمد

"پوراني سادات" جي مختلف خانداني تذڪرن ۽ شجرن ۽ تواريخ جو مطالعو ڪندي اهو معلوم ٿئي ٿو، تہ امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام بغداد جي قيد خاني ۾، ٢٥ رجب ١٨٣هہ / ١ سيپٽمبر ٧٩٩ بروز جمعة المبارڪ، تي عباسي خليفي هارون رشيد جي موڪليل زهر باعث شهادت جو جام پيتو. امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام جي شهادت کان پوءِ سندن فرزند - امام علي رضا عليه السلام امامت جي گاديءَ تي جلوه افروز ٿيو. خليفي هارون رشيد جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، سندس فرزند مامون خلافت نشين ٿيو. مامون عباسيءَ حضرت امام علي رضا عليه السلام کي پنهنجو ولي عهد مقرر ڪرڻ لاءِ ڪيس خراسان گهرايو. ٿوري عرصي کان پوءِ، سيد احمد "شاهِ چراغ" پنهنجي ڀاءُ سيد محمد "العابد" ۽ ڪجهہ جماعت ساڻ ڪري شيراز ڏانهن روانو ٿيو. ان دور ۾ شيراز جو حاڪم قتلغ خان هو. مديني مان جڏهن ڪن خفيہ نويسن اها خبر خليفي مامون ڏانهن موڪلي تہ سيد احمد ۽ محمد ۽ سندن جماعت پنهنجي ڀاءُ امام علي رضا عليه السلام جي خدمت ۾ پهچڻ چاهي ٿي، تہ مامون پنهنجيءَ سلطنت جي اهلڪارن ڏانهن آلِ عليءَ جي قتل جو پروانو موڪلي ڏنو. انهيءَ سلسلي ۾ "بحر الانساب" ۾ اچي ٿو:

"وَ مامون نيز از حرڪت امام زادگان اطلاع يافتہ بجميع حڪام و عمال قلمرو خود نوشتہ ڪہ در هر ڪجا از آل ابوتراب را بيابيد بقتل رسانيد از آنجملہ بہ قتلغ شاه حاڪم شيراز" ...... (4)

● (ترجمو) رات جو ٿورو سمهندا هئا. پاره 26، سورت نمبر 51 - "الذاريات"، آيت نمبر 17

www.facebook.com/musavisayed

ان حڪم موجب، شيراز جو حاڪم - قتلغ خان هڪ مضبوط فوجي دستو ساڻ ڪري، ”خان زنيان“ نالي هڪ ڳوٺ ۾، جو شيراز کان اٽڪل اٺن فرسنگن جي مفاصلي تي هو، اچي منزل انداز ٿيو. ٻئي فريق هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿيا ۽ آخر جنگ ڇڙي پئي. انهيءَ جنگ دوران قتلغ خان جي ساٿين مان ڪنهن رَڙ ڪري چيو ته، ”اوهان جيڪڏهن واقعي حضرت امام علي رضا عليه السلام تائين پهچڻ چاهيو ٿا، ته پوءِ اوهان جي اها ڪوشش بيڪار آهي: ڇاڪاڻ ته امام صاحب جو انتقال ٿي چڪو آهي.“ ▲

سيد احمد ۽ سيد محمد جي ساٿين جڏهن اها خبر ٻڌي، تڏهن سندن جماعت ڪانئن منهن موڙي منتشر ٿي وئي. اهڙيءَ طرح، پاڻ ۽ سندن خاندان جا ڪجهه افراد اڪيلا رهجي ويا ۽ صورتحال اهڙي ٿي چڪي هئي، جو سندن مديني پاڪ ڏانهن ورڻ به مشڪل نظر پئي آيو. بهرحال، سيد احمد ۽ محمد پنهنجي خاندان سميت شيراز جو رخ ڪيو. انهيءَ دوران شيراز جي حاڪم، قتلغ خان جي سپاهين سيدن جي انهيءَ قافلي مان ڪن کي شهيد ڪري وڌو، پر سيد احمد ۽ محمد روپوش ٿي ويا. اهڙيءَ طرح، پاڻ شيراز جي هڪ گهر ۾ گمناميءَ جي حالت ۾ لڪل رهيا. سيد محمد انهيءَ عرصي دوران قرآن پاڪ جي ڪتابت جي مشغلي ۾ مصروف رهيو. سيد محمد علي روضاتي رقمطراز آهي:

”..... گويند ڪه از حق الڪتابـــــه ڪلام الله مجيد بسياري از بندگان آزاد فرموده.“(5) يعني: چون ٿا ته ڪلام الله جي ڪتابت جي مناٿيءَ مان گهڻائي ٻانها آزاد ڪيائين.

انهيءَ سلسلي ۾، علامه مجلسي لکي ٿو:

”چوڻ ۾ اچي ٿو، ته انهيءَ ڪتابت جي اجرت مان پاڻ هڪ هزار غلام خريد ڪري آزاد ڪيائين.“ (6)

وفات

تذڪره نگار لکن ٿا، ته انهن ٻنهي ڀائرن گمناميءَ جي عالم ۾ انتقال ڪيو ۽ سندن مزارون پڻ مخفي رهيون. تواريخ ۾ اچي ٿو ته، امير مڪرم الدين مسعود ابن بدر الدين، جو اتابڪ ابوبڪر سعد بن زنگيءَ جي وزيرن مان مقرب

▲ امام علي رضا عليه السلام جي شهادت وارو واقعو ١٧ صفر ٢٠٣هه / ٢٤ آگسٽ ٨١٨ع تي مشهد مقدس ۾ ٿيو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

بارگاهه هو. جي دور ۾ انهن ٻنهي ساداتن جي قبرن جو پتو لڳايو ويو. جڏهن زمين جي کوٽائي ڪئي وئي تہ ٻہ قبرون نظر آيون ۽ انهن کي ڪولڻ سان صحيح حالت ۾ ٻہ لاش مبارڪ نظر آيا. جن مان هڪ جي آڱر مبارڪ ۾ هڪ منڊي پيل هئي ۽ ان تي "العزت لله احمد بن موسيٰ" ۽ ٻئي جي آڱر ۾ پڻ منڊيءَ تي "محمد بن موسيٰ" نقش ٿيل هو. ماڻهن اهو اطلاع اتان جي حاڪم ابي بڪر بن سعد کي ڏنو. جنهن اچي ٻنهي سيدن جي زيارت ڪئي ۽ سندس حڪم تي اتي قبو تعمير ڪيو ويو. ليڪن، ڪجهہ سالن کان پوءِ ان قبي کي ملڪ تاشيءَ جا سلطان شيخ ابو اسحاق ابن سلطان محمود جي ماءُ هئي، منهدم ڪرائي، ان جي مٿان هڪ نهايت عاليشان پُرڪشش قبو تعمير ڪرايو ۽ ان جي پرسان هڪ ديني مدرسو پڻ قائم ڪيو. اهو زمانو تواريخي لحاظ ڪان ٧٥٠هہ / ١٣٤٩ع جو آهي. ان ڪان پوءِ سن ١٢٤٢هہ/١٨٢٦ع ۾ سلطان فتح علي شاهہ ڪاچار ان قبي لاءِ چانديءَ جي هڪ ضريح ٺهرائي.

"جامع الانساب" وارو صاحب لکي ٿو:

"…. بهرحال بقعہ منوره اش مطاف و زيارتگاه و محل فيض است. بسياري از سادات و اخيار و صلحا و ابرار در جوارش مدفونند". (7) يعني : سندن روضو مبارڪ – زيارت گاهہ ۽ فيض جي جاءِ آهي. سندن روضي مبارڪ جي پرسان ڪيترائي سادات، صاحب ثروت، خدا جا نيڪ، صالح ۽ با اخلاق شخصيتون مدفون آهن.

ازنسواءِ، سندن روضي ۾ ڪيترائي تبرڪات محفوظ آهن. خاص طرح سان هرڻ جي کل تي خط ڪوفيءَ ۾ لکيل نصف قرآن مجيد، جيڪو علي ابن ابي طالب مغربيءَ جو ڪتابت ڪيل آهي، قابلِ ذڪر آهي.

سيد محمد "العابد" جو نسل ڪافي وڌيو ۽ ڦهليو. ايران ۽ عراق جا سادات ڪشفي، داوابي، سادات آلِ هاشم، آلِ نور، آلِ مشڪور، آلِ سيد يوسف، آلِ سيد شريف، آلِ سيد محمد عماره، سادات مشعشع، سادات بهبهاني، بلادي، بوشهري، بحريني، آلِ خراسان، عيشي، سادات ڪتابچي، شيرازي، افتخاري، فتح اللهي، فقهي شيرازي، نجابي، اخرتي، اوليائي، آلِ سيد غلام علي، آلِ طعمہ، آلِ ابو نصرالله، آلِ ضياءُ الدين، آلِ جلو خان، آلِ عوج، آلِ وهاب، آلِ ڪليدار، آلِ جواد، آلِ درويش، آلِ بو حڪيم، آلِ وعاظ و خطبا وغيره. اهڙيءَ طرح، پنجاب جي فريد پوري سادات، سيوهڻ جي ڪابڙوٽي سادات ۽ سنڌ جي "ميرڪي پوراڻي عربشاهي سادات" جي نسب جو سلسلو سيد محمد "العابد" کان ئي شروع ٿئي ٿو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حوالا

(1) سيد محمد علي روضاتي: "جامع الانساب" - جلد اول (فارسي)، دربيان خاندانهاي سادات موسوي ، ص ٨٣

(2) ايضاً ، ص ١٠٧

(3) ايضاً

(4) مصنف نامعلوم: "بحر الانساب" (فارسي)، سنگي نستعليق، بمبئي، ص ١٤٦ .

(5) ڏسو حوالو نمبر (1)، ص ١٠٩

(6) مجلسي ، محمد باقر، علامہ: "بحارالانوار" - جلد ستون (اردو)، ص ٣٢٥

(7) ڏسو حوالو نمبر (1)، ص ١٠٩

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد ابراهيم ”مجاب“

سيد محمد ”العابد“ کي سيد ابراهيم نالي هڪ فرزند ٿيو. سيد ابراهيم پنهنجي والد، چاچي ۽ انهيءَ مذڪور جماعت سان گڏ هو، جنهن شيراز جي حاڪم قتلغ خان ۽ سندس فوجي دستي کي منهن ڏنو. شيخ هاشم خراسانيءَ ”منتخب التواريخ“ ۾ ڪتاب ”آثار العجم“ جي حوالي سان ان جو نقل ڪيو آهي. (1)

تواريخ جي مطالعي مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ قتلغ خان ۽ سادات سڳورن جي وچ ۾ ٿيل ان جنگ ڪان پوءِ باقي بچيل سادات ڪنهن هڪ هنڌ گڏجي نہ سگهيا ۽ ڪٽو ڪٽو ٿي ويا. اهڙيءَ طرح، اهي رات جو سفر ڪندا هئا، تہ وري ڏينهن جو لڪل رهندا هئا. سيد ابرهيم انهيءَ حالت ۾ ڪوفي آيو ۽ اتي رهي پيو. محمد باقر ”مدرس“ بستان آبادي ”شهر حسين عليه السلام“ ۾ لکي ٿو:

”.... وبقيه اهل بيت متفرق و متواري شدند شبها راه مي رفتند روزها پنهان مي شدند .... و ابراهيم مجاب درکوفہ اقامت کرد.“ (2)

ڪربلا معليٰ جي مجاورت

٣ شوال ٢٤٧هہ / ١ جنوري ٨٦٠ع تي خليفو متوڪل عباسي قتل ٿيو. ڪانئس پوءِ سندس فرزند - منتصر خلافت جي گاديءَ تي ويٺو. خليفي منتصر جي مسند نشين ٿيڻ ڪان پوءِ جڏهن ماحول ۾ ناپر ٿي، تہ سيد الشهدا عليه السلام جا زيارتي پروانن وانگر اچي پلٽيا. ڪيترن ئي ساداتن ۽ اشرافن ڪربلا معليٰ ڏانهن هجرت ڪئي. سيدن جي انهيءَ جماعت جو اڳواڻ سيد ابراهيم هو. (3)

انهيءَ ڏس ۾ علامہ نوري طبرسي لکي ٿو، تہ محمد بن حسين الاشتاني، جو ٽين صدي هجريءَ جو برجستو عالم هو، جي اتفاق ۽ مشوري

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سان آلِ ابوطالب عليه السلام ۾ سندن پوئلڳ ڪربلا ڏانهن متوجهه ٿيا، ته انهن ۾ سيد ابراَهيم بن محمد "العابد" به هو. علامه نوريءَ جي عبارت هن ريت آهي:

".....وقتيڪه مرگ متوکل و حکومت منتصر در شهر منتشر گرديد محمد بن الحسين باتفاق جمعي از آلِ ابوطالب و شيعه متوجه کربلا گرديد و از جمله آنان بود سيد ابراهيم بن محمد عابد فرزندِ موسيٰ بن جعفر عليه السلام" (4)

محمد باقر "مدرس" بستان آبادي "شهر حسين" ۾ ڪتاب "مدينة الحسين" جي حوالي سان لکي ٿو ته:

"سيد ابراهيم، محمد بن حسين الاشتاني واري قافلي سان ڪربلا آيو ۽ ڪربلا معليٰ جي مجاورت اختيار ڪيائين." (5)

مجاب جو لقب

سيد ابراهيم جي باري ۾ روايت آهي، ته پاڻ جڏهن حرم حضرت سيد الشهداءِ عليه السلام ۾ داخل ٿيو، ته عرض ڪيائين: "السلام عليک يا ابا!" قبر مطهر مان جواب آيو: "و عليڪ السلام يا ولدي" . ان ڪان پوءِ پاڻ ابراهيم "مجاب" سڏجڻ ۾ آيو. (6)

سيد محمد حسن آلِ ڪليدار پنهنجي ڪتاب "مدينة الحسين" ۾ "غاية الاختصار" جي حوالي سان لکَي ٿو:

"..... ابراهيم بن محمد عابد بلقب مجاب اين است وي روزي وارد حرم جدش حسين عليه السلام گرديد وگفت "السلام عليک يا جداه." از قبر جواب داده شد و معروف شد به مجاب." (7)

سيد ابراهيم "مجاب" ڪربلا ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي. پاڻ عمر جي آخري حصي ۾ اکين کان وڏو ٿي ويو هو، جنهن ڪري "ضرير" جي نالي سان مشهور ٿيو. علامه نوري طبرسي لکي ٿو:

"..... در اواخر عمر نابينا شده بود معروف به 'ضرير' گشت و در کربلا مجاورت اختيار نمود." (8)

وفات

سيد ابراهيم "مجاب" ڪربلا ۾ ئي وفات ڪئي. سندن مزار سيد الشهداءِ امام حسين عليه السلام جي مقدس روضي اندر، اولهندي ڏيڍي ۾ اترئين ڪنڊ تي آهي.(9)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed



حضرت امام حسين عليه السلام جي حرم مطهر جو نقشو

musavi@hotmail.com
سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

اهل ۽ عيال

سيد ابراهيم ”مجاب“ بني اسد قبيلي مان شادي ڪئي.(10) ڪين ٽي فرزند ٿيا: محمد حائري، احمد ۽ علي. سيد محمد حائري ”حائر مقدس حسينيءَ“ ۾ دفن ٿيل آهي. سندس پنجين پيڙهيءَ مان سيد هاديءَ جو فرزند - امير سيد علي عرف سيد عرب شاه. سنڌ جي ”ميرڪي سادات“ جو وڏو ڏاڏو هو. ”عرب شاه“ جي نالي جي نسبت سان هي سيد سڀئورا ”عربشاهي سادات“ ڪري سڏيا ويا.

تواريخ خواه تذڪرن جي ڳوڙهي اڀياس مان اها ڳالهه چٽيءَ طرح سان واضح ڪانه ٿي ٿئي، ته ”ڪربلا معليٰ“ مان ”ميرڪي سادات“ ڪنهن نامعلوم هنڌ ڏانهن هجرت ڪئي يا سڌو سنئون ”نيشاپور“ آيا. جتان پوءِ ”هرات“ آيا ۽ ان کان پوءِ ”پوران“ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائون. ”پوران“ ۾ رهائش اختيار ڪرڻ جي ڪري ئي اهي تواريخ ۾ ”پوراني سادات“ جي نالي سان مشهور ٿيا.

حوالا

(1) ”مدرس،“ محمد باقر: ”شهر حسين عليه السلام يا جلوه گاه عشق“ (فارسي)، ڇاپو پيو، ص ۲۲٤

(2) ايضاً، ص ۲۲٤

(3) سيد محمد علي روضاتي: ”جامع الانساب“ - جلد اول (فارسي)، ”خاندانهاي سادات موسوي“، ص ۱۰ — ۱۰۹

(4) ڏسو حوالو نمبر (1)، ص ۲۱۸

(5) ايضاً

(6) ڏسو حوالو نمبر (3)، ص ۸ — ۱۰۷

(7) ڏسو حوالو نمبر (1)، ص ۲۲٥

(8) ايضاً

(9) ايضاً، ص ۲۲٥، ۳٥۱، ۳٥۲

(10) ايضاً، ص ۲۱۸

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

امير سيد علي بن سيد هادي

امير سيد علي بن سيد هادي بن سيد قاسم بن سيد احمد بن سيد محمد بن سيد حسين بن سيد محمد حائري بن سيد ابراهيم "مجاب" بن سيد محمد "العابد" بن امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام - "پوراڻي عربشاهي" سادات جو جد امجد هو.

مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ سيد علي عربشاهيءَ کي "سبزواري" ڪري ڄاڻايو آهي(1). پوئين دور جي تذڪره نويسن پڻ مير "قانع" ٺٽويءَ جي انهيءَ بيان جي آڌار تي اها ساڳي ڳالهہ ورجائي آهي. اِهو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي تہ مير "قانع" ٺٽويءَ "پوراڻي سادات" کي ڪهڙي ماخذ جي بنياد تي "سبزواري" ڪري ڄاڻايو آهي. ميرڪ مرتضيٰ پنهنجي ڪتاب "شجره سادات پوراڻي" ۾ اهڙو ڪو بہ اشارو نہ ڏنو آهي، جنهن مان اهو معلوم ٿئي تہ سيد علي يا سندس فرزند سيد محمد "سبزوار" جا رهاڪو هئا، ۽ هن خاندان "سبزوار" مان لڏي پلاڻي اچي "هرات" وسايو هو. البت، ميرڪ مرتضيٰ پنهنجي انهيءَ مذڪور ڪتاب ۾ سيد علي عربشاهي ۽ سندس فرزند سيد محمد عربشاهيءَ جي نالي پوئتان مختلف هنڌن تي "نيشاپوري" ڪري لکيو آهي. ازانسواءِ، سيد احمد بن سيد جلال الدين ابو سعيد پوراڻيءَ جو احوال بيان ڪندي ميرڪ مرتضيٰ ڄاڻائي ٿو:

> "سيد احمد در نيشاپور فوت ڪرده اند و قبر ايشان در نيشاپور است."(2) يعني: سيد احمد نيشاپور ۾ وفات ڪئي ۽ سندس قبر نيشاپور ۾ آهي.

انهن مٿين اهڃاڻن مان اهو صاف طرح سان معلوم ٿئي ٿو، تہ "پوراڻي عربشاهي سادات" اصل ۾ "نيشاپور" جا رهاڪو هئا. البت، اهو ممڪن آهي تہ سيد جلال الدين ابو سعيد پوراڻيءَ جي ابتدائي زندگي "نيشاپور" ۾ گذري هجي ۽ بعد ۾ اتان لڏي "هرات" آيو هجي!

ميرڪ سيد غلام مصطفيٰ سکر واري پنهنجي تاليف ڪيل ڪتاب

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

"تاريخ سادات موسوي" ۾ امير سيد عليءَ جو نالو "امير سيد محمد" ڪري ڄاڻايو آهي، (3) جو حقيقت ۾ غلط آهي. هن بزرگ جو صحيح ۽ درست نالو "سيد علي" آهي. امير سيد عليءَ ان دور جي هڪ وڏي متبحر عالم ۽ بزرگ "شيخ جلال الدين بايزيد پورانيءَ" ▲ جي همشيره سان شادي ڪئي. انهيءَ بيبي صاحبہ لاءِ ميرڪ مرتضيٰ "شجره سادات پوراني" ۾ "عابده و وليہ ومستجاب الدعوات" جا لفظ ڪتب آندا آهن. (4) امير سيد عليءَ کي انهيءَ بيبي سڳوريءَ مان سيد محمد نالي هڪ فرزند ڄائو. ڪن مؤرخن امير سيد عليءَ جي اولاد جي باري ۾ پڻ غلطي ڪئي آهي ۽ سندس پوٽي سيد جلال الدين ابو سعيد بن سيد محمد کي سندس فرزند ڪري ڄاڻايو آهي، جنهن تي اسان اڳتي هلي، سيد جلال الدين ابو سعيد جي احوال ۾ مڪمل روشني وجهي، مؤرخن جي انهيءَ غلطيءَ کي درست ڪنداسون.

حوالا

(1) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام" (سنڌي)، ص ٣٢٨

(2) سيد مرتضيٰ ميرڪ: "شجره سادات پوراني" (قلمي فارسي)، ص ٣٠

(3) سيد غلام مصطفيٰ شاهہ ميرڪ: "تاريخ سادات موسوي" (قلمي سنڌي) - بحوالہ انصاري الله جوڙيو: "تاريخ موسوي عرف شاهنامو" (قلمي سنڌي)، ص ١

(4) سيد مرتضيٰ ميرڪ: "شجره سادات پوراني"، (قلمي فارسي)، ص ٢٦

▲ ڏسو "تعليقات"

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد محمد "العابد" بن امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام

سيد محمد - امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام جو فرزند ۽ "ميرڪي پوراني عربشاهي سادات" جو وڏو ڏاڏو هو. حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام جي اولاد جي سلسلي ۾، "جامع الانساب" جو صاحب لکي ٿو:

"امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام ڪي جملي سٺيهہ ٻار هئا. جن مان اٺويهہ فرزند ۽ ارڙهن ڌيئرون هيون. امام صاحب جو اهو سمورو اولاد، مختلف گهروارين مان هو." (1)

امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام کي "امِ ولد" مان ٽي فرزند ٿيا: سيد احمد "شاهِ چراغ" ▲، سيد محمد ۽ سيد حمزه.● سيد محمد پنهنجي وقت جو وڏو زاهد، عابد ۽ صاحب تقويٰ هو. سندس زهد ۽ تقويٰ جي باري ۾، "جامع الانساب" جو صاحب لکي ٿو:

"سيد محمد بن امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام هڪ جليل القدر شخص، صاحبِ فضل ۽ صلاح هو. پاڻ هميشہ وضوءَ ۽ پاڪائيءَ ۾ رهندو هو. هر وقت نماز ۾ مشغول رهندو هو. سڄي رات، اڪثر عبادت ۾ مصروف رهندو هو. باڪ ڦٽڻ کان ٿورو اڳ ۾، ڪجهہ وقت آرام ڪري، پوءِ بيدار ٿي، فجر جي نماز ادا ڪندو هو. سيد محمد جي همشيره بيبي رقيہ رضہ جي ڪنيز هاشميہ روايت ڪري ٿي، تہ سيد محمد کي ان طرح هميشہ وضوءَ،

▲سيد احمد "شاهہ چراغ" - "سيد السادات" جي نالي سان بہ مشهور هو. سندس مقبرو "شيراز" ۾ مرجع عام و خاص آهي.

● سيد حمزه جو مقبرو طهران ۾ شهزادي عبدالعظيم جي روضي جي پڪ سان آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

قطب الابدال سيد جلال الدين ابو سعيد پوراني

سيد جلال الدين ابو سعيد پوراني بن سيد محمد پنهنجي زماني جو هڪ وڏو ولي ڪامل ، جليل القدر بزرگ ۽ زماني جي سيني مرشدن ۾ ممتاز ۽ نڪريل هو.

غياث الدين بن همام الدين حسيني پنهنجي ڪتاب ”حبيب السير“ ۾ لکي ٿو:

”...... و بتصفيهء خاطر و عاطر و تزڪيهء نفس نفيس از ساير مشائخ زمان ممتاز و مستثني مينمود....“(1)

پاڻ شيخ جلال الدين بايزيد، جو پنهنجي وقت ۾ ”شيخِ پوران“ جي نالي سان سڏيو ويندو هو، جو ڏوهٽو هو ۽ سندس والد امير سيد محمد - شيخ پورانيءَ جو پاٽيجو ۽ نياٽو هو. ڪيس پنهنجي والد - ديني ۽ دنيوي تعليم جي زيور سان هر طرح سينگاريو هو. پاڻ تمام ٿوري عرصي ۾ سيني علمن جو جامع ۽ متبحر عالم ٿيو ۽ پنهنجي وقت جي وڏن اڪابرن ۽ عالمن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. پاڻ ”قطب الابدال“ جي لقب سان پڻ مشهور هو.

سيد جلال الدين ابو سعيد جي نسب جو سلسلو ڄاڻائيندي، مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي لکي ٿو:

”ميرڪ ابوسعيد بن امير علي سبزواري عربشاهي: ميرڪ ابوسعيد، شيخ جلال الدين بايزيد پورانيءَ جو ڏوهٽو آهي.“ (2)

مير ”قانع“ ٺٽويءَ - سيد جلال الدين ابو سعيد جي مٿئين احوال ۾ غلطي ڪئي آهي، جنهن جو اسان امير سيد عليءَ جي بيان ۾ اشارو ڏئي آيا آهيون. دراصل، سيد جلال الدين ابوسعيد - امير سيد عليءَ جو پٽ نه هو، پر سندس پوٽو هو. سيد جلال الدين ابو سعيد جي والد جو نالو ”امير سيد محمد“ هو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ مرتضيٰ پنهنجي خانداني شجري ۾، سيد جلال الدين ابوسعيد جو سلسلو هن ريت بيان ڪيو آهي:

”امير جلال الدين ابوسعيد بن امير محمد بن امير علي بن هادي بن قاسم بن احمد بن محمد بن حسين بن محمد حائري بن ابراهيم 'مجاب' بن محمد 'العابد' بن امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام (3)

سيد جلال الدين ابوسعيد پورانيءَ جي باري ۾، ”حبيب السير“ جو صاحب - سندس ساراهه جا هن طرح ڏڪ ڀري ٿو:

”جودو سخا آنجناب نهايت نداشت و همواره در غايت خوشخوئي همت برضيافت صادر و وارد ميگماشت.“ (4)
يعني: سندس (سيد جلال الدين ابو سعيد پورانيءَ) جي فياضيءَ ۽ سخاوت جي ڪا به حد ئي ڪانه هئي. پاڻ خوش اخلاقيءَ جي انتها تي پهتل هو. مهمان نوازيءَ ۾ به پاڻ تمام اڳرو هو.

پوراني سادات ۽ ارغونن جي تعلقات جو تواريخي پس منظر

سيد جلال الدين ابو سعيد پورانيءَ جا پنهنجي وقت جي حاڪمن سان گهرا سياسي ۽ دوستاڻا تعلقات قائم هئا، ۽ وقت جي حاڪمن وٽ ڪيس وڏيءَ عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. مير محمد معصوم بکريءَ پنهنجي ڪتاب ”تاريخ معصوميءَ“ ۾ پوراني سادات ۽ ارغونن جي باهمي تعلقات جو ڪافي تفصيل سان پس منظر بيان ڪيو آهي. اسان هتي مير محمد معصوم بکريءَ جي انهيءَ تفصيلي بيان جو مختصر جائزو پيش ڪريون ٿا، ته جيئن پڙهندڙن کي هن خانوادي جي عظمت، سياسي بصيرت ۽ وقت جي ارغون حاڪمن سان تعلقات جو پس منظر اڳ ۾ اچي وڃي.

ميرزا شاهه بيگ ارغون جو والد امير ذوالنون ● بن مير حسن بصري جڏهن ڀيو پيرو فتح مند خاقان - سلطان حسين ميرزا بايقرا ▲ وٽ ملازمت ۾ داخل ٿيو. تڏهن هن کيس ٨٨٤هه / ١٤٧٩ع ڌاري ”غور“ ۽ ”داور“ جي

● ڏسو ”تعليقات“

▲ ڏسو ”تعليقات“

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ملڪن، جتي هزاره ۽ تکدري جهڙيون سرڪش قومون رهنديون هيون، جي سنيال سندس حوالي ڪئي. امير ذوالنون انهن قومن کي مطيع بڻائي، مخالفت جو خاتمو آندو. ان ڪان پوءِ سلطان حسين ميرزا بايقرا کيس "قندار"، "فراه"، "غور" ۽ "گرمسير" ملڪن جو حاڪم مقرر ڪيو. ان ڪان پوءِ جلدئي هن مستونگ ۽ شال ۽ انهن جي پسگردائي به پنهنجي قبضي ۾ ڪئي. ٽن چئن سالن جي عرصي ڪانپوءِ امير ذوالنون هڪ چڱو لشڪر تيار ڪيو ۽ هزاري، تکدري، قبچاق ۽ قندار جي مغلن کي به پاڻ سان ملايائين. اها خبر جڏهن سلطان حسين ميرزا بايقرا کي پئي، ته هن هڪدم کيس پاڻ وٽ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو. امير ذوالنون انهيءَ حڪم پهچندي ئي بنا ڪنهن ڪٽڪي ۽ دير ڪرڻ جي وٽس اچي حاضر ٿيو. ليڪن سلطان حسين ميرزا بايقرا - امير ذوالنون جي انهيءَ عمل مان پورو مطمئن نه ٿيو. امير ذوالنون جيئن ته هڪ وڏو داناءُ هو ۽ معاملي جي نوعيت کي سمجهي چڪو هو، تنهنڪري پاڻ کي ميرزا بديع الزمان ● بن سلطان حسين ميرزا بايقرا سان وابسته ڪيائين. ميرزا بديع الزمان جي خوشنودي ۽ راضپو حاصل ڪري، سندس ئي ذريعي سندس والد ڪان قندار جي حڪومت جو پروانو حاصل ڪيائين ۽ ميرزا بديع الزمان سان واعدو ڪيائين ته جڏهن به کيس ڏڪئي وقت ۾ ڪا ضرورت پيش آئي، ته هو هر طرح سان سندس مدد ڪندو.

ميرزا بديع الزمان جي ڪجهه وقت ڪان پوءِ، پنهنجي پيءُ سلطان حسين ميرزا بايقرا سان اٽبٽت ٿي پئي، جنهن ڪري هو اميرذوالنون وٽ قندار هليو آيو. امير ذوالنون سندس احسانن جي بدلي ۾، سندس گهڻي آءُ ڀڳت ڪئي ۽ کيس پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ پڻ نڪاح ۾ ڏنائين.

ميرزا بديع الزمان جنهن وقت قندار ڏانهن وڃي رهيو هو، ته سندس پٽ ميرزا محمد مومن "استرآباد" ۾ هو. ميرزا مظفر حسين پنهنجي ڀاءُ ميرزا بديع الزمان جي غير موجودگيءَ ۾، پنهنجي ڀائٽي ميرزا محمد مومن تي استرآباد ڪاهي ويو. ميرزا محمد مومن پنهنجي چاچي سان بهادريءَ سان وڙهيو. پر قيد ٿي پيو ۽ کيس "هرات" جي قيد خاني ۾ بند رکيو ويو. ميرزا مظفر حسين جي ماءُ - خديجه بيگي بيگم جي چوڻ تي قيدي شهزادي ميرزا محمد مومن کي قتل ڪيو ويو. سلطان حسين ميرزا بايقرا ان وقت الوٽ نشي ۾ هو، ۽ نشي جي ئي حالت ۾ ڪانئس ميرزا محمد مومن جي قتل جو حڪم ورتو ويو هو.

● ڏسو "تعليقات"

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

جڏهن ميرزا بديع الزمان کي پنهنجي پٽ جي انهيءَ دردناڪ قتل جي خبر پئي، تڏهن امير ذوالنون کي پاڻ سان همراهه ڪري، پيءُ کان وير وٺڻ لاءِ تيار ٿيو. شهزادي جي انهيءَ جنگي تياريءَ جي خبر جڏهن سلطان حسين ميرزا بايقرا کي پئي، ته هو پاڻ سان وڏو لشڪر وٺي قنڌار تي ڪاهي آيو. سلطان حسين ميرزا بايقرا جي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي امير ذوالنون "پشنگ" جو قلعو مضبوط ڪيو ۽ پنهنجي ٻن پٽن مان ميرزا شاهه بيگ ارغون کي قنڌار جي قلعي ڏانهن موڪليائين ۽ ٻئي پٽ ميرزا محمد مقيم کي "داور" جي قلعي سنڀالڻ لاءِ روانو ڪيائين، ۽ باقي رهيل لنگهه ميرزا بديع الزمان جهلي بيٺو. اهڙن سخت انتظامن ڪري جڏهن سلطان حسين ميرزا بايقرا لشڪر سميت قنڌار جي پسگردائيءَ ۾ پهتو، تڏهن ڪيس لشڪر جي گهوڙن واسطي گاهه پٺو ميسر ٿي نه سگهيو ۽ لشڪر کي ڪافي تڪليفون درپيش آيون. ان ڪري هو ڪابه جنگي ڪاروائي ڪري نه سگهيو ۽ هرات موٽي ويو.

شعبان المعظم ٩٠٣هه /اپريل ١٤٩٧ع ڌاري ميرزا بديع الزمان ۽ ميرزا شاهه بيگ ارغون اچا گرمسير ۾ ئي هئا، ته اٽڪل ٽن چئن هزارن جو لشڪر گڏ ڪري سلطان حسين ميرزا بايقرا سان "النگ نشين" ۾ لڙائي ڪيائون ۽ ان ۾ ناڪام ٿي، پٺي جان ڇڏايائون. امير ذوالنون ان کان پوءِ غور ۾ اچي پنهنجي انهيءَ ناڪاميءَ جي بدلي وٺڻ لاءِ قنڌار، داور ۽ غور جي لشڪرن کي ڪٺو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ اهڙيءَ طرح ارغون، هزاره، تڪدري ۽ قبچاق قبيلن جو هڪ وڏو لشڪر گڏ ٿي ويو.

انهيءَ مٿئين جنگي تيارين دوران صفر المظفر ٩٠٤ هه /سيپٽمبر ١٤٩٨ع ۾ سلطان حسين ميرزا بايقرا - شيخ الاسلام احمد تفتازاني، سيد جلال الدين ابو سعيد پوراني ۽ سيد غياث الدين محمد صدر کي گرمسير ۾ ترسيل بديع الزمان ڏانهن امين ڪري موڪليو - ۽ کين ان ڳالهه جو تاڪيد ڪيو ويو، ته ميرزا بديع الزمان کي ڪنهن طرح هدايت ڪري ڪيس مخالفت جي واٽ کان موافقت جي راهه تي آڻين. هو جڏهن "فراه" جي حدن ۾ پهتا، تڏهن کين خبر پئي ته ميرزا بديع الزمان پيءُ سان جنگ ڪرڻ لاءِ لشڪر وٺي ويو آهي. بهرحال، سيد جلال الدين ابو سعيد پوراني ۽ سيد غياث الدين محمد صدر - شهزادي ميرزا بديع الزمان ۽ امير ذوالنون سان ملاقات ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. سيد جلال الدين ابو سعيد - شهزادي سان صلح متعلق گفتگو ڪئي. شهزادي ڳالهين دوران شرط وڌو ته جيڪڏهن حضرت خاقان (سلطان حسين ميرزا) راضي ٿي پنهنجي ملڪ مان ايترو حصو عنايت فرمائي،

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

جنهن مان منهنجو ۽ منهنجي لشڪر جو گذران سهولت سان ٿئي، تہ پوءِ اسان مطيع ۽ فرمانبردار ٿي رهنداسون. ٻيءَ صورت ۾ اسان جو فيصلو جنگ جي ميدان تي ٿيندو. سيد جلال الدين ابوسعيد ۽ سيد غياث الدين محمد صدر موٽي دربار ۾ آيا ۽ شهزادي سان ڪيل سموري گفتگو عرض رکيائون. نيٺ سلطان حسين ميرزا بايقرا جي راضپي سان انهيءَ متئين صلح کي پڪي ڪرڻ لاءِ، ٻيهر وري ٻئي ڄڻا امير شيخ علي طغائيءَ سان گڏ شهزادي جي ڇانوٽيءَ ۾ آيا. هن دفعي وري شهزادي بديع الزمان ۽ امير ذوالنون پنهنجي طرفان جلال الدين ابوسعيد پورانيءَ سان گڏ مولانا محمود سرخ کي وڪيل ڪري موڪليو. جن شاهي ڇانوٽيءَ ۾ اچي سلطان حسين ميرزا بايقرا سان شهزادي طرفان ڪيل صلح جون ڳالهيون ڪيون ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ سيستان ملڪ ۽ ان جي آس پاس وارو حصو شهزادي جي حوالي ڪيو وڃي، تہ پوءِ مخالفت جي هوا ختم ٿي ويندي. ان ڪان پوءِ سلطان حسين ميرزا بايقرا راضي ٿي انهيءَ صلح نامي کي قبول ڪيو. (5)

مير محمد معصوم بکريءَ جي انهيءَ متئين بيان مان هڪ ڳالهہ پرپور نموني ۾ واضح ٿئي ٿي تہ جهڙيءَ طرح سلطان حسين ميرزا بايقرا جو سيد جلال الدين ابوسعيد پورانيءَ ۾ اعتماد ۽ اعتقاد هو، ساڳيءَ طرح سندس فرزند ميرزا ميرزا بديع الزمان جو بہ منجهس ايترو ئي اعتماد ۽ اعتقاد هو. انهيءَ ڪري، ٻنهي پيءُ ۽ پٽ پاڻ ۾ موجود اختلافن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيس پنهنجو وڪيل مقرر ڪيو هو.

متي جيڪو مختصر تواريخي پس منظر ڏنو ويو آهي، ان جي بيان ڪرڻ جو صرف اهو مقصد هو تہ اهو چڱيءَ طرح واضح ٿئي، تہ "پوراني سادات" جو ميرزا شاهہ بيگ ارغون ۽ ان جي خاندان سان ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح دوستيءَ جو ناتو قائم ٿيو.

محمد خان شيباني ۽ پوراني سادات

سن ٩١٣هہ/١٥٠٧ع ۾ ازبڪن جي سردار - امير محمد خان شيبانيءَ▲ پنهنجي بي انداز لشڪر سان خراسان فتح ڪيو ۽ انهيءَ جنگ ۾ امير ذوالنون ارغون - سلطان حسين ميرزا بايقرا جي خاندان ۽ شهزادن جو ساٿ ڏنو. جنهن ۾ امير ذوالنون بهادريءَ سان وڙهندي ازبڪن هٿان قتل ٿي ويو.

محمد خان شيباني خراسان هٿ ڪري، فراه جي آس پاس پهتو ۽ قنڌار

▲ ڏسو "تعليقات"

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

فتح ڪرڻ جي خيال کان ان طرف پيشقدمي ڪيائين. پاڻ جڏهن گرمسير جي حد ۾ پهتو. تڏهن شاهه بيگ ارغون ۽ ميرزا محمد مقيم پنهنجي طرفان محمد خان شيبانيءَ ڏانهن صلح جا ايلچي موڪلي پنهنجي تابعداري ۽ اطاعت ظاهر ڪئي، ۽ ساڳئي وقت محمد خان شيبانيءَ جو سڪو جاري ڪرڻ جو پڻ واعدو ڪيو. ان کان پوءِ محمد خان شيباني ڪانئن راضي ٿي خراسان موٽي ويو.

ان دور ۾، "پوراني سادات" جو هيءُ خانوادو - "هرات" ۾ رهندو هو. سلطان حسين ميرزا بايقرا ۽ سندس پٽن جي سيد جلال الدين ابوسعيد پورانيءَ سان تمام گهڻي ارادت هئي. غياث الدين بن همام الدين پنهنجي ڪتاب "حبيب السير" ۾ لکي ٿو:

"..... خاقان منصور نسبت بآنجناب در طريق ارادت واعتقاد سلوک ميکرد وهرسال يک دو نوبت ببوران رفتہ درباره وي شرايط انعام واحسان بجا مي آورد....." (6) يعني: خاقان منصور (سلطان حسين ميرزا بايقرا) آنجناب (شيخ جلال الدين ابو سعيد پوراني) سان مريديءَ جو رستو ۽ سلوڪ جي عقيدت رکندو هو. هر سال هڪ ٻہ ڀيرا پوران وڃي، سندن خدمت ۾ انعام ۽ احسان جا شرط پورا ڪندو هو.

سلطان حسين ميرزا بايقرا سندس سياسي بصيرت کان پڻ ڏاڍو متاثر هو، جنهن جو احوال اسان مٿي مير محمد معصوم بکريءَ جي بيان ڪيل تواريخي پس منظر ۾ ڏئي آيا آهيون. اهو ئي ڪارڻ هو، جنهن ڪري محمد خان شيبانيءَ ڪاوڙ ۾ اچي، سيد جلال الدين ابوسعيد پورانيءَ ۽ سندس خاندان کي شديد تڪليفون پهچايون.

انهيءَ سلسلي ۾، مغل بادشاهه ● ظهيرالدين محمد "بابر" جو قول آهي:

"هن (محمد خان شيباني) عبدالوهاب مغل ▲کي هڪ اهڙي بزرگ کي قرڻ لاءِ موڪليو، جيڪو 'شيخ پوران' طور مشهور هو ۽ شيخ جي سيني ٻارن لاءِ جدا جدا ماڻهو موڪليائين." (7)

"حبيب السير" وارو صاحب پڻ لکي ٿو:

"اما محمد خان شيباني خدمت شيخ را مصادره و مواخذه نمود چناچہ ديگر در دارالســــلطنة هرات نتوا نست بود" (8) يعني:

● ڏسو "تعليقات"

▲ ڏسو "تعليقات"

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

محمد خان شيبانيءَ - شيخ صاحب (سيد جلال الدين ابو سعيد پوراڻي) تي اهڙيون چٿيون ۽ ڏنڊ رکيا. جو وري دارالسلطنت هرات ۾ رهي نه سگهيو.

ميرزا شاهه بيگ ارغون ۽ ميرزا محمد مقيم جي متئين بيان ڪيل اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جي ڪري. محمد خان شيباني ارغونن سان راضي ٿيو. ٻئي طرف سيّد جلال الدين ابوسعيد پوراڻيءَ جا شهزادي ميرزا بديع الزمان جي واقعن دوران ارغونن سان نه صرف سٺا بلڪ پيري مريديءَ وارا تعلقات قائم ٿي چڪا هئا. اهوئي سبب هو. جو انهيءَ دور جي نهايت سنگين سياسي حالتن، ازبڪن جي غارتگرين ۽ تباهه ڪارين کان تنگ ٿي، سيد جلال الدين ابوسعيد آخرڪار اچي قنڌار ۾ رهيو.

"نصرت نامه ترخان" جي مؤلف - ميرڪ محمد. جو سيد جلال الدين ابوسعيد پوراڻيءَ جو پوٽو هو. جي بيان مان اهو واضح ٿئي ٿو ته سيد جلال الدين ابوسعيد پوراڻيءَ کي قنڌار جي علائقي ۾ "ماشور" نالي ڳوٺ جاگير طور مليل هو. جنهن ۾ پاڻ رهائش اختيار ڪئي هئائين.(9)

شاه بيگ ارغون سان سيد جلال الدين ابوسعيد جا جهڙيءَ طرح گهرا لڳ لاڳاپا قائم ٿي چڪا هئا. ان جو پس منظر متي بيان ٿي چڪو آهي. سيد جلال الدين ابوسعيد وڏو زماني ساز ماڻهو. ذهين ۽ سياسي شطرنج جو ماهر کيڏاري هو. جنهن ڪري هڪ ٿي وقت مختلف اهم سفارتي ڪم سندس سپرد ڪيا ويندا هئا. شاهه بيگ ارغون سندس انهيءَ غير معمولي ذهانت کان متاثر ٿي سن ٩٢٢ هه /١٥١٦ع ۾ ڪيس بابر ڏانهن پنهنجو سفير ڪري موڪليو هو. سيد جلال الدين ابوسعيد - بابر بادشاهه جي ماهر مشيرن. جهڙوڪ: خواجه خداوند محمود ۽ خواجه عبدالعظيم سان صلح جون ڳالهيون ڪيون. ۽ آخر ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته شاهه بيگ ارغون کي هڪ سال تائين مهلت ڏجي ٿي، ته جيئن هو پنهنجي لاءِ ڪٿي ڪو ٻيو معقول انتظام ڪري سگهي ۽ ان کان پوءِ قنڌار جو قلعو بابر جي حوالي ڪيو ويندو. (10)

انهيءَ صلح نامي مان پڻ سيد جلال الدين ابوسعيد جي سياسي بصيرت ظاهر ٿئي ٿي، ته سندس حڪمت عمليءَ سان ڪهڙيءَ طرح شاهه بيگ ارغون جي مٿان ڪجهه وقت لاءِ جنگ جا ڪارا ڪڪر هٽي ويا. ساڳئي وقت، شاهه بيگ ارغون کي انهيءَ مليل مهلت دوران ٻئي طرف هٿ پير هڻڻ جو نادر موقعو مليو.

وفات

"شجره سادات پوراڻي" مطابق - سيد جلال الدين ابو سعيد پوراڻيءَ نوي

www.facebook.com/musavisayed

ورهين جي ڄمار ۾، ربيع الاول سن ٩٢٣هه /مارچ ١٥١٧ع ۾ قنڌار ۾ وفات ڪئي. انهيءَ سلسلي ۾، "شجره سادات پوراڻي" جو صاحب لکي ٿو:

"تاريخ فوت حضرت شيخ الاسلام، معين الحق، امير ابوسعيد الحسيني العرب شاهي، المشهور پوراني قدس الله تعاليٰ سره العزيز در ربيع الاول سن ٩٢٣ هجري در بلده قندهار." (11)

سيد جلال الدين ابوسعيد پوراڻيءَ جي وفات متعلق — "حبيب السير" جو اڀياس ڪندي اهو معلوم ٿئي ٿو ته هن سن ٩٢١هه/١٥١٥ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس رحلت جو ڪارڻ پڻ ٻڌائيندي اهو ڄاڻائي ٿو، ته سيد جلال الدين ابو سعيد پوراڻي رات جو ڇت تان هيٺ ڪري پيو ۽ فوت ٿي ويو. "حبيب السير" جي اصل عبارت هن ريت آهي:

"و در شهور سنه احدي و عشرين و تسعمائه شبي از بام افتاده درگذشت." (ص ٣٥٣) يعني: اهو مشهور آهي ته سن ٩٢١هه ۾ رات جو ڇت تان ڪري پيو ۽ وفات ڪري ويو.

"شجره سادات پوراڻي" ۽ "حبيب السير" جي انهن مٿين بيان ڪيل واقعن ۽ وفات جي تاريخن ۾ تضاد نظر اچي ٿو. دراصل، "حبيب السير" جي مؤلف — غياث الدين بن همام الدين جي انهيءَ مذڪور عبارت جو جيڪڏهن غور سان مطالعو ڪبو ته اهو واضح ٿئي ٿو ته ان ۾ هڪ لفظ "شهور" جو استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن مان اهو گمان غالب آهي ته ڪيس انهيءَ واقعي جي پوريءَ طرح سان خاطري نه آهي، پر صرف ٻڌل ڳالهه ڪي استعمال ڪيو اٿائين.

بهرحال، انهن ٻنهي مٿين واقعن کي آڏو رکي اسان انهيءَ نتيجي تي پهچون ٿا، ته "شجره سادات پوراڻي" جي ڄاڻايل وفات جي تاريخ وڌيڪ صحيح ۽ درست آهي. البت، "شجره سادات پوراڻي" جي صاحب — سيد جلال الدين ابوسعيد پُوراڻيءَ جي وفات جو هنڌ — "قنڌار" ٻڌايو آهي، جو صحيح نه آهي، دراصل سيد جلال الدين ابو سعيد پوراڻيءَ — "قريه ماشور" ۾ وفات ڪئي.

انهيءَ سلسلي ۾، ميرڪ محمد پنهنجي ڏاڏي - سيد جلال الدين ابو سعيد پوراڻيءَ جي وفات ۽ ڪيس دفن ڪرڻ جي باري ۾، پنهنجي ڪتاب "نصرت نامه ترخان" ۾ الڳ عنوان - "ذڪر رحلت فرمودن حضرت مخدومي شيخ الاسلامي قطب الاقطابي جلال الدين ابوسعيد پوراني" قائم ڪري، احوال

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڏنو آهي. سيد محمد جي قول موجب - سيد جلال الدين ابوسعيد قنڌار جي پر پاسي ۾، پنهنجي جاگير "قريہ ماشور" ۾ بيمار ٿي پيو. انهن ڏينهن ۾ بابر جي ڪاهہ جا افواهہ پنهنجي اوج تي هئا. شيخ صاحب پنهنجي گهڻ گهرن ۽ مائٽن جي بيحد اصرار جي باوجود قنڌار نہ ڇڏيو. ميرڪ محمد لکي ٿو:

"در آن ايام بيماري حضرت مخدومي در قريہ ماشور بودند. هرچند امراء مبالغہ از حد گذرانيدندڪہ مبادا لشڪر مخالفان (بابر) از جاي پيدا شود برويد، قبول نڪرد و فرمود ڪہ تا خاطر ازمرض ايشان جمع سازم بہ هيچ جا متوجہ نشوم." (12)

ڪيس اها خبر هئي، تہ بابر يا ڪو تيموري شهزادو - صوفين يا درويشن ۽ خاص ڪري عبيدالله احرار جي پوئيرن کي تڪليف نہ پهچائيندو. بهرحال، سندس وفات ١٢ ربيع الاول ٩٢٣هہ / ٤ اپريل ١٥١٧ع ۾ "قريہ ماشور" ۾ ٿي.

شاهہ بيگ ارغون سندس جنازو قنڌار ۾ دفنائڻ لاءِ آڻڻ چاهيو ٿي، مگر شهر جي ماڻهن ڪنهن مئل ماڻهوءَ کي آڻڻ خلاف اعتراضات ڪيا، جو سندن خيال مطابق - ان سان وبائي بيماري پکڙجڻ جو انديشو هو. شاهہ بيگ ارغون ماڻهن جا اعتراض رد ڪندي چيو تہ اهو ضروري نہ آهي، تہ روايتون هميشہ سچ ثابت ٿين: بلڪ شيخ جو مڙهہ خود انهن وبائن لاءِ ترياق جو ڪم ڪندو. شاهہ بيگ خود، ميرزا ڪيخسرو بن الغ بيگ، زينڪ ترخان ۽ امير بابا بيگ سان گڏجي شيخ جلال الدين ابوسعيد پورانيءَ جو جنازو کنيو. شيخ جلال الدين ابوسعيد پورانيءَ کي قنڌار ۾ دفنايو ويو ۽ امير زينڪ ترخان جي نگرانيءَ ۾ سندس مقبرو نهرايو ويو. (13)

اهل ۽ اعيال

سيد جلال الدين ابوسعيد - سيد عنايت الله ❶ جي نياڻيءَ بيبي خانزادي بيگم سان شادي ڪئي. ڪيس انهيءَ گهر واريءَ مان ٽي نياڻيون ۽ چار فرزند - هر

❶ سيد عنايت الله بن سيد جعفر بن سيد محمود پنهنجي دور جو هڪ وڏو عالم ۽ صاحب ڪماليت بزرگ هو. سيد محمود - سلطان محمود جو ڏوهٽو هو. سلطان محمود جي نسب جو سلسلو هن ريت آهي: سلطان محمود بن شيخ نظام الدين بن شيخ عمر بن شيخ ايوب بن شيخ بابر بن شيخ الاسلام خواجہ عبدالله انصاري رحہ. خواجہ عبدالله انصاريءَ سن ٤٧٧هہ / ١٠٨٤ع ۾ رحلت ڪئي. (سيد غلام حيدر شاهہ موسوي: "شجره سادات موسوي" - قلمي سنڌي، ١٩٥٢ع، ص ١)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاہ موسوي

www.facebook.com/musavisayed

هڪ سيد بايزيد الحسيني، سيد نورالدين محمد، سيد احمد ۽ سيد محمود ٿيا:

– سيد بايزيد الحسينيءَ جو تذڪرو اڳتي بيان ڪيو ويندو.

– سيد نورالدين محمد جي زندگيءَ جي متعلق ڪوبہ صحيح احوال ميسر ٿي نہ سگهيو آهي. البت، ميرڪ مرتضيٰ – "شجره سادات پورانيءَ" ۾ سندس باري ۾ لکي ٿو، تہ ڪيس بہ فرزند – محمد فاضل ۽ شيخ عبدالوهاب ۽ هڪ نياڻي هئي. (14) ميرڪ مرتضيٰ جي انهيءَ مختصر احوال مان صرف اهو معلوم ٿئي ٿو، تہ پاڻ "پوراني سادات" جي پيڙهيءَ مان هو. سندس باري ۾، "پوراني سادات" جي خانداني روايتن مان اهو پتو پوي ٿو تہ پاڻ سنڌ ۾ آيو هو، پر پوءِ هندوستان ڏانهن هجرت ڪري ويو. هن مختصر روايت جو راوي بہ ميرڪ مرتضيٰ آهي. انهيءَ مبهم احوال مان اهو پوريءَ طرح سان واضح ڪونہ ٿو ٿئي تہ سيد نورالدين محمد سنڌ ۾ ڪڏهن آيو ۽ هندوستان ڏانهن هجرت ڪري وڃڻ جو ڪهڙو ڪارڻ هو؟ ساڳئي وقت، اهو بہ معلوم ڪونہ ٿو ٿئي تہ سنڌ مان لڏي وڃڻ کان پوءِ پاڻ هندوستان جي ڪهڙي صوبي يا شهر ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪئي هئائين! سيد نورالدين محمد جي انهيءَ احوال سان گڏ سندس وفات جي تاريخ جو بہ ڪو پتو ڪونہ ٿو پوي.

سيد نورالدين محمد پنهنجي وقت جو وڏو جيد عالم ۽ محدث ٿي گذريو آهي. هن نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي سيرت طيبہ تي فارسي زبان ۾ "ميلادِ رسول" جي نالي سان هڪ ڪتاب تاليف ڪيو هو. اهو قيمتي ۽ ناياب گوهر – اسلام آباد جي "گنج بخش" ڪتبخاني ۾ محفوظ آهي. هن ڪتاب جي انهيءَ قلمي نسخي کي مشهور ۽ معروف عالم ۽ مؤرخ – ڊاڪٽر انصار زاهد خان صاحب ايڊٽ ڪري رهيو آهي. اسان هتي انهيءَ ڪتاب جو مختصر تعارف ڏيون ٿا:

"ميلاد رسول" جي هن ڪتاب ۾ سڀ کان پهريائين هڪ مقدمو ڏنو ويو آهي، ۽ ان کان پوءِ سمورو ڪتاب ڇهن بابن تي مشتمل آهي. هر هڪ باب کي ڪجهہ فصلن ۾ ورهايو ويو آهي. انهن بابن ۾ فصلن جي فهرست ديباچي ۾ درج ڪيل آهي. فاضل مصنف – مقدمي ۾، ڪائنات جي ڪارڻ، سرورِ ڪونين، حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي هن دنيا ۾ ظاهر ٿيڻ واري ڏينهن ۽ مهينن جي آدابن ۽ رسمن جي باري ۾ نهايت محبت سان ذڪر ڪيو آهي.

باب پهريون "نور محمدي" جي عنوان سان آهي. هيءُ باب پندرهن

www.facebook.com/musavisayed

فصلن تي پکڙيل آهي ۽ هر هڪ فصل جا الڳ الڳ عنوان آهن. هن باب ۾ سموري انسان ذات ۽ مخلوقات جي پيدائش کان وٺي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي ولادت تائين احوال نهايت معتبر حوالن سان ڪيو ويو آهي.

ٻيو باب نون فصلن تي مشتمل آهي. هن باب ۾ فخر موجودات محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي ننڍپڻ، خاص طرح ڪير پيڻ کان وٺي جوانيءَ تائين رسڻ ۽ ڪين نبوت جي تاج جي سرفراز ٿيڻ تائين احوال ڏنو ويو آهي.

ٽيون باب ستن فصلن تي ٻڌل آهي. هن باب ۾ نبيڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو نبوت جي منصب تي سرفراز ٿيڻ کان وٺي مڪي پاڪ کان مديني شريف ڏانهن هجرت ڪرڻ تائين ذڪر ڪيو ويو آهي.

چوٿين باب ۾ ٻارنهن فصل آهن. هن باب ۾ حضور پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو هجرت کان وٺي سندن هن جهان مان وصال مبارڪ تائين احوال بيان ڪيو ويو آهي. (15)

”ميلادِ رسول“ جي انهيءَ مذڪور ڪتاب جي مٿئين مختصر تعارف مان اهو ظاهر ٿئي ٿو، تہ سيد نور الدين محمد نهايت ئي وڏي علم وارو ۽ ساڃَهي وقت نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن سان بي انتها محبت رکندڙ هو. ضرور سندس ٻيون بہ ڪي تصنيفات پڻ هونديون، پر زماني جي دستبرد جي ڪري اڄ انهن جو ڪوبہ پتو ڪونہ ٿو پوي.

– سيد احمد جي خوشنويسيءَ جي ڪري وڏي شهرت هئي. نيشاپور ۾ فوت ٿيو ۽ اتي ئي دفن ٿيو. ڪيس ظهيرالدين محمد نالي هڪ فرزند ٿيو ۽ انهيءَ ڪي ابوسعيد نالي پٽ ٿيو(16).

– سيد محمود عرف شيخ ميرڪ پنهنجي دور جو وڏو جليل القدر بزرگ ۽ ڪيترين ئي وصفن ۽ خاصيتن جو صاحب هو. پاڻ فضل، سخاوت، زهد ۽ تقويٰ ۾ گهڻي شهرت رکندڙ هو. مير محمد معصوم بکريءَ جي قول مطابق - پاڻ ڪافي عرصي تائين سنڌ ۾ ”شيخ الاسلام“ جي عهدي تي فائز رهيو. (17) سندس دسترخوان هر ڪنهن لاءِ ڪشادو هوندو هو. وٽس هميشہ عالمن، فاضلن ۽ طالبن جو وڏو هجوم رهندو هو. پاڻ خطاطيءَ جي فن جو بہ وڏو ماهر هو. ڪيس ”خط نستعليق“ تي وڏو عبور حاصل هو. محرم الحرام ٩٦٢هہ/نومبر ١٥٥٥ع ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪيائين، (18) ۽ ٺٽي ۾ مدفون

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ٿيو. سندس وفات جي قطعہ تاريخ هن ريت آهي:

ابــدل دريــغ درد کـــہ چرخـــي ســـتيزه راي،
دردي نمـــود بـــاز عجبتـــر دهـــر عجـــب.
در پـــرده شـــيخ ميـــرک عـــالم پنـــاه رفـــت،
از بهـــر علـــم و گوهـــر يکدانـــہء ادب.
ذات ملـــک صفات عديـــم المثـــال او،
مجموعـــہ و ز فضـــل و هـــنر بـــود مســـتجب.
درايتـــہ و حســـب شـــرف روزگـــار،
نقـــد رســـول و برهمـــہ کـــس فخـــر در نســـب.
اقبـــال و بخـــت را حرمـــش مـــنزل و بقـــا،
فضـــل و کمـــال را کرمـــش ســـاعتي ســـبب.
از داغ فرقتـــش همـــہ افـــلاک بيقـــرار،
گـــردون بنالـــہ نوحـــہ جـــان ســـوز برگرفـــت.
در درد مـــاتمش همـــہ آفـــاق در تعـــب،
چـــون کـــرد دور در قـــدح وکاســـہ طرب.
ان فـــاضل زمانـــہ چـــو ســـوئي بهشـــت رفـــت،
تـــاريخ ســـال رفتنـــش از فـــاضلان طلـــب. (19)

ميرڪ محمود عرف شيخ ميرڪ کي ٻہ فرزند - ميرڪ عبدالباقي (المتوفي: ٩٨٣هہ) ۽ ميرڪ عبدالرحمان (ولادت: ٩٥٢هہ ٺٽي ۾ — وفات: ٩شوال ٩٨٧هہ) ٿيا. انهن ٻنهي جو مختصر ۽ جامع احوال - مير محمد معصوم بکريءَ "تاريخ معصومي" (ص ٢٥٤ ۽ ٢٥٦)، سيد مير محمد بن سيد جلال ٺٽويءَ "ترخان نامہ"(ص ٦٣) ۽ مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ "تحفة الڪرام"(ص ٤٩٧ ۽ ٥٠٠) ۾ ڏنو آهي.

"شجره سادات پوراني" مطابق - ميرڪ محمود کي هڪ ڌيءَ هئي، جنهن جي شادي خواجہ ابوالمحامد - جيڪو خواجہ سرخ جي نالي سان پڻ مشهور هو، سان ٿي. خواجہ سرخ کي هڪ فرزند - خواجہ مير ۽ هڪ ڌيءَ تولد ٿيا. خواجہ مير جي شادي ميرڪ عبدالوهاب بن سيد بايزيد الحسينيءَ جي ڌيءَ سان ٿي.

سيد جلال الدين ابوسعيد جي وڏي نياڻيءَ جي شادي خواجہ جلال الدين

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

يوسف غورياني؍ سان ٿي، جنهن مان ڪيس مير شخيم نالي هڪ فرزند ٿيو. ان کي وري شهمير نالي پٽ ٿيو. مير شهمير کي ٻہ پٽ - خواجہ ابوالحسن ۽ محمد طاهر ٿيا، جي ميرڪ عبدالوهاب بن سيد بايزيد الحسيني؍ جا پاٽيجا هئا.

سيد جلال الدين ابوسعيد جي ٻي نياڻي؍ جو نڪاح خواجہ ابوالفتح جامي؍ سان ٿيو ۽ ٽئين نياڻي امير سيد علي نيشاپوري؍ سان پرڻيل هئي.(20)

حوالا

(1) غياث الدين بن همام الدين حسيني: "حبيب السير" — جلد چوٿون (فارسي) ص ٣٨٣

(2) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام"، (سنڌي) ، ص ٣٢٨

(3) سيد مرتضيٰ ميرڪ: "شجره سادات پوراني" (قلمي فارسي) ص ٦٢

(4) ڏسو حوالو نمبر (1)، ص ٣٨٣

(5) مير محمد معصوم بکري: "تاريخ معصومي" (سنڌي)، ڇاپو ٻيو، ص ١٨ کان ١٣٢ (اختصار)

(6) ڏسو حوالو نمبر (1)

(7) Beveridge, A.S: "Babur-Namah," . Vol : 1, PP 328

(8) ڏسو حوالو نمبر (1)

(9)Ansar Zahid Khan, Dr: "The Nusrat Namah -i- Tarkan - " (An Introduction) "Journal of the Pakistan Historical Society" Karachi, vol. XLV, Part II, April 1997 PP. 124

(10) ڏسو حوالو نمبر (5) ص ١٥١

(11) ڏسو حوالو نمبر (3) ص ١٥٤

(12) ڏسو حوالو نمبر (9)، ص ١٢٤

(13) ايضاً

(14) ڏسو حوالو نمبر (3)، ص ٣٠

(15) منزوي احمد: "فهرست مشترڪ نسخہ هاي خطي فارسي پاڪستان". — جلد ڏهون (فارسي)، ص ٢٦٢

(16) ڏسو حوالو نمبر (3)، ص ٢٨ ، ٣٠

(17) ڏسو حوالو نمبر (5)، ص ٢٣٨

(18) ايضاً ، ص ٣٩ — ٢٣٨

(19) ڏسو حوالو نمبر (3)، ص ٥٦ - ١٥٥

(20) ايضاً ، ص ٣٣

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

پوراني سادات جي سنڌ ۾ آمد ۽ ان دور جون تواريخي ۽ سياسي حالتون

بابر بادشاه ۽ ميرزا شاه بيگ ارغون جي وچ ۾ ٿيل صلح نامي موجب - ميرزا شاه بيگ ارغون "شال" ۽ "سيوي" جي علائقن تي قبضو ڪري، سن ٩٢٣هه/١٥١٧ع ۾ قنڌار جي قلعي جون ڪنجيون مغل بادشاه جي حوالي ڪيون. شاه بيگ ارغون جي پاران مير ابوالمڪارم جي والد - مير غياث الدين قنڌار جون ڪنجيون بابر جي خدمت ۾ پيش ڪيون.(1) اهڙيءَ طرح، شاه بيگ ارغون قنڌار مان نڪري، شال ۽ سيويءَ جي پرڳڻن ۾ اچي رهيو. جيئن ته شال ۽ سيوي پرڳڻن جي آمدني تمام ٿوري هئي ۽ ان مان ارغونن جي خرچ جو پورائو ٿي ڪونه ٿي سگهيو، انهيءَ ڪري سنڌن حريص نگاهون هميشه سنڌ جهڙي سڪئي ستابي ملڪ طرف کتل هيون ۽ هو هميشه ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ هئا. (2)

ارغون - قرلت جي لحاظ کان سڀ کان پهريائين "ڪوٽ ماچين" ۽ "چاندڪا" جي پرڳڻن ۾ ڌاڙيلن وانگر ڪاهي آيا ۽ پنهنجيون ڦري ڪاروايون شروع ڪيائون. ڳوٺن جا ڳوٺ، واهڻن جا واهڻ ۽ بستين جون بستيون ڦري چَٽُ ڪري، پڙپانگ ڪري ڇڏيائون. سموري علائقي ۾، هر طرف خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو. ان دور ۾، سنڌ جو حاڪم - ڄام نظام الدين سمو هو. هن ارغونن جي انهيءَ قرلت ۽ تباه ڪارين کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ "سيويءَ" تي ڀرپور حملو ڪيو. سنڌ جي بهادر فوج ۽ ارغون لٽيرن جي وچ ۾ ويڙهه ٿي، جنهن ۾ ارغونن جا ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا. آخر ۾، سنڌي فوج ان مهم ۾ ڪامياب ٿي نٽي موٽي آئي. (3) ان کان پوءِ جيستائين ڄام نظام الدين سنڌ جي تخت تي هو، تيستائين ارغونن کي سنڌ تي حملي ڪرڻ جي جرئت ڪانه ٿي.

ڄام نظام الدين جي دور ۾، سنڌ ۾ ڌارين ماڻهن جي اچڻ جو سلسلو شروع ٿيو. "دولت شاهي" ۽ "نورگاهي" قبيلن جا ماڻهو - سنڌ جي سمي

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حاڪم وٽ اچي، سياسي پناهہ وٺي ويٺا . ڪيبڪ ارغون پڻ هڪ خون ڪري، ڄام نظام الدين وٽ اچي سام ٿي رهيو.(4) اهڙيءَ طرح، پيا بہ ڪيترائي ماڻهو ٻاهران ڏتڙجي، سنڌ ۾ اچي پناهگير ٿي رهيا. ڄام نظام الدين نهايت ئي رحمدل ۽ هڪ نيڪ انسان هو. هن انهن ٻاهران آيلن کي سنڌ ۾ ملازمتون ۽ وڏيون سهولتون ڏنيون. ٺٽي شهر ۾ ڪين هڪ الڳ محلو قائم ڪري ڏنو، جو پوءِ اڳتي هلي "مغل واڙو" سڏجڻ ۾ آيو. ايترين مهربانين ۽ نوازشن جي باوجود ارغونن نمڪ حرامي ۽ بيوفائي ڪري، ڄام نظام الدين جي پوين خلاف ميرزا شاهہ بيگ ارغون جي مدد ڪئي. اهڙيءَ طرح، ٺٽي جا ارغون - سازشن جو ڄار وڇائي، ميرزا شاهہ بيگ ارغون کي ڳجهيءَ طرح ٺٽي ۽ سنڌ جي حالتن کان آگاهہ ڪندا رهيا. ٺٽي جي ارغونن - ڄام نظام الدين جي وفات کان پوءِ، سندس جاءِ نشين - ڄام فيروز خلاف سازشون ڪري، شاهہ بيگ ارغون کي سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ راهہ هموار ڪئي. آخرڪار، شاهہ بيگ ارغون سنڌ فتح ڪري، "ارغون حڪومت" قائم ڪئي. اهڙيءَ طرح، سنڌ پنهنجي اصلي آزادي وڃائي ارغونن جي چنگل ۾ ڦاسجي ويئي، ۽ غلامي جي اهو ڳٽُ - صدين تائين سنڌ جي ڳچيءَ ۾ رهيو.

ارغونن جو دور - تواريخي لحاظ کان سنڌ لاءِ غلامي ۽ محڪوميءَ جو دور هو. سنڌ جا باشندا هر لحاظ کان غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙجي چڪا هئا. سنڌ وارن کان نہ صرف حڪومت کسي ويئي هئي، ليڪن ڪين هڪ غلام رعيت سمجهي، هر سطح تي پوئتي رکيو ويو. هتان جون جاگيرون، زمينون، باغ ۽ بُستان، ماڳ ۽ مڪان ۽ وڏا وڏا منصب ۽ عهدا پڻ انهن ڌارين غاصب حاڪمن - پنهنجن آندل اميرن ۽ ماڻهن کي ڏنا. سنڌ جي عالمن ۽ فاضلن جا قائم ڪيل مدرسا ۽ خانقاهون، مسجدون ۽ تڪيا پڻ اصل مقامي سنڌين کان زوريءَ ڦريا ويا، تہ جيئن هو وقت سر ڪنڌ ڪڍي نہ سگهن! سنڌ وارن لاءِ تواريخ جو اهو هڪ نهايت ئي بدترين دور هو. سنڌ جا وڏا وڏا عالم هتان هجرت ڪري، ڪي حرمين شريفين ويا، تہ ڪن هندوستان جي سلامتيءَ جهڙن هنڌن، جهڙوڪ: برهانپور، آگري ۽ دهلي طرف وڃي سڪونت اختيار ڪئي.

ارغونن جي دور ۾، جيڪي بہ ٻاهريان خاندان سنڌ ۾ آيا، تن مان "عربشاهي پوراني سادات" هميشہ لاءِ سنڌ ۾ رهي هتان جا باشندا ٿي ويا. تواريخ جي اڀياس مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ سيد جلال الدين ابو سعيد پورانيءَ جا بہ فرزند - ميرزا شاهہ بيگ ارغون سان گڏ سنڌ آيا هئا. سيد ابو سعيد جي انهن ٻنهي فرزندن مان هڪُ - سيد بايزيد الحسيني - "بکر" ۾ اچي رهيو ۽

www.facebook.com/musavisayed

سندس خاندان بکر ۽ سکر پراڻي ۾ وڏيو ۽ ويجهيو. سيد ابو سعيد جي ٻئي فرزند - سيد محمود عرف شيخ ميرڪ - "ٺٽي" ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي ۽ هو اتان جو "شيخ الاسلام" ٿي رهيو. انهن مڙني سيدن جو آخري مٿيءَ پنوڙو بہ هتي سنڌ ۾ ئي نهيو.

مير علي شير "قانع" ٺٽوي - سيد بايزيد الحسينيءَ جو احوال بيان ڏيندي لکي ٿو:

> "پهريائين ٻئي ڀائر (بايزيد ۽ شيخ ميرڪ) سبزوار کان قنڌار ۾ رهڻ لڳا. جتان پوءِ شاه بيگ ارغون سان گڏجي سنڌ ۾ آيا." (5)

مير "قانع" ٺٽوي جي انهيءَ مٿئين بيان مان اها ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ سيد جلال الدين ابو سعيد جا اهي ٻئي فرزند - سبزوارکان پهريائين قنڌار ۽ پوءِ ميرزا شاهہ بيگ ارغون سان گڏ سنڌ ۾ آيا.

مرزا قليچ بيگ پڻ مير "قانع" ٺٽويءَ جي بيان جي تقليد ڪئي آهي. (6) ساڳيءَ طرح، مولائي شيدائيءَ پڻ ٺوريءَ ڦير گهير سان مير "قانع" ٺٽويءَ ۽ مرزا قليچ بيگ واري بيان کي دهرايو آهي. (7) اسان هتي انهن مڙني ڳالهين جو تواريخي تجزيو بيان ڪنداسون.

جيستائين ٻنهي ڀائرن - يعني: سيد بايزيد الحسيني ۽ شيخ ميرڪ جو "سبزوار کان لڏي قنڌار ۾ اچي رهڻ" جو تعلق آهي، تہ اهو تواريخي لحاظ کان بلڪل غلط آهي. متقدم تواريخ جا ورق - "پوراني سادات" جي سبزوار ۾ اچي رهڻ واري احوال کان بلڪل خالي آهن. "حبيب السير" جي احوال مان معلوم ٿئي ٿو تہ مٿين ٻنهي ڀائرن جي والد - سيد جلال الدين ابو سعيد پورانيءَ دارالسلطنت هرات کان هجرت ڪري قنڌار ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي هئي. انهيءَ سلسلي ۾، غياث الدين بن همام الدين حسيني لکي ٿو:

> "اما محمد خان شيباني خدمت شيخ را مصادره و مواخذه نمود چنانچہ ديگر در دار السلطنت هرات نتوانست بود بولايت قندهار شتافتہ آنجا ساکن گشت." (8) يعني: محمد خان شيبانيءَ شيخ صاحب تي اهڙيون چٽيون ۽ ڏنڊ وڌا، جو وري دارالسلطنت هرات ۾ رهي نہ سگهيو. پاڻ قنڌار جي ولايت ڏانهن هليو ويو ۽ اتي ئي وڃي سڪونت اختيار ڪيائين."

انهيءَ مٿئين بيان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ "پوراني سادات" جي سرواڻ - سيد جلال الدين ابو سعيد پورانيءَ کي محمد خان شيبانيءَ هر لحاظ کان

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڏاڍو تنگ ڪيو. انهيءَ ڪري، هن جي سموري خاندان - سندس اڳواٽي ۾ هرات کان قنڌار ڏانهن هجرت ڪئي.

جيتري قدر بنهي پائرن جو ميرزا شاه بيگ ارغون سان گڏ سنڌ ۾ وارد ٿيڻ جو تعلق آهي، تہ ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريائين "تاريخ معصومي" کي سامهون رکندي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ سيد محمود سن ٩٢٩هہ ۾ سنڌ ۾ آيو.(9) يعني: پاڻ ميرزا شاهہ بيگ ارغون جي سنڌ تي سن٩٢٣ هہ/١٥١٧ع ۾ ڪاهي اچڻ جي ستن سالن جي عرصي کان پوءِ سنڌ ۾ آيو هو. ان دور ۾ سنڌ مڪمل طرح ارغونن جي قبضي هيٺ اچي چڪي هئي.

مير محمد معصوم بکريءَ جي انهيءَ مٿئين قول جي تصديق هڪ ٻئي تواريخي ماخذ مان بہ ٿئي ٿي. ميرڪ مرتضيٰ پنهنجي خانداني شجري ۾ ميرڪ محمود لاءِ لکي ٿو:

> "در ٩٢٨هہ جناب شيخ ميرڪ پوراني از قندهار بہ سند تشريف آوردند درملازمت شاه حسن رسيدند."(10) يعني: شيخ ميرڪ پوراڻي سن ٩٢٨هہ ۾ قنڌار کان سنڌ پهتو ۽ سنڌ جي ارغون حاڪم - شاهہ حسن جي ملازمت اختيار ڪيائين.

ميرڪ مرتضيٰ جي اها مٿئين عبارت انهيءَ سموري سلسلي کي سمجهڻ لاءِ نهايت غور طلب آهي. ميرڪ مرتضيٰ - شيخ ميرڪ (سيد محمود) جي سنڌ ۾ اچڻ وارو سال ٩٢٨هہ/١٥٢٢ع ڄاڻايو آهي، جو "تاريخ معصومي" واري بيان ڪيل سال جي لڳ ڀڳ معلوم ٿئي ٿو. ساڳئي وقت، اهو بہ واضح ٿئي ٿو تہ ان وقت ميرزا شاهہ بيگ ارغون فوت ٿي چڪو هو ۽ سنڌ جو حاڪم - مرزا شاهہ حسن ارغون هو، جنهن جي ملازمت ۾ پاڻ داخل ٿيو هو.

ميرڪ مرتضيٰ "شجره سادات پوراني" ۾، ميرڪ عبدالوهاب پوراڻي بن سيد بايزيد الحسينيءَ جي سنڌ ۾ وارد ٿيڻ جو سال ٩٥٠هہ/١٥٤٣ع بيان ڪري ٿو. (11) اهڙي طرح، شاهہ حسن جي ملتان واري معرڪي دوران سيد نور الدين بن جلال الدين ابو سعيد پوراڻي - مؤلف "ميلادِ رسول" پڻ نظر اچي ٿو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حوالا

(1) مير محمد معصوم بکري: "تاريخ معصومي" (سنڌي)، ص ١٥٢
(2) ايضاً
(3) ايضاً
(4) ايضاً
(5) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام" (سنڌي)، ص ٣٢٨
(6) مرزا قليچ بيگ: "قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو"، ڇاپو ٽيون - ١٩٩٠ع، ص ١٥٧ ۽ ١٨٥
(7) مولائي شيدائي: "جنت السنڌ"، ص ٤٢٦
(8) غياث الدين بن همام الدين حسيني: "حبيب السير" - جلد چوٿون (فارسي)، ص ٣٥٣
(9) ڏسو حوالو نمبر (1) ص ١٨٤
(10) سيد مرتضيٰ ميرڪ: "شجره سادات پوراني" (قلمي فارسي)، ص ٣٣
(11) ايضاً، ص ١٥٩

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد بايزيد الحسيني پوراڻي

سيد بايزيد الحسيني پنهنجي والد - سيد جلال الدين ابوسعيد پوراڻيءَ جو وڏو فرزند هو. سيد بايزيد الحسينيءَ جي باري ۾، مير علاؤ الدوله قزويني ڪامي لکي ٿو:

"...... از مشاهير است بسمت فضايل و ڪمالات و صفت مواجيد و حالات محلي بوده..." (۱)

سيد بايزيد الحسينيءَ جي سلسلي ۾، مير علي شير "قانع" ٺٽوي لکي ٿو:

"ميرڪ بايزيد ولد ميرڪ ابوسعيد بن مير علي شاهه سبزواري عرب شاهي: ميرڪ ابوسعيد، شيخ جلال الدين بايزيد پوراڻيءَ جو ڏوهٽو آهي. هن جو پٽ ميرڪ بايزيد ۽ سندس پاءُ ميرڪ شيخ محمود علمي خواهه عملي ڪمالات جا جامع هئا. .... مٿيون ميرڪ (بايزيد) بکر ۽ سکر جي شيخ الاسلاميءَ جي عهدي تي مقرر ٿي سکر ۾ رهڻ لڳو." (2)

ميرڪ بايزيد جي متعلق - مرزا قليچ بيگ وري هن ريت لکي ٿو:

"ميرڪ بايزيد بن ميرڪ ابوسعيد سبزواري عرب شاهي ۽ سندس پاءُ شيخ محمد پهريائين قنڌار ۾ رهندا هئا. پوءِ اتان مرزا شاهه بيگ ارغون سان گڏجي سنڌ ۾ آيا. ميرڪ بايزيد، بکر ۽ سکر جو "شيخ الاسلام" ٿي رهيو ۽ سکر ۾ رهيو. پر پاڙس ٺٽي ۾ وڃي رهيو. هن جي مرڻ کان پوءِ سندس پٽ مير عبدالباقي پيءُ جي جاءِ تي نالي وارو ٿيو." (3)

مير "قانع" ٺٽويءَ - ميرڪ ابوسعيد جي پيءُ جي نالي ۾ غلطي ڪئي آهي، جنهن لاءِ اسان سيد جلال الدين ابوسعيد پوراڻيءَ جي احوال ۾ وضاحت بيان ڪري آيا آهيون. ساڳئي وقت، مرزا قليچ بيگ پڻ مير "قانع" ٺٽويءَ ڪي

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

بنياد بڻائي، ميرڪ بايزيد ۽ سندس خاندان تي روشني وڌي آهي. مرزا صاحب پنهنجي مٿئين بيان ۾ ميرڪ بايزيد جي پاءُ جو نالو "شيخ محمد" ڄاڻايو آهي، جو پڻ درست نہ آهي. ميرڪ بايزيد جي پاءُ جو نالو "سيد محمود" هو. جو "شيخ ميرڪ" جي نالي سان پڻ مشهور هو.

مولائي شيدائيءَ پڻ سيد بايزيد الحسينيءَ جي باري ۾، ساڳيو مير "قانع" ٺٽويءَ ۽ مرزا قليچ بيگ وارو بيان ٿوريءَ قير گهير سان ڏنو آهي. مولائي شيدائي لکي ٿو:

> "سکر جي ميرڪي سيدن جو مورث اعليٰ - مير عبدالباقي پورانيءَ جو والد - ميرڪ بايزيد، مرزا شاهہ بيگ ارغون سان گڏ قنڌار مان سنڌ ۾ آيو، ۽ بکر ۽ سکر مٿان "شيخ الاسلام" تي رهيو." (4)

مٿين ٽنهي مورخن ۽ تذڪره نويسن - مير "قانع" ٺٽوي، مرزا قليچ بيگ ۽ مولائي شيدائيءَ جي عبارتن مان اهو معلوم ٿئي ٿو، تہ ميرڪ بايزيد بکر ۽ سکر جو "شيخ الاسلام" تي رهيو هو. ليڪن، اسان جي تحقيق موجب - ميرڪ بايزيد ڪنهن بہ طرح بکر ۽ سکر جو "شيخ الاسلام" تي نہ رهيو هو. انهيءَ سلسلي ۾، اسان مٿي تواريخي پس منظر ۾ ميرڪ مرتضيٰ جو قول بيان ڪري آيا آهيون، جنهن مطابق هو صرف شيخ ميرڪ جو احوال ڏئي ٿو. پر ان سان گڏ سندس پاءُ سيد بايزيد جي باري ۾ بلڪل خاموش نظر اچي ٿو. ان مان اسان جي انهيءَ مٿئين ڳالهہ جي تائيد ٿئي ٿي، تہ ميرڪ بايزيد سن ٩٢٨هہ/١٥٢٢ع ڌاري - يعني مرزا شاهہ حسن ارغون جي دور ۾ "شيخ الاسلام" جي عهدي تي فائز نہ هو. ازانسواءِ، مير محمد معصوم بکري لکي ٿو تہ سن ٩٣٠هہ/١٥٢٤ع ڌاري سيد شاهہ قطب الدين بن سيد طيب سنڌ ۾ آيو ۽ اچڻ شرط شاهہ حسن ارغون کيس بکر جو "شيخ الاسلام" مقرر ڪيو. (5)

سيد حسام الدين راشدي - "مثنوي مظهر الاثار" جي مقدمي ۾ لکي ٿو، تہ سنڌ ۾ ارغونن طرفان بکر تي پهريون "شيخ الاسلام" – سيد شاهہ قطب الدين مقرر ٿيو. (6) راشدي صاحب جي انهيءَ بيان ڪيل قول مان اهو ثابت ٿئي ٿو، تہ ميرڪ بايزيد موري ڳو "شيخ الاسلام" جي عهدي تي فائز ئي ڪونہ ٿيو هو.

مير محمد معصوم بکري - بکر جي "ميرڪي سادات" جو پاڙيسري

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

هو. اسان کي اهو معلوم ڪري تعجب ٿئي ٿو، تہ مير محمد معصوم بکريءَ بہ انهيءَ سلسلي ۾ ڪو اهڙو ذڪر نہ ڪيو آهي. حالانڪ، سيد بايزيد جي پاءُ - سيد محمود جي سنڌ ۾ اچڻ جو سال ۽ سندس ذڪر صاف لفظن ۾ ڪيو اٿائين. "معصومي سادات" خواه "ميرڪي سادات" جي خانداني شجرن مان اهو گمان غالب ٿئي ٿو، تہ ڪٿي ائين تہ ناهي تہ سيد بايزيد الحسيني موريگو سنڌ ۾ آيوئي ڪونہ هوا! پر جيڪڏهن آيو هو، تہ هتي تمام ٿورو عرصو رهي، پوءِ وري واپس قنڌار هليو ويو. بهرحال، "پوراني سادات" جي شجرن ۽ تواريخ جي مطالعي مان اها ڳالهہ صاف طرح سان واضح ٿئي ٿي تہ "عربشاهي پوراني سادات" جي سرواڻ - سيد جلال الدين ابوسعيد پورانيءَ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، سندس خاندان جي باقي بزرگن قنڌار کي الوداع ڪيو ۽ مختلف علائقن ڏانهن هجرت ڪري ويا.

عبيدالله خان ازبڪ ۽ سيد بايزيد الحسيني

تواريخ جي مطالعي مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ازبڪ حڪومت جو باني - محمد خان شيباني سن ۹۱۶ هہ / ۱۵۱۰ع ۾ "مرو" جي قلعي ٻاهران قزلباشن جي لشڪر سان جنگ ڪندي مارجي ويو. ڪانئس پوءِ ڪوچونجي خان "ماوراءُ النهر" جو حاڪم ٿيو ۽ ان کان پوءِ سن ۹۳۷هہ / ۱۵۳۱ع ۾ سندس فرزند - ابوسعيد خان ▲"ماوراءُ النهر" جي گاديءَ تي ويٺو. تواريخ جي روشنيءَ ۾ اهو پڻ ظاهر ٿئي ٿو تہ انهن ٻنهي پيءُ ۽ پٽ جي دور حڪومت ۾، سندن حڪمراني هوندي بہ ملڪ ۽ خزاني تي محمد خان شيبانيءَ جي ڀائٽيي - عبيدالله خان ازبڪ + جو اختيار قائم هو. ● ٻن سالن جي عرصي کان پوءِ، سن ۹۳۹هہ / ۱۵۳۳ع ۾ خود عبيدالله خان ازبڪ بن محمود خان "ماوراءُ النهر" جو حاڪم بڻيو.

عبيدالله خان ازبڪ جي باري ۾، "تاريخ الفي" جو قول آهي:

▲ ابو سعيد خان بن ڪوچونجي خان جي باري ۾، "تاريخ الفي" جي صاحب جو قول آهي: "و او بہ غايت فربہ و ضخيم الجثہ بود، چنانچہ بر خوابيدن قدرت نداشت و نشستہ خواب مي ڪرد، بہ مشقت بسيار سوار مي شد." (ص ٥٦ - ٤٥٥). ابو سعيد خان سن ۹۳۹هہ / ۱۵۳۲ع ۾ فوت ٿي ويو. (ص ٤٧١)

+ ڏسو "تعليقات"

● "اما عبيدالله خان صاحب اختيار ملڪ و مال بود". ("تاريخ الفي"، ص ٤٥٥)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

"از جميع سلاطين ازبڪ بہ فضيلت وعدالت و شجاعت و سخاوت ممتاز و مستثني بود. ماوراءُ النهر در زمان او آبادان شد." (7) يعني: پاڻ (عبيدالله خان) ازبڪ سلطانن ۾ فضيلت، عدالت، شجاعت ۽ سخاوت ۾ ممتاز ۽ بلند هو. سندس ايامڪاريءَ ۾ ماوراءُ النهر ڏاڍو سکيو ۽ ستابو هو.

هن ڪان اڳ ۾، اسان مٿي اهو ڇاڻائي آيا آهيون تہ "پوراني" ۽ تيموري شهزادن جا باهمي تعلقات - محمد خان شيبانيءَ سان درست نہ هئا، جنهن ڪري هن سادات سڳورن ڪي ڏاڍو تنگ ڪيو ۽ انهيءَ ئي ڪارڻ هو هرات ڪي ڇڏي، قنڌار جي طرف لڏي ويا. اڳتي هلي، تواريخ جي ڪن مبهم اشارن مان ان ڳالهہ جو اهڃاڻ ملي ٿو، تہ "پوراني سادات" ۽ ازبڪن جا وري هڪ ٻئي سان تعلقات استوار ٿي چڪا هئا. ان متعلق، علاؤ الدولہ قزويني ڪامي پنهنجي ڪتاب "نفايس الماثر" ۾ لکي ٿو، تہ عبيدالله خان جا "پوراني سادات" سان نهايت ئي گهاٽا ۽ بهترين تعلقات قائم هئا ۽ ساڻن گهڻو اعتقاد رکندڙ هو. "نفايس الماثر" جي عبارت هن ريت آهي:

"عبيدالله خان بہ شيخ اعتقاد بسيار داشتہ." (8)

انهن سيني مٿين ڳالهين جو تجزيو ڪرڻ ڪان پوءِ، اسان اها ڳالهہ محسوس ڪريون ٿا تہ ازبڪن اهو جلد ئي پروڙي ورتو هو، تہ "پوراني سادات" ۽ نقشبندي خواجگان - جن سان "پوراني سادات" جون ڪيترين ئي پيڙهين کان وٺي سڳابنديون ۽ لڳ لاڳاپا هئا ۽ هو پوريءَ وچ ايشيا ۾ وڏي اثر جا مالڪ هئا، تن سان گهڻو عرصو دشمني رکڻ سندن مفاد ۾ نہ آهي.

ساڳيو "نفايس الماثر" وارو صاحب - اڳتي هلي وڌيڪ لکي ٿو:

"مشهور است کہ در هر هفتہ دو بار بخانہ شيخ مي رفتہ و در تعظيمات و تکريمات دقيقہ فروگذاشت نمي فرموده." (9) يعني: مشهور آهي. تہ هو (عبيدالله خان) هفتي ۾ ٻہ دفعا شيخ (سيد بايزيد الحسيني) جي جاءِ تي وڃي تعظيم ۽ تڪريم بجا آڻڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏيندو هو.

انهيءَ مٿئين عبارت مان اهو صاف ظاهر آهي، تہ عبيدالله خان ازبڪ ۽ سيد بايزيد الحسينيءَ جي وچ ۾ نهايت ئي عزت ۽ احترام وارا تعلقات قائم هئا.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

تواريخ جي ڳوڙهي اڀياس مان اسان انهيءَ راءِ جا آهيون تہ سيد جلال الدين ابو سعيد پوراڻيءَ جي وفات (سن ٩٢٣هہ/١٥١٧ع) ڪان وٺي ويندي عبيدالله خان ازبڪ جي فوت (٩٤٦هہ/١٥٤٠ع) تيڻ تائين، سيد بايزيد الحسيني - "ماوراءُ النهر" جي ڪنهن علائقي ۾ سڪونت پذير هو. ساڳئي وقت، "نفايس الماثر" وارو مٿيون قول بہ تواريخي لحاظ کان ڪجهہ شڪ ۽ شبها پيدا ڪري ٿو. "پوراڻي سادات" جي خانداني مسودن مان اها ڳالهہ قرين قياس نہ ٿي لڳي تہ ڪو عبيدالله خان سندس (سيد بايزيد الحسيني) گهر وڃي تعظيم ۽ تڪريم بجا آندي هجي، جاڪاڻ تہ تواريخ اهو ٻڌائي ٿي تہ ان زماني ۾ ڪابل ۽ قنڌار تي ازبڪن جي حريف تيموري شهزادن جو قبضو هو.

اسان جي انهيءَ مٿئين امڪاني راءِ کي سيد بايزيد الحسينيءَ جي نندي ياءُ - سيد نورالدين محمد پوراڻيءَ جي انهيءَ ميلاد جي مجلس مان وڌيڪ هٿي ملي ٿي، جا حضرت محمد مصطفي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي شان مبارڪ ۾ منعقد ڪئي وئي هئي. سيد نورالدين محمد - ميلاد شريف جي نائين مجلس ۾ شريڪ ٿيندڙ لاءِ جيڪا دعا گهري هئي، سا هن طرح آهي.

> "خدايا عزيزاني ڪہ بدين مجلس ميلاد شريف آورده اند هيچ يڪ را از مجلس بيرون مبر الاآمر زيده. اللهم اصلح فساد قلوبنا و اصلح فساد افعالنا [واصلح فساد احوالنا يا مصلح الصالحين (10)] صلي الله علي سيدنا محمد شفيع المذنبين برحمتڪ يا ارحم الراحمين. براءِ خاقان ظل الرحمان ابوالغازي عبيدالله بهادر خان انار الله برهان رحمت ڪناد....."(11)

انهيءَ مٿئين دعا مان هيٺين ڳالهين جي وضاحت ٿئي ٿي:

(الف) عبيدالله خان ازبڪ جي حق ۾ دعا ڪرڻ واري عمل مان اها ڳالهہ صاف طرح سان ثابت ٿئي ٿي، تہ "پوراڻيءَ سادات" ۽ ازبڪن جا باهمي تعلقات نهايت ئي خوشگوار هئا.

(ب) عبيدالله خان جي ميلاد شريف جي مجلس ۾ شرڪت پڻ ٻڌائي ٿي، تہ ميلاد شريف جون اهي مجلسون ضرور "ماوراءُ النهر" جي ڪنهن علائقي ۾ ٿيون هونديون.

(ج) ان دعا مان اهو بہ واضح ٿئي ٿو، تہ خود سيد نورالدين محمد پوراڻي بہ ان وقت "ماوراءُ النهر" ۾ موجود هو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

(د) انهيءَ مذڪور دعا مان ان ڳالهه جو به پورو پتو پوي ٿو. ته ميلاد شريف جون اهي مجلسون عبيدالله خان جي وفات (ذوالقعد ٩٤٦ هه/ مارچ ١٥٤٠ع) کان اڳ ٿيون هونديون.

سيد بايزيد جي ڪابل ۾ سڪونت ۽ ميرزا ڪامران جي سرپرستي

سيد جلال الدين ابو سعيد پورانيءَ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ جتي سندس سمورو خاندان قنڌار ڇڏي پين وسندين ڏانهن ٽڙي پکڙي ويو. اتي سندس فرزند- سيد بايزيد الحسيني قنڌار مان لڏي وڃي ڪابل ۾ سڪونت اختيار ڪئي. ان وقت ڪابل جو حڪمران - بابر بادشاهه جو پٽ ميرزا ڪامران ● هو. مرزا ڪامران - سيد بايزيد جو وڏو آڌرياءُ ڪيو ۽ پاڻ سندس سرپرستيءَ ۾ ئي اتي رهڻ لڳو. تواريخي لحاظ کان اهو زمانو سن ٩٤٨هه/١٥٤١ع جو هو. ميرزا ڪامران ان وقت همايون کان ناراض ٿي، خواجه ڪلان بيگ جي همراهيءَ ۾ ڪابل، قنڌار ۽ غزنيءَ تي قبضو ڪيو هو.

انهيءَ سلسلي ۾، ڊاڪٽر انصار زاهد خان - "نصرت نامه ترخان" جي حوالي سان لکي ٿو:

> "شيخ جلال الدين ابو سعيد جي وفات کان پوءِ، غالباً سندس سمورو خاندان قنڌار مان نقل مڪاني ڪري ويو. سندس پٽ - ميرڪ بايزيد ڪابل ۾ وڃي رهيو، جتي کيس ميرزا ڪامران جي سرپرستي حاصل رهي." (12)

ڊاڪٽر انصار زاهد خان وڌيڪ لکي ٿو:

> "مرزا ڪامران جي حڪمرانيءَ واري دور ۾، بايزيد - ڪابل ۾ رهندو هو، جتي پاڻ اتي جي عالمن ۾ "عارف" جي لقب سان سڏيو ويندو هو." (13)

انهن مٿين تواريخي حوالن جي روشنيءَ ۾ اسان ان راءِ جا آهيون، ته سيد بايزيد الحسينيءَ سن ٩٤٦هه/١٥٤٠ع کان پوءِ ڪابل ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي هوندي.

ميرزا ڪامران جي پاران سفارت

سيد بايزيد الحسيني ظاهري ۽ باطني علمن سان گڏ، سياسي سوچ ۽ سمجهه جو پڻ مالڪ هو. پنهنجي پيءُ وانگر اهم قسم جي ملڪي معاملن ۾،

● ڏسو "تعليقات"

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سندس خدمتون حاصل ڪيون وينديون هيون. اهڙي هڪ موقعي تي جڏهن ميرزا شاهه حسن ارغون پنهنجي ڌيءَ ميرزا ڪامران جي هٿ ۾ ڏيڻ ڪان هٻڪيو ٿي، تہ ان وقت ميرزا ڪامران - خواجہ محمود جي پاءُ - خواجہ نظام الدين عبدالحق جي صلاح تي سيد بايزيد الحسينيءَ کي ايلاڙ منتون ڪيون. آخرڪار، سندس بيحد اصرار تي سيد بايزيد - ميرزا شاهه حسن سان ڳالهائڻ لاءِ راضي ٿي قنڌار آيو. هتي پاڻ شديد ٿڌ لڳڻ جي ڪري ايترو تہ بيمار ٿي پيو، جو سندس فرزند - شيخ عبدالوهاب پوراني پنهنجي گهر وارن کي ڪابل مان وٺي آيو. سيد بايزيد الحسيني انهيءَ بيماريءَ مان اٿي نہ سگهيو ۽ رحلت ڪيائين.

انهيءَ مٿئين مذڪور سفارتي مهم کي سيد بايزيد الحسينيءَ جي وفات ڪان پوءِ، سندس فرزند - سيد بايزيد الحسينيءَ جي وفات ڪان پوءِ، ميرڪ عبدالوهاب پورانيءَ تڪميل تي پهچايو. انهيءَ ڏس ۾، مير محمد معصوم بکري لکي ٿو:

"ميرزا ڪامران - شيخ عبدالوهاب پورانيءَ، مير الله دوست ۽ بابا چوچڪ کي ميرزا شاهه حسن ڏانهن بطور قاصد موڪلي، سندس نياڻيءَ جي سڱ جي خواهش ڪئي. ميرزا شاهه حسن - ميرزا ڪامران جي گهر قبول ڪري، شيخ کي رخصت ڏني." (14)

مير محمد معصوم بکريءَ جي انهيءَ مٿئين بيان جي سلسلي ۾ شجره سادات پوراني" جو صاحب وڌيڪ لکي ٿو:

"حضرت شيخ عبدالوهاب الحسيني برادر ڪلان مير عبدالباقي از قندهار باهمراهي امير الله دوست بتاريخ ٢٣ شهر رجب المرجب ٩٥٠ در ملڪ سنده آمده بود." (15)

انهيءَ مٿئين عبارت مان ان ڳالهہ جي ويتر وضاحت ٿئي ٿي، تہ شيخ عبدالوهاب پوراني انهيءَ مذڪور سفارتي مهم کي سرانجام ڏيڻ لاءِ ٢٣ رجب المرجب ٩٥٠هہ / ٢٢ آڪٽوبر ١٥٤٣ع تي قنڌار ڪان سنڌ ۾ وارد ٿيو ۽ اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ميرزا شاهه حسن ارغون ان وقت سنڌ ۾ موجود هو.

وفات

سيد بايزيد الحسيني جي وفات متعلق - ميرڪ مرتضيٰ "شجره سادات پوراني" ۾ لکي ٿو:

" تاريخ فوت حضرت امير بايزيد الحسيني بن حضرت امير

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ابو سعيد العرب شاهي نيشاپوري مشهور پوراني قدس الله تعاليٰ سره العزيز سن ٩٥٠هـ مرقد مبارک ايشان در قندهار است." (16)

ميرک بايزيد جي وفات جون قطعه تاريخون هن ريت وضع ٿيل آهن:

آن شاه باز شد نشيمن بايزيد وقت،
کز جد اوست قريهء پوران بلند نام.
از شيخ ابو سعيد ولايت باد رسيد،
زان مرشد مکمل و فياض خاص و عام.
آن خسرو قلم برو خط جهان فضل،
وادي بملک نظم نظامي صفت نظام.
چون شد از جهان بروضه دار السلام رفت،
دار اسلاميان همه گفتند والسلام.
چون شد تمام آن ولد شيخ نامدار،
تاريخ فوت او "ولد شيخ" شد تمام.

٩٥٠ هـ

ايضاً

آن بايزيد وقت که نظام فضل را،
بگرفت و دست رو بهم اهل فن نهاد.
در بوستان خط قلم نازکش قدم،
بر صفحه گل و ورق نسترن نهاد.
آوازه خطش چو بملک خطا رسيد،
پس داغها که بر دل مشک ختن نهاد،
چون خسرو قلم برو خط گشت مستقل،
در ملک نظم پاي بوجه احسن نهاد.
در غربت جهان خرابش چو دل گرفت،
فارغ زجمله روي بصوب وطن نهاد.
رفت آن سخن گذار و تاريخ فوت او،
کلک قضا سه نقطه بروي "ضمن نهاد"

٩٥٠ هـ

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ايضاً

افسوس کــه بــايـــزيـــد ايام نهاد،
از خســرو ملــک نظــم جــز نــام نمــاند.
تــــاريخ وفات او شــد "نظم" دو حــرف،
۹۵۰ھ
القصـــه کـــه نظم را ســرانجام نمــاند.

ايضاً

ســـپهر کـــرم بـــايزيدي زمـــان،
کــــــه بودش جهــا در نظر اند کي.
يقيـــن رفــت ســوئي بهشــت از جهــان،
دريـــن هيـــج عـــاقل نـــدارد شـــکي.
پئـــــي جســـــتن از ســـــال او
برفـــت از ميـــاني "مشايخ" يکي (17)
۹۵۱ - ۱ = ۹۵۰ ھ

سيد بايزيد الحسينيءَ جي زندگيءَ جي اهم واقعن ۽ احوالن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ پاڻ اعليٰ ۽ ارفع نوراني شخصيت، ولايت ۽ ڪرامت جو صاحب هو. اهي سيئي وصفون ۽ خصوصيتون کيس ورثي ۾ مليون هيون.▲ پاڻ هڪ وڏو قابل، نيڪ ۽ خوش اخلاق طبيعت وارو بزرگ هو ۽ انهن نيڪ وصفن جي ڪري ئي عام و خاص ۾ سڃاتو ويندو هو.● سيد بايزيد جي همعصر عالمن ۽ مؤرخن – سلطان محمد فخري هراتيءَ ۽ حڪيم شاهہ محمد قزوينيءَ سندس ساراهہ جا ڏُک پريا آهن. (18) +

▲ "مردي نوراني است....... و ولايت و کرامت بدو ميراثي است"
i . حڪيم قزويني : "مجالس النفائس". بهشت چهارم، ص ۲۷۵
ii . فخري هراتي: "لطائف نامہ" – مجلس چهارم، ص ۹۷

● "وقابليت او نيکو ست، و خودش بسي (نيک) خوست، و در اندک زماني حسن خلق بجائي رسانيده کہ درميان مردم مسلم شد و بخلق خوب علم....."
(حڪيم قزويني: بهشت چهارم، ص ۲۷۵)

+ مير علي شير "نوائي" سن ۸۹۶ھ / ۱۴۹۰ ۾ "تذکره مجالس النفائس" نالي ترڪي زبان ۾ هڪ تذڪرو تاليف ڪيو. انهيءَ ڪتاب جو ٽن مختلف عالمن فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جن مان بہ ترجما – علي اصغر جي ڪوشش سان هڪ ئي جلد ۾ "تذکره مجالس النفائس" جي نالي سان شايع ٿيا :

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

خوش نويسي

سيد بايزيد الحسيني هڪ بي مثل خوش نويس هو ۽ هرقسم جا نهايت ئي عمدا خط لکندو هو. خوش نويسيءَ ۾ سندس استاد مولانا اظهر هو (19) ملا قاطعي هروي - "مجمع الشعراي جهانگير شاهي" ۾ لکي ٿو:

"در وادي خوش نويسي بي بدل روز کارند". (20) يعني: خوش نويسيءَ جي ميدان ۾ پنهنجي زماني ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو.

مير علاؤالد وله قزويني ڪامي - "نفايس الماثر" ۾ لکي ٿو:

"در حسن خط و زبان تصوف بي بدل است" (21)

سيد بايزيد الحسيني جي خوش نويسيءَ ۾ قابليت ڪان سلطان حسين ميرزا بايقرا جو مشهور ۽ خاص مصاحب - مير علي شير "نوائي" ▲بيحد متاثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پاڻ پنهنجي تذڪري "مجالس النفائس" ۾ لکي ٿو:

"قابليت او در آن مرتبـــــه است ڪہ خاطرش بجانب خط ميل ڪرد، در اندڪ فرصتي همه خط را چنان نوشت ڪـــه استادان در سي سال آنمقدار نتو انند نوشت" (22) يعني: "سندس قابليت ۽ دلي لاڙو خطاطيءَ جي طرف هو. ٿوري ئي عرصي ۾ هر نموني جا ايترا تہ خط لکيا اٿس، جو (انهيءَ فن جا) استاد ٽيهن سالن جي عرصي ۾ بہ ايترا لکي نہ سگهندا."

انهيءَ سلسلي ۾، "مجالس النفائس" جو مترجم – حڪيم شاه محمد قزويني "بهشت چوٿين" (ص ٢٧٥) ۾ لکي ٿو:

(الف) سلطان محمد فخري هراتيءَ سن ٩٢٨ه‍ / ١٥٢٠ع ۾ اصل ترڪي متن جو فارسيءَ ۾ ترجمو – "لطائف نامہ" جي نالي سان ڪيو. مترجم – ان ۾ پنهنجي طرفان "نائين مجلس" جو واڌارو ڪيو. جنهن ۾ ١٨٩ شاعرن جو تذڪرو آهي.

(ب) حڪيم شاه محمد قزوينيءَ (المتوفي ٩٢٢ه‍ /١٥٥٨ع) پڻ هن ڪتاب ۾ هڪ فصل جو اضافو ڪيو هن ترڪي شعرن ڪي حذف ڪيو ۽ اصل متن ۾ بہ اضافا ڪيا آهن.

اصل ترڪي زبان ۾ "تذڪره مجالس النفائس" جي تاليف وقت سيد بايزيد الحسينيءَ جي عمر ايڪنيهہ سال هئي، يعني سندس جواني هئي ۽ اهي ٻئي مذڪور فارسي ترجما– سندس حياتيءَ ۾ ئي ٿيا. سندس وفات سن ٩٥٠ه‍ ۾ ٿي. ان لحاظ ڪان تذڪري جو اصل مصنف – مير علي شير "نوائي" سندس وڏو معاصر هو ۽ ٻئي مترجم پڻ سندس همعصر هئا.

▲ ڏسو "تعليقات"

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

”وحسن خط نيز در اندک زماني بمرتبـــهء رسانيده ڪہ استاد خطاطان زمان خود شد.“ يعني: سندس خوش خطي پڻ ٿوري ئي، عرصي دوران ان مرتبي تي پهتي، جو پنهنجي زماني جي خطاطن جو استاد ٿيو.

سيد بايزيد الحسينيءَ جي خوش نويسيءَ جي فن ۾ مهارت ۽ ذهانت جي متعلق ، مُلا قاطعي هروي تمام گهڻو رطب اللسان آهي. انهيءَ باري ۾ هڪ دلچسپ واقعو بيان ڪندي ٻڌائي ٿو. تہ خوش نويسيءَ جي فن ۾ سيد بايزيد الحسينيءَ جي ملا سلطان علي مشهديءَ▲ سان مقابلو ٿيو. ملا سلطان علي مشهدي پنهنجي وقت جو هڪ بي مثل خوش نويس هو. اهو مقابلو مير علي شير نوائيءَ جي روبرو ٿيو هو. سيد بايزيد الحسينيءَ لفظ ”گردباد“ ● ڪي وصليءَ (ڪارڊ) تي اهڙي تہ نموني ۾ لکيو. جو اهو لفظ ملا سلطان علي مشهديءَ جي ساڳئي لفظ جهڙو هو ۽ ان ۾ ڪو بہ فرق ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو. جڏهن سلطان علي مشهديءَ جي آڏو ٻئي خط آندا ويا ۽ ڪانئس اهو پڇيو ويو تہ انهن ٻنهي خطن مان ڪهڙو خط اوهان جو آهي، تہ پاڻ اهو چڱيءَ طرح سڃاڻي نہ سگهيو. ان وقت هن ٻنهي وصلين کي پرکڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ اڇلايو ۽ جڏهن انهن ٻنهي کي پاڻيءَ مان ڪڍيو ويو، تہ سيد بايزيد الحسينيءَ واري خط جي مَسُ ڦهليل ۽ آلاڻ مائل هئي ۽ سلطان علي مشهديءَ جي خط جي مَسُ خشڪ هئي. (23)

دراصل، اهو دلچسپ واقعو - خوش نويسيءَ جي فن تي اها روشني وجهي ٿو تہ ان دور ۾ خوش نويس ڪهڙي نموني ۾ پائدار مَسُ ۽ ڪارڊ جو استعمال ڪندا هئا، جو پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ کان پوءِ بہ اهي سلامت رهندا هئا.

اها ساڳئي متئين روايت ڊاڪٽر انصار زاهد خان پنهنجي مقالي ”نصرت نامہ ترخان – هڪ تعارف“ ۾ پڻ نقل ڪئي آهي. (24)

شاعري

سيد بايزيد الحسيني پنهنجي وقت جو بلند پايي جو شاعر هو ۽ پنهنجي ڪلام ۾ ”عارف“ تخلص استعمال ڪندو هو. ميرڪ محمد پوراني . پنهنجي ڪتاب - ”نـصـرت نامـــه ترخـان“ ۾ لکي ٿو تہ، ”ميرزا ڪامران جي

▲ ڏسو ”تعليقات“

● ڊاڪٽر انصار زاهد خان پنهنجي مقالي ۾، ”گردباد“ جي بجاءِ لفظ ”بادگير“ آندو آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حڪمرانيءَ دوران هو (بايزيد) ڪابل ۾ رهندو هو. جتي پاڻ عالمن ۾ 'عارف' جي لقب سان ڄاتو ويندو هو." (25) ملاقاطعي هرويءَ ڪيس "ملا عارف بايزيد پوراني" جي نالي سان لکيو آهي. (26) دلچسپ ڳالهه اها آهي، ته "نصرت نامہ ترخان" جي ليکڪ ۽ سيد بايزيد الحسينيءَ جي فرزند - ميرڪ محمد پنهنجي پيءُ لاءِ اهو نہ لکيو آهي تہ هو شاعر هو ۽ نہ ئي وري سندس خوش نويسيءَ بابت ئي ڪجهه لکيو اٿائين.

ملا قاطعي هروي - "تذڪره مجمع الشعراي جهانگير شاهي" ۾ لکي ٿو:

"ملا عارف از خوش گويان اند تتبع حضرت ملا عبدالرحمان جامي نموده اند و سہ ديوان دارند و خوب پيروي ملا نموده اند." (27) يعني: ملاعارف سُٺن شاعرن منجهان آهن. حضرت ملا عبدالرحمان "جامي" جي تتبع تي شعر چيا اٿس. ٽي ديوان مرتب ڪيا اٿائين. ملا (عبدالرحمان جامي)جو سهڻي نموني ۾ تتبع ڪيو اٿائين.

سيد بايزيد الحسينيءَ جا چند شعر - ملا قاطعي هرويءَ نموني طور ڏنا آهن، جي هتي ملاحظي لاءِ ڏجن ٿا:

بچشم غير جا ڪردي بسويم بعد ازان ديدي،
من محروم را آخر بچشم ديگران ديدي.
بر بستہ ام از دوه دو چشم نگران را،
تا پيش تو بنشستہ نبينم دگران را.
جانا هم آئين جفا درسر تست،
آزاد دل اهل وفا در سر تست.
هر تار ز ڪاڪلت جدا فتنہ گرست ،
حاصل ڪہ تمام فتنها در سرتست. (28)

مير علي شير نوائيءَ "مجالس النفائس" ۾ سيد بايزيد الحسينيءَ جي هيءَ رباعي نقل ڪئي آهي:

چون من بغم تو درجهان فردي نيست،
دلسوختہ نياز پروردي نيست.
خواهم غم و درد خويش را شرح دهم،
اما چڪنم ڪہ هيچ همدردي نيست. (29)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حڪيم شاهه محمد قزويني – سيد بايزيد الحسينيءَ جي همعصر هو. هُن سن ٩٢٧هه / ١٥٢١ع ۾ تُرڪي زبان جي معروف تذڪري – ”مجالس النفائس“ جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. حڪيم قزوينيءَ پنهنجي وسيع ڄاڻ مطابق – انهيءَ متئين ڪتاب جي اصل متن جي ترجمي سان گڏوگڏ ان ۾ ضروري اضافا ۽ واڌارا پڻ ڪيا آهن. سيد بايزيد الحسينيءَ جي متعلق – سندس ڏنل احوال مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ ڪانئُس چڱيءَ طرح واقف هو. حڪيم قزوينيءَ جو قول آهي:

> ”در مدتي يسير تحصيل علم و فضل ڪثير ڪرد. و عالمي نحرير و خوش تحرير شد.“ (مجالس النفائس – بهشت چهارم، ص ٢٧٥) يعني: ٿوري عرصي دوران ئي تمام گهڻو علم و فضل پريائين ۽ هڪ وڏو عالم ۽ پلو ليکڪ ٿيو.

حڪيم شاهه محمد قزوينيءَ جي انهيءَ متئين بيان مان اهو صاف طرح سان ظاهر ٿئي ٿو ته سيد بايزيد الحسينيءَ نه صرف هڪ شاعر هو، پر هڪ وڏو عالم ۽ تحرير جو صاحب پڻ هو. افسوس آهي ته فاضل مترجم – موصوف کي ”خوش تحرير“ ڄاڻائيندي، سندس ڪنهن تصنيف يا تاليف جو ذڪر نه ڪيو آهي.

اهل ۽ عيال

سيد بايزيد الحسينيءَ ٻه شايون ڪيون. سندس پهرئين شادي ”سبزواري سادات“ مان ٿي، جنهن مان ڪيس ٽي پٽ تولد ٿيا. هتي هر هڪ جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

1. ميرڪ محمد: هيءُ پنهنجي وقت جو وڏو عالم، اديب، شاعر ۽ بلند پايي جو مؤرخ ۽ تذڪره نگار هو. ميرڪ محمد جي باري ۾، هن وقت تائين اهو معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته پاڻ سنڌ ۾ ڪڏهن آيو! ليڪن، تواريخ جي ڪن اشارن مطابق سندس متعلق اهو معلوم ٿئي ٿو ته ڄام فيروز- جڏهن شاهه حسن ارغون هٿان شڪست کائڻ کان پوءِ جنگ جي ميدان مان ڀڄي نڪتو ته ميرڪ محمد - نصرپور وٽ شاهه حسن ارغون جو منتظر هو. (30) ميرڪ محمد پنهنجي ڪتاب - ”نصرت نامه ترخان“ ۾ ڪٿي به اهو نه ڄاڻايو آهي ته پاڻ سڌو قنڌار کان آيو هو، يا بکر وغيره کان.

ميرڪ مرتضيٰ ”شجره سادات پوراني“ ۾ ميرڪ محمد جي وفات جو سن

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

١٠٠٠هـ/١٥٩٢ع ڄاڻايو آهي، (31) ۽ مير محمد معصوم بکري - ”تاريخ معصومي“ ۾ ميرڪ محمد ۽ سندس پيءُ - ميرڪ عبدالوهاب جي فوت ٿيڻ جو ساڳيو سن ٩٩٠هـ/١٥٨٢ع ٻڌائي ٿو.(32) انهن ٻنهي تاريخن جو جڏهن تاريخي لحاظ کان تجزيو ڪجي ٿو ته اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو، ته ميرڪ مرتضيٰ ۽ مير معصوم بکريءَ جي ڄاڻايل تاريخن ۾ وڏو تضاد آهي. ٻئي طرف کان ”ميرڪي سادات“ جي خانداني روايتن ۽ ”شجره سادات پُوراڻي“ ۾ بيان ٿيل حقيقت مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته ميرڪ محمد ستر ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. انهيءَ مان ويتر مٿين ٻنهي بزرگن جي بيان ڪيل تاريخن ۾ ڪافي مونجهارو نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر انصار زاهد خان - ”نصرت نامہ ترخان“ جي حوالي سان ٻڌائي ٿو ته ميرڪ محمد سن ٩٣١هـ/١٥٢٥ع کان سن ٩٦٨هـ/١٥٦١ع تائين ميرزا شاهہ حسن ارغون، ميرزا عيسيٰ ترخان ۽ ميرزا صالح ترخان سان ڪن هنڌن تي گڏ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. (33) ان کان سواءِ مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي پنهنجي ڪتاب ”تحفة الڪرام“ ۾ ميرڪ محمد ۽ سندس پيءُ شيخ عبدالوهاب پوراڻيءَ جي وفات جون تاريخون سن ٩٧٠هـ/١٥٦٢ع ڄاڻايون آهن.(34) ان مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته مير محمد معصوم بکري ۽ ميرڪ مرتضيٰ جون ڄاڻايل تاريخون غلط آهن. ازانسواءِ، ”ميرڪي سادات“ جي هڪ قلمي بياض مان ميرڪ محمد جي وفات جي تاريخ سن ٩٧٢هـ/١٥٦٤ع معلوم ٿئي ٿي، (35) جا ڪي قدر مير ”قانع“ ٺٽويءَ جي ڏنل تاريخ جي تصديق ڪري ٿي. هاڻي جيڪڏهن ميرڪ مرتضيٰ واري وفات جي تاريخ سن ١٠٠٠هـ/١٥٩٢ع کي درست قرار ڏجي ٿو ۽ اهو ذهن ۾ رکجي ٿو ته ميرڪ محمد ستر ورهيہ ڪن زنده رهيو آهي، ته پوءِ اها ڳالهہ تواريخي روايتن ۽ خانداني احوالن جي بلڪل برعڪس نظر اچي ٿي. هونئن بہ ان دور جون اڪثر تواريخون - ميرڪ محمد جي احوال کان خاموش نظر اچن ٿيون. بهرحال، انهيءَ مذڪور بحث کي يڪجاءِ ڪندي اسان انهيءَ راءِ جا آهيون، تہ ”ميرڪي سادات“ جي خانداني بياض ۾ ڏنل وفات جي تاريخ سن ٩٧٢هـ/١٥٦٤ع ۽ مير ”قانع“ ٺٽويءَ جي ٻڌايل تاريخ سن ٩٧٠هـ/١٥٦٢ع، ٻئي ڪنهن حد تائين قابل قبول نظر اچن ٿيون. انهيءَ لحاظ کان جيڪڏهن ميرڪ محمد سن ٩٧٢هـ/١٥٦٤ع ۾ فوت ٿيو، تہ پوءِ سندس جنم سن ٩٠٢هـ/١٤٩٧ع ۾ ٿيو هوندو!

ميرڪ محمد - ”نصرت نامہ ترخان“ نالي فارسي زبان ۾، هڪ بهترين تواريخي ڪتاب تصنيف ڪيو. سندس قول آهي، تہ هن ڪتاب جا شروعاتي

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

باب خود ميرزا عيسيٰ ترخان جي مطالعي هيٺ رهيا. ازانسواءِ، ولي عهد ابوالفتح ميرزا محمد صالح ترخان بہ سندس ڪاوشن ڪي ڪافي ساراهيو. دراصل، ميرزا عيسيٰ ترخان جي همت افزائيءَ ئي هن ڪتاب جي تخليق ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.(36) سنڌ ۾ مغل دور جي باري ۾ - ”نصرت نامہ ترخان“ صحيح معلومات فراهم ڪندڙ ۽ هڪ نهايت مستند ماخذ آهي. سيد حسام الدين راشديءَ جي قول مطابق - هيءُ هڪ نهايت مفصل ۽ قيمتي ڪتاب آهي. (37) هن ناياب ۽ اهم ڪتاب کي نامور اديب ۽ محقق - ڊاڪٽر انصار زاهد خان ايڊٽ ڪيو آهي ۽ اهو ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سينٽرل ائنڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز سينٽر طرفان اشاعت هيٺ آهي.

2. ميرڪ عبدالله: پوران ۾ وفات ڪيائين. سندس وڌيڪ احوال ڪونہ ٿو ملي.

3 . ميرڪ عبدالوهاب: ● هيءُ وڏو عالم، اديب، شاعر، طبيب ۽ جراح هو. سياست ۾ پڻ برڪ هو. تواريخ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيائين. ننڍي جو ”شيخ السلام“ بہ ٿي رهيو. مير محمد معصوم بکري سندس متعلق لکي ٿو:

> ”هيءُ سهڻين عادتن ۽ وڻندڙ خصلتن سان سينگاريل هو. نهايت خوش طبع ۽ مجلس جو مور هو. شعر نهايت چڱيءَ طرح سمجهندو هو. شريعت جو پابند ۽ نهايت پرهيزگار هو. بادشاهن کي نصيحت ۽ وعظ ڪرڻ جي حتي الامڪان ڪوشش ڪندو هو. ظلم ۽ بدعت جي دفع ڪرڻ لاءِ ڏاڍو سعيو هوندو هوس. پاڻ اعليٰ درجي جو فقيهہ هو. علم فقہ ۾ ”جامع فتاويٰ پوراڻي“▲سندس مشهور تصنيف آهي.“ (38)

ميرڪ عبدالوهاب سن ٩٧٣هہ/١٥٦٥ع ۾ وفات ڪئي. سندس وفات جي قطع تاريخ هن ريت آهي:

● ميرڪ عبدالوهاب پوراڻيءَ جي متعلق – سيد حسام الدين راشدي پنهنجي هڪ مضمون – ”سنڌ ۾ يوناني طب“ ۾ لکي ٿو تہ، ”شيخ صاحب – مير ابو سعيد جو فرزند هو.“ (ڏسو ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون“، ص ٢٨٩). دراصل، شيخ عبدالوهاب پوراني – سيد بايزيد الحسينيءَ جو ٽيون نمبر فرزند هو، ۽ نہ ابو سعيد جو. انهيءَ باري ۾ راشدي صاحب کان ڪنهن ڪتاب جي حوالي جي روشنيءَ ۾ سهو ٿي آهي.

▲ مير علي شير ”قانع“ ٺٽويءَ جو قول آهي، تہ شيخ مير (ڪ) محمد – ”فتاويٰ پُوراني“ جو مرتب هو، (ڏسو – ”تحفة الڪرام“، ص ٤٩٧) جو درست نہ آهي. دراصل، ”فتاويٰ پوراني“ جو مرتب – ميرڪ عبدالوهاب پُوراني هو، جيئن اسان مٿي بيان ڪري آيان آهيون.

www.facebook.com/musavisayed

شـــيخ عبدالوهـــاب پوراڻـــي،
انـــگ بـــودش مهـــارت همـــ فـــن.
آخـــر الامـــر رفـــت ازيـــن عـــالم،
کـــرد در گوشـــ لحـــد مســـکن.
ســـال تـــاريخ از خـــرد جســـتم،
”شـــيخ جـــان داد“ ميتـــوان گفتـــن. (39)

٩٧٣هه

”تـاريخ معصومي“ جي صاحب ميرک عبدالوهاب جي وفات جو سن ٩٩٠ھ ڄاڻايو آهي. (40) جيڪو اسان جي راءِ مطابق درست نہ آهي.

ميرک عبدالوهاب ٽي شاديون ڪيون. پهرئين گهرواريءَ بيبي جهان سلطان مان ڪيس ميرک عبدالغفور نالي هک فرزند ٿيو. ٻيءَ گهرواري بيبي مراد سلطان مان ميرک عبدالغفار ۽ ٽئين گهرواريءَ مان ميرک محمد هاشم نالي فرزند تولد ٿيو. ميرک محمد هاشم جي شادي - خواجہ ابوالمحامد عرف خواجہ سرخ جي نياڻيءَ سان ٿي. ميرک عبدالوهاب کي هک ڌيءَ بہ هئي، جنهن جو نکاح خواجہ مير بن خواجہ سرخ سان ٿيو. (41)

سيد بايزيد الحسينيءَ جي ٻئي شادي - خواجہ عبدالسميع عرف مرزا خاوند بن امير عبدالله بن حضرت تقي الدين محمد ڪرمانيءَ جي نياڻيءَ بيبي خانزادي بيگم ● سان ٿي. ڪيس انهيءَ بيبي سڄوريءَ مان هک فرزند ميرک عبدالباقي ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. سيد بايزيد کي انهيءَ ٻئي گهرواريءَ مان جيڪي نياڻيون ٿيون، تن مان بيبي زينب سلطان ۽ بيبي صفيہ سلطان بنا اولاد فوت ٿيون. ٽئين نياڻي - بيبي خديجہ سلطان سن ٩٩٨هه / ١٥٨٩ع ۾ لاهور ۾ فوت ٿي. کيس بہ پٽ ٿيا: هک خواجہ احمد جامي، جنهن کي هک پٽ ٿيو عودي ۽ ٻيو عبدالباقي نالي هک فرزند ٿيو. (42)

سيد بايزيد الحسيني جي فرزند - ميرک عبدالباقي پورانيءَ ۽ سندس اولاد جو احوال اڳتي بيان ڪيو ويندو.

ڄاڻا

سيد بايزيد الحسينيءَ کي پهرئين گهرواريءَ مان ٽي نياڻيون پڻ ٿيون. ميرک مرتضيٰ ”شجره سادات پورانيءَ“ ۾ انهن ٽن نياڻين بابت ڪابہ ڄاڻ نہ ڏني آهي ۽ نہ وري سندس ڄاڻن بابت ڪجهہ لکيو اٿائين. البت، مير محمد

● هن بيبي سڄوريءَ ٢٢ رجب ٩٨١هه / ١٧ نومبر ١٥٧٣ع تي پنجهتر ورهين جي ڄمار ۾ بکر ۾ وفات ڪئي. (شجره سادات موسويءَ - قلمي سنڌي، ص ٣)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

معصوم بڪريءَ "تاريخ معصوميءَ" ۾ سيد بايزيد جي پڻ ڇاڻن جو احوال ڏنو آهي. هتي انهن جو مختصر ذڪر ڏجي ٿو:

شيخ مير غورماني: هيءُ شيخ رڪن الدين علاؤ الدوله سمنانيءَ جي اولاد مان هو. پاڻ پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ مدبر هو. شيخ عبدالوهاب پورانيءَ جي همشيره سان شادي ڪئي هئائين. پاڻ نهايت ئي خوش طبع ۽ مٺيءَ زبان وارو هو. علم موسيقيءَ جي وڏي ڄاڻ رکندڙ هو. سلطان محمود خان جي شروعاتي دور ۾، پاڻ ٺٽي ڪان لڏي پلاٽي اچي بکر ۾ رهيو. بکر ۾ پڻ سالن جي عرصي تائين رهڻ ڪان پوءِ هندوستان طرف ويو، ۽ اتي سن ٩٨٠هه/١٥٧٢ع ۾ رحلت ڪيائين. (43)

مير محمود پوراني: هيءُ "پوراني سادات" جي خاندان مان هو. پاڻ نهايت ئي بلند اقبال وارن بزرگن مان هو. مير محمد معصوم بڪريءَ جو بيان آهي، ته پاڻ هرمز جي رستي ڪان ٺٽي آيو. جتي شيخ بايزيد پورانيءَ جي نياڻيءَ سان شادي ڪيائين. ان ڪان پوءِ ٺٽي مان لڏي اچي بکر ۾ رهيو. پاڻ نهايت ئي عابد، زاهد ۽ تقويٰ جو صاحب هو. اڪيلائي پسند ڪندڙ هو. ان ڪري ماڻهن ڪان اڪثر پري رهي، هميشه گوشي نشينيءَ ۾ رهندو هو. البت، عيد جي وڏن ڏينهن تي خاص مجلسن ۾، سلطان محمود خان جي اميرن سان اچي ملاقات ڪندو هو. مير محمود پورانيءَ سن ٩٧٧هه/١٥٦٩ع جي شروع ۾ رحلت ڪئي.(44) روهڙيءَ جا سڄاڻ شخص - مرحوم جان محمد سومرو ۽ مرحوم سيد سومر شاهه جيلاني اها روايت ڪندا هئا، ته مير محمود پورانيءَ جي مزار روهڙيءَ ۾ حجام خاني جي اڳيان حڪيم جي هوٽل پرسان واقع آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حوالا

(1) مير علاؤالدوله قزويني ڪامي: "نفايس الماثر" (قلمي فارسي). بحواله "تذڪره مجمع الشعراي جهانگير شاهي" — تعليقات: ڊاڪٽر محمد سليم اختر. ص ٢٨٧

(2) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام" (سنڌي) ، ص ٣٢٨

(3) مرزا قليچ بيگ: "قديم سنڌ. ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو. "چاپو تيون. ١٩٩٠ع. ص ٥٨ — ١٥٧

(4) مولائي شيدائي: "جنت السنڌ". ص ٤٢٦

(5) مير محمد معصوم بکري: "تاريخ معصومي" (سنڌي). چاپو پيو. ١٩٥٩ع. ص ١٨٤

(6) سيد شاهه جهانگير هاشمي بکري: "مثنوي مظهر الاثار" (فارسي). ڏسو "مقدمو" از: سيد حسام الدين راشدي . ص ٢٠

(7) قاضي احمد ٺٽوي / آصف خان قزويني: "تاريخ الفي" (فارسي). مرتب: علي آل دائود. ص ٣٣٤ ، ٤٥٥ ، ٤٦٠ ، ٤٧١

(8) ڏسو حوالو نمبر (1)

(9) ايضاً

(10) سيد نور الدين محمد پوراني: "ميلاد النبي" (قلمي فارسي). مجلس ميلاد ٽئين. ص ٣٨

(11) ايضاً . مجلس ميلاد نائين. ص ١٩٥

(12) Ansar Zahid Khan, Dr: "The Nusrat Namah - i-Tarkhan - (An Introduction)", Journal of the Pakistan Historical Society, Karachi, Vol XLV, Part II, April 1997 PP 127

(13) ايضاً

(14) ڏسو حوالو نمبر (5) ص ٢٢٣

(15) سيد مرتضيٰ ميرڪ: "شجره سادات پوراني" (قلمي فارسي). ص ١٥٩

(16) ايضاً

(17) ايضاً

(18) "نوائي" علي شير. مير: "تذڪره مجالس النفائس" (فارسي). مترجم: سلطان محمد فخري هراتي ص ٩٧. ايضاً مترجم: حڪيم شاهه محمد قزويني. ص ٢٧٥

(19) مرزا حيدر ڊوغلت: "تاريخ رشيدي" (قلمي فارسي). بحواله "مقالات مولوي محمد شفيع" — جلد اول. مرتب: احمد رباني. ص ١٢٠

(20) هروي قاطعي ملا: "تذڪره مجمع الشعراي جهانگير شاهي" (فارسي). مرتب: ڊاڪٽر محمد سليم اختر. ص ١٠٣

(21) ڏسو حوالو نمبر (1). ص ٢٨٧

(22) ڏسو حوالو نمبر (18). ص ٩٧

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

(23) ڏسو حوالو نمبر (20)، ص ١٠٣
(24) ڏسو حوالو نمبر (12)، ص ١٢٧
(25) ايضاً
(26) ڏسو حوالو نمبر (20)، ص ١٠٣
(27) ڏسو حوالو نمبر (20)، ص ١٠٣
(28) ايضاً
(29) ڏسو حوالو نمبر (18)، ص ٩٧
(30) ڏسو حوالو نمبر (12)، ص ١٣٠
(31) ڏسو حوالو نمبر (15)، ص
(32) ڏسو حوالو نمبر (14)، ص ٢٣٩
(33) ڏسو حوالو نمبر (12)، ص ١٣٠
(34) ڏسو حوالو نمبر (2)، ص ٤٩٧ ، ٥٠١
(35) "خانداني بياض جا جزُ"، بروايت انجنيئر عبدالحسين موسوي
(36) ڏسو حوالو نمبر (12)، ص ١١٦
(37) سيد حسام الدين راشدي: "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون"، ص ٧٨١ ح
(38) ڏسو حوالو نمبر (5)، ص ٢٣٥
(39) ڏسو حوالو نمبر (15)، ص
(40) ڏسو حوالو نمبر (5)، ص ٢٣٥
(41) ڏسو حوالو نمبر (5)، ص ٣٢
(42) ايضاً ، ص — ٢٩ ۽ ٣٠
(43) ڏسو حوالو نمبر (5)، ص ٢٨٣
(44) ايضاً ،ص ٢٨٤

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ عبدالباقي پوراني

ميرڪ عبدالباقي - سيد بايزيد الحسيني پُورانيءَ (المتوفي: سن ٩٥٠هه / ١٥٤٣ع) جي ٻئي گهر مان اڪيلو فرزند هو. "شجره سادات موسوي" جي بيان مطابق - ميرڪ عبدالباقي ١٤ شعبان المعظم ٩٤٢هه/ ٧/ فيبروري ١٥٣٦ع تي ڄائو. (1) سنڌ جو مشهور مؤرخ ۽ وقت جو امير - مير محمد معصوم بکري - ميرڪ عبدالباقيءَ جي ولادت کان ٻه ورهيه پوءِ ٧ رمضان المبارڪ ٩٤٤هه/ ٧/ فيبروري ١٥٣٨ تي ڄائو هو. (2)

ميرڪ عبدالباقيءَ جو هن وقت تائين ڪوبہ صحيح ۽ مستند تواريخي احوال ڪونہ ٿو ملي. البت، ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ ڏهين صدي هجريءَ جي پوئين اڌ جو، هڪ بلند پايي جو عالم ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي. ميرڪ عبدالباقي جي متعلق - مير علي شير "قانع" ٺٽوي لکي ٿو:

> "ميرڪ بايزيد جي رحلت کان پوءِ سندس پٽ ميرڪ عبدالباقي ڏاڍي ڪماليت سان حياتي گذاري. ننڍا خواه وڏا هن ڏانهن رجوع هوندا هئا." (3)

انهيءَ سلسلي ۾، مولانا دين محمد وفائي وري هن ريت لکي ٿو:

> "مير عبدالباقي ولد مير بايزيد ولد ميرڪ ابوسعيد بن مير علي سبزواري - ميرڪ (ابو) سعيد، سيد شيخ جلال بايزيد پورانيءَ جو ڏوهٽو آهي ... شيخ الاسلام ميرڪ بايزيد جي وفات کان پوءِ سندس فرزند مير عبدالباقي وڏي بزرگي ۽ ڪماليت جو صاحب ٿيو.... مير عبدالباقيءَ جو اگرچہ مفصل احوال معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، مگر سندس وفات کان پوءِ سندس اولاد سکر ۾ اڄ تائين ميرڪي ساداتن جي لقب سان مشهور آهن." (4)

مولانا دين محمد وفائيءَ - ميرڪ عبدالباقي جي باري ۾ ڪنهن بہ

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

قسم جي وڏيڪ روشني ڪانہ وڌي آهي. سندس بيان لڳ ڀڳ ساڳيو ئي "تحفة الڪرام" وارو آهي. ساڳئي وقت، مولائي شيدائيءَ پنهنجي ڪتاب "جنت السنڌ" ۾ ميرڪ عبدالباقيءَ بابت جيڪي ڪجهہ تحرير ڪيو آهي، ان جو ماخذ پڻ "تحفة الڪرام" ئي معلوم ٿئي ٿو.

ميرڪ عبدالباقيءَ جي متعلق – سندس سوانح نگارن ۽ تذڪره نويسن جي انهن مٿين بيانن مان اهو معلوم ٿئي ٿو، تہ پاڻ پنهنجي وقت جو قطب، سخي، فضل ۽ ڪمال جي زيور سان سينگاريل هو. سندس انهن اعليٰ ۽ بي نظير وصفن ۽ خوبين جو اهڃاڻ – انهن مختلف قطعہ تاريخن مان ملي ٿو، جي ان دور جي عالمن ۽ شاعرن – سندس وفات ڪان پوءِ وضع ڪيون هيون.

ميرڪ عبدالباقيءَ جڏهن هن دنيا ۾ اک کولي، تہ ان وقت سنڌ جي تواريخ ۾ - سياسي لحاظ کان وڏي انتشار جو زمانو هو. جيتوڻيڪ اهو دور سنڌ تي ميرزا شاهہ حسن ارغون جي عروج ۽ اقبال منديءَ جو دور هو، ليڪن سنڌ ۾ ان وقت هر طرف کان مايوسي، ڏک ۽ ڏاڍ، ۽ مصيبتن جو سايو هو. هندوستان جو مغل بادشاهہ همايون - شيرشاهہ سوريءَ کان شڪست کائي، تخت کان محروم ٿي، رلندو ۽ پٽڪندو اچي سنڌ ۾ پهتو. ان وقت ميرڪ عبدالباقي اٽڪل ڇئن پنجن ورهين جي ڄمار جو هو. ميرزا شاهہ بيگ ارغون جو جاءِ نشين فرزند - ميرزا شاهہ حسن ارغون ١١ ربيع الاول ٩٦٢ هہ / ٣ فيبروري ١٥٥٥ع تي لاولد فوت ٿيو. ان وقت ميرڪ عبدالباقي جي عمر ويهہ ورهيہ هئي ۽ پاڻ جوانيءَ جي عالم ۾، اهي سڀ سياسي حالتون ۽ ڦيريون گهيريون ڏسي رهيو هو.

ميرزا شاهہ حسن ارغون جي وفات کان پوءِ، سلطان محمود - بکر جو حاڪم ٿيو. سن ١٠٠٠هہ /١٥٩٢ع ۾ اڪبر بادشاهہ جي سپهہ سالار - عبدالرحيم خان خانان سنڌ فتح ڪئي. انهيءَ اڪبري يلغار جي وقت - مير عبدالباقي اٺونجاهہ ورهين جي ڄمار کي پهچي چڪو هو. جيتوڻيڪ ان دور ۾، سنڌ جون حالتون - هتان جي اصلوڪن باشندن لاءِ قيامت خيز هيون، ليڪن "ميرڪي سادات" هر لحاظ کان سنڌ جي سياست تي ڇانئيل رهيا.

شيخ الاسلام جو منصب

ميرڪ عبدالباقي - بکر ۽ سکر جو "شيخ الاسلام" تي رهيو انهيءَ سلسلي ۾، ميان الله جوڙيي انصاريءَ جو قول آهي:

"ميرڪ عبدالباقي پنهنجي والد ميرڪ بايزيد جي وفات

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڪان پوءِ سکر ۽ بکر جو شيخ الاسلام تي رهيو.“ (5)

اسان کي انهيءَ متئين بيان مان اها ڳالهه سمجهه ۾ ڪا نه ٿي اچي، ته ميرڪ عبدالباقيءَ کي پنهنجي والد - سيد بايزيد الحسينيءَ جي فوت ٿيڻ کان هڪدم پوءِ، ڪيئن ”شيخ الاسلام“ جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو؟ سيد بايزيد الحسينيءَ جي انتقال وقت ميرڪ عبدالباقي صرف اٺن ورهين جي عمر جو هو. جنهن جو اسان مٿي اشارو ڏئي آيا آهيون. ميرزا شاهه حسن ارغون جي وفات وقت ميرڪ عبدالباقي ويهن ورهين جو ڳڀرو جوان هو. ٣٨ ورهين جي وٿيءَ ڪان پوءِ، سن ١٠٠٠هه/١٥٩٢ع ۾ عبدالرحيم خان خانان سنڌ تي حملو ڪيو ۽ ٺٽي جي حاڪم - ميرزا جاني بيگ ترخان کان سنڌ فتح ڪيائين. اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو ته سن ٩٦٢هه/١٥٥٥ع ۽ سن ١٠٠٠هه/١٥٩٢ع واري عرصي دوران ميرڪ عبدالباقي بکر ۽ سکر جو ”شيخ السلام“ تي رهيو هجي! ليڪن، تواريخ جي مطالعي مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ارغونن جي دور ۾، شاهه قطب الدين ● بن شاهه محمود بن طيب هرويءَ کي بکر جو ”شيخ الاسلام“ مقرر ڪيو ويو هو. (6) شاهه قطب الدين (المتوفي٩٧٧هه/١٥٦٩ع) جي وفات ڪان پوءِ، مير محمد معصوم بکريءَ جي والد - سيد صفائي کي سلطان محمود بکريءَ جي دور ۾ بکر جو ”شيخ الاسلام“ مقرر ڪيو ويو. (7) سيد صفائي ذوالقعد ٩٩١هه/١٥٨٣ع ۾ وفات ڪئي. (8)

انهيءَ متئين بحث مان اهو صاف طرح سان واضح ٿئي ٿو ته ميرڪ عبدالباقيءَ جي ڄمڻ ٩٤٢هه/١٥٣٦ع ڪان وٺي سن ٩٩١هه/١٥٨٣ع تائين، ”شيخ الاسلام“ جو اهو معزز عهدو ٻين بزرگن جي حوالي رهيو. انهيءَ بحث ڪان پوءِ اها خبر ڪانه ٿي پوي، ته ميان الله جوڙيي انصاري صاحب ڪهڙي بنياد تي ميرڪ عبدالباقيءَ لاءِ اها متئين راءِ قائم ڪئي آهي. البت، اهو ٿي سگهي ٿو ته سن ٩٩١هه/١٥٨٣ع ڪان پوءِ، ميرڪ عبدالباقيءَ کي انهيءَ عهدي تي مقرر ڪيو ويو هجي! والله اعلم بالصواب.

ميرڪ عبدالباقي پنهنجي دور جو هڪ وڏي اثر وارو شخص هو. سياسي بصيرت کيس خانداني طرح سان ورثي ۾ ملي هئي. ميرڪ

● شاهه قطب الدين - خراسان جي ساداتن مان هو. ترڪماني فسادن ڪان پوءِ، اتان لڏي اچي بکر ۾ رهيو. نهايت ئي متقي ۽ شريعت جو پابند هو. جمعي ڏينهن خلق کي وعظ ۽ ارشاد فرمائي، هدايت جي رستي ڏانهن ترغيب ڏيندو هو. سن ٩٧٧هه/١٥٦٩ع ۾ رحلت ڪيائين. ”وعظ“ سندس تاريخ وفات آهي. (”تاريخ معصومي“ - سنڌي، ص ٤٠ — ٢٣٩)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

عبدالباقيءَ جي سياسي ڪارنامن جي متعلق - جيتوڻيڪ اهو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي تہ هن پنهنجي دور ۾ وقت جي حڪمرانن طرفان ڪهڙيون سياسي ۽ ملڪي خدمتون سرانجام ڏنيون! ليڪن، سندس خانداني شجرن ۽ ڪن معتبر روايتن مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ پاڻ مغل بادشاهہ - اڪبر جي دور ۾ آگري ۽ دهليءَ طرف ويل هو.

ازانسواءِ، مير محمد معصوم بکريءَ جي ڪتاب "تاريخ معصومي" جو جڏهن مطالعو ڪجي ٿو تہ اهو پڻ ميرڪ عبدالباقيءَ جي احوال کان وانجهيل نظر اچيَ ٿو، حالانڪ مير محمد معصوم بکري نہ صرف ميرڪ عبدالباقيءَ جو همعصر هو. پر پاڙيسري پڻ هو. ساڳئي وقت مير محمد معصوم بکري - "ميرڪي پُوراني سادات" جي خانداني حال احوال کان پڻ باخبر هو. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ مير محمد معصوم بکري پنهنجي انهيءَ مذڪور ڪتاب ۾ ميرڪ محمود پورانيءَ جي فرزندن - ميرڪ عبدالباقي ٺٽوي ۽ ميرڪ عبدالرحمان ٺٽويءَ جو وڏيءَ عزت ۽ احترام سان احوال بيان ڪيو آهي. (ص ٢٥٨) اتي خبر نہ آهي تہ الائجي ڪهڙي سبب پاڻ، پنهنجي ويجهي ڳوٺائيءَ ميرڪ عبدالباقي پُورانيءَ جي تذڪري کان بلڪل خاموش ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

بهرحال ميرڪ عبدالباقي سنڌ کان ٻاهر اڪبري دور ۾ آگري ۽ دهليءَ ۾ ضرور ڪنهن اهم منصب ۽ عهدي تي فائز هو. انهيءَ سلسلي ۾ سندس خانداني شجرن ۽ روايتن کي نظر مان ڪڍڻ کان پوءِ اهو واضح ٿئي ٿو تہ ميرڪ عبدالباقي کي زينب سلطان نالي هڪ نياڻي رجب المرجب ٩٧٨هہ/دسمبر ١٥٧٠ع ۾ دهليءَ ۾ ڄائي هئي ۽ اها ٣ ذوالحج ٩٨٠هہ/٦ اپريل ١٥٧٣ع تي اتي ئي فوت ٿي ويئي. (9) انهيءَ واقعي مان سندس متعلق مٿي بيان ڪيل ڳالهين جي هيڪاري تصديق ٿئي ٿي، تہ ميرڪ عبدالباقي جوانيءَ جي ابتدائي دور ۾ دهليءَ طرف ويل هو. اهو بہ ممڪن آهي تہ سندس ساهرا دهليءَ جي طرف جا هجن ۽ سندس شادي بہ اتي ئي ٿي هجي! ميرڪ عبدالباقيءَ جي گهر واريءَ - سيده بيگم جي وفات جي قطعہ تاريخ جو غور سان اڀياس ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ ڳالهہ جي پوريءَ طرح خاطري ٿئي ٿي. اها قطعہ تاريخ هن ريت آهي:

فرزند نبي صالحہ سيد بيگم،
آن فخرالنساءِ زبده آلِ شہ حيدر.
درهند بسي بود بعيشَ و طرب آخر،
آورد بملڪ بکهرش رزق مقدر
....
در شهر سکهر مسکن خود کرد تان کام

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

انهيءَ مٿئين قطعہ تاريخ مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ ميرڪ عبدالباقيءَ جي انهيءَ گهرواريءَ پنهنجي زندگيءَ جي سک ۽ آرام جا ڏينهن هندوستان ۾ گذاريا ۽ آخر ۾ ڏاڏي پاڙيءَ جي ڇڪ کيس بکر وٺي آئي ۽ سکر ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين

ميرڪ عبدالباقي ۽ روهڙيءَ جو وار مبارڪ

روهڙيءَ ۾ حضور نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو وار مبارڪ آڻڻ جي سلسلي ۾، ڪن تذڪره نگارن ان کي ميرڪ عبدالباقيءَ ڏانهن منسوب ڪيو آهي. محترم ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر لکي ٿو:

> ”مخدوم عبدالباقي سکر جي ميرڪي سيدن جو مورث اعليٰ پنهنجي والد ميرڪ بايزيد، مرزا شاهہ بيگ ارغون سان گڏجي قنڌار مان سنڌ ۾ آيو. کيس پوراڻي ڪري سڏيندا آهن. هن سن ٩٥٢هہ/١٥٤٥ع ۾ استنبول کان وار مبارڪ روهڙيءَ ۾ آندو هو. سيد حيدر شاهہ حقاني ۽ مخدوم عبدالملڪ سندس معاصر هئا، جن بہ وار مبارڪ جي زيارت ڪئي. بکر ۽ سکر مٿان شيخ الاسلام ٿي رهيو. روهڙيءَ ۾ هن بزرگ جو مدرسو هو. جنهن ۾ قرآن پاڪ جي تفسير جو طالبن کي درس ڏيندو هو.“ (10)

ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر جو اهو مٿيون سمورو بيان تواريخي لحاظ کان غلط ۽ بي بنياد آهي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مٿئين بيان لاءِ سيد محمد ضامن ڪنتوريءَ جي ترجمو ڪيل ڪتاب ”عبرت ڪده سنڌ“ جو حوالو ڏنو آهي. اسان جي خيال مطابق - ڊاڪٽر صاحب اصل مذڪور ڪتاب خود ڏٺو ئي نہ آهي. صرف ڪنهن ٻئي هنڌان ڏنل غلط حوالو ڪنيو آهي. ڊاڪٽر صاحب جيڪڏهن ان ڪتاب جو پاڻ مطالعو ڪري ها، تہ هوند اهڙي غلطي نہ ڪري ها! ”عبرت ڪده سنڌ“ اسان جي اڳيان آهي. هتي ان جي اصل عبارت ڏجي ٿي:

> ”روهڙيءَ جي ماڻهن جو بيان آهي، تہ حضرت رسولِ خدا (صلي الله عليہ وسلم) جي مٿي جو ڏيڍ وار، جنهن کي ماڻهو موئي مبارڪ ڪري چون ٿا، اهو هڪ سوني نليءَ ۾ آهي، جا وڏن ياقوتن سان جڙيل آهي ۽ ان کي ڏيکارڻ لاءِ تمام ظاهرداري

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

صرف ڪئي ويندي آهي. مجاور ان جي ڪيفيت هن طرح سان بيان ڪن ٿا ته وار مبارڪ ڪي روهڙيءَ ۾ ڪيئن آندو ويو؟ اهو وار مبارڪ سن ٩٥٢هه ۾ مخدوم ميان عبدالباقي صديقيءَ استنبول کان بکر ۾ آندو ۽ ان مقدس وار جي اصليت جي ثبوت ڏيڻ لاءِ ان دور جي وڏن عالمن مان سيد حيدر شاهه حقاني ۽ مخدوم عبدالملڪ شاهديون ڏنيون ۽ زيارت ڪئي." (11)

ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر ۽ سيد محمد ضامن ڪنتوريءَ جي عبارتن ۾ ڪافي تضاد ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اسان مٿي ميرڪ عبدالباقيءَ جي ولادت جو سن ٩٤٢هه/١٥٣٦ع ڄاڻائي آيا آهيون، ۽ "وار مبارڪ" جو سنڌ ۾ اچڻ جو سال ٩٥٢/١٥٤٥ع ڄاڻايو ويجي ٿو. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته ڏهن ورهين جو صغير ٻار ڪيئن استنبول پهتو. شيخ نجم الدين استنبوليءَ جي نياڻيءَ سان شادي ڪيائين، ۽ پنهنجي گهرواريءَ ۽ "وار مبارڪ" سميت واپس سنڌ موٽي آيو! ● انهيءَ سموري بحث مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته سنڌ ۾ "وار مبارڪ" جو آڻيندڙ - مخدوم عبدالباقي صديقي بکري هو، ۽ نه ڪي ميرڪ عبدالباقي.

وفات

ميرڪ عبدالباقيءَ - مغل بادشاهه جهانگير جي دور حڪومت ۾ بکر جي حاڪم - قاضي خان جي عهد ۾ ٣ رمضان المبارڪ ١٠١٩هه/١٩ نومبر ١٦١٠ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. مير صاحب جي وفات جي باري ۾، "شجره سادات پوراني" ۾ هن طرح ڄاڻايل آهي:

> "فوت حضرت هدايت پناهي مخدومي مرحومي مير عبدالباقي العرب شاهي الموسوي بتاريخ سيوم ماه رمضان سن ١٠١٩هه در قصبه شڪر (سکهر) توابع بکهر روضه متبرڪه ايشانست درعهد حضرت نورالدين جهانگير بادشاهه درحکومت قاضي خان." (12)

مير صاحب جي وفات جي قطعه تاريخ - "شاهه محمد" نالي هڪ شاعر هن ريت چئي آهي:

"ميـر عبدالبـاقي پورانـي آن قطبـي کـه بـود،
قـلـدوه آلِ رسـول و زبـده خـاص الله.

● وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو ڪتاب - "ظهور نامه موئي مبارڪ" (قلمي)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

شد بسوئي آن جهان از شوق بيحد تاشنيد،
صوت آن دلبر ڪه بوده سالها زو ڪام خواه.
ڪرد مرغ روح او از عالم علوي مقام،
زانڪه گشته تنگ دل زين جاي بي آرام گاه.
پائي در خلد برين ماواي آن قدسي نهاد،
زير چتر سرور - ڪونين عالم را پناه.
سال فوت شيخ قاضي "شاه محمد" زد رقم،
"داد جانرا مير عبدالباقي پوراني آه!"(13)

١٠١٩ هه

انهيءَ ماده تاريخ واري نظم جون پهريون ۽ پويون ٻه ٻه سٽون ڪتبي جي صورت ۾، ميرڪ عبدالباقيءَ جي قبي جي مهاڙيءَ واري ديوار تي دروازي جي مٿان ثبت ٿيل آهن. "شجره سادات پوراني" ۾ مير صاحب جي وفات جون چند ٻيون قطعه تاريخون پڻ ملن ٿيون، جي هتي ڏجن ٿيون:

مير عبدالباقي قطب زمان،
مقتداي اهل حق صاحب ضمير.
گشت دل تنگ اندرين ڪاخ ڪهن،
از علو همت گردون سرير.
شد سوئي فردوس اعلا ره ڪوان ؟
بودش از ماواي اصل نا گزير.
ثالث ماه صيام و شامڪه
.......حق ڪرد شد فرمان بذير.
جستم از هرڪس ڪه سال فوت او،
گفت "بادا صدر جنت جاي مير."

١٠١٩هه

ايضاً

مجمع فضل مير عبدالباقي،
رفت از باغ دهر مستعجل.
شد برون از رياض پر آسيب،
ڪرد درگلشن جهان منزل.
بود يڪتا بفضل وعلم ڪمال.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

گـــفت "او" بـــود "فـــاضل کـــامل".

٧ + ١٠١٢ = ١٠١٩ھ

بـــاد روحـــش غريـــق نـــورِ خـــدا.
يـــا بهـــم هســـت بـــود ظلمـــتِ ظـــل.

ايضاً

مير عبدالباقي الهـادي الحسيني المرتضـيٰ.
بـــود مرحومـــي هميشـــ متقـــي اهـــلِ صفـــا.
بر شريعت مستقيم و در کرم فوق الحِساب.
در حقيقت بـــود کـــامل هرچہ گفتہ آن صواب
صـاحب العرفـان يعنـي کـان کنزالکائنات
دائمـــا پرهيـــز کـــرده از جميـــع سيات.
کہ بگفتش مضطرب از اهل عجز و مستغيث.
دســتگيري او نمـــوده ذاتـــہ خيـــر المغيـــث.
مهربـان بـوده هميشـــ بـــر گروهـي احتيـــاج.
کـــان قطبـــاً عـــابد الله محمـــود المـــزاج.
خـائف المنـان يعنـي المتقـي اهـل الصـلاح.
در ادا امـــري الاهـــي کـــان خيـــر الاصطـــلاح.
جـود حـاتم در وجـودش دائمـــا بـــوده فـــراغ.
در مدد مظلــوم حــاضر گـر شنيده از فـراخ.
انـــــہ فـــي کـــل امـــر الله حفـــاظ الحـــدود.
احســـن العـادات يعنــــي کـــان وهابـــا ودود.
بهر دفع شر شـيطان بـود وردش قـل اعـوذ.
کـار خـود تفويـض کـرده دائمـا گفتـہ الـوذ.
آن کيســـت شراب معرفـــت را ســـاقي.
مســـمومان را کـــرده دمـــش تريـــاقي.
زيـن نـــوع بزرگـــي بجهـــان نيســـت مـــگر.
فخـــر الســـادات ميـــر عبدالبـــاقي..... (14)

ميرک عبدالباقيءَ جو مقبرو سکر شهر ۾، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل آفيس جي اوڀر ۾ ۽ ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي ڏکڻ اولهہ جي ڪنڊ تي سيد محمد مڪي رضويءَ جي مقبري جي پرسان آهي، مير "قانع" ٺٽويءَ جو قول آهي: "سندس درگاهہ سکر جي ٻاهران عام خلق جي زيارت گاهہ آهي." (15)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ عبدالباقيءَ جي مقبري جي پرسان هڪ عاليشان مسجد شريف - ڪاشيءَ جي سرن جي اڏاوت سان ٺهيل هئي، مير صاحب جو مقبرو - هن وقت نهايت ئي شڪسته حالت ۾ آهي. سنڌ جي آثار قديمه جي صاحبن - ڪڏهن يلجي به هن بزرگ جي عاليشان مقبري جي مرمت طرف ڪوبه توجهه نه ڏنو آهي.▲

اهل ۽ عيال

ميرڪ عبدالباقيءَ ٻه شاديون ڪيون هيون. سندس پهرئين شادي - سيده بيگم بنت سيد محمد قلندر شاهه سبزواري ● سان ٿي. سيده بيگم ١٧ ربيع الاول ١٠٤٤هه /٨ نومبر ١٦٣٤ع تي وفات ڪئي. ڪنهن شاعر - سندس وفات جي قطعه تاريخ هن ريت چئي آهي:

چـون او ز جهـان رفـت خـرد سـال وفـاتش،
گفتشـت ڪـه شـد عـاجزهء ميـر قلنـدر (16)

١٠٤٤هه

ميرڪ عبدالباقيءَ کي سيده بيگم مان هيٺيون اولاد ٿيو:

1. ميرڪ عبدالله: هن بزرگ جو احوال - اڳتي بيان ڪيو ويندو.
2. عائشه بيگم: ٢٢ رجب المرجب ٩٧٤هه / ٢ فيبروري ١٥٦٧ع تي تولد ٿي. سندس نڪاح ميرڪ عبدالرحيم بن ميرڪ عبدالرحمان بن شيخ ميرڪ محمود سان ٿيو.
3. زينب سلطان: هيءَ نياڻي رجب المرجب سن ٩٧٨هه / ١٥٧٠ع ۾ دهليءَ ۾ ڄائي ۽ ٢ ذوالحج ٩٨٠هه /٥ اپريل ١٥٧٣ع تي دهليءَ ۾ ئي وفات ڪيائين.
4. ميرڪ ابوطالب: سن ٩٨٤هه / ١٥٧٦ع ۾ ڄائو ۽ ڇئن سالن جي عمر ۾

▲ سيد غلام حيدر شاهه ميرڪي روايت بيان ڪري ٿو. ته سن ٤١ — ١٩٤٠ع ڌاري ميرڪ عبدالباقي پوراڻيءَ جو مقبرو نهايت زبون ٿي ويو هو. سيني ميرڪي ساداتن گڏجي، ميرڪ جي قبي جي مرمت ڪرائي. هن وقت جيڪو چُن جو گچ ٿيل آهي، اهو انهيءَ مرمت دوران لڳايو ويو هو. اها مرمت - سکر جي مشهور ۽ ماهر ڪاريگر - مستري حسو(حسين بخش) ڪمانگر ڪئي هئي. حَسُوءَ کي راڳ سان ڏاڍي دلچسپي هوندي هئي، ۽ سيد منور علي شاهه معصوميءَ ڪان ان جي سکيا پڙ ونندو هو.

● ڏسو "متفرقه سادات سکر" در بيان "سبزواري سادات"

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

فوت ٿيو.

5. فاطمہ سلطان: سن ۹۹۵هه/ ۱۵۸۷ع ۾ تولد ٿي ۽ ساڳئي سال فوت ٿي ويئي. (17)

ميرڪ عبدالباقيءَ کي "بهبود" نالي هڪ غلام هو. هن کي "بهروز" نالي هڪ پٽ هو. جنهن کي ٽي ڌيئر هيون: مهناز، شهناز ۽ گلرخ. ميرڪ عبدالباقيءَ، گلرخ سان عقد ڪيو هو. جنهن مان ڪيس ميرڪ باز بيگ نالي فرزند ڄائو. هيءُ سيدزادو ننڍڙيءَ عمر ۾ فوت ٿي ويو. ۽ اهو ميرڪ عبدالباقيءَ سان گڏ مقبري ۾ دفن ٿيل آهي. (18)

تصنيفات

ميرڪ عبدالباقي هڪ باوقار علمي ۽ ادبي گهراڻي جو چشم و چراغ ۽ بلند مرتبي وارو عالم هو. سندس گهراڻي مان وقت جا ڪيترائي وڏا جيد عالم، فاضل، شاعر ۽ صاحب ديوان شاعر ٿي گذريا آهن. ميرڪ عبدالباقي جو والد بزرگوار – سيد بايزيد الحسيني فارسيءَ جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شاعريءَ جا مرتب ڪيل ٽي ديوان – فارسي جا وڏا يادگار آهن. ازانسواءِ سندس چاچا ۽ ٻہ ڀائر پڻ پنهنجي دور جا وڏي پايي جا عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، ۽ انهن جون تصنيفات ۽ تاليفات ۽ شاعريءَ جا "ديوان" – فارسي زبان ۽ ادب جا وڏا شاهڪار آهن. جيئن تہ ميرڪ عبدالباقي پوراني پڻ ان خاندان سان تعلق رکندڙ هو، تنهنڪري هن بہ ضرور ڪي تصنيفات ۽ تاليفات ڪيون هونديون. ليڪن، سندس ان قيمتي ۽ ناياب ذخيري جو ڪو بہ پتو ڪونہ ٿو پوي. زماني گذرندي سندس اهي شہ پارا زماني جي حادثن جي دستبرد جو شڪار ٿي ويا. انهيءَ ڏس ۾، ميرڪ مرتضيٰ جي تاليف ڪيل "شجره سادات پوراني" جو اڀياس ڪندي، ميرڪ عبدالباقيءَ جي هڪ "رسالي" جو پتو پوي ٿو. اگرچ انهيءَ رسالي کي نظر مان ڪڍڻ ڪان پوءِ، شروع توڙي آخر ۾ اهو ڪو بہ پتو ڪونہ ٿو پوي تہ هي مذڪور رسالو – ميرڪ عبدالباقي پورانيءَ جو تاليف ڪيل آهي. پر جڏهن ان رسالي جو اڀياس ڪجي ٿو تہ اهو چڱي طرح واضح ٿئي ٿو تہ هيءُ رسالو ميرڪ عبدالباقي جو ئي تاليف ڪيل آهي. ان رسالي جي عبارت هن ريت آهي:

.... و پسر سيوم حضرت مير عبدالله کرماني،
حضرت خواجہ دوست خاوند را فقير تحقيق واقفہ نيست

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

يک ورق از ميان نسب نامہ رفتہ بود ازين نسب نامہ ڪہ حضرت ابوي مخدومي ولينعمي حضرت مير عبدالباقي نوشتہ بودند ازين ميان ڪاغذ رفتہ........ (19)

انهيءَ سلسلي ۾، ميرڪ مرتضيٰ هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو:

"...... مير ابونصر فرزند امير عبدالسلام جامع اين رسالہ" (20)

انهن مٿين ٻنهي عبارتن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ميرڪ عبدالباقي پوراڻيءَ هڪ تفصيلي "نسب نامو" تيار ڪيو هو. جنهن ڪي پوءِ مير ابونصر بن امير عبدالسلام ان ۾ ضروري اضافا ۽ واڌارا آڻي، رسالي جي صورت ڏني. اهڙيءَ طرح، ان رسالي جي اندروني شهادتن جي بنياد تي اهو چئي سگهجي ٿو، تہ هيءُ رسالو ميرڪ عبدالباقي پوراڻيءَ جي تاليف آهي.

دراصل، هيءُ رسالو حضرت قطب الاقطاب ناصرالدين خواجہ عبيدالله قدس الله تعاليٰ سره العزيز ۽ حضرت قطب العارفين سيد السادات امير تقي الدين محمد ڪرماني قدس الله تعاليٰ جي آبا و اجداد ۽ اولاد ۽ سندس خاندان جي مشائخ ڪبار جي احوال ۾ تاليف ڪيو ويو آهي.

ميرڪ عبدالباقيءَ جي ان مذڪور نسب نامي لکڻ جو وڏو ڪارڻ اهو ٿي سگهي ٿو، تہ خواجہ عبيدالله احرار ۽ سيد تقي الدين محمد ڪرمانيءَ جي خاندان سان "پوراڻي سادات" جي مٿي مائٽيءَ ۽ خانداني لڳ لاڳاپن کي ظاهر ڪرڻ هو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حوالا

(1) سيد غلام حيدر شاھ موسوي: "شجره سادات موسوي" (قلمي سنڌي)، ص ٤

(2) سيد حسام الدين راشدي: "امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بکري"، ص ٩١

(3) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: " تحفة الڪرام" (سنڌي) . ص ٣٢٨

(4) وفائي دين محمد، مولانا : "تذڪره مشاهير سنڌ" - جلد ٻيو، ص ٩٢-٢٩١

(5) انصاري الله جوڙيو: "بکر جي بزرگن جو سياست ۾ حصو"، ص ٥٣

(6) مير محمد معصوم بکري: "تاريخ معصومي" (سنڌي)، ص ٢٨٠

(7) ايضاً

(8) ايضاً

(9) سيد مرتضيٰ ميرڪ: "شجره سادات پوراني" (قلمي فارسي)، ص ١٦٠

(10) ٽالپر محمد جمن، ڊاڪٽر: "سنڌ جا اسلامي درسگاه"، ص ١٨٧

(11) ايسٽوڪ ڪيپٽن: "عبرت ڪده سنڌ" (اردو)، مترجم: محمد ضامن ڪنتوري، ص ٨٥

(12) ڏسو حوالو نمبر (9)، ص ١٥٧

(13) ايضاً ، ص ١٥٨

(14) ايضاً ، ص ٥٩ - ١٥٧

(15) ڏسو حوالو نمبر (3)

(16) ڏسو حوالو نمبر (9)، ص ٨٥

(17) ڏسو حوالو نمبر (1)

(18) ڏسو حوالو نمبر (9)، ص ٨٧

(19) ايضاً ، ص ٤٠

(20) ايضاً ، ص ٥٨

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ سيد محمد عبدالله

ميـرڪ محمـد عبـدالله ولـدِميـرڪ عبدالبـاقي پورانـي - ۱۰ رمضـان المبارڪ ۹۷۲هہ / ۱۱ اپريل ۱۵٦۵ع تي ڄائو. ان وقت هندوستان جي تخت تي هاڪارو بادشاهہ - جلال الدين محمد اڪبر رونق افروز هو.

مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ پنهنجي ڪتاب "تحفة الڪرام" ۾، ميرڪ محمد عبدالله جو ڪو بہ ذڪر نہ ڪيو آهي. البت، مير صاحب جي باري ۾ مولائي شيدائيءَ ڪجهہ احوال ڏنو آهي. پاڻ لکي ٿو:

"ميـرڪ عبـدالله شـاهجهاني دور ۾ دهلـيءَ ۾ عهـده 'عـرض مڪرر' تي فائز هو، جو معتمد ۽ مقرب ڪي ڏنو ويندو هو." (1)

مولائي شيدائيءَ جي انهيءَ مٿئين بيان مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ميرڪ محمد عبدالله - شاهجهاني دربار ۾ وڏي اعتماد وارو ماڻهو هو، جو ڪيس ايڏي وڏي منصب تي فائز ڪيو ويو. ميرڪ محمد عبدالله پنهنجي سموري حياتيءَ جو عرصو سنڌ کان ٻاهر هندوستان ۾ سرڪاري عهدن ۽ منصبن تي فائز رهيو. مولائي شيدائيءَ انهن جو تفصيل هن ريت ڏنو آهي:

"۱۰۰٤هہ ڌاري لاهور ۾، ۱۰۰۸هہ ۾ آگره، ۱۰۱۰ هہ ۾ جونپور ۽ ۱۰۱۳ هہ ۾ الهہ آباد ۾ 'شيخ الاسلام' جي عهدي تي جلوه گر نظر اچي ٿو." (2)

مولائي شيدائيءَ انهيءَ مختصر تفصيل سان گڏ اهو ڪونہ ڄاڻايو آهي، تہ پاڻ اهو سمورو احوال ڪتان ۽ ڪهڙن ڪتابن تان حاصل ڪيو هئائين. فاضل محقق جيڪڏهن انهن ماخذن جي نشاندهي ڪري ها، تہ هوند اجا بہ وڌيڪ مفصل ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ها! ميرڪ مرتضيٰ پنهنجي مرتب ڪيل "شجره سادات پوراني" ۾ ميرڪ محمد عبدالله متعلق ڪجهہ شعر ڏنا آهن، جيڪي هتي ڏجن ٿا:

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ابنـــه مرحوم ايضاً ڪان ڪنز في الوقار،
زان سـبب گوينـد عبـدالله سـيد نـامدار.
در ادا ڪـرده فرائـض پنـج اوقـاتي نمـاز،
مـاه رمضـان روزه دارد از نواهـي احتـراز.
نـاصر الاسلام يعنـي ديـن را بـوده اساس،
اهـل همـت در مروت بيشـمار وبيقيـاس .(3)

ايضاً

ميـر عبـدالله آن عـالي نسـب و نيـڪ تبـار،
بـود در بندگـي و طـاعت .... بيچـون
راه در روضـه رضـوان بـگرفت آخرڪـار. (4)

سيد محمد عبدالله - خواجه عبدالقادر ● جي نياڻيءَ بيبي عائشه سلطان ▲ سان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس هيٺيون اولاد ٿيو:

- بيبي شهربانو بيگم: سن ١٠٠٤هه/١٥٩٦ع ۾ لاهوز ۾ ڄائي.
- بيبي ماهه بيگم: سن ١٠٠٦هه/١٥٩٨ع ۾ لاهور ۾ تولد ٿي.
- سيف الله: سـن ١٠٠٨هــ/١٦٠٠ع ۾ لاهـور ۾ ڄـائو ۽ سـن ١٠٠٩هه/١٦٠١ع ۾ آگري ۾ فوت ٿيو.
- بيبي شاهه بيگم: ١٣ ذوالقعد ١٠١٠هه/٥ مئي ١٦٠٢ع تي جونپور ۾ ڄائي، ۽ سن ١٠١٤هه/١٦٠٥ع ۾ لاهور ۾ فوت ٿي.
- ميرڪ عبد الاول: هن جو احوال - اڳتي بيان ڪيو ويندو.
- ميـرڪ عبدالعظيـم: ٩ جمادي الاول ١٠١٨هـ/١٠ آگسٽ ١٦٠٩ع تي آگري ۾ تولد ٿيو. سندس ولادت جي تاريخ هيٺينءَ ريت وضع ڪئي وئي آهي:

زلطـــف حضرت ايـــزد بميـــر عبـــدالله،
ڪلـي مـراد شـگفت او هميشـه خـرم بـاد.

● خواجه عبدالقادر بن خواجه محمود - شيخ حميد جي نالي سان به مشهور هو. پنج حج ڪيا هئائين. ١٢٠ ورهين جي ڄمار، ۾ سن ١٠٠٢ هه/١٥٩٤ع ۾ سورت بندر ۾ فوت ٿيو. سندس مزار "ڪولي تالاب" جي مٿان آهي. (سيد غلام حيدر شاهه موسوي، "شجره سادات موسوي:" - قلمي سنڌي، ١٩٥٢ع، ص ٥)

▲ بيبي عائشه سلطان ٢ ربيع الثاني ٩٨٥هه/١٩ جون ١٥٧٧ع تي سورت بندر ۾ ڄائي. ڪيس "تاج المستورات" بـه ڪري چوندا هئا. ١٥ ربيع الثاني ١٠٥١هـ/٢٤ جولاءِ ١٦٤١ع تي سکر ۾ وفات ڪيائين.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

نهـــاد اســـم شـــريف و زَ بزرگـــي اعظـــم،
ز چشـــم زخـــم پنـــاهش خـــداي عـــالم بـــاد.
خـــرد ز ميـــر چـــو ســـال ولادتـــش پرســـيد،
چو جـد امجـد خـود ميـر گفـت "اعظـم بـاد." (5)

۱۰۱۸هـ

ميرڪ عبدالعظيم - پاينده بيگ ارغون جي ڌيءَ بيگم دوست سان پرڻيو جنهن مان ڪيس ٻه پٽ ۽ هڪ ميرڪ محمد باقي ۽ ميرڪ عبدالباقي ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. مير صاحب ۱۵ شعبان المعظم ۱۰۹٤هـ / ۹ آگسٽ ۱٦۸۳ع تي وفات ڪئي.

- بيبي خديجه سلطان: ۱۵ شوال المڪرم ۱۰۲۳ هـ / ۱۸ نومبر ۱٦۱٤ع تي بکر ۾ ڄائي.

سـيد محمـد عبـدالله ٦۳ ورهيـن جـي ڄمـار ۾، ۲۷ صفـر المظفـر ۱۰۳۵هـ / ۲۸ نومبر ۱٦۲۵ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي ۽ پنهنجي والد جي مقبري ۾ مدفون ٿيو. (6)

حوالا

(1) مولائيَ شيدائي: "تاريخ سکر"، ص ۳۸۳

(2) ايضاً

(3) سيد مرتضيٰ ميرڪ: "شجره سادات پوراڻي" (قلمي فارسي)، ص ۱٦۱

(4) ايضاً ص ۱۲۸

(5) ايضاً، ص ۱٦۸

(6) ايضاً، ص ۱٦۱

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ سيد عبدالاول پوراڻي الحسيني

ميرڪ سيد عبدالاول پوراڻي - ”ميرڪي سادات“ مان ميرڪ محمد عبدالله بن ميرڪ عبدالباقي پوراڻيءَ جو وڏو فرزند هو. سندس ولادت جي باري ۾ ميرڪ مرتضيٰ لکي ٿو. تہ پاڻ تاريخ ١٧ صفرالمظفر ١٠١٣هہ/١٥ جولاءِ ١٦٠٤ع تي هندوستان جي شهر ”الهہ آباد“ ۾ ڄائو. (1) ڪنهن شاعر - سندس ولادت جي تاريخ هيٺينءَ ريت وضع ڪئي آهي:

شمع جمع اهل فضل آن فخر آلِ مرتضيٰ،
مير عبدالله ڪہ فرزند رسولِ حضرت است.
داشت در دل از روي ڪشَ خدا بَخشد خلق،
يافت از حق ڪلرخي ڪز باغ فيض قدرت است.
پاس شب ڪہ پنجشنبہ هفدهم شهر صفر،
رخ نموده آنمہ ڪہ چون خورشيد زيبا طلعت است.
چون ڪلي اميد او بشگفت من پرسيده ام،
سال توليدش عزيز آنرا ڪہ باحق وصلت است.
زآن يڪي از سال توليدش روان تاريخ گفت،
مير عبدالاول آن ڪو ماه اوجي عزت است. (2)

١٠١٣هہ

ميرڪ عبدالاول اڃا هڪ سال جي ڄمار جو مس هو. تہ سن ١٠١٤هہ/١٦٠٥ع ۾ سندس والد - ميرڪ محمد عبد الله ڪيس لاهور وٺي آيو. ممڪن آهي تہ ميرڪ محمد عبد الله ان وقت ڪنهن اهم سرڪاري عهدي تي فائز هجي ۽ ملڪي مهم ڪي سرانجام ڏيڻ خاطر لاهور آيو هجي! ميرڪ سيد عبدالاول جڏهن پنجن ورهين جي عمر جو ٿيو. تہ ان وقت (سن ١٠١٨هہ/١٦٠٩ع) پنهنجي والد سان گڏ آگري ۾ اچي رهيو. ان کان پوءِ سن ١٠٢٣هہ/١٦١٤ع کان ٿورو وقت اڳ ۾. پنهنجي والد ميرڪ محمد عبدالله

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سان گڏ پنهنجي اباڻي وطن بکر موٽي آيو. ان وقت مير صاحب جي عمر ڏهن سالن جي لڳ ڀڳ هئي.

ميرڪ عبدالاول جي ابتدائي زندگيءَ جي باري ۾ ڪو به صحيح ۽ مستند احوال ڪونه ٿو ملي. "ميرڪي سادات" جي قلمي ڪتابن جي ذخيري کي اٿلائيندي پٿلائيندي صرف اهو معلوم ٿئي ٿو، ته پاڻ نهايت ئي اعليٰ فضيلتن جو مالڪ ۽ ظاهري علمن ۾ يگانه روزگار هو. عربي ۽ فارسي زبانن، ديني علمن ۽ دنيا جي سياسي ڪمن ڪارين ۾ ڪيس وڏو درڪ حاصل هو. پنهنجي زندگي اميراڻي نموني ۾ گذاريندو هو. پاڻ دسترخوان جو نهايت ئي ڪشادو هو، جا ڳالهه ڪيس خانداني طرح ورثي ۾ ملي هئي. ميان بيگ محمد "نامي" سندس باري ۾ لکي ٿو:

> "مير عبدالاول ۽ مير عبدالعظيم - مير عبدالله بن عبدالباقي الحسيني پوراني جا فرزند آهن. مير عبدالاول سخا ۽ حيا جو مجسمو آهي، جنهن جي ساک سنڌ ۽ هند ۾ هنڌين ماڳين مشهور آهي. سندس نالو حاتم مثل مشهور ۽ معروف آهي. مختلف قسمن جا طعام - خاص ڪري گوشت جو شوروو، پلاءُ، گهه ۽ ڳڙ، ٻوڙ، اٽرانا، جوئر ۽ جون جي ماني، ڏهي ۽ نان هميشه سَندس دسترخوان تي ظهر جي نماز کان پوءِ حاضر رهندا آهن، ۽ پاڻ خود دسترخوان تي ميزبانيءَ جا فرائض سر انجام ڏيندو آهي. سندس وجهه معاش چَڪُنِ ۽ ڪارڪن جا باغ ۽ زرعي زمين آهي، جيڪا (ملڪيت) سندس زر خريد آهي." (3)

ميرڪ عبدالاول جي باري ۾ سنڌ جي مشهور تذڪره نگار - مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ پنهنجي ڪتاب "تحفة الڪرام" ۾ تذڪرو بيان ڪيو آهي. ليڪن، مير "قانع" ٺٽويءَ ميرڪ عبدالاول کي "ميرڪ محمد اول" جي نالي سان ڄاڻايو آهي، جو ڪنهن به طرح درست نه آهي. مير "قانع" ٺٽويءَ جنهن ميرڪ محمد اول جي نالي سان احوال ڏنو آهي، اهو ميرڪ عبدالاول سمجهڻ گهرجي. مير "قانع" ٺٽوي سندس باري ۾ لکي ٿو:

> "ميرڪ عبدالباقي کان پوءِ ميرڪ محمد اول (ميرڪ عبد الاول) باقي رهيو، جنهن حياتيءَ جا ڏينهن ڪماليت جي صاحبن وانگيان مکيه ۽ مشهور ماڻهن جي نموني تي گذاريا." (4)

سياست ۾ عمل دخل

ميرڪ سيد عبدالاول پنهنجي وقت جو هڪ وڏو داناءُ ۽ سياسي معاملن ۾ وڏي ڄاڻ رکندڙ هو. مير صاحب جو مغل بادشاهن - جهڙوڪ: شاهجهان ۽

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

اورنگزيب جي دور حڪومت ۾، وقت جي وڏن ماڻهن، اميرن ۽ اڪابرن ۾ شمار ٿيندو هو. ”تواريخ نوابين بکر“ خواهه سندس خانداني شجرن جي مطالعي مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته مير صاحب جو وقت جي بکر سرڪار جي گورنرن وٽ وڏو اثر رسوخ هو ۽ سندس هر راءِ ۽ فيصلي کي عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. ميان بيگ محمد ”نامي“ جو قول آهي ته، مرزا محمد زمان بيگ سن ١٠٥٠هه/١٦٤٠ع کان ١٠٥٣هه/١٦٤٣ع تائين بکر جو فوجدار هو. هو شهزادي مراد بخش جو خاص ملازم هو. هن بکر جي سميجا قوم جي شورشن ۽ بغاوتن کي سختيءَ سان بند ڪيو. ڪجهه وقت سيوستان جي حڪومت به سندس هٿ هيٺ هئي. انهيءَ گورنر جي دور ۾، بلوچ قوم جي هڪ شخص - علي دگرانيءَ قتل ڪيو. مذڪور گورنر هن کي گرفتار ڪرائي، بکر جي قلعي ۾ اچي بند ڪيو هو. ميرڪ سيد عبدالاول انهيءَ شخص جو ضامن پيو ۽ ڪيس آزاد ڪرائي ڳوٺ اماڻيائين. (5)

ميان شاهل محمد ڪلهوڙي پاران ٿيا ڪرُ

سن ١٠٦٦هه/١٦٥٦ع جي آخر ڌاري شيخ احمد کي مغل دربار طرفان بکر جو فوجدار مقرر ڪيو ويو. هن ١٠٦٦هه جي شروع ۾ بکر پهچي حڪومت جي واڳ سنڀالي. شيخ احمد کان اڳ ۾ بکر جي فوجدار - خواجه عبدالواحد کي ميان شاهل محمد ڪلهوڙي شڪست ڏني هئي. شيخ احمد ڪانئس بدلي وٺڻ لاءِ هر طرح ڪوشان رهيو. پاڻ نهايت ئي مدبر ۽ سياسي شطرنج جو ماهر هو. ساڳئي وقت سخت طبع ۽ جابر پڻ هو. شيخ احمد هن کان اڳ به بکر جو فوجدار رهي چڪو هو. تنهنڪري ڪيس هن علائقي جي سياسي حالتن جي پوريءَ طرح خبر هئي. شيخ احمد هڪ فيصله ڪن جنگ لاءِ تياري ڪئي. ميان بيگ محمد ”نامي“ جي قول مطابق - شيخ احمد چانڊڪا پرڳڻي تي چڙهائي ڪري ”پوٻٽيءَ“ وٽ منزل ڪئي. ان وچ ۾ سيادت پناهه - مير عبدالاول به شاهه علي فقير (ميان شاهل محمد ڪلهوڙي) کي شيخ احمد وٽ ملاقات لاءِ وٺي ويو (6)

ميان بيگ محمد ”نامي“ اڳتي هلي، ميرڪ سيد عبدالاول جي وچ ۾ پوڻ ۽ ان جي اگري نتيجي متعلق لکي ٿو:

> ”سيد مير عبدالاول وچ ۾ پيو. قهر ۽ غضب هيٺ آيل شاهه علي فقير کي نواب شيخ احمد وٽ ملاقات لاءِ وٺي آيو. پورن ٻن ڏينهن جي انتظار کان پوءِ، مير عبدالاول - شاهه علي فقير کي شيخ احمد جي اڳيان پيش ڪيو. شاهه علي فقير جڏهن

www.facebook.com/musavisayed

نواب شيخ احمد سان ملاقات ڪري ٻاهر اچي رهيو هو، تہ عين ان وقت نواب شيخ احمد مٿس پٺيان تيز خنجر سان حملو ڪيو ۽ مسلسل وار ڪري کيس قتل ڪري وڌو. شاهہ علي فقير جو روح روحن جي مالڪ ڏانهن پرواز ڪري ويو. ان کان پوءِ نواب شيخ احمد سندس سسي ڌڙ کان ڌار ڪري، چوڌري تيرٿداس نالي هڪ شخص جي ذريعي دربار شاهيءَ ڏانهن ڏياري موڪلي." (7)

ميان بيگ محمد جي انهيءَ مٿئين احوال مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ميرڪ عبدالاول پنهنجي نيڪ نيتيءَ سان جنگ و جدل ۽ خون خرابي کي ختم ڪرڻ لاءِ ٽيا ڪڙ واري حيثيت قبول ڪئي هئي. ساڳئي وقت، اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ ميرڪ عبدالاول ايڏو تہ اثر رسوخ وارو ماڻهو هو، جو ٻنهي ڌرين سان سندس وڏا تعلقات قائم هئا.

نواب شيخ احمد بدنيتيءَ سان ميان شاهل ڪلهوڙي کي قتل ڪيو، جنهن مان ظاهراً ميرڪ عبدالاول جي شخصيت تي بہ حرف اچي ٿو. ليڪن، ميرڪ عبدالاول جي شخصيت، بزرگي ۽ خانداني روايتن کي ڏسي ايترو چئي سگهجي ٿو، تہ شاهہ صاحب جا انهيءَ سلسلي ۾ نواب شيخ احمد سان ڪي بہ لڪل منصوبا، ڳجها انجام ۽ اقرار نہ هئا. وڌيڪ دلين جو مالڪ الله تعالیٰ آهي. بهرحال، انهيءَ مٿئين ڏکوئيندڙ واقعي جي حوالي سان سيد صاحب جي ڪردار بابت ڪوبہ خيال دل ۾ آڻڻ نہ گهرجي.

اهڙيءَ طرح، ميرڪ عبدالاول پنهنجي دور ۾ ٻين بہ سياسي ڪمن ڪارين ۾ ڀهرو ورتو هوندو ۽ ڪارناما سرانجام ڏنا هوندا، پر تواريخ ۾ انهن جو ذڪر گهٽ آيو آهي.

شيخ الاسلام جو عهدو

ميرڪ عبدالاول جو "شيخ الاسلام" مقرر ٿيڻ جي باري ۾، مولائي شيدائي لکي ٿو:

> "ميرڪ عبد الباقيءَ جو پوٽو، (ميرڪ عبدالاول) سکر جو "شيخ الاسلام" ٿي گذريو آهي. نواب مير يعقوب رضويءَ ▲ جو همعصر هو." (8)

▲ نواب مير يعقوب علي خان رضويءَ جي باري ۾ ڏسو راقم جو ڪتاب - "تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي"، باب پهريون، ص ۱۱ کان ۷۳

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

مولائي شيدائيءَ پنهنجي انهيءَ مٿئين احوال ۾ ميرڪ عبدالاول کي سکر جو "شيخ الاسلام" ڪري ڄاڻايو آهي. اهو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي تہ مولائي شيدائيءَ اهو احوال ڪٿان ورتو آهي. البت، اسان جو گمان غالب آهي تہ ميرڪ عبدالاول پوري علائقي جو نہ، باقي سکر ۽ بکر شهرن ۽ ان جي پسگردائيءَ وارن علائقن جو "شيخ الاسلام" ٿي رهيو هوندو.

"ميرڪي سادات" جي خانداني قلمي مخطوطات جي مطالعي مان اهو معلوم ٿئي ٿو، تہ سن ١٠٥١ هہ/١٦٤١ع ۾ ميرڪ عبدالاول کي شاهجهان بادشاهہ - ديهہ "ڪڏهڙي" تعلقي روهڙي ۾ گذران لاءِ جاگير جي سند عطا ڪئي هئي. جيڪا پوءِ سندس حسن خدمت جي عيوض سن ١٠٧١هہ/١٦٦١ع ۾ اورنگزيب بحال ڪري، ان ۾ ڪجهہ اضافو ڪيو هو.

وفات

ميرڪ عبدالاول ٢٧ صفر المظفر ١٠٩٣هہ/٧ مارچ ١٦٨٢ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. سندس مزار - ميرڪ عبد الباقي پوراني جي قبي جي ٻاهران مهاڙيءَ واري دروازي لڳ، ساڄي پاسي ڪان پهرئين نمبر تي هئي. هن وقت زماني جي بي التفاتيءَ سبب اها منهدم ٿي ويئي آهي ۽ ان جو ڪو بہ نشان ڪونہ ٿو ملي.

ميرڪ عبدالاول جي وفات جي موقعي تي ان دور جي شاعرن جيڪي ماده تاريخون وضع ڪيون آهن، اهي هتي ڏجن ٿيون:

ميـــــر عبـــــدالاول عـــــالي نســـــب،
ڪـــوه حلـــم وڪـــان جـــود و بحـــر فيـــض.
ســـوي رضـــوان رفـــت ســـال فوت او،
فـــي البديهہ گفـــت هـــاتف "ابرفيـــض" (9)

١٠٩٣ هہ

ايضاً

چـــو ميـــر از جهـــان ســـوي رضـــوان رســـيد،
در آمـــد بجنـــت بريـــن پـــاي او.
چـــو تـــاريخ فوتـــش بجســـتم زعقـــل،
بگفـــت "برضـــوان بـــود جـــائي او". (10)

١٠٩٣هہ

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ایضاً

بیست هفتم ز صفر ماه هلالي بي قیل،
دوهزار و نود و سه سال شمار.
سوئي فردوس برین ماواي نمود،
رحمتش باد دمادم ز خدائي غفار. (11)

انهن مٿين ماده تاريخن مان ميرڪ عبدالاول جي شخصيت ۽ سندس قدر ۽ منزلت جو پتو پوي ٿو.

دراصل، ميرڪ عبدالاول پنهنجي سر پاڻ شاعر ڪونه هو، بلڪ شعر و شاعريءَ سان سندس ڏاڍو دلي لڳاءُ هو. وقت جا وڏا وڏا شاعر سندس مجلس جي زينت هوندا هئا. پاڻ انهن جي تمام گهڻي قدر شناسي ڪندو هو ۽ انهن کي ڏاڍو نوازيندو هو. سندس انهيءَ قدر شناسيءَ، سخاوت ۽ دريا دليءَ جي ڪري وقت جي ڪيترن وڏن شاعرن سندس شان ۾ طويل مداحيہ نظم لکيا آهن. ميرڪ مرتضيٰ پنهنجي ڪتاب "شجره سادات پورانيءَ" ۾ ڪافي اهڙا نظم ڏنا آهن. هڪ قصيدي ۾، مير صاحب جي حسب نسب ۽ پراڻن ماڳن ۽ مڪانن جو ڪافي وضاحت سان ذڪر ڪيو ويو آهي :

سید موسوي ومقبل و موصوف بحسن،
مثل او باقي کم ماند درین دیر سه چار.
میر محبوب خداوند محمد باقي،
اکرم و امجد و دانا و ولي و سردار.
آمده از بلده پوران ز مضافات هرات،
در بهکر جاي گرفته به امان عیش و قرار.
مدتي بود درین ملک به اعزاز و اکرام،
رفت این عالم فاني بسوئي دار قرار.
پس ازان میر ستوده صفت و مظهر لطف،
میر عبدالله آن عالي نسب ونیک تبار.
بود دربندگي وطاعت این بیچون،
راه در روضه رضوان بگرفت آخرکار.
خلفش نامور و نان ده و بحر سخا،
بنده اول و ان خاصه خاصا دیندار.
حاتم از سفره احسانش یکي باورچي،
خلق از خوان نعمش سال و مه شکر گزار. (12)

musavi@hotmail.com سید جواد حسین شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ عبدالاول جي سموري زندگي - اميراڻي طور طريقي ۽ سياسي چيڙين ۽ نبيرين ۾ گذري، تنهنڪري تصنيف ۽ تاليف ڏانهن سندس توجهه گهٽ رهيو. ان هوندي به جيئن ته علم سندس خانداني ورثو هو. ان ڪري وٽس هڪ نادرالوجود ڪتب خانو موجود هو ۽ پنهنجيءَ فرصت جو وقت ڪتابن جي مطالعي ۾ گذاريندو هو. ۽ ڪڏهن ڪڏهن تصنيف ۽ تاليف ڏانهن به توجهه ڏيندو هو. جيتوڻيڪ ميرڪ مرتضيٰ سندس تصنيف ۽ تاليف جو ڪو مفصل ذڪر نه ڪيو آهي، پر ان هوندي به شيخ طاهر جي حوالي سان مير صاحب لاءِ "محتاط نويس محقق" ۽ "هيچ تحريرش نباشد غير واقع ڪا الخياط" جا جملا ڪتب آندا اٿائين. (13)

آثار

ميرڪ عبدالاول پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪهڙا تعميراتي ڪم ڪرايا، تنهن بابت ڪوبه سربستو احوال ڪو نه ٿو ملي. البت، ميرڪ مرتضيٰ پنهنجي ڪتاب "شجره سادات پوراني" ۾ هڪ عمارت جي نهي راس ٿيڻ جي قطعه تاريخ ڏني آهي، جا ميرڪ عبدالاول تعمير ڪرائي هئي. مذڪوره عمارت ١٠٤٨هه ۾ جڙي راس ٿي. ميرڪ مرتضيٰ ان عمارت جي محل وقوع جي باري ۾ خاموش آهي. قطعه تاريخ هن ريت آهي.

جهان عز و شرف مير عبدالاول گنه،
سعادت ابدي شه بنام او منزل.
گزيده جوهر فطرت محيط دانش جود،
يگانه گوهر از احفاد سيد مرسل.
بنا نمود محل جهان نما که بود،
خرد بچشم جهان بين ز ديدنش اصول.
زهي خجسته عمارت که بهر کسب شرف،
کند بخاک حريمش ز شوق سجده زحل.
درون پر ازهمه انوار فيض و مايه عيش،
برون رعايت شفافي آفتاب مثل.
تمام شد چو بخير از جلوس شاهجهان،
ده و دو سال بداند زجهان يعقد عمل.
ز سال هجريم از غيب هاتفم فرمود،

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

رقـــم نمـــا "طرب افـــزا عمارت اول" (14).

١٠٤٨ ھ

ساڳئي عمارت متعلق - هڪ ٻي ٻہ قطعہ تاريخ ملي ٿي، جا هن طرح آهي:

آن ميـــر جهانيـــان جهـــان صـــدر،
ڪـــاند اخـــت بنـــا بقايـــہ نذرت.
ز آن روڪـــہ محـــل عشرت افزاســـت،
تـــاريخ شـــدش "محـــل عشرت". (15)

١٠٤٨ھ

اهل ۽ عيال

ميرڪ عبدالاول - سيد حسين بن عبد الله ترمذيءَ جي نياڻيءَ بيبي شاهہ بيگم سان شادي ڪئي. هن بيبي سڳوريءَ ڀهرئين صفر المظفر سن ١١٠٠ھ/ ٢٥ نومبر ١٦٨٨ع تي رحلت ڪئي. سندس وفات جي ماده تاريخ هن ريت آهي:

شـــاهہ بيگـــم ڪـــان عصمـــت بهـــر جـــود،
ســـوي جنـــت رو نمـــوده درنقـــاب.
ســـال فوتـــش چـــون طلـــب ڪـــرده زعقـــل،
"بحرفيـــض" آمـــد بگفتـــا در جواب. (16)

١١٠٠ھ

ميرڪ عبدالاول کي انهيءَ گهرواريءَ مان ٽي پٽ - هر هڪ سيد محمد، سيد محمود، ۽ سيد تقي الدين محمد ٿيا، جي پنهنجي دور جي وڏن اڪابرن ۾ شمار ٿين ٿا.

لله الحمـــد ازيـــن ڪـــان گرامـــي ســـہ گـــهر،
مـــاند بـــاقي بجهـــان هريـــڪ دُرشـــهوار.
هر ســـہ چـــون شمـــس وقمـــر مشـــتري تابـــان نـــور،
هـــر ســـہ بـــارانِ ڪـــرم بحـــرِ عطـــا معـــدنِ ڪـــار.

انهن ٽنهي فرزندن جو اڳتي هلي، الڳ الڳ تذڪرو بيان ڪيو ويندو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حوالا

(1) سيد مرتضيٰ ميرڪ: "شجره سادات پوراني" (قلمي فارسي) ، ص ٩٥

(2) ايضاً ، ص ٦٢ – ١٦١

(3) "نامي" بيگ محمد. "تواريخ نوابين بکر" (قلمي فارسي)، ص ١٥٤

(4) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام" (سنڌي)، ص ٣٢٨

(5) ڏسو حوالو نمبر (3)، ص ٣٤ – ١٣٣

(6) ايضاً ، ص ١٣٩

(7) ايضاً

(8) مولائي شيدائي: "تاريخ سکر"، ص ٣٨٣

(9) سيد مرتضيٰ ميرڪ: "شجره سادات پوراني" (قلمي فارسي)، ص ١٦٢

(10) ايضاً ، ص ١٢٦

(11) ايضاً ، ص ١٢٩

(12) ايضاً ، ص ١٢٨

(13) ايضاً ، ص ١٦٢

(14) ايضاً ، ص ٦٧ - ١٦٦

(15) ايضاً ص ١٦٧

(16) ايضاً ، ص ١٦٧

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ سيد محمد بن ميرڪ عبدالاول پوراني

ميرڪ سيد محمد - ميرڪ سيد عبدالاول جو وڏو فرزند هو. مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ پنهنجي ڪتاب" تحفة الڪرام" ۾ هن بزرگ جو نالو "محمد افضل" ڪري ڄاڻايو آهي، (1) جو بلڪل غلط آهي. "ميرڪي سادات" جي خانداني شجري مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته هن بزرگ جو نالو محمد افضل نه، پر سيد محمد هو. ساڳئي وقت، مير "قانع" ٺٽويءَ - سيد محمد لاءِ هڪ ٻي به غلطي ڪئي آهي. ڪيس ميرڪ سيد عبدالاول جو ٻيو نمبر فرزند ڪري ڄاڻايو آهي، حالانڪ سيد محمد - ميرڪ سيد عبدالاول جو وڏو پٽ هو. مير "قانع" ٺٽويءَ هن سيد سڳوري جي باري ۾، ان کان وڌيڪ ٻيو ڪوبه ذڪر نه ڪيو آهي.

ميرڪ مرتضيٰ پنهنجي خانداني شجري ۾، ميرڪ سيد محمد جي ولادت جي باري ۾ لکي ٿو:

> "سيد محمد ١٧ ربيع الثاني ١٠٥٠هه/ ٦ جولاءِ ١٦٤٠ع تي سيد عبدالاول جي حاويليءَ ۾ ڄائو. ان زماني ۾ مغل سرڪار طرفان مير سيد چاون - بکر جو فوجدار هو. انهن ئي ڏينهن ۾ ايتري ته برسات پئي، جو هڪ مهيني تائين سج نظر نه آيو.- "درين ايام باران چنان بود ڪه يڪ ماه آفتاب نمودار نشده بود."(2)

ميرڪ سيد محمد جي زندگيءَ جي حالات جي باري ۾ اهو وڌيڪ معلوم ٿي نه سگهيو آهي، ته هن شاهجاني دور ۾ پنهنجي زندگيءَ جون ابتدائي منزلون ڪيئن طي ڪيون، ۽ عالمگير جي دور ۾ ملازمت دوران پاڻ ڪهڙن اعليٰ منصبن تي فائز رهيو! ميرڪ سيد محمد سن ١١١٨هه/١٧٠٦ع ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي.

ميرڪ سيد محمد - ٺٽي جي "ميرڪي سادات" مان شادي ڪئي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سندس گهرواري بيبي لاڏلي بيگم - ميرڪ سيد احمد بن عبدالرحيم بن عبدالرحمان بن ميرڪ محمود جي نياڻي هئي. هن گهرواريءَ مان ڪيس ٽي پٽ تولد ٿيا، جي ننڍي هوندي ئي فوت ٿي ويا. ان ڪان پوءِ، ترت ئي سندس اها گهرواري بہ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري وئي.

ميرڪ سيد محمد جي ٻي شادي - پنهنجي چاچي جي ڌيءَ درويش بيگم بنت ميرڪ عبدالعظيم سان ٿي. هن گهر مان ڪيس بہ فرزند ٿيا، هر هڪ سيد احمد ۽ سيد علي. مير صاحب جي انهيءَ گهرواريءَ سن ١١١٥هه/١٧٠٣ع ۾ عالمگير جي دور ۾ رحلت ڪئي.

حوالا

(1) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: " تحفة الڪرام" (سنڌي)، ص ٣٢٨

(2) سيد مرتضيٰ ميرڪ: "شجره سادات پوراڻي" (قلمي فارسي)، ص ٦٩ - ١٦٨

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ سيد محمود بن ميرڪ عبدالاول پوراڻي

ميرڪ سيد محمود - ميرڪ سيد عبدالاول جو ٻيو نمبر فرزند هو. سندس ولادت ٢٢ شعبان المعظم ١٠٥١هه/ ٢٦ نومبر ١٦٤١ع تي ٿي. ميرڪ محمود جي ابتدائي زندگيءَ جو مفصل احوال، سندس خانداني تذڪرن خواه ٻين ڪتابن مان ڪونہ ٿو ملي. ساڳئي وقت، سندس تعليم ۽ تربيت جي باري ۾ بہ ڪجهہ معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. ميرڪ محمود جي باري ۾ جيڪي ڪجهہ احوال مبهم نموني ۾ اسان تائين پهتو آهي، اهو سندس لائق ۽ فائق فرزند - ميرڪ مرتضيٰ پنهنجي خانداني شجري ۾ ڏنو آهي. "شجره سادات پوراڻي" جي مطالعي مان اهو معلوم ٿئي ٿو، تہ اورنگزيب جي دور حڪومت ۾ ميرڪ سيد محمود جو مغليا حڪومت جي منصبدارن ۾ شمار ٿيندو هو. ميرڪ مرتضيٰ جي بيان مان اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ ميرڪ محمود پنهنجي اباڻي وطن سنڌ مان ڪجهہ وقت شاهجهان آباد ۾ وڃي رهيو هو. (1) البت، اهو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي تہ پاڻ شاهجهان آباد ۾ ڇو وڃي رهيو هو ۽ ڪهڙي اهم منصب تي فائز هو! ليڪن، اهو گمان قوي ٿئي ٿو تہ ميرڪ محمود ضرور ڪنهن اهم ملڪي مهم جي سلسلي ۾ شاهجهان آباد ويو هوندو، يا ڪنهن اعليٰ منصب تي سرفراز رهيو هوندو!

ميرڪ مرتضيٰ - اڳتي هلي لکي ٿو:

> "شاهجهان آباد ۾ قيام واري عرصي ۾، سيد محمود تاريخ ٢٧ ربيع الثاني ١٠٨٤هه/ ١١ آگسٽ ١٦٧٣ع تي مخدوم ميان محمد وارث ▲ جي معرفت، بيبي خوشحالي بيگم بنت سيادت پناه مير عبدالرحيم بن مير ڪامران گيلانيءَ سان عقد ڪيو."(2)

ميرڪ مرتضيٰ جي انهيءَ مٿئين احوال مان اهو معلوم ڪونہ ٿو ٿئي،

▲ ڏسو "تعليقات"

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

تہ پاڻ پنهنجي اباڻي وطن سکر مان ڪڏهن شاهجهان آباد لاءِ اُسهيو. البت، سندس جنم خواه شاديءَ جي سال جي حساب مان اهو ظاهر ٿئي ٿو، تہ ميرڪ محمود جي ان وقت عمر ٽيٽيهہ ورهيہ هئي.

ميرڪ محمود ٢٥ صفر المظفر ١٠٨٥هہ / ٣١ مئي ١٦٧٤ع تي لاهور ۾ "صاحبِ عالم" جي منصب تي فائز ڏسجي ٿو. (3) ان مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، تہ پاڻ شاهجهان آباد ۾ صرف هڪ سال رهيو ۽ پوءِ ڪيس جلد ئي عالمگيري دربار مان لاهور ۾ مذڪور منصب تي فائز ڪيو ويو.

"صاحبِ عالم" واري منصب کان پوءِ، پاڻ پهرئين رجب المرجب ١٠٨٦هہ / ٢١ سيپٽمبر ١٦٧٥ع تي "خورجہ" پرڳڻي تي "امينيءَ" جي عهدي تي مقرر ٿيو. (4) مير صاحب پورن چوڏهن مهينن کان پوءِ، ٧ شعبان المعظم ١٠٨٧هہ / ١٥ آڪٽوبر ١٦٧٦ع تي "خورجہ" پرڳڻي واري ان عهدي تان استعفا ڏئي، راعيات عالمي شاه عالم سان گڏجي ڪابل طرف روانو ٿي ويو. (5) ميرڪ مرتضيٰ اهو واضح نہ ڪيو آهي تہ مير صاحب "امينيءَ" جي عهدي تان استعفا ڇو ڏني ۽ ڪابل طرف ڪهڙي مهم جي سلسلي ۾ روانو ٿيو هو.

ميرڪ محمود جي باري ۾، ميرڪ مرتضيٰ وڌيڪ لکي ٿو تہ ڪابل ۾ هڪ سال رهڻ کان پوءِ، پاڻ ٧ رجب المرجب ١٠٨٨هہ / ٥ سيپٽمبر ١٦٧٧ع تي هندوستان موٽي آيو. (6) مير صاحب - هندوستان واپس اچڻ کان پوءِ ڪٿي رهيو ۽ سندس ڪهڙي مشغولي رهي؟ ان باري ۾ بلڪل خاموشي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. بهرحال، هندوستان واپس اچڻ کان پوءِ، پاڻ ١٠ رمضان المبارڪ ١٠٨٩هہ / ٢٦ آڪٽوبر ١٦٧٨ع تي وري راعيات عالمي شاه عالم سان گڏ دکن طرف ويل ڏسجي ٿو. (7)

ميرڪ مرتضيٰ جو قول آهي، تہ مير صاحب ١١ محرم الحرام ١٠٩٢هہ / ٣١ جنوري ١٦٨١ع تي اجمير جي ملازمت تان استعفا ڏني. (8) "شجره سادات پوراڻي" جي اڀياس مان اها خبر ڪانہ ٿي پوي تہ مير صاحب اجمير جي ملازمت تي ڪڏهن فائز ٿيو، ۽ دکن طرف وڃڻ کان پوءِ اٽڪل ڇهن سالن جو عرصو ڪهڙي مشغوليءَ ۾ گذاريائين! البت، "شجره سادات پوراڻي" مان اهو پتو پوي ٿو تہ ميرڪ محمود - اجمير واريءَ ملازمت کان اڳ ٿي، شاهجهان آباد ۾ اچي رهيو. (9)

"شجره سادات پوراڻي" جو صاحب - ميرڪ مرتضيٰ - جيئن تہ ميرڪ

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد محمود جو فرزند هو. تنهنڪري جيڪڏهن پاڻ پنهنجي والد جي ملڪي ۽ سياسي ڪارنامن متعلق مفصل احوال ڏئي ها، تہ هوند سنڌ جي هن عظيم مدبر ۽ اڪابر جي سياسي بصيرت جي باري ۾ ڪا راءِ قائم ڪري سگهجي ها!

"شجره سادات پوراڻي" جي مطالعي مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ميرڪ محمود جيتوڻيڪ الڳ الڳ شهرن ۾ مختلف منصبن تي فائز رهيو هو، ليڪن سندس دائمي رهائش شاهجهان آباد ۾ ئي هئي. اهو بہ گمان غالب آهي تہ سندس مٿيءَ پنوڙو بہ شاهجهان آباد ۾ ئي ٿيو هوندو!

ميرڪ محمود جي وفات جي تاريخ، سندس فرزند - ميرڪ مرتضيٰ پنهنجي تاليف ڪيل خانداني شجري ۾، ۱۹ ذوالقعد ۱۰۹۷هہ / ۷ آڪٽوبر ۱۶۸۶ع ڄاڻائي آهي. ميرڪ مرتضيٰ اها تاريخ نہ صرف هڪ هنڌ بيان ڪئي آهي، پر ٻيءَ جاءِ تي بہ ورجائي آهي. پاڻ لکي ٿو:

"سندس والد بزرگوار - سيد محمود ۱۹ ذوالقعد ۱۰۹۷هہ تي ٻپهريءَ وقت هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. ان وقت بکر جو فوجدار - راجا مريد خان هو. نقل نوشتہ ملا يوسف. ⓿" (10)

انهيءَ ساڳئي سلسلي ۾، جڏهن سيد غلام حيدر شاه واري خانداني شجري جو مطالعو ڪجي ٿو، تہ ميرڪ محمود جي وفات جو سن ۱۱۰۹هہ / ۱۶۹۷ع معلوم ٿئي ٿو. (11) شاه صاحب - اهو مذڪور سن سيد الله ڏني شاه جي مرتب ڪيل شجري تان نقل ڪيو آهي. اهو يقين سان چئي نہ ٿو سگهجي تہ سيد الله ڏني شاه - انهيءَ بيان ڪيل سن جي متعلق ڪو حوالو وغيره ڏنو آهي يا نہ، ڇاڪاڻ تہ اهو مؤخرالذڪر شجرو اسان جي دسترس هيٺ نہ آهي. البت، سيد غلام حيدر شاه جي ان مذڪور سن ۽ ميرڪ مرتضيٰ جي بيان ڪيل تاريخ ۾ تضاد ڏسڻ ۾ اچي ٿو. بهرحال، جيئن تہ ميرڪ مرتضيٰ - ميرڪ محمود جو فرزند هو، انهيءَ لحاظ کان سندس والد جي متي ڄاڻايل وفات جي تاريخ وڌيڪ صحيح ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

اولاد

ميرڪ محمود کي بيبي خوشحالي بيگم جي بطن مان هيٺيون اولاد ٿيو:

⓿ ملا يوسف ڪير هو ۽ ڪٿان جو بزرگ هو، انهيءَ بنسبت ميرڪ مرتضيٰ خاموش ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

1 . ميرڪ محمد معظم: هيءُ پهرئين ربيع الثاني ١٠٨٥هه/٥ جولاءِ ١٦٧٤ع تي لاهور ۾ ڄائو. ٢ شعبان المعظم ١١٤٦هه/٨ جنوري ١٧٣٤ع تي شاهجهان آباد ۾ رحلت ڪيائين ۽ اتي ئي دفن ٿيو. (12) ميرڪ مرتضيٰ اهو نہ ڄاڻايو آهي تہ سندس ياءُ - ميرڪ محمد معظم پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ شاهجهان آباد ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي هئي، يا پاڻ ڪنهن سرڪاري منصب جي سلسلي ۾ اتي رهيل هو.

2. تاج النساءِ بيگم: ١٤ جمادي الاول ١٠٨٧هه/٢٥ جولاءِ ١٦٧٦ع تي ”خورجہ“ ۾ تولد ٿي. (13)

3 . ميرڪ مصطفيٰ: سندس ولادت ٤ صفر المظفر ١٠٨٨هه/٨ اپريل ١٦٧٧ع تي ٿي. هن ٢٧ ذوالحج ١١٥٨هه/٢٠ ڊسمبر ١٧٤٥ع تي وفات ڪئي. (14)

4 . ميرڪ عبدالاول (ثاني): ”شجره سادات پوراني“ ۾ اچي ٿو، تہ ميرڪ محمود کي ميرڪ عبدالاول (ثاني) نالي هڪ پٽ هو. جنهن تي پنهنجي والد جو نالو رکيو هئائين. هن ربيع الاول ١١٤٠هه/١٧٢٧ع ۾ شاهجهان آباد ۾ وفات ڪئي. (15)

ميرڪ عبدالاول (ثاني) جي متعلق – ”شجره سادات پوراني“ مان اهو بہ واضح ٿئي ٿو تہ پاڻ فارسي زبان جو شاعر پڻ هو. ميرڪ مرتضيٰ پنهنجي مرتب ڪيل شجري ۾ سندس هڪ فارسي قصيدي کي نقل ڪيو آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي خاندان ۽ آباءِ و اجداد جو ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ قصيدي ۾ ٦٣ شعر ڏنل آهن. هتي ان قصدي جي شروع ٿيڻ کان اڳ واري عبارت ۽ ان جو پهريون ۽ آخري بند ڏجي ٿو، جنهن مان ميرڪ عبدالاول (ثاني) جي شاعرانہ صلاحيتن جو بخوبيءَ پتو پوي ٿو:

”قصيده در مدح اسلاف و اخلاق غريق بحار رحمت رحماني المستفيض من مواهب الملڪ السبحاني مير عبدالاول افاض الله عليہ بحال رحمتہ والعفوان و حجل مسڪنہ و منازلہ طي دارالجنان و تاريخ مال ان يگانہ مستعال.

....

حمد بيحد بخداوند ڪريم و ستار،

خالق و رزاق وهاب و جليل و جبار.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

....

منبع حلم و حياي مجمع فيض مکرم،
مصدر نور زمان و مهر، " (16)

5. ميرڪ محمد اعظم: ميرڪ مرتضيٰ جو قول آهي، ته هن ٢١ رمضان المبارڪ ١١٤٦هه/ ٢٥ فيبروري ١٧٣٤ع تي پنهنجي اباڻي شهر بکر ۾ رحلت ڪئي ۽ هتي ئي مدفون ٿيو. (17) مير صاحب جي باري ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته ڪيس سندس والد پنهنجي اباڻي ملڪيت جي سنڀال سڙيءَ لاءِ بکر موڪليو هجي، ۽ انهيءَ دوران پاڻ بکر ۾ فوت ٿيو. هن کي ٽي فرزند ٿيا: ميرڪ محمد اڪرم، ميرڪ محمد افضل ۽ ميرڪ محمد نعيم.

6 . ميرڪ محمد مرتضيٰ: هن جو احوال اڳتي بيان ڪيو ويندو.

حوالا

(1) سيد مرتضيٰ ميرڪ: "شجره سادات پوراني" (قلمي فارسي)، ص ١١٠
(2) ايضاً
(3) ايضاً
(4) ايضاً
(5) ايضاً
(6) ايضاً
(7) ايضاً
(8) ايضاً
(9) ايضاً
(10) ايضاً ، ص ١١١، ١٦٩
(11) ايضاً
(12) ايضاً ، ص ١١٠
(13) ايضاً
(14) ايضاً ، ص ١١١
(15) ايضاً ، ص ١١٠
(16) ايضاً، ص ١٢٧ کان ١٣٣
(17) ايضاً ، ص ١١١

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ سيد تقي الدين محمد بن ميرڪ عبدالاول پوراني

سيد تقي الدين محمد - ميرڪ عبد الاول جو ٽيون نمبر فرزند هو. پاڻ ١٧ ربيع الاول ١٠٦٢هه/٢٧ فيبروري ١٦٥٢ع تي تولد ٿيو. ان وقت ميرزا لعل بيگ - مغل سرڪار جي پاران بکر جو فوجدار هو. ميرڪ مرتضيٰ پنهنجي ڪتاب "شجره سادات پوراني" ۾، ميرڪ تقي الدين محمد جي باري ۾ لکي ٿو:

"سيد تقي الدين ميرڪ پنهنجي سموري حياتي پرهيزگاريءَ ۽ عبادت الاهيءَ ۾ گذاري. وڏو زاهد ۽ رياضت ۾ گذاريندڙ شخص هو. پاڻ پنهنجي وڏن وانگر حد درجي جو سخي ۽ درياهه دل انسان هو. سندس درياهه دليءَ ۽ سخاوت جي ڪري ئي ڪيس ان دور ۾ 'حاتم آخرِ زمان' جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هو." (1)

ميرڪ تقي الدين محمد درويشيءَ ۽ بزرگيءَ سان گڏ، وقت جي وڏن اثر رسوخ وارن ماڻهن سان به چڱي ڏيٺ ويٺ رکندڙ هو. پاڻ سير ۽ سفر جو به شوقين هو. سير سفر جي سلسلي ۾ ملتان به ويو هو. جتي پاڻ شادي ڪئي هئائين. ميرڪ تقي الدين محمد پهرئين شوال ١١٣٥هه/ ٥ جولاءِ ١٧٢٣ع تي فجر جي نماز وقت هن فاني جهان مان رحلت ڪئي . "والله يخلق مايشا" مان
١١٣٥ هه
سندس وفات جو سال نڪري ٿو. (2) ڪنهن شاعر - سندس وفات جي تاريخ هن ريت چئي آهي:

چون تقي الدين محمد زين جهان رحلت نمود،
حق تعالىٰ داد ويرا جاي در دار الخلود.
سيدي آلِ نبي تا بود در حال حيات،
صرف ڪرده عمر خود را در رڪوع و سجود.
سال تاريخ وفاتش را همي جستم ز عقل،
عقل گفتا فوت او را يوم عيد فطر بود. (3)
١١٣٥هه

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

اهل ۽ عيال

ميرڪ تقي الدين محمد جي پهرئين شادي - شيخ عنايت الله - منصبدار بکر • جي نياڻيءَ ثريا خانم (المتوفي: ۱۵ صفرالمظفر ۱۱۱۵هہ/۲۵ جون ۱۷۰۳ع) سان ٿي. ڪيس انهيءَ گهرواريءَ مان پنج پٽ ٿيا:

1. مير رضي الدين محمد: (المتوفي: ربيع الثاني ۱۱۳٤هہ/۱۷۲۲ع): هن کي ٻه پٽ - هر هڪ مير غلام عبدالقادر ۽ مير عبدالنبي (المتوفي: ۳ ربيع الاول ۱۱۳٤هہ) ٿيا. مير "قانع" ٺٽوي - غلام عبدالقادر جي باري ۾ لکي ٿو:

"هن سلسلي جي باغ جي گلن جو سردار آهي." (4)

مير غلام عبدالقادر جي وفات جي باري ۾ ڪو به پتو ڪونه ٿو پوي. البت، مير "قانع" ٺٽويءَ جي قول مان اهو ظاهر ٿئي ٿو، ته هيءُ سندس وقت ۾ حال حيات هو.

2 . مير غياث الدين محمد: هيءُ ميرڪ تقي الدين محمد جو ٻيو نمبر فرزند هو. "شجره سادات پوراني" جي صاحب جو قول آهي، ته مير غياث الدين محمد ۹ ربيع الاول ۱۱۳۵هہ/۱۸ ڊسمبر ۱۷۲۲ع تي فوت ٿيو. (5) مير غياث الدين محمد جي اولاد جي سلسلي ۾- مير "قانع" ٺٽويءَ ڪان ڀل ٿي آهي. پاڻ لکي ٿو:

"مير غياث الدين محمد ٻه ناليرا پٽ، سيني ڀائرن جا سرتاج، ڇڏيا: هڪڙو مير قوام الدين، ٻيو مير عرب شاهه، جو هاڻي بزرگن جي صورت ۾ بزرگيءَ ۽ شان جو علمبردار آهي" (6)

مير "قانع" ٺٽويءَ پنهنجي مٿئين بيان ۾، جن ٻن مذڪور بزرگن کي مير غياث الدين محمد جو اولاد ڪري ڄاڻايو آهي، اهي اصل ۾ مير رشيد الدين محمد بن ميرڪ تقي الدين محمد جا فرزند هئا. يعني اهي مير غياث

• شيخ عنايت الله - اورنگزيب جي دور ۾، بکر پرڳڻي ۾ منصبدار هو. ميرڪ مرتضيٰ "شجره سادات پوراني" ۾ لکي ٿو:

"شيخ عنايت الله منصبدار بادشاه عالمگير داشت برخدمات محال ساير از حضور پرنور منصوب شد در بکر آمده بود." (ص ۱۱۲)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

الدين محمد جا ياڻيا ٿيندا هئا.

3. مير رشيد الدين محمد: هن ٢٦ شوال المڪرم ١١٥٠هه/١٦فيبروري ١٧٣٨ع تي رحلت ڪئي. ڪيس قوام الدين محمد ۽ مير عرب شاهه نالي فرزند ٿيا، جن جو اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون.

مير قوام الدين محمد پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ چاليهه ورهيه زنده رهيو، ۽ سن ١١٩٠هه/١٧٧٦ع ۾ وفات ڪيائين. مير رشيد الدين محمد جو ٻيو فرزند - عرب شاهه - مير "قانع" ٺٽويءَ جو همعصر هو ۽ "تحفة الڪرام" جي لکڻ وقت حال حيات هو.

4. مير محمد ڪاظم: هن جي وفات جي تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي.

5. مير عزالدين محمد: هن بزرگ جي باري ۾ مير "قانع" ٺٽويءَ پنهنجي اختصار نويسيءَ واري عادت موجب صرف ايترو لکڻ تي اڪتفا ڪئي آهي ته:

> "بزرگيءَ جي شان ۽ شرافت جي قدم ۾ پنهنجي وقت ۾ ممتاز هو." (7)

"شجره سادات پوراڻي" وارو صاحب لکي ٿو، ته هيءُ مير علي شير بن مير بزرگ بن مير محمد معصوم بکريءَ جو نياٽو هو. (8) مير عزالدين محمد ٢٤ ربيع الثاني ١١٥٩هه/١٦ مئي ١٧٤٦ع تي وفات ڪئي.

سيد تقي الدين محمد جي ٻئي شادي - ملتان واري سفر دوران مير مرتضيٰ رضويءَ جي نياڻي - جتونساءِ بيگم سان ٿي. سيد صاحب جي اها گهرواري سن ١١٢٢هه/١٧١٠ع ۾ هڪ فرزند کي جنم ڏيڻ کان پوءِ، ان معصوم سميت هن فاني جهان مان رحلت ڪئي.

ميرڪ تقي الدين محمد سن ١١٣٣هه/١٧٢١ع ۾ ٽين شادي ڪئي. سندس انهيءَ گهرواريءَ جو نالو امرت بيگم هو. ڪيس انهيءَ گهر مان ثريا خانم نالي هڪ نياڻي ڄائي، جنهن جي شادي سن ١١٦٠هه/١٧٤٧ع ۾ مير محمد يعقوب بن مير مرتضيٰ رضوي سان ٿي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حوالا

(1) سيد مرتضيٰ ميرڪ: "شجره سادات پوراني" (قلمي فارسي)، ص ١١٢

(2) ايضاً، ص ١٦٩

(3) ايضاً، ص ١١٢

(4) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام" (سنڌي)، ص ٣٢٩

(5) ڏسو حوالو نمبر (1) ، ص ١١٤

(6) ڏسو حوالو نمبر (4)، ص ٣٢٨

(7) ايضاً، ص ٣٢٨

(8) ڏسو حوالو نمبر (1)، ص ١٠٣

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ سيد محمد مرتضيٰ

ميرڪ سيد محمد مرتضيٰ بن ميرڪ سيد محمود - "ميرڪي سادات" جي گهراڻي مان پنهنجي وقت جو وڏو عالم، شاعر ۽ مؤرخ ٿي گذريو آهي. سيد غلام حيدر شاهه واري "شجره سادات موسوي" (هيءُ نسخو - دراصل سيد الله ڏني شاهه جي مرتب ڪيل شجري جو اُتارو آهي.) ۾ ميرڪ مرتضيٰ جي ولادت جي تاريخ ٨ شعبان المعظم ١١٠٠هه/٢٨ مئي ١٦٨٩ع ڄاڻائي وئي آهي. (1) اسان جي خيال موجب - سيد الله ڏني شاهه - مير صاحب جي جنم جي تاريخ ڄاڻائڻ ۾ غلطي ڪئي آهي. ميرڪ مرتضيٰ جي مرتب ڪيل "شجره سادات پوراڻي" جي اڀياس مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ جتي پاڻ پنهنجي ڀائرن ۽ ڀينرن جي ولادت ۽ وفات جون تاريخون بيان ڪيون اٿائين، اتي خود پنهنجي ولادت جي تاريخ جي باري ۾ ڪجهہ بہ نہ ڄاڻايو اٿائين. انهيءَ ڪري سندس جنم جي تاريخ ۾ مونجهارو ٿي پيو آهي. ميرڪ مرتضيٰ پنهنجي وڏي ڀاءُ ميرڪ محمد معظم جي ڄم جو سن ١٠٨٥هه/ ١٦٧٤ع - پنهنجي ڀيڻ تاج النساءِ بيگم جي جنم جو سن ١٠٨٧هه/١٦٧٦ع ۽ ان کان پوءِ پنهنجي ڀاءُ - ميرڪ محمد مصطفيٰ جي پيدا ٿيڻ جو سن ١٠٨٨هه/١٦٧٧ع بيان ڪيا آهن. مير صاحب کي انهن ٽنهي ڀائرن ۽ هڪ ڀيڻ کان علاوه بہ ٻيا ڀائر - هر هڪ ميرڪ عبدالاول (ثاني) ۽ ميرڪ محمد اعظم نالي ٿيا، ۽ پاڻ پنهنجي سڀني ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ ننڍو هو. ساڳئي وقت، سندس والد - ميرڪ محمود جي وفات جي تاريخ ١٩ ذوالقعد ١٠٩٧هه/٧ آڪٽوبر ١٦٨٦ع ڄاڻائي وئي آهي. انهيءَ لحاظ کان اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ پاڻ سن ١١٠٠هه / ١٦٨٩ع ۾ ڄائو هوندو! جڏهن تہ سندس والد جي فوت ٿئي کي ٽي سال گذري چڪا هئا. اسان جڏهن ميرڪ مرتضيٰ جي ڀائرن ۽ ڀينرن جي ولادت جي تاريخن جو تجزيو ڪريون ٿا، تہ هر هڪ جي جنم وقت ۾ اٽڪل ٻن سالن جو عرصو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ ڪري، اسان جي گمان مطابق پاڻ اٽڪل ٩٥ - ١٠٩٤هه/٨٤ - ١٦٨٣ع ڌاري ڄائو هوندو.

ميرڪ مرتضيٰ جي ابتدائي زندگي ۽ تعليم ۽ تربيت جي باري ۾ ڪو بہ مستند احوال ڪونہ ٿو ملي. البت، سندس مرتب ڪيل "شجره سادات

www.facebook.com/musavisayed

پوراڻي" جي مطالعي مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ پاڻ عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن جو وڏو ڄاڻو هو. هن ٢ رمضان المبارڪ ١١٣٩هـ/٢٣ اپريل ١٧٢٧ع تي بيبي امير النساءِ بيگم بنت ميرڪ عبدالباقي (ثاني) بن ميرڪ عبدالعظيم سان شادي ڪئي. ڪيس انهيءَ گهر مان جيڪو اولاد ٿيو، اهو زنده رهي نہ سگهيو. ميرڪ مرتضيٰ ٢١ جمادي الاول ١١٦٢هـ/٩ مئي ١٧٤٩ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. (2)

ميرڪ سيد مرتضيٰ پنهنجي دور جو هڪ بلند پايي جو عالم هو. هن ضرور تصنيفات ۽ تاليفات جو ذخيرو ڇڏيو هوندو، پر اهو زماني جي دستبرد جو شڪار ٿي ويو. پاڻ اعليٰ درجي جو شاعر بہ هو. پنهنجي ڪلام جو بياض/ ديوان مرتب ڪيو هوندائين، پر اهو بہ هن وقت تائين دستياب ٿي نہ سگهيو آهي. مير صاحب جو صرف هڪ اهم تواريخي مسودو - "شجره سادات پوراڻي" جي نالي سان يادگار طور رهجي ويو آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي خاندان جو تفصيل سان احوال بيان ڪيو آهي. هن قلمي نسخي کي ڏسڻ کان پوءِ اهو معلوم ڪونہ ٿو ٿئي تہ ميرڪ مرتضيٰ هيءُ شجرو ڪڏهن لکي پورو ڪيو. البت، هن شجري جو مطالعو ڪندي، ڪن اهڃاڻن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ مير صاحب هيءُ تذڪرو - سن ١١٥٥هـ/١٧٤٢ع ڌاري يا ان کان ڪجهہ وقت اڳ ۾ تاليف ڪيو هوندو. ان کان پوءِ، پاڻ وقت بہ وقت منجهس واڌارا ۽ درستيون ڪندو رهيو ۽ اهو سلسلو سندس وفات تائين جاري رهيو.

ميرڪ مرتضيٰ - "شجره سادات پوراڻي" ۾، نہ صرف پنهنجي خاندان جو مفصل شجرو ڏنو آهي، پر ان سان گڏ پنهنجي دور جي ڪيترن ئي اهم تواريخي واقعن تي بہ مختصر روشني وڌي آهي. سندس خاندان مان جيڪي عالم، اديب، شاعر، خوش نويس ۽ سياسي بصيرت جا مالڪ ٿي گذريا آهن، تن جو احوال پڻ ڏنو اٿائين. مير صاحب ڪيترين ئي جاين تي فارسيءَ جا شعر ۽ تاريخي قطعا بہ ڏنا آهن، جن مان اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ پاڻ فارسي نثر سان گڏ نظم جي مذاق بہ رکندڙ هو. هن شجري ۾ صرف بکر جي "پوراڻي سادات" جو تفصيل سان احوال ڏنو ويو آهي، ۽ ان سان گڏ نئي جي "پوراڻي سادات" جو مختصر ذڪر بہ ڪيو ويو آهي. "شجره سادات پوراڻي" جي وڏي خصوصيت اها آهي، جو منجهس مير محمد معصوم بکريءَ جي پٽن، پوٽن ۽ پڙ پوٽن جا نالا، انهن جا ڪارناما ۽ سندن وفات جون تاريخون بہ بيان ٿيل آهن. ازانسواءِ، هن تذڪري ۾ وقت جي ٻين ڪيترن مشاهيرن ۽ مشائخن ۽ روهڙيءَ جي "رضوي سادات" جي جيد عالمن ۽ درويشن جي وفات جون

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

منظوم قطعہ تاريخون ڏنل آهن. ساڳئي وقت، سکر جي "خبوشاني سادات"، "بهاولي سادات"، "سيدزئي سادات" وغيره جو اجمالي ذڪر ۽ شجرا پڻ ڏنا ويا آهن. ميرڪ مرتضيٰ انهن احوالن سان گڏ - ان دور جي ڪن واسطيدار مغل گورنرن، فوجدارن ۽ عملدارن جو ذڪر ڪري، انهن ڪي نروار ڪيو آهي. ازانسواءِ، سندس مرتب ڪيل شجري ۾ ڪي اهڙيون دلچسپ تاريخون بہ نظر اچن ٿيون، جن مان ان دور جي ڪن اهم شخصيتن جي باري ۾ صحيح ڪردار جي خبر پوي ٿي. مثال طور، بکر جي حاڪم - سلطان محمود جي وفات جي تايخ - "بد بود ابن فاضل" وضع ڪئي وئي آهي، (3)جاسلطان محمود جي ظلمن ۽

٩٨٢ هـ

بد ڪردارين جي صحيح صورت پيش ڪري ٿي. جيتوڻيڪ ارغون ۽ ترخان امير - سندس خاندان جا مُربي ۽ سرپرست هئا، پر ميرڪ مرتضيٰ نهايت ئي بيباڪيءَ ۽ ايمانداريءَ سان سندس بدخصلتن کي مختصر لفظن ۾ محفوظ ڪيو آهي. مير محمد معصوم بکريءَ - سلطان محمود بکريءَ جي ظالمانہ ڪاروائين ۽ سورشن جو تہ ذڪر ڪيو آهي، پر سندس وفات جي تاريخ - "در بهشت آسود" مان ڪڍي آهي. (4) ان کان سواءِ، ميرڪ مرتضيٰ - سلطان محمود جي مقبري ٺهڻ جي تاريخ ٢٧ رجب المرجب ڏني آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ميرڪ مرتضيٰ ائين نہ ڪري ها، تہ هوند ان دور جي تواريخ جا ڪي واقعا - اونداهيءَ جي پردي ۾ ڍڪيل هجن ها!

"شجره سادات پوراني" جي قلمي نسخي کي غور سان ڏسڻ کان پوءِ، اهو اندازو ٿئي ٿو تہ هن قلمي نسخي کي هن پوئين دور جي ڪنهن صاحب - جلد بندي ڪرائيندي نهايت بي احتياطيءَ کان ڪم ورتو آهي، ۽ مواد جي لحاظ کان ان جا صفحا اڳتي پوئتي ٿي ويا آهن. ان ڪري شجري جي يڪسانيت ۾ فرق اچي ويو آهي. بهرحال، ان هوندي بہ هيءُ شجرو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ تواريخي حيثيت جو حامل آهي. هيءُ ڪتاب ٢٠٠ صفحن تي ڦهليل آهي. نهايت ئي عمدي فارسي خط نستعليق ۾ لکيل آهي، ۽ قلمي صورت ۾ سيد عاشق حسين شاه "عاشق" موسويءَ وٽ موجود آهي. راقم کي ان جي فوٽو ڪاپي - پنهنجي نوجوان ساٿي - انجنيئر سيد عبدالحسين موسويءَ جي ذريعي دستياب ٿي. (5)▲

▲ "شجره سادات پُوراني" متعلق - تازو ملڪ جي ناميارو عالم ۽ محقق - ڊاڪٽر انصار زاهد خان جو انگريزي زبان ۾ هڪ تحقيقي مقالو "Journal of the Pakistan Histroical Society", Karachi, Vol XLVIII No 4, oct-dec 2000 ۾ شايع ٿيو آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حوالا

(1) سيد غلام حيدر شاھ موسوي: "شجره سادات موسوي" (قلمي سنڌي)، ص ١٤

(2) ايضاً

(3) سيد مرتضيٰ ميرڪ: "شجره سادات پوراني" (قلمي فارسي)، ص ١٤٨

(4) مير محمد معصوم بکري: "تاريخ معصومي" (سنڌي)، ص ٢٨١

(5) ڏسو راقم جو مقالو - "سنڌ جي تواريخ جا ماخذ"، ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ، نمبر (1) سال ١٩٩٥ع

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ غلام حسين شاهه

ميرڪ غلام حسين شاهه ولد ميرڪ سعيد محمد - سڪر جي "ميرڪي سادات" مان هڪ وڏو جاگيردار ٿي گذريو آهي. سندس نسب جو سلسلو - ميرڪ عبدالباقي پورانيءَ سان هن ريت ملي ٿو:

> "ميرڪ غلام حسين بن ميرڪ سعيد محمد بن ميرڪ شمس الدين محمد بن ميرڪ قوام الدين محمد بن رشيد الدين محمد بن تقي الدين محمد بن عبدالاول بن محمد عبدالله بن عبد الباقي پوراني."

انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت ميرڪ غلام حسين شاهه ڪي ديهه سلطان پور، سنجري ۽ اميرآباد جي روينيو جو ١٢/١ حصو ملندو هو. وٽس خانداني اوائلي سَندن منجهان هڪ سَند - احمد شاهه درانيءَ جي طرفان ڏنل هئي. ان مذڪور سَند ۾ مير غلام حسين شاهه جي پڙڏاڏي - ميرڪ قوام الدين محمد ۽ تڙ ڏاڏي جي ڀاءُ - ميرڪ محمد ڪاظم جي نالن تي جاگيرداريءَ جو پروانو نڪتل هو. ان سَند جي جاري ٿيڻ جو سال ١٧٥٠ع هو. انهيءَ متئين سَند مطابق - "ميرڪي سادات" ڪي ان وقت اروڙ، ماٿيلي جتوئي ۽ سيد آباد ۾ ٻنيون ۽ باغ ورثي ۾ مليل هئا.

ميرڪ سيد غلام حسين شاهه وٽ جيڪي ٻيون سندون هيون، انهن جو تفصيل هن ريت آهي:

– ڪلهوڙن جي دور ۾، ميان محمد سرفراز ڪلهوڙي طرفان سيد قوام الدين محمد جي نالي پروانو جاري ٿيل هو، جنهن مطابق ديهه سلطان پور ۽ سنجري جو ٥/١ حصو سيد قوام الدين محمد ڪي ملندو رهندو هو.

– ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جو پروانو، مؤرخه ١٥ آڪٽوبر ١٧٧٧ع - سندس خاندان ڪي جاگيرطور مليل هو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

– ٽالپرن جي زماني ۾، مير سهراب خان جي سَند، مؤرخہ ٢٣ جنوري ١٧٩٨ع - شمس الدين محمد بن قوام الدين محمد جي نالي تي هئي.
انهيءَ مذڪور سَند موجب - خريف ١٢٠٧ھـ/١٧٩٣ع کان سلطان پور، سنجري ۽ امير آباد جي روينيو جو ١٢/١ حصو مير شمس الدين محمد کي ملندو.

– مير مبارڪ جي سند، مؤرخہ ٤ مئي ١٨٢٤ع - سيد غلام نبي (المتوفي: ١٢٥٠ھ/١٨٣٤ع) بن مير شمس الدين محمد جي نالي تي هئي.

– مير فضل محمد واري سَند - ميرڪ غلام حسين شاھ جي نالي تي جاري ڪيل هئي.(1)

ميرڪ غلام حسين شاھ ٧ رجب المرجب ١٢٨٠ھـ/ ١٨ ڊسمبر ١٨٦٣ع تي فوت ٿيو. ڪيس ٻہ فرزند - هر هڪ ميرڪ دوست علي شاھ (ولادت: ٣ صفر المظفر ١٢٤٠ھ /٢٧ سيپٽمبر ١٨٢٤ع – وفات: ٨ شوال المڪرم ١٣٠٢ھـ/ ٢١ جولاءِ ١٨٨٥ع) ۽ ميرڪ محمد شاھ (المتوفي ١٢٧٢ھ/ ١٨٦١ع) ٿيا.

حوالا

(1). "History of Elienation in the Province of Sindh", PP- 293

(2) سيد غلام حيدر شاھ موسوي: "شجره سادات موسوي" (قلمي سنڌي). ص ٣٥

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاھ موسوي

www.facebook.com/musavisayed

بيبي الله ٽڪائي

بيبي الله ٽڪائيءَ جي متعلق - سيد غلام حيدر شاھ موسوي پنهنجي مرتب ڪيل "شجره سادات موسوي" ۾ لکي ٿو، تہ هيءَ ميرڪ عرب شاھ (ولادت: ۱۱ صفر المظفر ۱۱۴۵ھ/۳/ آگسٽ ۱۷۳۲ع) بن ميرڪ رشيد الدين محمد بن تقي الدين محمد جي نياڻي هئي. ميرڪ عرب شاھ - ميرڪ محمد ڪاظم جي نياڻيءَ بقا بيگم سان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس ٻہ پٽ - ميرڪ علي محمد ۽ ميرڪ عبدالرسول ۽ هڪ نياڻي بيبي الله ٽڪائي تولد ٿيا:(1)

بيبي الله ٽڪائي هڪ سالڪ مجذوبہ عورت هئي. پاڻ پنهنجي دور جي نهايت ئي صالحہ، عابده ۽ صبر ۽ شڪر واري خاتون هئي. سنڌ جي صوفين جي سرتاج - حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ جي درگاھ جي سعادت مند مريدياڻي هئي. "شاھ جي رسالي" جي حافظ هئي ۽ رسالي جي بيتن جي فقيراڻي انداز ۾ شرح ڪندي هئي. سندس باري ۾ ڪيترين ئي خانداني حڪايتون ۽ روايتون ملن ٿيون. بيبي صاحبہ ظاهر ۾ عورت هئي، مگر الله تعاليٰ ڪيس مرد واري همت ۽ قوت عطا ڪئي هئي.

روايت آهي، تہ هر سال شاھ ڀٽائيءَ جي ميلي تي ويندڙ فقير ميرڪ عرب شاھ جي حاويليءَ ڪان ڪجهہ مفاصلي تي ناد وڄائيندا هئا، تہ بيبي صاحبہ مرداڻي ويس ۾، پڳ مٿي تي ڪري اچي فقيرن سان شامل ٿيندي هئي.

پاڻ اڪثر سمورو وقت عبادت الاهيءَ ۾ گذاريندي هئي. بيبي صاحبہ پنهنجي وقت جي "رابعہ ثاني" هئي. پاڻ وصيت ڪئي هئائين، تہ وفات ڪان پوءِ ڪيس ميرڪ عبدالباقيءَ جي قبي جي ٻاهران دفن ڪيو وڃي ۽ ٻہ تربتون - هڪ ڪچي ٻي پڪي ٺاهيون وڃن. بيبي صاحبہ جڏهن هن فاني جهان مان رحلت ڪئي، تہ ڪيس وصيت مطابق قبي جي ٻاهران دفن ڪيو ويو. مگر

www.facebook.com/musavisayed

سندس مزار جي اڄ تائين ڪنهن کي بہ صحيح خبر نہ آهي. حياتيءَ خواه مماتيءَ ۾ سندس ڪيترين ئي ڪرامتون مشهور آهن.

بيبي صاحبہ جي ميرڪ محمد شاهہ بن ميرڪ شمس الدين محمد سان شادي ٿي، جنهن مان ڪيس ڪو بہ اولاد ڪونہ ٿيو.(2)

حوالا

(1) ۽ (2) سيد غلام حيدر شاهہ موسوي: "شجره سادات موسوي" (قلمي سنڌي)، ص ٣٤ ۽ ٤٤

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ غلام علي شاهه ۽ سندس اولاد

ميرڪ غلام علي شاهه بن ميـرڪ عبدالرسول بن ميرڪ عرب شاهه بن ميرڪ رشيد الدين محمد بن ميرڪ تقي الدين محمد - "ميرڪي سادات" مان پنهنجي وقت جو وڏو جاگيردار ٿي گذريو آهي. مير صاحب ١٨ ربيع الثاني ١٢٢٢هه / ٢٥ جون ١٨٠٧ع تي جنم ورتو.(1) وقت جي حاڪمن طرفان کيس سکر (نئين ۽ پراڻي)، ٻندي، ڏاريجا، قادرپور، ڪڏهري، علي واهڻ، صرفي، نصيرآباد ۽ وتـار ۾ جـاگيرون مليـل هيـون.(2) وٽـس خانداني اوائلي سَـنَـدُن منجهان هڪ سَنَد - مغل بادشاهه شاهجهان جي طرفان مظفر خان جي هئي. انهيءَ سند ۾ ميـرڪ عبدالاول پورانيءَ جي نالي تـي جـاگيرداريءَ جـو پروانـو نڪتل هو. سَنَد جي جاري ٿيڻ جو سال ١٦٤١ع هو. جنهن مطابق ڪڏهري ڳوٺ کيس خلاصي تي ڏنو ويو هو. ٻي سَنَد - اورنگزيب عالمگير پاران عزت خان سن ١٦٦١ع ۾، ميرڪ عبدالاول جي نالي تي جاري ڪئي هئي.

ميرڪ غلام علي شاهه وٽ موجود ٻيون سَنَدُون هن ريت هيون:

– ڪلهوڙن جي دور ۾، ميـان محمد سرفراز ڪلهوڙي طرفـان ميرڪ قوام الدين محمـد ۽ ميرڪ شمس الدين محمد جي نالي پروانـو مؤرخه ١٩ آڪٽوبر ١٧٧٢ع تي جاري ٿيل هو.

– تـالپرن جي زمـاني ۾، ميـر سهراب خان جي سَنَد، مؤرخه ٥ مـارچ ١٧٩٢ع شمس الدين محمد جي نالي تي هئي.

– مير رستم خان جي سَنَد فيبروري ١٨٠١ع (3)

ميرڪ غلام علي شاهه ١٢ ربيع الثاني ١٢٨٢هه/ ٤ سيپٽمبر ١٨٦٥ع تي وفات ڪئي. (4)

ميرڪ غلام علي شاهه پنج شاديون ڪيون، جن مان کيس چار فرزند ٿيا: مير ڏتل شاهه، ميـر ذوالفقار علي شـاهه (ولادت: ٢٢ شعبان ١٢٥٦هـ / ١٩ آڪٽوبر ١٨٤٠ع – وفات: ١٤ ذوالقعد ١٣٠٢هـ /٢٥ آگسٽ ١٨٨٥) (5)، مير قادر بخش شاهه (ولادت: ١٢٥٨هه، /١٨٤٢ع) ۽ مير قلندر بخش شاهه.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

هتي مير ڏتل شاهه ۽ مير قلندر بخش شاهه جو احوال ڏجي ٿو:

مير ڏتل شاهه

مير ڏتل شاهه - ميرڪ غلام علي شاهه جو وڏو فرزند هو. سندس ولادت ٢٧ ربيع الاول ١٢٤٩هه/ ١٤ آگسٽ ١٨٣٣ع تي ٿي. (6) پاڻ مير علي مراد خان ٽالپر خيرپور واري جو همعصر هو. پنهنجي وقت جو دٻدٻي وارو شخص ٿي گذريو آهي. وٽس سواريءَ لاءِ هميشه عمدا گهوڙا موجود هوندا هئا. سکر شهر ۾ سندس ڪيتريون ئي جايون ۽ جڳهيون نهرايل هيون. سکر ضلعي جو وڏو حصو سندس ملڪيت ۾ هو.

مولائي شيدائي سندس متعلق - هڪ واقعو بيان ڪندي لکي ٿو ته ٩ محرم الحرام ١٣١٠هه/ ٣ آگسٽ ١٨٩٢ع تي مسلمانن تابوت ڪڍيو. جلوس سان سکر جو فوجدار گهوڙي تي چڙهيل ساڻ هو. ماتامين اعتراض ڪري فوجدار کي هيٺ لهڻ لاءِ چيو. پر هن انڪار ڪيو. آخرڪار، فوجدار کي گهوڙي تان هيٺ ڪيرائي، ڪيس خوب مار ڏني ويئي. انهيءَ هنگامي سببان مير ڏتل شاهه پنهنجي ساٿين سميت گرفتار ٿيو، ۽ ڪين حيدرآباد جي جيل ۾ رکيو ويو. مير صاحب جي پاءُ- مير قلندر بخش شاهه هڪ خط هزهائينيس مير عبدالحسين خان"سانگيءَ" ڏانهن لکي موڪليو. مير "سانگيءَ" - بمبئيءَ جي گورنر کي سفارش جو خط لکيو، ۽ مير صاحب آزاد ٿي سکر پهتو. (7)

مير ڏتل شاهه ان کان پوءِ، سکر جي مارڪيٽ پٽيان، وچ شهر ۾ پنهنجو اوتارو ٺاهي رهڻ لڳو. فقير جڳت علي سندس خدمت ۾ رهندو هو. شاهه صاحب ١٧ رمضان المبارڪ ١٣٢٢هه/ ٢٥ نومبر ١٩٠٤ع تي وفات ڪئي. ڪيس "ميرڪي سادات" جي اباڻي قبرستان ۾ مدفون ڪيو ويو. سندس قبر جو تعويذ ميناڪاري پٿر جو آهي، جنهن تي قرآني آيتون ۽ رباعيون لکيل آهن. (8) ڪنهن زماني ۾ مٿس ميلو پڻ لڳندو هو، پر هاڻي اها ميلي واري رسم قائم نه رهي آهي. البت، هن وقت اهو قبرستان سندس نالي پوٽنان سڏجڻ ۾ اچي ٿو.

مير قلندر بخش شاهه

مير قلندر بخش شاهه - ميرڪ غلام علي شاهه جو چوٿون نمبر فرزند هو. هن پنهنجي موروثي جاگير لاءِ، وقت جي انگريز حڪومت کي درخواست

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڪئي هئي، جنهن جي جواب ۾ ڪيپٽن مارسٽين - مير صاحب کي گذر سفر لاءِ هڪ سؤ جريب زمين ۽ شڪار ڪرڻ لاءِ هڪ اعليٰ قسم جي بندوق ڏني.
(9) سندس مزار "ڏتل شاھ جي مڪان" ۾ آهي. مزار تي ڪاشيءَ جو خستہ ڪتبو لڳل هو، جنهن تي سندس وفات جي تاريخ ٢ رجب المرجب ١٣٢٦ھ / ٣١ جولاءِ ١٩٠٨ع درج ٿيل هئي.

حوالا

(1) سيد غلام حيدر شاھ موسوي: "شجره سادات موسوي" (قلمي سنڌي)، ص ٤٤
(2) مولائي شيدائي: "تاريخ سکر"، ص ٣٨٤
(3) "History of Alienation in the Province of Sindh", PP 294
(4) ڏسو حوالو نمبر (1)، ص ٤٥
(5) ايضاً، ص ٤٩
(6) ايضاً، ص ٤٤
(7) ڏسو حوالو نمبر (2)، ص ٨٥ — ٣٨٤
(8) ايضاً، ص ٣٨٤
(9) ايضاً

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ شاهہ محمد شاهہ

سيد شاهہ محمد شاهہ عرف سيد سعيد خان - سکر جي ”ميرڪي سادات“ جي خاندان مان ٿي گذريو آهي. سندس والد جو نالو سيد احمد شاهہ (المتوفي: ١٢ رمضان المبارڪ ١٢٩٢هہ/ ١٢ آڪٽوبر ١٨٧٥ع) هو. سيد شاهہ محمد شاهہ سن ١٢٧٦هہ/ ١٨٥٩ع ۾ سکر ۾ تولد ٿيو.(1) سندس خاندان جي نسب جو سلسلو هن ريت آهي:

سيد شاهہ محمد شاهہ عرف سيد سعيد خان بن سيد احمد شاهہ بن سيد آندل شاهہ (المتوفي: ١٢٦٠هہ/ ١٨٤٤ع) بن سيد سعيد خان بن سيد قوام الدين محمد بن سيد رشيد الدين محمد بن ميرڪ تقي الدين محمد بن ميرڪ عبدالاول بن ميرڪ محمد عبدالله بن ميرڪ عبدالباقي پوراني.

سيد شاهہ محمد شاهہ جي ابتدائي زندگيءَ جو احوال پوريءَ طرح سان معلوم ٿي نہ سگهيو آهي، تہ پاڻ پنهنجي ابتدائي تعليم ڪٿي ۽ وقت جي ڪهڙن استادن کان حاصل ڪيائين! ازانسواءِ اهو پڻ معلوم ٿي نہ سگهيو آهي تہ سندس ذريعہ معاش ڇا هو؟ اهو سمورو احوال گمناميءَ جي ڪُن ۾ غرق ٿيل آهي. البت، سندس باري ۾ ڪن مستند خانداني روايتن مان اهو پتو پوي ٿو، تہ پاڻ ڪجهہ وقت ڪراچيءَ ۾ وڃي رهيو، جتي اثناعشري فرقي جي خوجن سان سندس محبت جو رستو استوار ٿيو. انهن جي ئي صحبت ۽ اثر جي ڪري پاڻ شيعت ڏانهن مائل ٿيو.(2) ان ڪان پوءِ، شاهہ صاحب ڪي انهيءَ سلسلي ۾ وڏيڪ علمي جستجوءَ جو جذبو پيدا ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح هن ڪافي مذهبي ڪتابن جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو. پاڻ وڏيڪ علمي ۽ مذهبي ڄاڻ حاصل

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڪرڻ جي ارادي سان نجف اشرف ويو، جتي مقدس مقامات جي زيارتن سان گڏ، اتان جي عالمن ۽ فقه جعفريہ جي ماهرن کان تعليم حاصل ڪيائين. (3) شاهہ صاحب - نجف اشرف ۾ ڪيترو وقت رهيو؟ ان باري ۾ پڻ يقين سان ڪجهہ چئي نٿو سگهجي.

سيد شاهہ محمد شاهہ نجف - اشرف ۾ قيام ڪان پوءِ، پنهنجي اباڻي وطن سکر موٽي آيو. سکر ۾ رهڻ ڪان پوءِ - "ميرڪي سادات" سندس مذهبي ڄاڻ ۽ مسلڪ ڪان واقف ٿي، شيعہ فرقو اختيار ڪيو. * شاهہ صاحب پاڻ نهايت ئي مخلص، حق گو، مردم شناس ۽ مذهبي رواداريءَ جو ماڻهو هو. ڪنهن سان بہ ڪڏهن ٻاڙو نہ ٻوليائين، ۽ هميشہ پيار ۽ محبت جو درس ڏنائين.

پراڻي سکر ۾، هن موجوده وقت ۾ جتي "حيدري مسجد" آهي، انهيءَ هنڌ ڪنهن زماني ۾ هڪ ننڍڙي مسجد شريف زبون حالت ۾ هوندي هئي ۽ انهيءَ مسجد جي پرسان "ڏنورن" جو قديم قبرستان هو. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ انهيءَ پراڻي مسجد شريف جو متولي - مستري ڪريم بخش هو. مستري ڪريم بخش جي سيد الله ڏني شاهہ ميرڪيءَ سان دوستي هئي، ۽ ان جي معرفت ڪانئس اها مسجد شريف سيد شاهہ محمد شاهہ ورتي هئي. شاهہ صاحب ان قديم مسجد کي شهيد ڪرائي، ان هنڌ تي نئين سر هڪ عاليشان مسجد شريف تعمير ڪرائي، جنهن تي ميناڪاريءَ جو نهايت نفيس ۽ عمدو ڪم ٿيل هو. (4) سيد شاهہ محمد شاهہ جو ماستر محمد پريل لاڙڪاڻي واري سان دوستيءَ جو ناتو قائم هو. ماستر محمد پريل ديني ادب جي اشاعت جي سلسلي ۾ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا هئا، جن مان ڪن ڪتابن جا "پيش لفظ" - شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ لکيا هئا. سندس تحرير ڪيل ڪجهہ مذهبي مضمون - روهڙيءَ مان نڪرندڙ ماهوار رسالي - "صراط المستقيم" ۾ پڻ شايع ٿيل آهن. (5)

سيد شاهہ محمد شاهہ ٧٢ ورهين جي ڄمار ۾، ٣ رجب المرجب ١٣٤٨هہ / ٥ ڊسمبر ١٩٢٩ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. شاهہ

* ميرڪي سادات جي خانداني روايتن مان اهو معلوم ٿئي ٿو، تہ سيد شاهہ محمد شاهہ کان اڳ ۾ سکر جا "ميرڪي سادات" سني مسلڪ رکندڙ هئا. سيد شاهہ محمد شاهہ - هن خاندان جو پهريون فرد هو، جنهن شيعت اختيار ڪئي. اهڙيءَ طرح، سندس تبليغ سان مڙني "ميرڪي سادات" شيعت اختيار ڪئي ۽ فقہ جعفريءَ تي عمل ڪرڻ لڳا. صفر پوئين آچر تي مجلس عزا جو بہ شاهہ صاحب ئي بنياد وڌو. انهيءَ سلسلي ۾، سيد وڏيل شاهہ روهڙيءَ واري جي سعي ۽ ڪوشش سان "انجمن حيدري" جو بنياد پڻ وڌائين.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

صاحب جي وصيت موجب - سندس غسل ۽ ڪفن - حافظ ميان محمود لاڙڪاڻي واري ڪان ڪرايو ويو.(6) کيس "سيد ڏتل شاهه جي مڪان" واري قبرستان ۾ دفنايو ويو.

شاهه صاحب تي شاديون ڪيون هيون. پهرئين گهرواريءَ مان کيس ٻه فرزند - سيد گلاب شاهه ۽ سيد عابد حسين شاهه ناليٰ ٿيا. جي ننڍي هوندي ئي فوت ٿي ويا. ٻيءَ گهرواريءَ مان ڪيس ٻه نياڻيون ٿيون، جن مان هڪ صغير سنيءَ ۾ ئي فوت ٿي وئي ۽ ٻي بيبي غلام ڪبريٰ جي شادي ميرڪ عبدالرحيم شاهه سان ٿي. ٽئين گهر مان کيس ڪو به اولاد ڪونه ٿيو.(7)

سيد شاهه محمد شاهه جيئن ته پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو وقت عبادت الاهيءَ ۽ مذهبي معلومات حاصل ڪرڻ، ۽ پنهنجي خاندان ۾ ان جي وسيع پئماني تي تبليغ ڪرڻ ۾ گذاريو تنهنڪري ڪابه تصنيف ۽ تاليف يادگار طور ڪانه ڇڏيائين.

حوالا

(1) سيد غلام حيدر شاهه موسوي: "شجره سادات موسوي" (قلمي سنڌي)، ص ٤٠

(2) بروايت حاجي عبدالعزيز (ولادت: ١٩٢٠ع) بن غلام محمد بن جمال الدين ۽ سيد غلام حيدر شاهه موسوي.

(3) ايضاً

(4) بروايت سيد غلام حيدر شاهه موسوي.

(5) بروايت سيد ابرار احمد شاهه موسوي.

(6) ڏسو حوالو نمبر (1)

(7) ايضاً

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ الله ڏنو شاهه

ميرڪ الله ڏنو شاهه ولد ميرڪ حيات علي شاهه ● - ٢٤ ربيع الاول ۱۲۸۱هه/ ۲۷ آگسٽ ۱۸٦٤ع تي سکر ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي شهر سکر ۾ حاصل ڪيائين. پاڻ عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين جو وڏو ڄاڻو هو. تعليم جي فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد جي حيثيت سان ملازمت اختيار ڪيائين، ۽ ترقي ڪندي هيڊ ماستر جي عهدي تائين وڃي پهتو. پنهنجيءَ ملازمت جو عرصو پورو ڪري، آخر ۾ پراڻي سکر جي قديم پرائمري مين اسڪول مان هيڊ ماستريءَ جي عهدي تان پينشن تي لٿو. شاهه صاحب پنهنجي ملازمت جو سمورو عرصو نهايت ايمانداريءَ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان پورو ڪيو. سون جي تعداد ۾ شاگردن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪيائين. پاڻ نهايت ئي خوش خلق ۽ خوش پوشاڪ هو. شاهه صاحب ۱۲ رجب المرجب ۱۳۵۰هه/۲۳ نومبر ۱۹۳۱ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. کيس سکر پراڻي ۾ "ڏتل شاهه جي مڪان" ۾ دفن ڪيو ويو. کيس پنج ڌيئر ۽ ٻه فرزند - هڪ محمد اڪبر (صغير سنيءَ ۾ فوت ٿي ويو) ۽ محمد حسن شاهه ٿيا.

سيد الله ڏنو شاهه ملازمت جي مشغوليءَ سان گڏ فرصت جي وقت ۾ ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو. وٽس هڪ ننيڙي شاندار لائبريري پڻ هئي، جنهن ۾ ڇپيل ڪتابن سان گڏ ناياب قلمي مخطوطا پڻ هئا. شاهه صاحب تصنيف ۽ تاليف جو ٻه ڪم ڪيو. سندس هينيان ڪتاب معلوم ٿيا آهن:

1 . شجره ڪلان اولاد سيد عبدالباقي پوراني (فارسي)
2 . شجره موسوي سادات (اردو)
3. شجره موسوي سادات (سنڌي)
4. علي ابن ابي طالب عليه السلام: حضرت علي ڪرم الله وجهه جي سوانح تي

● مير حيات علي شاهه ميرڪي (المتوفي: ٦ محرم الحرام ۱۳۰۳هه/۱۵ آڪٽوبر ۱۸۸۵ع) جو باغ سکر ۾ هو. انهيءَ هنڌ کي اڄڪلهه باغ ڪوارٽر سڏين ٿا. (مولائي شيدائي : "تاريخ سکر" ، ص ۳۸٦)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

نهايت ئي ضخيم ڪتاب قلمي صورت ۾ آهي.

5. سنڌ جي تاريخ: شاهه صاحب هن ڪتاب ۾ ٽالپرن جي دور جا مکيه واقعا، اڪابرن ۽ مشاهيرن جو تذڪرو بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ ماده تاريخون پڻ ڏنيون آهن.

شاهه صاحب جي انهيءَ متئين علمي ۽ ادبي پورهيي ڪي ڏسي اهو چئي سگهجي ٿو ته پاڻ هڪ وڏو عالم، اديب، تاريخدان ۽ شاعر هو، ۽ خاص ڪري ماده تاريخ جي فن جو ڄاڻو هو. سندس انهيءَ قلمي پورهيي ڪي جيڪڏهن سنواري ۽ سينگاري شايع ڪيو وڃي، ته هوند سنڌ جي تواريخ جون ڪيتريون ئي ڳالهيون سامهون اينديون.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ عبدالرحمان شاهه عرف ميرڪ عبدالرحيم شاهه

ميرڪ عبدالرحمان شاهه عرف ميرڪ عبدالرحيم شاهه بن ميرڪ امير بخش شاهه – سکر جي ”ميرڪي سادات“ مان پنهنجي وقت جو هڪ معزز ۽ وڏي اثر رسوخ وارو شخص ٿي گذريو آهي. سندس والد - ميرڪ امير بخش شاهه جيڪب آباد ۾ ٽپال کاتي ۾ ملازم هو. ان ملازمت واري عرصي دوران ڪيس ١٢ صفر المظفر ١٣٠١هه /١٣ ڊسمبر ١٨٨٣ع تي ميرڪ عبدالرحمان شاهه نالي هڪ فرزند تولد ٿيو. سيد امير بخش شاهه ملازمت دوران ئي جيڪب آباد ۾ وفات ڪئي، جتان سندس جنازي کي ڪٽائي اچي سکر ۾ پنهنجي خانداني قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

ميرڪ عبدالرحمان شاهه ابتدائي سنڌي تعليم سان گڏ انگريزيءَ جا به ڪجهه درجا پڙهيو ۽ ان کان پوءِ پوليس کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين، جتي ترقي ڪندي آخر ۾ سب انسپيڪٽر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. رٽائر ڪرڻ کان پوءِ پاڻ سماجي ڪمن ۾ ڀرپور وٺندو رهيو. ڪيس عوام الناس جي خدمت ڪرڻ جو وڏو جذبو هو ۽ ان ۾ پاڻ خوشي محسوس ڪندو هو.

”ميرڪي سادات“ جي خانداني دستاويزات مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته سيد عبدالرحمان شاهه کي سکر جي ڪليڪٽر طرفان ٦ مئي ١٩٣٥ع تي هڪ سَنَدَ عطا ٿي هئي، جنهن ۾ کيس ڪليڪٽر صاحب بهادر جي دربار ۾ ڪرسيءَ جي حق ڏنو ويو هو. شاهه صاحب ٧ ربيع الاول ١٣٦٣هه /٣ مارچ ١٩٤٤ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. (١)

سيد عبدالرحمان شاهه جو ائٽڪن صاحب کي لکيل خط ۽ تواريخي غلطيءَ جو ازالو

”ميرڪي سادات“ جي مخطوطن کي اٿلائيندي پُٿلائيندي سيد عبدالرحمان شاهه جو انگريزيءَ ۾ لکيل هڪ خط دستياب ٿيو آهي. جو هن

musavi@hotmail.com

سيد جواد حسين شاهه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

اي.ايچ.ائٽڪن ڪي ڏانهس سندس پهرئين اپريل ١٩٠٦ع واري خط جي جواب ۾ لکيو هو. اي.ايچ. ائٽڪن ان زماني ۾ بمبئي سرڪار جي پاران سنڌ صوبي جو گزيٽيئر مرتب ڪري رهيو هو. ائٽڪن صاحب انهيءَ سلسلي ۾، سيد عبدالرحمان شاهه کي پنهنجي سکر جي "ميرڪي سادات" جو احوال لکي موڪلڻ لاءِ گذارش ڪئي هئي، جنهن جي جواب ۾ شاهه صاحب اهو مذڪور خط لکيو هو. هتي سيد عبدالرحمان جي ان لکيل انگريزي خط جو متن ملاحظي لاءِ ڏجي ٿو:

To,

E.H. Aitken Esquire.H.T.
Compiler,
Sindh Gazetteer,
Karachi

Sir,

In response to your Vernacular letter dated the1st April 1906, I most respectfully beg to submit the English translation of the vernaculer statement already submitted to you as regards our lineage for favour of your personal perusal.

1. the first Mirki sayed, who came to Sindh was sayed Amir Mirak Shah Bayazid Purani son of Sayed Amir Abu said, native of Puran in the province of Hirat. His great grandfather was Imam Musa Kazim, the seventh wellknown Imam of Kazmain Sharif (town) in Arabia and Sheikh Bayazid Purani of Hirat - the annuls of whose life may be traced from the books - "Rozat-ul-safa" & "Habib-ul-Sair". In the year 928 A.H. cor: 1547 A.D. Amir Mirak Shah came to Sindh with Shah Hussain son of Shah Baig Arghun (King), who then conquered Sindh, in whose court Amir Mirak Shah was a great noble and a learned Wazir. Shah Baig Arghun not long after left the Kingdom of Bukkur to Amir Mirak Shah, who took up his residence in the fort of Bukkur and reigned-over Sukkur & Bukkur for some period and then entrusting his Government to his son, sayed Abdul Baki Purani (i.e. of Puran) and he went to Kandhar, where he died in 950 A.H.

2. There are many monuments and Mausoleums commem-

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

orating the powerful line of Mirki sayed and now visited venerable Places. A few of them are:

(i) Shrine of Imam Musa Kazim at Kazmain Sharif (town) near Baghdad.

(ii) Shrine of Prince Sayed Amir Muhammad (Al-Abid) Shah Husain at Shiraz in Persia

(iii) Monument built in memoray of Amir Mirak Shah Bayazid Purani Hussaini at Kandhar

(iv) Shrine of Sayed Mir Abdul Baki Purani, towards the South - west of the collector's Bungalow, built in 1019 A.H. by sayed Mir Abdul Awal Purani, who is enlisted in the Records of the collector of Sukkur and the commissioner is Sindh as First class Munafaidar at Sukkur.

(v) Monument dedicated to sayed Mir Mehmood Shah, built in 992 A.H at Thatta, District Karachi.

3. Few descendants of Mirki Sayeds still surving have their abodes in Thatta, since the conquest of Shah Hussain Arghun in 1521 A.D., who at that time had installed sayed Mir Mehmood, brother of formort sayed Amir Mirak Shah, the Nawab of Thatta. Some of their descendants reside in Keti - More, Dharakhio and Pir Patho also.

4. At present there are no less than fifty male members of Mirki sayeds residing at Sukkur, rohri and Tharechani - a village in Rohri Taluka. Some of them Belongs to Suni and some Shia sect, as shown by John Donport in his history. In this work, it is mentioned that on the demise of the great prophet Muhammad (Peace be upon him), he was succeeded by his father-in-law named Khalifa Abu Bakar, Whose religious followers are the Sunis as distinguished from the Shias, who are the followers of His (Prophets) son-in-Law Hazrat Ali.

5. The chief source of our income is the Munafa rightfully granted by the benevolent Government in the Dehis of Khadari in Rohri Taluka, Sultanpur, Lunjari and Hasul in Pano Akil Taluka and Amirabad in Ghotki Taluka. But owing to their poor income thus obtained, some of us are

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

employed in Government service, while some in Agriculture also.

In conclusion, I would request that you will kindly insert at lest the important part of the above account in your valuable "Sindh Gazetteer", for which, I shall ever grateful.

I beg to remain,

Sir,

Your Most Obedient Servant,

Sd/-

(ABDL REHMAN SHAH)

For the Head of the Mirki Sayed

Dynesty.

سيد عبدالرحمان شاهه جي انهيءَ متئين خط جي عبارت کي ڏسي اهو نهايت تعجب ٿئي ٿو ته شاهه صاحب جيئن ته پاڻ "ميرڪي سادات" جو فرد هو ۽ ڪيس پنهنجي خانداني احوال جي پوريءَ طرح ڄاڻ هئي، انهيءَ جي باوجود هن ميرڪ عبدالباقي پورانيءَ ۽ سندس والد – امير ميرڪ شاهه بايزيد پورانيءَ جي باري ۾ غلط بيانيءَ کان ڪم ورتو آهي. شاهه صاحب جي انهيءَ مذڪور خط مان چند تواريخي غلطيون واضح ٿين ٿيون:

(الف) سيد عبدالرحمان جو قول آهي ته امير ميرڪ شاهه بايزيد پوراني سن ٩٢٨هه ۾ مرزا شاهه حسين سان گڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ بکر جو حاڪم ٿي رهيو. ڪجهه وقت کان پوءِ ميرڪ بايزيد الحسيني بکر جي حڪومت جي واڳ پنهنجي فرزند – ميرڪ عبدالباقيءَ جي سپرد ڪري، پاڻ قنڌار هليو ويو.

اسان هن تذڪري ۾ "ميرڪي سادات"جو ڪافي تفصيل سان ذڪر بيان ڪيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪيترائي خانداني تذڪرا ۽ شجرا اسان جي مطالعي هيٺ رهيا آهن، جن مان اهو ڪٿي به ظاهر ڪونه ٿو ٿئي ته ڪو اهي ٻئي بزرگ بکر جا حاڪم ٿي رهيا هجن! البت، ميرڪ عبدالباقي پورانيءَ لاءِ ڪن مورخن اهو لکيو آهي ته هيءُ بکر جو "شيخ الاسلام" ٿي رهيو هو، ليڪن اسان اِنهيءَ ڳالهه کي به تواريخ جي روشنيءَ ۾ اڳ ۾ ئي رد ڪري آيا آهيون. ازانسواءِ، سيد عبدالرحمان شاهه جي لکڻ موجب ته امير ميرڪ شاهه بايزيد

www.facebook.com/musavisayed

پوراڻي – مرزا شاهہ حسين ارغون سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو. انهيءَ متعلق بہ شاهہ صاحب ڪان سهو ٿي آهي. دراصل سيد بايزيد الحسيني انهيءَ ساڳئي سال ۾ مرزا حسين سان نہ، پر سندس والد مرزا شاهہ بيگ ارغون سان گڏ سنڌ ۾ آيو هو. ساڳئي وقت مرزا شاهہ حسين ارغون جو اڪثر تواريخن ۾ صحيح ۽ واضح نالو مرزا شاهہ حسن ارغون ڄاڻايل آهي. بهرحال، سيد عبدالرحمان شاهہ جي ائٽڪن صاحب ڪي اها فراهم ڪيل معلومات ٻين انگريز گزيٽيئر مرتب ڪندڙن جي لاءِ اڳتي هلي غلطيءَ جو سبب بڻي آهي.

دراصل، اي.ايڇ. ائٽڪن جو مرتب ڪيل "گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ" – "A" واليوم آهي، جنهن ۾ هن مجموعي طرح سان سموري سنڌ جو مختلف عنوانن هيٺ جائزو پيش ڪيو آهي. ائين ڪٿي چئجي تہ اهو جلد سنڌ جي تعارف تي مشتمل آهي. ائٽڪن صاحب ڪي اهو واليوم مرتب ڪرڻ ڪان پوءِ سموريءَ سنڌ جي ان وقت جي ضلعن بابت گڏ ڪيل مواد ڪي الڳ الڳ جلدن جي صورت ۾ ترتيب ڏيڻ جو خيال هو، جنهن جو هن "A" واليوم جي پيش لفظ ۾ اظهار ڪيو آهي. (2) ائٽڪن صاحب پنهنجي گزيٽيئر جي انهيءَ الڳ الڳ ضلعن واريءَ رٿا تحت اڃا "ڪراچي ضلعي" واري جلد ڪي مس ترتيب ڏنو هو، تہ پاڻ سن ١٩٠٧ع ۾ ملازمت جو عرصو پورو ڪري، پينشن تي هليو ويو ۽ سندس اهو سمورو گڏ ڪيل مواد جي.ڊبليو. اسمائٿ جي حوالي ڪيو ويو. هن انهيءَ مواد ڪي ضلعي وار مرتب ڪري "گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ" – "B" واليوم جي صورت ۾ ستن جلدن ۾ شايع ڪرايو. اسمائٿ صاحب انهيءَ گزيٽيئر جي "ڪراچي ضلعي" واري جلد جي پيش لفظ ۾ ان ڳالهہ جو صاف لفظن ۾ اعتراف ڪيو آهي تہ "B" واليوم جو سمورو مواد آنجهاني اي.ايڇ.ائٽڪن جو گڏ ڪيل آهي، جنهن ڪي هن ضروري ڦيرگهير سان مرتب ڪيو آهي. (3) ائٽڪن صاحب جي پينشن تي لهي وڃڻ ڪان پوءِ سندس باري ۾ وڌيڪ معلومات ميسر ٿي نہ سگهي آهي. پر جڏهن اسمائٿ صاحب جي انهيءَ مذڪور گزيٽيئر – "B" واليوم جو پهريون جلد سن ١٩١٩ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو، تہ هن ائٽڪن صاحب ڪي "آنجهاني" ڪري لکيو. انهيءَ لحاظ ڪان اهو چئي سگهجي ٿو تہ ائٽڪن صاحب سن ١٩٠٧ع ڪان سن ١٩١٩ع واري عرصي دوران وفات ڪئي هوندي!

سيد عبدالرحمان شاهہ جي انهيءَ مٿئين مذڪور خط ۾ جيڪا عبارت ڄاڻايل آهي، تنهن ڪي جي.ڊبليو. اسمائٿ پنهنجي مرتب ڪيل گزيٽيئر – "B" واليوم جي ٽئين جلد، جو سکر ضلعي جي متعلق آهي، ۾ شامل ڪيو

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهہ موسوي

www.facebook.com/musavisayed

آهي. اسمائٿ صاحب جي عبارت هن ريت آهي:

"The Mirki Saiyids are descended from Amir Mirak Shah Bayazid Hussaini, a native of Puran in Hirat, who came to Sindh in A. H. 928 (A.D 1521) with Mirza Shah Hussain Argun son of Shah Beg Argun, who may have met him at the court of Baber. He was appointed Governor of Bukkur, but after a time, left the post to his son and went to Kandhar, where he died. His son was the Saiyid Abdul Baki Purani, whose tomb is mentioned below in the description of Sukkur. There are said to be about fifty male members of this family of Saiyids at the present day in the district, and many of them hold land. Some of them are Sunis, but majority are Shias. There are Mirki Saiyids also at Thatta descended from a brother of Amir Mirak Shah who obtained a post of authority in that town." (4)

(ب) اهڙيءَ طرح سيد عبدالرحمان شاهه پنهنجي انهيءَ ساڳئي خط ۾ ٻي تاريخي غلطي اها ڪئي آهي، جو ميرڪ عبدالباقي پورانيءَ جي مقبري جي اڏاوت جي باري ۾ ڄاڻائي ٿو تہ اهو مقبرو سن ١٠١٩هه ۾ ميرڪ عبدالاول پورانيءَ تعمير ڪرايو هو. جيئن تہ ميرڪ عبدالباقي پورانيءَ سن ١٠١٩هه ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي ۽ ان وقت سندس پوٽو – ميرڪ عبدالاول پوراني (ولادت ١٠١٣هه) ڇهن ستن سالن جو ٻار هو. ان صورت ۾ اهو ممڪن نہ آهي تہ ڪو ميرڪ عبدالاول ان ننڍڙائيءَ واري ڄمار ۾ اهو مقبرو تعمير ڪرايو هجي! البت اهو گمان غالب آهي تہ ميرڪ عبدالاول پنهنجي جوانيءَ واري عرصي ۾ انهيءَ مقبري کي تعمير ڪرايو هوندو!

حوالا

(1) سيد غلام حيدر شاهه موسوي: "اکئين پسيو مون" (قلمي سنڌي)، ص ٣

(2) Aitken, E.H: "Gazetteer of the Province of Sindh", see Preface, PP (i)

(3) Smyth, J.W: "Gazetteer of the Province of Sindh" - B Volume - I, Karachi District, see preface

(4) Smyth, J.W: "Gazetteer of the Province of Sindh" - B Volume-III, Sukkur District, PP &210

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ پنيل شاهہ

ميرڪ پنِيل شاهہ بن ميرڪ سچل شاهہ (المتوفي: ١٦ جمادي الاول ١٣٣٠هہ/ ٤ مئي ١٩١٢ع) بن ڏتل شاهہ - سکر جي "ميرڪي سادات" مان اعليٰ وصفن وارو بزرگ ٿي گذريو آهي. ميرڪ پنيل شاهہ ٢ شوال المڪرم ١٣٠٣هہ/ ٤ جولاءِ ١٨٨٦ع تي جنم ورتو.

شاهہ صاحب هڪ سالڪ مجذوب شخص هو. پاڻ وقت جي هندو خواه مسلمان ۽ ساداتن وٽ نهايت ئي مقبول هو، ۽ هرڪو ڪيس وڏيءَ عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏسندو هو. سندس هٿن ۾ اڪثر چڏي جيتري اٽي جي چاٽي هوندي هئي، جيڪا هر وقت پيو ڳوهيندو هو. جڏهن اٽو سخت ٿي ويندو هو، تہ ان کي اڇلائي ڪنهن نہ ڪنهن گهر ۾ گهڙي ويندو هو، ۽ ان گهر مان اٽي جي چاٽي ڪٽي ايندو هو ۽ ساڳيو عمل پيو ڪندو هو. سندس زبان مان نڪتل هر گفتو تير بهدف هوندو هو.

هڪ دفعي ڪوڪر قوم جو ڪو شخص خون جي الزام ۾ قيد ٿي ويو. ان شخص جي مائٽن اچي پنيل شاهہ کي ستايو. شاهہ صاحب جي زبان مان نڪتو تہ سياڻي ڇُٽي ويندو. ٻئي ڏينهن تي واقعي اهو شخص آزاد ٿي گهر پهتو . اهي ڪوڪر اڄ تائين شاهہ صاحب جا مريد ۽ معتقد آهن ۽ اچي باسون باسيندا آهن. اهڙيءَ طرح، هن جي اڪيچار ڪرامتن جي ڪري ڪيترائي سندس مريد ٿيا.

سيد پنيل شاهہ جي باري ۾ روايت آهي، تہ پاڻ پنهنجي وقت جي مروج تعليم حاصل ڪئي هئائين. ڪيس عربي ۽ فارسي زبانن جي وڏي ڄاڻ هئي مگر جڏهن مجذوبيت جي حالت ۾ آيو، تہ اهو سمورو دنيوي علم سندس دل تان ميسارجي ويو ۽ روحاني علمن سان سرشار ٿي ويو. شاهہ صاحب شادي بہ ڪئي هئي ۽ گرهستي زندگي گذاريندو هو. ان گهرواريءَ مان ڪيس هڪ نياڻي ٿي، جنهن جي شادي ميرڪ ارباب علي بن مير تراب علي شاهہ سان ٿي.

ميرڪ پنيل شاهہ ١٦ شوال المڪرم ١٣٥٣هہ/ ٢٢ جنوري ١٩٣٥ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي ۽ "ميرڪي سادات" جي آبائي قبرستان ۾ مدفون ٿيو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهہ موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد محمد حسن شاهه

سيد محمد حسن شاهه ولد سيد الله ڏنو شاهه پنهنجي دور جو هڪ وڏو قانوندان، عالم ۽ سڄاڻ شخص ٿي گذريو آهي. سيد محمد حسن شاهه ٤ ذوالحج ١٣٠٩هه / ٣٠ جون ١٨٩٢ع تي ڄائو. شاهه صاحب سکر جي خزاني آفيس ۾ ڪلارڪ هو. ڪجهه وقت سٽي مئجسٽريٽ سکر جي آفيس ۾ ريڊر طور ڪم ڪيائين. (1) شاهه صاحب کي ان وقت جي انگريز سرڪار طرفان "آنريري مئجسٽريٽ" جا اختيارات مليل هئا. جن کي پاڻ نهايت ئي ايمانداريءَ ۽ ديانتداريءَ سان هلايائين.

سيد محمد حسن شاهه - سير ۽ سفر جو وڏو شوقين هو. برصغير هند و پاڪ جي مشهور علمي ۽ ادبي مرڪزن ۽ شهرن ۾، اتان جي نامور عالمن ۽ فاضلن سان ڏاڍيون علمي مجلسون ڪيائين. هندوستان جي مشهور علمي، ادبي، تهذيبي ۽ تمدني شهر - لکنئو ۾ ڪجهه عرصو رهي، اتان جي ڪيترن ئي وڏن عالمن ۽ بزرگن وٽان علمي فيض حاصل ڪيائين. سير ۽ سفر جي لحاظ کان عراق بہ ويو هو، جتي ڪربلا معليٰ ۽ نجف اشرف جي زيارتن سان گڏوگڏ هتان جي عالمن کان ديني علمن جو درس پڻ ورتائين.

شاهه صاحب ١٩ جمادي الثاني ١٣٦٩هه /٨ اپريل ١٩٥٠ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي پاڻ "ميرڪي سادات" جي خانداني قبرستان - "ڏتل شاهه جي مڪان" ۾ مدفون ٿيو. ڪيس ڇهه ڌيئر ۽ ٽي فرزند ٿيا. وڏو فرزند طالب حسين شاهه (ولادت: ١٩ آڪٽوبر ١٩٢٤ع) وچئون اعجاز علي شاهه ۽ ننڍو ابرار احمد شاهه (ولادت: ٢١ جنوري ١٩٤٠)- رٽائرڊ هيڊ ماسٽر آهي. پاڻ ذاڪرِ اهلبيت پڻ آهي.

سيد محمد حسن شاهه پنهنجي گوناگون مصروفيتن جي باوجود تصنيف ۽ تاليف جي طرف بہ توجهه ڏنو. سندس هيٺيان ڪتاب معلوم ٿي سگهيا آهن:

---

(1) سيد غلام حيدر شاهه موسوي: "اڪئين پسيو مون" (قلمي سنڌي)، ص ٣

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

1. گلزار انما: هيءُ ڪتاب- مشهور عالم، ڊاڪٽر نور حسين ”صابر“ ڪربلائيءَ جي اردو ڪتاب - ”انوار الائمہ“ جو سنڌي ترجمو آهي. ١٥١ صفحن تي مشتمل هن ڪتاب کي ”انجمن حيدري“ سکر پراڻي وارن سن ١٩٣٢ع ۾ شايع ڪرايو.

2. منهنجو مذهب: هن ڪتاب ۾، شاهه صاحب پنهنجي مذهبي مسلڪ جي باري ۾ ذڪر ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب اجا تائين قلمي صورت ۾ موجود آهي.

3 . منهنجو اعتقاد: هيءَ ڪتاب ڪرائون سائيز جي ٦٠ صفحن تي مشتمل آهي جو سيد مبشر حسين موسوي بن زاهد حسين موسوي وٽ قلمي صورت ۾ محفوظ آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد غلام لطيف شاهه "آفتاب"

سيد غلام لطيف شاهه ولد سيد هادي بخش شاهه ١٤ ربيع الثاني ١٣١٨هه / ١١ آگسٽ ١٩٠٠ع تي ڄائو. سندس والد - سيد هادي بخش شاهه (ولادت: ٢٥ جمادي الثاني ١٢٨٥هه / ١٣ آڪٽوبر ١٨٦٨ع) روهڙيءَ ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي ۽ اتي ئي ٢٧ ربيع الاول ١٣٣٤هه / ٢ فيبروري ١٩١٦ع تي رحلت ڪيائين. سيد هادي بخش شاهه جي وفات کان پوءِ سندس اولاد روهڙيءَ مان لڏي پراڻي سکر ۾ وڃي رهيو.

سيد غلام لطيف شاهه سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو ۽ گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول سکر مان هيڊ ماستريءَ جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. سن ١٩٥٢ع ۾ ڪيس ان وقت جي سنڌ گورنمينٽ طرفان "جسٽس آف پيس" جو اعزاز ڏنو ويو. شاهه صاحب ٢٨ ڊسمبر ١٩٧٤ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي، ڪيس پنهنجي اباڻي قبرستان – "ڏتل شاهه جي مڪان" ۾ دفن ڪيو ويو.

سيد غلام لطيف شاهه پنهنجي وقت جو هڪ پرخلوص ۽ سوز پريو ذاڪر هو. پاڻ اڪثر ڪري سرائڪي زبان ۾ مجلسون پڙهندو هو. سندس تحرير ٿيل مجلسن ۾ اٽڪل سوا سؤ کن سرائڪي زبان ۾ ۽ ايڪويهه کن سنڌي زبان ۾ آهن. سنڌيءَ ۾ تحرير ٿيل مجلسن جا عنوان هن ريت آهن:

1 . شهادت امام حسن عليه السلام	:	10 صفحا
2 . حبيب ابن مظاهر	:	07 صفحا
3 . حالات شب عاشوره	:	15 صفحا
4 . وهب ابن عبدالله ڪلبي	:	10 صفحا
5 . شهادت علي اڪبر عليه السلام	:	11 صفحا
6 . شهادت امام حسين عليه السلام	:	26 صفحا
7 . شهادت حضرت علي اصغر عليه السلام	:	10 صفحا

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

8 . شهادت شهزاده قاسم عليه السلام	:	11 صفحا
9 . وفات جناب سڪينہ سلام الله عليها	:	08 صفحا
10 . شامِ غريبان	:	09 صفحا
11 . چهلم	:	09 صفحا
12 . دربارِ ابن زياد ۾ اهلبيت	:	09 صفحا
13 . دربارِ يزيد ۾ اهلبيت	:	15 صفحا
14 . زندانِ شام ۾ ساداتن جي رهائي	:	10 صفحا
15 . امام جو سفر مديني ڪان	:	25 صفحا
16 . شهادت جناب امير المومنين علي ابن ابي طالب عليهم السلام	:	09 صفحا
17 . شهادت امام زين العابدينؑ عليه السلام	:	08 صفحا
18 . فرزندانِ مسلم بن عقيل	:	08 صفحا
19 . سائڻ فاطمة الزهراء سلام الله عليها ۾ شام	:	07 صفحا
20 . شهادت امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام	:	07 صفحا
21 . محرم جي يارهين رات ۾ اهلبيت	:	06 صفحا

شاھ صاحب اعليٰ درجي جو شاعر پڻ هو. پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ ”آفتاب“ تخلص استعمال ڪندو هو. سندس شعر جو اڪثر ذخيرو - سرائڪي زبان ۾ آهي. پاڻ پنهنجي ڪلام جو مجموعو - ”شعر آفتاب“ جي نالي سان ترتيب ڏنو هئائين. هيءُ بياض ٢٦٥ صفحن تي ڦهليل آهي. شاھ صاحب جي ڪلام ۾ نہ تہ حسن ۾ عشق جون حڪايتون آهن ۾ نہ وري بلبل ۾ بوستانن جا بيان ئي ملن ٿا. ليڪن، پاڻ پنهنجي سموري ڪلام ۾ اهلبيت رسالت جو شان، مان ۾ ارمان اوريو اٿس. سندس ڪلام ۾ ڪافي اهڙا نظم بہ آهن، جيڪي مناظراڻي انداز ۾ لکيل آهن، جن ۾ اعتراض ۾ انهيءَ جو رد نهايت ئي مدلل نمونے ۾ بيان ڪيو اٿائين. سندس ڪلام جي مطالعي ڪان پوءِ اهو معلوم ٿئي ٿو تہ کيس سرائڪي زبان تي ڪامل مهارت حاصل هئي. شاھ صاحب جو اهو سمورو قلمي ذخيرو - ”موسوي لائبريري روهڙيءَ“ ۾ محفوظ آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد قائم علي شاھ موسوي

سيد قائم علي شاھ "ميرڪي سادات" جو چشم و چراغ هو. سندس والد جو نالو ميرڪ باقر علي شاھ (المتوفي: ١٣٣٤ھ/١٩١٦ع) هو. سيد قائم علي شاھ ٢٤ ربيع الثاني ١٣٢٥ھ/٦ جون ١٩٠٧ع تي سکر پراڻي ۾ جنم ورتو. سندس نسب جو سلسلو - ميرڪ عبدالباقي پورانيءَ سان هن طرح ملي ٿو:

> "سيد قائم علي شاھ بن سيد باقر شاھ علي بن سيد حيات علي (المتوفي: ١٣٠٣ھ/١٨٨٦ع) بن آندل شاھ (المتوفي: ١٢٦٠ھ/١٨٤٤ع) بن سيد سعيد خان بن مير قوام الدين محمد بن مير رشيد الدين محمد بن ميرڪ تقي الدين محمد بن ميرڪ عبدالاول بن ميرڪ محمد عبدالله بن ميرڪ عبد الباقي پوراني الحسيني."

سيد قائم علي شاھ ابتدائي تعليم سکر پراڻي ۾ حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو. جتان سن ١٩٢٥ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. ان ڪان پوءِ، سن ١٩٣١ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان انٽر جو امتحان پاس ڪيائين.

شاھ صاحب تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ، آبپاشي کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪئي، جتي پاڻ ڪئنال اسسٽنٽ تي رهيو. ان ڪان پوءِ Comptroller Sindh جي آفيس ۾ آڊيٽر مقرر ٿيو. جتي پاڻ سڄيءَ سنڌ ۾، جيلن، روينيو کاتي، اريگيشن ۽ پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ جي آڊٽ ڪندو هو. انهيءَ وچ ۾، شاھ صاحب Superior Accounts Service يعني S.A.S جو امتحان پاس ڪيو. Comptroller Sindh پنهنجي ڪنهن پنهنجي عزيز کي پروموشن ڏنو، ۽ انهيءَ ڳالھ تان شاھ صاحب جي ساٽس اٽيٽت تي پئي. ان ڪان پوءِ پاڻ رضاڪارانہ طور تي رٽائر ٿيو(1) پينشن تي لهڻ ڪان پوءِ، پاڻ پهريائين پاڪستان جي پهرئين فضائي ڪمپني - ڪريسينٽ ايئرلائينز ۾ اڪائونٽنٽ

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

تي رهيو. بعد ۾ پاڪستان انڊسٽريل ڊيولپمينٽ ڪارپوريشن (P.I.D.C) ۾ اڪائونٽنٽ ۽ آڊيٽر مقرر ٿيو. پاڻ "انجمن اماميہ" حيدرآباد سنڌ جو آڊيٽر بہ ٿي رهيو.

سيد قائم علي شاھ - ڪافي عرصو لاهور ۾، "بائيبل هائوس" جي مرڪزي دفتر ۾ ملازمت ڪئي. هتي بائيبل جو مختلف زبانن ۾ ترجمو ڪيو ويندو هو. شاھ صاحب جيئن تہ سنڌي، عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين جو ڄاڻو هو ۽ خاص طرح انگريزي زبان تي ڪيس وڏو عبور حاصل هو. انهيءَ ڪري ڪيس "بائيبل هائوس" جو انچارج ڪري رکيو ويو. پاڻ بائيبل جو حافظ هو ۽ ڪيس ان تي وڏي مهارت حاصل هئي. مذڪور اداري - انگريزي، اردو ۽ سنڌي زبانن ۾ لکيل بائيبل جي مسودن کي سندس نظرثانيءَ کان پوءِ ڇپائي پڌرو ڪيو. (2) ساڳئي وقت، شاھ صاحب قرآن پاڪ جو بہ وڏو ڄاڻو هو. ازانسواءِ، حديث شريف جي مختلف ڪتابن - "صحيحين" بخاري و مسلم، سُنن ابن ماجہ وغيره جو وڏو حصو ڪيس بر زبان ياد هو. (3)

سيد قائم علي شاھ آخر ۾ سن ۱۹۵۲ع ۾ امريڪا جي سفارت خاني جي يو. ايس. ايڊ آفيس ڪراچيءَ ۾ چيف آڊيٽر تي رهيو. ان دوران پاڻ مغربي ۽ مشرقي پاڪستان جا دورا ڪري انهن سمورين صنعتن ۽ ڪارخانن جي چڪاس ڪندو هئو. جن کي امريڪا جي حڪومت فنڊ خواه ڪارخانن جا پرزا مدد طور ڏيندي هئي. ان وقت جڏهن هڪ ڊپٽي ڪمشنر بہ هزار روپيہ پگهار کڻندو هو، تہ ڪيس ماهيانو تيرهن هزار روپيہ پگهار ۽ روزانو ڇهہ سوءُ روپيہ T.A ۽ D.A ملندا هئا. ڪيس سفارت خاني طرفان هڪ سئلون ڪار پڻ مليل هئي. (4) شاھ صاحب انهيءَ عهدي تي رهندي ۷ فيبروري ۱۹٦۵ع تي رحلت ڪئي. پاڻ سکر پراڻي ۾ پنهنجي اباڻي قبرستان - "ڏتل شاھ جي مڪان" ۾ دفن ٿيو. ڪيس چار فرزند - هر هڪ ڪيپٽن ڊاڪٽر فائز حسين موسوي، انجنيئر سيد طاهر حسين موسوي، انجنيئر سيد غلام عباس ۽ ڊاڪٽر فدا حسين شاھ ٿيا. سندس هڪ ڌيءَ ڊاڪٽرياڻي هئي، جنهن تازو وفات ڪئي آهي.

شاھ صاحب پنهنجيءَ ملازمت جي گوناگون مشغولين جي باوجود ڪافي تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ڪيو. سندس هيٺيان مذهبي ڪتاب ۽ رسالا شايع ٿيل آهن:

1 . السيف المسلول عليٰ الناصب الجهول: هيءُ ڪتاب اصل ۾ ٻن جلدن

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاہ موسوي

www.facebook.com/musavisayed

۾ لکيل آهي هن ڪتاب جو پهريون جلد - ڪوهه نور پريس سکر مان سن ١٩٣٢ع ۾ شايع ٿيو. هيءُ مناظري جو ڪتاب آهي، جو "توپ محمدي" جي رد ۾ لکيو ويو هو. ١٥٠ صفحن تي پکڙيل هن جلد تي ان وقت جي انگريز سرڪار بندش وڌي هئي. هن ڪتاب جو ٻيو جلد اڃا قلمي صورت ۾ آهي.

2 . بحث عصمت في شان امامت و خلافت: هيءُ ڪتاب "انجمن حيدري" سکر پراڻي - پنهنجي اشاعتي سلسلي جو ٽيون ڪتاب ڪري شايع ڪيو. شاهه صاحب جيئن ته ان وقت سرڪاري ملازم هو، انهيءَ ڪري هيءُ ڪتاب نبي بخش خان پناڻ ● جي نالي ۾ شايع ٿيو. ڪتاب جي آخر ۾ "انجمن حيدريءَ" جي ميمبرن جي لسٽ ڏنل آهي. هيءُ ڪتاب ٩٨ صفحن تي مشتمل آهي.

3 . بُڪاءُ ابن عباس في واقعـــة القرطاس: هن ڪتاب ۾ انهيءَ متئين موضوع تي مواد ڏنل آهي. هيءُ ڪتاب "انجمن حيدري" سکر پراڻي طرفان ڇپايو ويو ۽ نبي بخش خان پناڻ جي نالي سان شايع ٿيو. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو، اصل مؤلف - سيد قائم علي شاهه جي فرزند - ڊاڪٽر سيد فائز حسين موسويءَ پڌرو ڪيو آهي.

4 . رد لغويات درباره مناظره وزير آباد: هيءُ مذهبي ڪتاب انهيءَ مذڪور عنوان جي مواد تي لکيل آهي. ٤٢ صفحن تي ڦهليل هن ڪتاب کي سيد قربان علي شاهه ولد شاهه محمد شاهه موسويءَ سن ١٩٥٧ع ۾ اماميه اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪرايو.

5 . يادگار حسين: هيءُ ڪتاب "انجمن حيدري" سکر پراڻي جي سلسله اشاعت اسلام جو اٺون ڪتاب آهي. هيءُ ننڍڙو ڪتاب - ڊيمي سائيز جي ٣٧ صفحن تي مشتمل آهي ۽ حبيب پرنٽنگ پريس، سکر سنڌ مان شايع ٿيو.

6 . مولودِ ڪعبه: هن ڪتاب کي بہ "انجمن حيدري" سکر پراڻي طرفان شايع ڪيو ويو. هيءُ ڪتابڙو ١٢ صفحن تي ڦهليل آهي ۽ سن ١٣٨٠هه / ١٩٦٠ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو.

7 . فتوحات شــيعه: شاهه صاحب جو هيءُ ڪتاب ڇپيو هو ۽ ان وقت جي انگريز سرڪار انهيءَ مذڪور ڪتاب تي بندش وڌي هئي. هن ڪتاب جو ڪو

● نبي بخش خان بن محمد خان پناڻ - سکر ضلعي جي ڳوٺ "باگڙجي" جو وينل هو. سيد قائم علي شاهه سان سنڌس نهايت ئي گهاٽا ۽ گهرا تعلقات قائم هئا.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

۽ نسخو اسان جي نظر مان نہ گذريو آهي.

8 . دعوت حق: شاهہ صاحب هيءُ ڪتاب ١٢ جنوري ١٩٣٠ع تي سکر پراڻي ۾ لکي پورو ڪيو. هيءُ ڪتابُ ٨٣ صفحن تي مشتمل آهي ۽ قلمي صورت ۾ سيد مظهر علي شاهہ موسويءَ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

9 . فضائل امير المومنين عليہ السلام: شاهہ صاحب هن ڪتاب ۾ علامہ عزالدين عبدالحميد بن هبة الله مدائني معتزلي شافعي (المتوفي: ٦٥٥هہ/ ١٢٥٧ع) جي لکيل ڪتاب "شرح نهج البلاغة" تان امير المومنين حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي شان ۾ وارد ٿيل حديثن جو انتخاب ڏنو آهي، ان سان گڏوگڏ انهن حديثن جو ترجمو ۽ شرح پڻ لکي اٿائين. هيءُ ڪتاب قلمي صورت ۾، شاهہ صاحب جي فرزند - ڊاڪٽر فدا حسين شاهہ وٽ موجود آهي.

10 . حضرت سلمان فارسي رضہ: هيءَ ڪتاب رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي صحابي سڳوري - حضرت سلمان فارسيءَ جي زندگيءَ ۽ شخصيت تي هڪ وڏو ضخيم ۽ مبسوط تذڪرو آهي.

11 . حضرت ابوذر غفاري رضہ: هن ڪتاب ۾ صحابي سڳوري - حضرت ابوذر غفاريءَ جي سوانح حيات نهايت محققانہ انداز ۾ لکي ويئي آهي.

سيد قائم علي شاهہ انهن مٿين ڪتابن کان سواءِ، ڪيترائي مذهبي ۽ معلوماتي مضمون ۽ مقالا لکيا، جي ان وقت جي اخبارن ۽ رسالن، جهڙوڪ: "پنجتني"، "الحيدر" ۽ "دُرِ مقصود" ۾ شايع ٿيل آهن.

حوالا

(1) سيد غلام حيدر شاهہ موسوي: "اکئين پسيو مون" (قلمي سنڌي)، ص ٥ ۽ ٤

(2) بروايت حاجي عبدالعزيز زوار ۽ سيد سعيد علي شاهہ معصومي

(3) ايضاً

(4) ڏسو حوالو نمبر (1)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهہ موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد نور علي شاهه

سيد نور علي شاهه - سيد باقر علي شاهه جو فرزند هو. شاهه صاحبؒ ٩ شوال المڪرم ١٣٢٧هه/ ٢٤ آڪٽوبر ١٩٠٩ع تي سکر پراڻي ۾ ڄائو. سيد نور علي شاهه ننڍي هوندي کان وٺي سالڪ مجذوب واريءَ حالت ۾ هو. پاڻ وڏي هوندي انهيءَ مجذوبيءَ واري حالت ۾، ڏينهن جا ڏينهن اڪيلائيءَ ۽ ايڪانت ۾ گذاريندو هو. سکر شهر جي عام ماڻهن جو مالُ - ڳئون ۽ مينهون وغيره بنا معاوضي جهنگ ۾ چارڻ لاءِ وٺي ويندو هو. ۽ وري شام جو انهن کي هر گهر ۾ پهچائيندو هو. سندس زبان مان نڪتل هر لفظ صحيح ۽ سچ هوندو هو. ماڻهو سندس ڏاڍا معتقد ۽ مريد هوندا هئا. پاڻ هميشه ڪنهن سان به نه ڳالهائيندو هو. شاهه صاحب ولايت جو وڏو صاحب هو. پاڻ سن ١٩٦٥ع ۾ پاڪ و هند واريءَ جنگ دوران جيڪي ڪجهه چيائين، اهو حرف بحرف صحيح نڪتو. عام ماڻهو ڪانئس ڏاڍو ڊپُ ڪندا هئا. شاهه صاحب سن ١٩٧٤ع ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو.(1)

حوالا

(1) سيد غلام حيدر شاهه موسوي: ”اڪئين پسيو مون“ (قلمي سنڌي)، ص ٥

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ بهار علي شاهہ "قربان"

ميرڪ بهار علي شاهہ بن ميرڪ تڪيل شاهہ (ولادت: ١٢٨٠هہ/ ١٨٦٣ع – وفات: ١٤ ذوالقعد ١٣٥٨هہ/ ٢٦ ڊسمبر ١٩٣٩ع) بن ميرڪ دوست علي شاهہ بن غلام حسين شاهہ بن ميرڪ سعيد محمد - ١٣ محرم الحرام ١٣٢٩هہ/ ١٤ جنوري ١٩١١ع تي سکر پراڻي ۾ تولد ٿيو. پاڻ سنڌي فائينل پاس هو. سندس حياتيءَ جو بيو احوال ڪونہ ٿو ملي.

ميرڪ بهار علي شاهہ * سنڌ جي روايتي راڳ جو وڏو ڄاڻو هو. پاڻ سنڌي ۽ سرائڪي زبانن جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. پنهنجي ڪلام ۾ "قربان" تخلص استعمال ڪندو هو. شاهہ صاحب بيت، ڪافي ۽ ٻين لوڪ صنفن ۾ ڪافي ڪلام چيو. جو سندس پوين جي بي توجهيءَ جي ڪري ضايع ٿي ويو. هن ٩ شوال المڪرم ١٣٧٢هہ/ ٢١ جون ١٩٥٣ع تي رحلت ڪئي.

ميرڪ بهار علي شاهہ جي شاگرد - ميان ڏٽي بخش چانديي ● کان سندس هڪ ڪافي دستياب ٿي آهي. جا هتي ڏجي ٿي:

مئڏا يار سوالي سر دا
بن گهندي مور نہ مُڙدا.

1. نالي رانجهن رمزان رليان، قران شهر بہ شهر دي ڳليان،
بَڻ راهہ مسافر مِليان، هن اکيان گام گذر دا.

* ميرڪ بهار علي شاهہ جو وڏو پاءُ - ميهر علي شاهہ (ولادت: ٢٨ ربيع الاول ١٣٣١هہ/ ٩ آڪٽوبر ١٨٩٣ع – وفات: جمادي الاول ١٣٦٣هہ/ ١ مئي ١٩٤٤ع) پڻ سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي زبان جو شاعر هو. اڪثر ڪري ڪڇي جي علائقي ۾، پنهنجي زمينن تي گذاريندو هو. "الف ڪڇي" جا ڪيريا ۽ ماڪا سندس مريد هئا.

● ميان ڏٽي بخش چانديو سن ١٩١٤ع ڌاري سکر پراڻي ۾ ڄائو. پاڻ هڪ بهترين راڳي آهي. ميرڪ بهار علي شاهہ پنهنجيون ناهيل ڪافيون کيس ڳائڻ لاءِ ڏيندو هو. هن پيرسنيءَ جي ڄمار ۾، اجا بہ سوز ۽ سُر سان واهہ جو ڳائيندو آهي. کيس هند ۽ سنڌ جي سوين شاعرن جو سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ڪلام ياد آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهہ موسوي

www.facebook.com/musavisayed

2. كائي چشم دي چوٹ چلايئي، دم درد تــي دامـــن لايئـــي،
بَــڑ ويري زور وهـــايئـــي، كــوئي كــاتب قــلم قهر دا.

3. هن نيــن ديان نوكــان تكيان ، ڈنگ مــارن مــوت ڈيــان مــتيان،
جنهن دي لام لگن كن جُنيان ، بــي حــال حـســاب هــجر دا.

4. جند جان اتون "قربان" كيتم، سبي شــوق شــرف شــايان كــيتم،
جيوين بلبل وچ بستان كيتم، ســـر نـــاز نگـــاه نـــظر دا.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد پناهہ علي شاهہ

سيد پناهہ علي شاهہ ولد ميرڪ اميد علي شاهہ موسوي ▲ ٦ جنوري ١٩١٤ع تي تولد ٿيو.(1) ● سندس ولادت لاڙڪاڻي جي ”جاڙل شاهہ بخاري“ محلي ۾ ٿي.(2) سندس تعلق سکر جي ”ميرڪي سادات“ سان هو. سندس نسب جو سلسلو - ميرڪ عبدالباقيءَ سان هن طرح ملي ٿو:

”سيد پناهہ علي بن شاهہ اميد علي شاهہ بن ذوالفقار علي شاهہ بن غلام علي شاهہ بن عبدالرسول شاهہ بن ميرڪ عرب شاهہ بن ميرڪ رشيد الدين محمد بن تقي الدين محمد بن ميرڪ عبدالاول بن ميرڪ محمد عبدالله بن ميرڪ عبدالباقي پوراني.“

سيد پناهہ علي شاهہ جو والد - سيد اميد علي شاهہ اصل ۾ پراڻي سکر ۾ آباد هو پر پوءِ پاڻ سکر کي خيرآباد چئي، لاڙڪاڻي ۾ هميشہ لاءِ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. سيد اميد علي شاهہ کي ڪافي عرصو نرينو اولاد ڪونہ ٿيو. آخري عمر ۾ کيس هڪ فرزند - سيد پناهہ علي شاهہ نالي تولد ٿيو. جو پنهنجي والدين جو اڪيلو اولاد هو. (3)

سيد پناهہ علي شاهہ پنهنجي ابتدائي تعليم - سرائي شاهہ محمد پرائمري اسڪول لاڙڪاڻي مان ۽ ثانوي تعليم - مدرسہ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي، جتان سن ١٩٣٦ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. شاهہ صاحب اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جهونا ڳڙهہ (هندوستان) ويو. جتان سن ١٩٤٣ع ۾ بي. اي. جو امتحان پاس ڪري، خيرپور رياست جي تعليم

▲ سيد اميد علي شاهہ ٣ محرم الحرام ١٣٠٣هہ / ١٢ آڪٽوبر ١٨٨٥ع تي ڄائو ۽ ١٦ محرم الحرام ١٣٣٧هہ / ٢٢ آڪٽوبر ١٩١٨ع تي لاڙڪاڻي ۾ فوت ٿيو. جتان سندس جنازو ڪٺائي سکر ۾ دفن ڪيو ويو. (غلام حيدر شاهہ موسوي: ”شجره سادات موسوي“، ص ٤٩)

● ”نسيم“ امروهويءَ پنهنجي ڪتاب – ”تاريخ خيرپور“ (ص ١٧٤) ۾ شاهہ صاحب جي ولاديت جي تاريخ ٦ جنوري ١٩١٨ع ڄاڻائي آهي، جا درست نہ آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهہ موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڪاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. پاڻ ناز هاءِ اسڪول خيرپور ۾ انگلش ٽيچر مقرر ٿيو ۽ ان ڪان پوءِ ٽريننگ ڪاليج خيرپورميرس جي پرنسپال جي عهدي تي فائز ٿيو.

سيد پناه علي شاه کي سن ١٩٤٧ع ۾ هزهائينيس مير علي مراد خان ٽالپر جي خاص ذاتي خدمتن لاءِ مقرر ڪيو ويو. پاڻ چوويهه ئي ڪلاڪ هزهائينيس سان گڏ رهندو هو. هزهائينيس جي ظاهري تعليم ۽ تربيت سان گڏ سندس اخلاقي ۽ مذهبي تربيت پڻ شاه صاحب جي حوالي هئي. انهيءَ ڏس ۾ پاڻ هڪ ڪامياب معلم ۽ اتاليق جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. (4) جون ١٩٥٠ع ۾ڪيس وري ساڳئي عهدي تي واپس موڪليو ويو. پاڻ سن ١٩٥٤ع ۾ خيرپور رياست جي تعليم ڪاتي جو ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن (D.P.I) مقرر ٿيو. سن ١٩٥٥ع ۾ خيرپور رياست جي حڪومت طرفان ڪيس ٽريننگ ڪورس لاءِ آسٽريليا موڪليو ويو. جتان ١٩٥٧ع ۾ واپس آيو ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول خيرپور جو پرنسپال مقرر ٿيو.

پاڪستان سرڪار - جڏهن سابق اولهه پاڪستان جي سيني صوبن کي پاڻ ۾ ملائي "ون يونٽ" جو قيام عمل آندو، ته ان وقت خيرپور رياست جي اها اڳوڻي حيثيت پڻ ختم ڪري، ان کي هڪ ضلعي جي حيثيت ڏني ويئي. ان وقت شاه صاحب کي سڀ کان پهريائين پشاور ڊويزن ۽ پوءِ راولپنڊي ڊويزن جو انسپيڪٽر آف اسڪولز مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ پنجن سالن تائين لاهور ڊويزن جو انسپيڪٽر آف اسڪولز تي رهيو. ان بعد حيدرآباد ۽ ڪراچي ڊويزن جو ڊي.پي.آءِ مقرر ٿيو. سن ١٩٧١ع ۾ بيورو آف ڪريڪيولم ۾ ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيائين. آخر ۾ سن ١٩٧٣ع ۾ سنڌ جي تعليم ڪاتي جو سيڪريٽري مقرر ٿيو. پاڻ سٺ ورهين جي ڄمار ۾ سن ١٩٧٤ع ۾ رٽائر ڪري ها، ليڪن سندس تعليمي خدمتن ۽ ماهرانه صلاحيتن جي ڪري، ان وقت جي حڪومت طرفان ڪيس چار سال وڌيڪ ملازمت ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو. اهڙيءَ طرح، پاڻ سن ١٩٧٨ع ۾ سنڌ صوبي جي تعليم ڪاتي ۾، سيڪريٽريءَ جي عهدي تان پينشن تي لٿو.

سيد پناه علي شاه - آخر ۾ مسلم ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي، حيدرآباد سنڌ ۾مستقل سڪونت اختيار ڪئي. پاڻ پينشن تي لهڻ ڪان پوءِ به سنڌ جي ڪيترن ئي تعليمي ادارن سان منسلڪ رهيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي سينيٽ توڙي سينڊيڪيٽ جو ميمبر تي رهيو، جنهن دوران يونيورسٽيءَ

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

جي فلاح ۽ بهبود لاءِ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنائين. سندس تعليمي خدمتن جي مڃتا طور، تازو ماڊل اسڪول، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شوري جو نالو - ”سيد پناهه علي شاهه ماڊل اسڪول“ رکيو ويو آهي.

شاهه صاحب ملازمت دوران انتظامي ڪمن ڪارين جي مشغولين سبب تصنيف ۽ تاليف جو ايترو ڪم نه ڪيو. پر ان هوندي به ڪيس حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۽ علم ادب سان تمام گهڻي رغبت رهندي هئي. تحقيق ۽ تلاش ڪندي، سندس مرتب ڪيل هڪ ڪتاب – ”چيدا شعر“ جي نالي سان معلوم ٿي سگهيو آهي. هيءُ ڪتاب انگريزي چوٿين، پنجين ۽ ڇهين ڪلاس جي شاگردن لاءِ، نصاب طور ترتيب ڏنو ويو هو. هن ڪتاب ۾، سنڌ جي جن ناميارن شاعرن جا چونڊ ۽ چيدا شعر ڏنا ويا آهن، تن جا نالا هي آهن: شاهه، سچل، خليل، ضياءُ، نظامي، حامي ۽ سليم. هيءُ ڪتاب ڪرائون سائيز جي ٨٢ صفحن تي مشتمل آهي ۽ سنڌ اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس، فريئر روڊ، سکر سنڌ مان شايع ٿيو. هيءُ ڪتاب جنهن زماني ۾ ڇپيو، ان وقت رياست خيرپور جو وجود قائم هو، ۽ ان ڪري رياست خيرپور جي تعليم کاتي جي طرفان نصاب طور اسڪولن لاءِ منظور ڪيو ويو هو.

سيد پناهه علي شاهه وٽ هڪ بهترين ڪتبخانو پڻ هو، جنهن ۾ ڪافي ناياب ۽ قيمتي ڪتاب موجود هئا. شاهه صاحب پنهنجي انهيءَ گران قدر علمي ۽ ادبي خزاني مان ٢٧ جنوري ١٩٨١ع تي ٿي سؤ ڪن ڪتاب سنڌ جي مشهور علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تحقيقي اداري - انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شوري کي عطيي طور ڏنا، جتي سندس نالي تي بوڪ ڪارنر قائم ٿيل آهي. (5)

سيد پناهه علي شاهه اٽڪل ٨٧ ورهين جي ڄمار ۾، ١٦ رمضان المبارڪ ١٤٢١هه/ ١٣ ڊسمبر ٢٠٠٠ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. کيس قدم گاهه مولا علي عليہ السلام، حيدرآباد سنڌ ۾ مدفون ڪيو ويو.(6)

حوالا

(1) سيد غلام حيدر شاهه موسوي: ”شجره سادات موسوي“ (قلمي سنڌي)، ص ٤٩

(2) مغل گل محمد: ”انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي تحقيقي لائبريريءَ ۾ سنڌ جي اهم شخصيتن جي نالي ۾ قائم ٿيل بوڪ ڪارنرس ۽ سندن مختصر تعارف“ (قلمي مقالو)، ص ٧

(3) ايضاً

(4) ”نسيم“ امروهوي : ”تاريخ خيرپور“ (اردو)، ص ٧٥ — ١٧٤

(5) ڏسو حوالو نمبر (1)

(6) بروايت قاضي علي نواز، ساڪن گلستان سجاد، حيدرآباد سنڌ.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد دلدار حسين موسوي

سيد دلدار حسين شاهه ولد خاوند ڏنو شاهه ١٥ ذوالقعد ١٣٣٧ھ /١٩ آگسٽ ١٩١٩ع تي ڄائو. سندس والد - سيد خاوند ڏنو شاهه، روهڙي مان لڏي پراڻي سکر ۾ وڃي رهيو. انهيءَ ڪري اهو يقين سان چئي نٿو سگهجي تہ سيد دلدار حسين شاهه روهڙي ۾ ڄائو، يا سکر ۾. شاهه صاحب - ابتدائي سنڌي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٽن درجن تائين انگريزيءَ جي تعليم حاصل ڪئي. ان کان پوءِ، سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري، سن ١٩٢٧ع ڌاري تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد جي حيثيت ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. ملازمت جي دوران پاڻ ميرپورخاص ۽ جيمس آباد ۾ استاد تي رهيو. جلد ئي تعليم کاتي جي ملازمت ڇڏي، پنهنجي اباڻي ڳوٺ سکر موٽي آيو. ان کان پوءِ سن ١٩٣٨ع ۾ آبپاشي کاتي ۾ آبدار جي حيثيت ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. سن ١٩٤٧ع ۾ آبداري ڇڏي، ساڳئي کاتي ۾ ڪلارڪ تي رهيو. جتان سن ١٩٤٩ع ۾ آفيس سپرينٽينڊنٽ جي عهدي تان ملازمت ڇڏي ڏنائين.(1) پاڻ تمام ذهين ۽ هوشيار هو. اريگيشن کاتي جي قانون تي ڪيس عبور حاصل هو، ان ڪري وڏا وڏا زميندار سندس گهر جي اڳيان بيٺا هوندا هئا. آبپاشي کاتي وارا ڪيس لاهور ۾ اولهہ پاڪستان جي چيف انجنيئر ڏانهن لکپڙهہ نيڪال ڪرائڻ لاءِ ڏانهس موڪليندا هئا.(2) شاهه صاحب ٥ نومبر ١٩٦٩ع تي سکر ۾ وفات ڪئي. شاهه کيس پنج پٽ ٿيا: هر هڪ الطاف حسين شاهه، اختر حسين شاهه، اشفاق حسين شاهه، مزمل حسين شاهه ۽ نصرت حسين شاهه.

سيد دلدار حسين شاهه پنهنجي دور جو هڪ نامور ڪهاڻيڪار هو. سندس ڪهاڻيون ان وقت جي مشهور رسالن، جهڙوڪ: ”پارت جيون“، ”سنڌو“، ”مهراڻ“ وغيره ۾ ڇپجنديون رهنديون هيون. سندس ڪهاڻين مان ”سيما“ هڪ

---

(1) بروايت مرحوم سيد الطاف حسين شاهه ولد سيد دلدار حسين موسوي

(2) سيد غلام حيدر شاهه موسوي: ”اڪئين پسيو مون“ قلمي سنڌي، ص ٥

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

بهترين ڪهاڻي هئي، جنهن تي ڪيس نقد انعام پڻ ڏنو ويو. افسوس جو سندس اهو سمورو تخليقي سرمايو محفوظ رهي نہ سگهيو. اسان کي سندس جيڪي ڪهاڻيون معلوم ٿي سگهيون آهن، هتي انهن جا نالا ڏجن ٿا:

1 . شيوا	”يارت جيون“	
2 . راڻا جي مالها	”سنڌو“	آگسٽ ١٩٣٨ع
3 . محبتي درخت	ايضاً	ڊسمبر ١٩٣٨ع
4 . دولت جونشو	ايضاً	مارچ ١٩٣٩ع
5 . سهاڳ جو ڏاڳو	ايضاً	فيبروري ١٩٤٢ع
6 . سيما	”مهراڻ“	١٩٥٥/١ع

اهڙيءَ طرح، شاهه صاحب سنڌي زبان ۽ ادب ۾ خاص طرح تخليقي ادب ۾ وڏو مقام حاصل ڪيو. نثر سان گڏ پاڻ ڪجهہ نظم بہ قلمبند ڪيا هئائين، جي قلمي صورت ۾ سندس فرزند اشفاق حسين شاهه وٽ محفوظ آهن.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ غلام مصطفيٰ شاهه

ميرڪ سيد غلام مصطفيٰ شاهه عرف سيد وريل شاهه موسوي بن سيد غلام رسول شاهه ٢٤ ڊسمبر ١٩٢٠ع تي سکر پراڻي ۾ تولد ٿيو. سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري، تعليم کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين ۽ هيڊماستر تي پينشن تي لٿو.

شاهه صاحب فارسي، اردو ۽ سنڌي ٻولين جو وڏو ڄاڻو هو. پاڻ تصوف، علم ادب ۽ تواريخ سان گهري دلچسپي رکندڙ هو. وٽس پنهنجي خاندان جا ڪيترائي ناياب قلمي نسخا، شجرا ۽ ٻيو قيمتي مواد موجود هو. جنهن جي آڌار تي ”تاريخ موسوي سادات“ جي نالي سان هڪ ڪتاب مرتب ڪيو هئائين. ڪيس سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي خاص صنفن، جهڙوڪ: ڪافي، وائيءَ ۽ زاريءَ سان وڏو شغف هو. شاهه صاحب آزاد طبع ۽ صوفي خيالن جو ماڻهو هو.

ڪلاسيڪي موسيقي خواهه سنڌ جي روايتي راڳ جو ماهر ۽ ڄاڻو هو. ساڳئي وقت، پاڻ هڪ پلوڙ راڳي پڻ هو. سيد منور علي شاهه معصوميءَ کان ڪجهه وقت راڳ جي فن جي سکيا ورتي هئائين، ۽ پاڻ ان سان گڏجي رياض بہ ڪندو هو. شاهه صاحب آخر ۾ پنهنجي خاندان جي بزرگن جي ناراضگيءَ ڪري، ڳائڻ وڄائڻ ڇڏي ڏنو. پاڻ سير و سياحت جو شوقين هو. برصغير هند و پاڪ جي اڪثر اوليائن جي درگاهن جون زيارتون ڪيون هئائين.

شاهه صاحب - ”تذڪره پوراڻي سادات“ لکڻ وقت سيد حسام الدين راشديءَ کي ڪافي مواد فراهم ڪيو هو. سنڌ جي مشهور مؤرخ - مير رحيمداد خان مولائي شيدائيءَ سان بہ سندس سٺا تعلقات قائم هئا، ۽ ڪيس ”موسوي سادات جي مختصر تواريخ“ لکڻ وقت پڻ مواد ڏنو هئائين. ان کان سواءِ، نامور ليکڪ - محترم الله جوڙيي انصاريءَ سان بہ سندس ڪافي محبت جو رستو قائم هو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

شاهه صاحب وارو اهو سمورو خانداني مواد - اڄ بہ جيڪڏهن هٿ ڪري ۽ ان کي صحيح نموني ۾ مرتب ڪيو وڃي، تہ ان مان "ميرڪي سادات" سان گڏ سنڌ جو هڪ قيمتي تواريخي مواد گڏ ٿي سگهي ٿو.

سيد غلام مصطفيٰ شاهه ٢١ جمادي الثاني ١٤١٢هه/٢٨ ڊسمبر ١٩٩١ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. پاڻ لاولد فوت ٿيو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد غلام حيدر شاھ موسوي

سيد غلام حيدر شاھ - سيد محمد علي شاھ جو وڏو فرزند آھي. سندس ولادت ٧ جمادي الثاني ١٣٤١ھ / ٢٤ جنوري ١٩٢٣ع تي ٿي. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم پنھنجي اباڻي شھر سکر ۾ حاصل ڪيائين. مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ سن ١٩٤٢ع ۾ ڪراچيءَ ۾ محڪمہ خوراڪ جي راشننگ کاتي ۾، ڪلارڪ جي حيثيت سان ملازمت جي شروعات ڪيائين، جتي ترقي ڪندي ھيڊ ڪلارڪ ٿيو. سن ١٩٤٧ع ۾ ڊائريڪٽر - محڪمہ خوراڪ - ڪراچيءَ جي دفتر ۾ آفيس سپرينٽينڊنٽ مقرر ٿيو. شاھ صاحب - ان کاتي مان زماني جي ڪن اڻ وڻندڙ حالتن پٽاندڙ نوڪري ڇڏي. ڪجھ وقت لاءِ لوڪلبورڊ حيدرآباد ۾ پڻ ملازمت ڪئي.

سيد غلام حيدر شاھ - سن ١٩٥٨ع ۾ پنھنجي والد جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، سکر موٽي اچي پنھنجي اباڻي زمين ۽ ڪاروبار سنڀالڻ لڳو. ڪجھ وقت کان پوءِ، شاھ صاحب زمينون ۽ ڪاروبار پنھنجي ٽئين نمبر ڀاءُ - سيد حامد علي شاھ جي حوالي ڪري، پاڻ ڊپٽي ڪمشنر آفيس، سکر ۾ دستاويز نويسيءَ جو ڪم اختيار ڪيائين. سن ١٩٦٠ع ۾ بنيادي جمھوريت واري نظام تحت پاڻ ميمبر چونڊجي آيو. ۽ اھڙيءَ طرح سن ١٩٧٩ع تائين وقت بوقت وڏيءَ اڪثريت سان ميمبر منتخب ٿيندو رھيو ھن سکر ۽ آس پاس جي ماڻھن جي وڏي خدمت ڪئي آھي. ازانسواءِ سن ١٩٧٩ع ۾ ڪيس سندس اعليٰ خدمتن جي عيوض ان وقت جي سنڌ گورنمينٽ طرفان "جسٽس آف پيس" جو اعزاز عطا ڪيو ويو. پنھنجي "موسوي خاندان" جي لاءِ بہ ڪيترين خدمتون سرانجام ڏنيون اٿائين. سن 1979ع ۾ ڪيس سندس اعليٰ خدمتن جي عيوض ان وقت جي

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سنڌ گورنمينٽ طرفان "جنٽس آف پيس" جو اعزاز عطا ڪيو ويو.

سيد غلام حيدر شاهه نهايت ئي علم دوست ۽ هڪ سُڄاڻ شخص آهي. وٽس هڪ بهترين ڪتبخانو ۽ پنهنجي وڏن جو علمي ۽ ادبي ذخيرو موجود آهي. وٽس پنهنجي خاندان جا قديم شجرا، سَنَدُون ۽ ٻيو قيمتي مواد موجود آهي. سنڌي زبان ۾ "شجره سادات موسوي" نالي هڪ ڪتاب مرتب ڪيو اٿائين، جنهن ۾ پوئين دور جي خاندان جي نهايت مفيد معلومات يڪجاءِ ڪئي اٿائين. هن ڪتاب ڪي مرتب ڪرڻ دوران اهو مذڪور قلمي نسخو - راقم جي تصرف هيٺ رهيو. جو اسان ڪي انجنيئر عبدالحسين موسويءَ جي ذريعي موصوف جي ننڍي فرزند سيد ثقلين حيدرشاهه کان دستياب ٿيو. شاهه صاحب پنهنجي يادگيرين تي مشتمل هڪ ڪتاب - "اکئين پسيو مون" جي عنوان سان پڻ سنڌي زبان ۾ تحرير ڪيو آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد مقبول حسين موسوي

سيد مقبول حسين شاهه ولد سيد عبدالله شاهه موسوي ١٩ مئي ١٩٣٣ع تي سکر پراڻي ۾ ڄائو. پاڻ نهايت ئي اعليٰ صلاحيتن جو مالڪ هو. بي. اي. (آنرس) بي. ٽي. ۽ ايم. اي. (پوليٽيڪل سائنس) پاس ڪرڻ کان پوءِ، تعليم کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. پاڻ سن ١٩٥١ع کان ١٩٥٥ع تائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول سکر ۾ استاد ٿي رهيو. سن ١٩٥٥ع کان ١٩٥٧ع تائين پير جي ڳوٺ، لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور جي هاءِ اسڪولن ۾ ملازمت ڪيائين. ان کان پوءِ سن ١٩٥٧ع کان ١٩٦٤ع تائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول سکر ۾ استاد ٿي رهيو، جتان ١٥ آڪٽوبر ١٩٦٤ تي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سکر ۾ پوليٽيڪل سائنس جو ليڪچرار مقرر ٿيو. سن ١٩٦٨ع ۾ پاڻ سنڌ سرڪار جي سروسز ائنڊ جنرل ائڊمنسٽريشن ڊپارٽمينٽ ۾ سيڪشن آفيسر ۽ سن ١٩٧٨ع ۾ تعليم کاتي جو ڊپٽي سيڪريٽري ٿيو. اهڙيءَ طرح شاهه صاحب حڪومت سنڌ جي ماليات (Finance) کاتي ۾، سن ١٩٨٢ع ۾ پهريائين ڊپٽي سيڪريٽري، پوءِ سن ١٩٨٦ع ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري ۽ آخر ۾ سن ١٩٩١ع ۾ سيڪريٽري جي عهدن تي فائز رهيو. سن ١٩٩٢ع ۾ سنڌ سرڪار جي سروسز ائنڊ جنرل ائڊمنسٽريشن ڊپارٽمينٽ جي **Implementation Unit** جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ٿيو ۽ انهيءَ عهدي تان رٽائر ڪيائين. شاهه صاحب جيئن تہ هڪ وڏو محنتي، جفاڪش ۽ نهايت ئي قابل شخص هو، تنهنڪري حڪومت کيس انهيءَ ساڳئي عهدي تي رٽائر ٿيڻ کان پوءِ، مزيد ڇهن مهينن جو مدو وڌائي ڏنو.

سيد مقبول حسين شاهه ٢٢ اپريل ١٩٩٧ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي • ۽ "ڏتل شاهه جي مڪان" ۾ مدفون ٿيو. کيس ٽي پٽ - هر هڪ سيد زرنگار شاهه، ذوالفقار حسين شاهه، ذوالقرنين موسوي ۽ ٽي ڌيئر - فاطمہ، ڊاڪٽر طيبه، پروفيسر طاهره ٿيون.

شاهه صاحب درس و تدريس جي مشغلي ۽ ملازمت جي مصروفيتن سان

• بروايت سيد زرنگار شاهه بن سيد مقبول حسين شاهه موسوي

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

گڏوگڏ ڪيترائي درسي ۽ نصابي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا. هتي سندس ڇپيل ڪتابن جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

1 . سنڌ جو نظام حڪومت ۽ شهريت: هن نصابي ڪتاب ۾، سنڌ جي انتظامي جوڙجڪ ۽ شهريت جي باري ۾ ڇاڻايو ويو آهي. هيءُ ڪتاب لڳاتار ڇهہ دفعا شايع ٿيو. سن ١٩٥٨ع ۾ هن ڪتاب جا ٻہ ڇاپا (پنجون ۽ ڇهون ايڊيشن) عجائب اسٽور، سکر سنڌ طرفان پڌرا ٿيا. هن ڪتاب ۾ ٢٠٩ صفحا آهن.

2 . مملڪت پاڪ جو دستور: هيءُ ڪتاب ان وقت جي نصاب کي آڏو رکي مرتب ڪيو ويو آهي. هن ۾ پاڪستان جي آئين بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي. هيءُ ڪتاب ٦٨ صفحن تي ڦهليل آهي. سن ١٩٥٦ع ۾ مشهور پبلشر - آر. ايچ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

3 . دنيا جا قدرتي ڀاڱا: هيءُ ڪتاب مئٽرڪ جي شاگردن لاءِ نصاب طور لکيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب سن ١٩٦٠ع ۾ راما پاڪ بوڪ ڊيپو، حيدرآباد سنڌ وارن ڇپايو. هن ڪتاب ۾ جملي ٣٦ صفحا آهن.

4 . جيڪا تنهنجي مرضي: هيءُ اصل ۾ انگريزي زبان جي مشهور شاعر - شيڪسپيئر جي ناٽڪ - "As you like it" جو سنڌي ترجمو آهي. شاهہ صاحب - اصل ڪتاب ۾ انگريزي زبان جا جيڪي لفظ ۽ اصطلاح استعمال ڪيا ويا آهن، تن جو معنائون پڻ ڏنيون آهن. هيءُ ڪتاب سن ١٩٦٠ع ۾ راما پاڪ بوڪ ڊيپو، حيدرآباد سنڌ طرفان پڌرو ٿيو. هن ساڳئي ڪتاب کي گل شيوا منڊلي حيدرآباد سنڌ وارن پڻ ٻيهر شايع ڪيو. هن ڪتاب جا ١٨٣ صفحا آهن ۽ ٢٤ صفحن تي لفظن جي معنيٰ ڏني وئي آهي.

6 . دنيا جي جاگرافي: هيءُ ڪتاب آر.ايچ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ وارن سن ١٩٦١ع ۾ شايع ڪيو. ڪتاب ۾ ڪل ٦١٦ صفحا آهن.

7 . مغربي پاڪ صوبي جو نظام حڪومت: شاهہ صاحب هيءُ ڪتاب ون يونٽ قائم ٿيڻ کان پوءِ تاليف ڪيو. هن ڪتاب ۾ ان وقت قائم ٿيل اولهہ پاڪستان صوبي جي انتظامي جوڙجڪ جي باري ۾ ڄاڻ ڏنل آهي. هيءُ ڪتاب سن ١٩٦١ع ۾ آر. ايچ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ وارن ڇپائي پڌرو ڪيو. هيءُ ڪتاب ٥٨٥ صفحن تي مشتمل آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

8 . تاريخ اسلام – هند و پاڪ: هيءُ ڪتاب ان وقت جي تدريسي نصاب موجب لکيو ويو آهي، جنهن ۾ خاص طرح هندوستان ۽ پاڪستان جي تواريخ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب کي آر.ايچ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ وارن سن ۱۹٦۲ع ۾ ڇپايو. هيءُ ڪتاب ٤۰۹ صفحن تي ڦهليل آهي.

9 . هند و پاڪ ۾ افغان حڪومت: شاهه صاحب جو هيءُ ڪتاب پڻ نصابي نوعيت وارو آهي. ڪتاب ۾ ٤۰۲ صفحا آهن ۽ هن کي آر. ايچ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ وارن ۱۹٦٦ع ۾ شايع ڪيو.

10 . هند و پاڪ ۾ برطانوي حڪومت: هن ڪتاب ۾ برصغير هند و پاڪ ۾ برطانوي راڄ تي روشني وڌي ويئي آهي. هيءُ ڪتاب آر. ايچ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ طرفان ۱۹٦٦ع ۾ ڇپايو ويو. ڪتاب ۾ جملي ۵۰۰ صفحا آهن.

11 . جنرل هسٽري: هيءُ ڪتاب ان وقت جي نصاب جي لحاظ کان مرتب ڪيل آهي. هن ڪتاب ۾ ڪل ٤۵ صفحا آهن ۽ سن ۱۹٦٦ع ۾ آر. ايچ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ طرفان شايع ڪرايو ويو.

12. A Hand Book of Rules and Instructions (For Civil servants of Sindh):

هيءُ ڪتاب سنڌ ۾ ملازمت ڪندڙن لاءِ نوڪريءَ جي قاعدن ۽ قانونن جي باري ۾، لکيل آهي. هيءُ ڪتاب پنجن جلدن تي مشتمل آهي ۽ سنڌ گورنمينٽ پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپيو.

13. A Guide for Retiring & Retired civil servants of Government of Sindh:

شاهه صاحب هيءُ ڪتاب انگريزي زبان ۾، سنڌ جي سول ملازمن جي پينشن تي لهڻ وارن جي رهبريءَ ۽ رهنمائي لاءِ لکيو آهي. هيءُ ڪتاب سنڌ گورنمينٽ پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپيو.

14. A Commentory on 1973 Constitution of the Islamic Republic of Pakistan:

هيءُ ڪتاب پڻ انگريزي زبان ۾ لکيل آهي. هن ۾ ۱۹۷۳ع واري آئين تي بحث ڪيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب پڻ سنڌ گورنمينٽ پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپيو.

مٿين ڪتابن کان علاوه، شاهه صاحب جا ڪجهه ڪتاب قلمي صورت ۾، سندس فرزند سيد زرنگار شاهه وٽ محفوظ آهن.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد عاشق حسين شاهه "عاشق"

سيد عاشق حسين شاهه ولد عبدالمجيد شاهه موسوي - ٢٩ مئي ١٩٣٧ع تي پراڻي سکر ۾ ڄائو. سندس نسب جو سلسلو - ميرڪ عبد الباقي پورانيءَ سان هن طرح ملي ٿو:

سيد عاشق حسين شاهه بن عبدالمجيد شاهه (ولادت: ١٤ رمضان المبارڪ ١٣٠٩هه /٢ اپريل ١٨٩٢ع - وفات: ٢٥ ڊسمبر ١٩٨٠ع) بن ڪرم علي شاهه (المتوفي: ٦ جمادي الثاني ١٣١٥هه/٢ نومبر ١٨٩٧ع) بن دائم علي شاهه (ولادت: ١٢١٨هه - وفات: ٢٥ شعبان المعظم ١٢٩٨هه/٢٣ جولاءِ ١٨٨١ع) بن سيد علي بن فضل علي بن مير حامد بن سيد احمد بن سيد محمد بن سيد عبدالاول بن سيد محمد عبدالله بن سيد عبدالباقي پوراني.

سيد عاشق حسين شاهه ايم.اي. (اقتصاديات) ۽ ايل. ايل.بي. تائين تعليم حاصل ڪئي آهي. پاڻ جڏهن سکر جي اسلاميه ڪاليج ۾ پڙهندو هو. ته ان وقت ڪاليج طرفان قائم ٿيل "سنڌي ادبي سوسائٽي" جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. انهيءَ سوسائٽيءَ جي اشاعتي سلسلي ۾، سندس ڪوششون نهايت ئي قابل قدر آهن. شاهه صاحب نوڪريءَ جي ڏس ۾ چڱا ڪاتا گهميو. آبپاشي، جيل، ڪورٽ ۽ ميونسپالٽيءَ ڪان ٿيندو، آخر ۾ تعليم ڪاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. پاڻ سن ١٩٨٥ع ۾ ايليمينٽري اسڪول روهڙيءَ جو هيڊماستر مقرر ٿيو سن ١٩٨٨ع ۾ هاءِ اسڪول دادلوءِ ۽ آخر ۾ گورنمينٽ ميونسپل هاءِ اسڪول پراڻي سکر جو هيڊ ماستر ٿيو ۽ انهيءَ عهدي تان ١٩٩٧ع ۾ رٽائر ڪيائين.

شاهه صاحب شعر و شاعريءَ جي مذاق رکندڙ آهي. شاعريءَ جي مختلف صنفن، جهڙوڪ: نعت، غزل، ڪافي، وائي، زاري ۽ بيت تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. فني لحاظ کان سندس بيت پڪا ۽ پُختا آهن، ۽ منجهن

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڪافي رس ۽ رچاءُ آهي. (1) پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ "عاشق" تخلص استعمال ڪندو آهي. سندس ڪجهه بيت نموني طور ڏجن ٿا.

بيت

جيئڻ آه جنجال، پسڻ بنا پريڻ جي،
روئي روئي رت ڦڙا، مون وڃايو حال،
"عاشق" ٿيو محال، ميلو ٿيڻ محبوب سين.

سامهون اهي سپرين، اکين جي هردم،
وساريان نه وسري، پرين سندو غم،
"عاشق" جو نه ڪم، ڏيڻ پاراتو پرينءَ کي.

ڏک ڏولاوا ڏاڪڙا، سهسين اٿم سور،
پرينءَ سندي پار جا، ٿا پل پل پون پور،
"عاشق" تن حضور، سڏڙا ڪريان سڪ سان.

پائي پاند ڳچيءَ ۾، ڳل وجهي ڳارو،
عرض اگهائج سپرين، ڪرم مون لاڙو،
"عاشق" ويچارو، در سوالي تنهنجي.

در سوالي تنهنجي، "عاشق" ويچارو،
وڪاڻل ورهين ڪان، سچو ٿئي سارو،
الله لڳ اسير کي، ڏي سڪئون سهارو،
نينهنئون نظارو، پرين پسائج پاڻ تون.

در سوالي تنهنجي، ٻئي در ويندس ڪيئن،
اکيون اڳ اڳريون، تم تم وسن مينهن،
محبوب جي ميلاپ جا، ياد پون ٿا ڏينهن،
سڄڻ سندي نينهن، "عاشق" کي عاجز ڪيو.

در سوالي تنهنجي، ڪيئن ويندس ٻئي در،
قرب مان قريب تون، اڄ "عاشق" گهر،
نينهنئون نظر ڪر، ته لهن اولا اندر جا.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

در سوالي تنهنجي، ٻئي در ڪيئن ويندس،
جانڻ تنهنجي جُوءِ جي، گولي ٿي رهندس،
محبت جي ميدان جا، سور نه سليندس،
"عاشق" رت روئندس، پڪاري پرينءَ کي.

در سوالي تنهنجي، آهيان مان جاني،
سڏڙا ٻڌي سڪ جا، ڪر مشڪل آساني،
قرب جي ڪاني، "عاشق" لاءِ اڪسير آه.

قرب جي ڪاني، ياد اٿم ڏينهن رات،
پريان سندي پار جي، ويئي ڪريان تات،
"عاشق" وائي وات، هر دم آه حبيب جي.

جانب وجهج جيءَ ۾، ذوقون زور زنجير،
الله لڳ اچي ڪري، سر تون ڏيم سرير،
"عاشق" جو اسير، در سوالي تنهنجي.

ڪهي آيس قرب مان، پسڻ نظارو،
"عاشق" کي آه اصل ۾، تنهنجو سهارو،
وسار نه هي ويچارو، آڌر ڏي هن اسير کي.

هڪ بي نيازي يار جي، ٻيو نازڪ نزاڪت،
"عاشق" آه ان ۾، قربئون ڪرامت،
هيڏن هدايت، پسان مان پرينءَ کي.

ساٿي سڀ ڇڏي ويا، سورن ساٿ عجيب،
"عاشق" هو ازل کان، لکيو منجهه نصيب،
"ان الله مع الصابرين" ڪاهه جن قريب،
ماڻيو تن حبيب، دنيا جي دوران ۾.

www.facebook.com/musavisayed

"ان الله مــع الصـــابرين، " ڪلمـــو پڙهيـــو جـــن،
"عاشق" ســڙن ســور ۾، ٻــاڦ نـــ ٻــاهر ڪـــن،
ڳولهـــي لـــڌو تـــن، ســـورن منجهـــان سـپرين.

منجهـــانِ ســـڪ سـبيل، پريـــن جـــن پسـيو،
فــي الذڪرونــي الذڪرڪـم، تنهيـن ڪـاڻ رسيو،
"عاشق" ات وســيو، ابـــر اڇـــي عشـــق جـــو.

قـــالو بـــلا جـــي قـــول جـــو، وعـــدو جـــي پـــاڙين،
فـــي الذڪرونـــي الذڪرڪـــم، مـــزو ســـي مـــاڻين،
"عاشق" ســي آڻيـــن، موت ڪـــي مرڪـــي ڪـــري.

دنيـــا جـــي دوران ۾، جـــن وڃـــايو حـــال،
"عاشق" چـــوي اصـــل ڪـــان، حـــاصل تـــن آه حـــال،
اهي هميشـــ بـــي حـــال، پسـيو جن نـــ پريـــنءَ کـــي.

پسـيو جـــن نـــ پريـــنءَ کـــي، روئنـــدا وتنـــدا رت،
ملنـــدو تـــن کـــي ڪيـــن ڪـــي، جيـــاپي جـــو جـــت،
لکيـــو قلـــم ڪـــت، "عاشق" قرنـــدو ڪيـــن ڪـــي.

دنيـــا جـــي دورانِ ۾، جـــن وڃـــايو حـــال،
"نحـــن اقرب" تنهيـــن لاءِ، ٿينـــدو ڪيـــن محـــال،
"عاشق" ســـي بحـــال، جـــن وڃـــايو حـــال کـــي.

جـــي وڃـــائين حـــال کـــي، پريـــن ســـي پيـــائين،
"نحـــن اقرب بحبـل الوريد" جـــا، گيـت ســـي ڳـــائين،
"عاشق" ســـي آهيـــن، ازل ڪـــان الله جـــا.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حـــال وجـــائي پنهنجـــو پريـــن جـــن پـــاتو
"ونحن اقرب بحبل الوريد" سان، تنهين جـو نـاتو
ســـچڻ ســـڃاتو "عاشق" تـــن ازل کـــان.

الـــف مـــان آدم بڻيـــو، عيـــن مـــان "عاشق"،
سو سچو سالڪ، جنهن نفس نهوڙي نانهن ڪيو.(2)

حوالا

1) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "تذڪره شعراءِ سکر"، ص ٣٥٩

2) اسلاميه ڪاليج ميگزين سکر، پاڪ لٿو پريس سکر سنڌ، ١٩٦٤ع، ص ٥٦ – ٥٥

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

اشفاق حسين شاهہ موسوي

اشفاق حسين شاهہ جو تعلق سکر جي مشهور علمي گهراڻي ميرڪي سادات سان آهي. سندس جنم ٨ جولاءِ ١٩٥٣ع سکر ۾ ٿيو. سندس والد سيد دلدار حسين شاهہ موسوي هڪ عالم، اديب ۽ شاعر هو. شاهہ صاحب پنهنجي والد جو ٽيون نمبر فرزند آهي. هن ابتدائي تعليم سکر ۾ حاصل ڪئي، پوءِ وڏيڪ تعليم سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. هُو اڳوڻي اولهہ پاڪستان حڪومت ۽ سنڌ حڪومت ۾ مختلف عهدن تي ايمانداريءَ سان پنهنجا فرض ادا ڪندو رهيو.

شاهہ صاحب هڪ سٺو اديب آهي. سندس ادبي زندگيءَ جي شروعات سن١٩٧٧ع ۾ ٿي. هُو سٺو ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪجهہ ڪهاڻيون عبرت جي سنڌي ايڊيشن ۾ وقت بوقت ڇپجنديون رهيون جن کي ادبي حلقن ۾ چڱي مڃتا ملي. شاه صاحب سٺو سخن سنج، سخن فهم ۽ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جو وڏو پارکو آهي.

شاهہ صاحب جو گهڻو لاڙو روحانيت طرف آهي. ڪئين ڀيرا زواريءَ جي سعادت حاصل ڪري چڪو آهي. هُو مذهبي ۽ فقهي ڪمن ۾ گهڻي دلچسپي وٺي ٿو. ڪيس بہ پٽ آفاق حسين ۽ پارس مهدي ۽ بہ نياڻيون آهن.

شاهہ صاحب هڪ رلڻو ملڻو، يارن جو يار، قربدار ۽ وفادار دوست آهي. هن وقت سنڌ حڪومت جي اطلاعات کاتي ۾ ڊپٽي سيڪريٽري آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

روهڙيءَ جا ميرڪي سادات

اسان هن تذڪري جي منڍ ۾ اهو ڄاڻائي آيا آهيون ته ”ميرڪي سادات“ - سکر ۾ اچي دائمي سڪونت اختيار ڪئي ۽ صدين کان ونني هيءُ خاندان اتي ئي رهيو. سندن مٽيءَ پنوڙا به هتي ئي سکر ۾ نهيا. ليڪن، ڪجهه وقت کان پوءِ هن خاندان جا ڪي بزرگ - روهڙيءَ ۾ وڃي آباد ٿيا. اهو پوريءَ طرح سان معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته ”ميرڪي سادات“ سکر مان لڏي، ڪڏهن ۽ ڪهڙي دور ۾ اچي روهڙيءَ ۾ رهيا ۽ نه وري سندن روهڙيءَ ۾ اچي رهڻ جو ڪو سبب ئي معلوم ٿي سگهيو آهي. ان باري ۾ تواريخون ۽ تذڪرا پڻ خاموش نظر اچن ٿا. البت، خانداني روايتن مان اهو پتو پوي ٿو ته ”ميرڪي سادات“ جا چند افراد - گهڻو پوءِ روهڙيءَ ۾ اچي آباد ٿيا. ان سلسلي ۾، ”ميرڪي سادات“ جي خانداني صدري روايتن جي آڌار تي ايترو چئي سگهجي ٿو ته هڪ اندازي موجب - مغلن جي آخري دور ۾، هن خاندان - سکر کان لڏي پلاڻي اچي روهڙيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي.

سنڌ جي نامور عالم، اديب ۽ تعليمي ماهر - سيد عطا حسين موسويءَ جي اڪثر سوانح نگارن اهو ڄاڻايو آهي ته سندس والد بزرگوار - سيد وڏيل شاهه (المتوفي: ١٩٤٦ع) پنهنجي خاندان وارن کان ڪنهن معاملي تان ناراض ٿي، سکر مان لڏي اچي روهڙيءَ ۾ رهيو. ليڪن، انهيءَ روايت کي جڏهن خانداني روايتن تي پرکجي ٿو، ته ان ۾ ڪابه صداقت نظر ڪانه ٿي اچي.

انهيءَ ڏس ۾، سيد نظر محمد شاهه ڪوٽائيءَ (المتوفي: ١٢ آگسٽ ١٩٩٤ع) جي روايت آهي، ته سيد وڏيل شاهه جي والد - سيد مريد علي شاهه بن سيد غلام حيدر شاهه، جو پنهنجي وقت جو هڪ وڏو قابل ۽ ذهين استاد ۽ اعليٰ علمي بصيرت جو مالڪ هو، کي مير صادق علي شاهه ڪوٽائيءَ پنهنجي ٻارن جي تعليم لاءِ گهرايو ۽ کيس روهڙيءَ ۾ هميشه رهائش اختيار ڪرڻ لاءِ چيائين. مير صاحب - سيد مريد علي شاهه جي علميت ۽ شخصيت جو وڏو قدردان هو ۽ کيس روهڙيءَ ۾ ”سائدو باغ“ (جتي هن وقت ”ميرڪي/موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سادات" جي موجوده حاويلي آهي.) رهائش لاءِ ڏنو. سيد نظر محمد شاهه وڏيڪ روايت ڪئي، تہ وٽس انهيءَ سلسلي ۾ ڪي اهم ڪاغذات بہ موجود آهن، ليڪن پاڻ اسان کي اهي ڪاغذ ڏيکاري نہ سگهيو.

سيد نظر محمد شاهه ڪوتائيءَ جي انهيءَ بيان مان بہ ڳالهيون پيدا ٿين ٿيون. هڪ تہ انهيءَ روايت ۾ مورڳو ڪا صداقت ئي ڪانهي، ۽ ٻيو جي ان ۾ ٿوري گهڻي ڪا صداقت بہ آهي، پر نوس ثبوت موجود نہ هئڻ جي ڪري ڪجهه يقين سان چئي نٿو سگهجي.

بهرحال، روهڙيءَ جي "موسوي سادات" جي خانداني روايتن جي بنياد تي اهو خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو، تہ سيد مريد علي شاهه روهڙيءَ ۾ ئي رهندو هو. اهڙي روايت سکر جي "ميرڪي سادات" جو معزز - سيد غلام مصطفيٰ شاهه عرف سيد وريل شاهه پڻ ڪندو هو. سيد مريد علي شاهه - سنڌ جي عظيم صوفي شاعر - حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي گادي نشين جو معتقد ۽ مريد هو. پاڻ هر سال مرشدن سان ملڻ لاءِ، پنهنجي اهل ۽ عيال سميت روهڙيءَ مان ٻيڙي پرائي، درياءَ رستي هالا ويندو هو ۽ اتان پوءِ ڀٽ شاهه ويندو هو.

ازانسواءِ، خانداني روايتن مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سيد مريد علي شاهه جو صرف اڪيلو گهر روهڙيءَ ۾ڪونہ رهندو هو، پر ساڻس گڏ انهيءَ حاويليءَ ۾ سندس ڀيا ٽي ڀائر - سيد ولي محمد شاهه، سيد تراب علي شاهه ۽ سيد لعل محمد شاهه بہ رهندا هئا.

ڪجهه وقت کان پوءِ، سيد ولي محمد شاهه جو پوٽو - سيد خاوند ڏنو شاهه (المتوفي: ۲۱ شعبان المعظم ۱۳۳۸هه/ ۱۰ مئي ۱۹۲۰ع) بن سيد مقيم علي شاهه (المتوفي: ٥ شوال ۱۳۲٥هه/ ۱۱ نومبر ۱۹۰۷ع) روهڙيءَ کي ڇڏي، وري وڃي اصل اباڻي شهر سکر پراڻي ۾ رهيو. سنڌ جو مشهور ڪهاڻيڪار ۽ اديب - سيد دلدار حسين موسوي سندس فرزند هو.

سيد مريد علي شاهه جو ٽيون ڀاءُ - سيد تراب علي شاهه ۱۴ محرم الحرام ۱۳۰۰هه/ ۲٥ نومبر ۱۸۸۲ع تي لاولد فوت ٿيو. روهڙيءَ جي مشهور ڪاتب ۽ خوش نويس - الهندي فقير - سندس ڪتبخاني جا ڪيترائي ناياب ڪتاب نهايت ئي صفائيءَ ۽ سنائيءَ سان خوش خط نقل ڪيا هئا. هر هڪ ڪتاب تي سندس مهر ثبت ٿيل آهي. شاهه صاحب خود پاڻ بہ هڪ سٺو خوش نہ بس هو. ميرڪ حيات علي شاهه لاءِ، سعدي شيرازي جي مشهور ۽ معروف

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڪتاب - "ڪريما" جو هڪ نسخو سن ١٢٦٦هه/ ١٨٥٠ع ۾ ڪتابت ڪيو هئائين، جو هن وقت سيد ابرار احمد موسويءَ وٽ محفوظ آهي.

سيد مريد علي شاهه جي چوٿين پاءُ - سيد لعل محمد شاهه جو اولاد - هن وقت روهڙيءَ جي بجاءِ سکر پراڻي ۾ سڪونت پذير آهي.

اهڙيءَ ريت، سيد مريد علي شاهه جي وڏي فرزند - سيد هادي بخش شاهه (المتوفي: ٢٧ ربيع الاول ١٣٣٤هه /٢ فيبروري ١٩١٦ع) جو اولاد - هن وقت سکر پراڻي ۾ رهي ٿو. ليڪن، سيد مريد علي شاهه جي ٻئي نمبر فرزند - سيد وڏيل شاهه روهڙيءَ ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي، جتي هن وقت تائين سندس چار پيڙهيون رهندي عرصو گذري چڪو آهي. سيد مريد علي شاهه جو ننڍو فرزند - سيد گولو شاهه● (ولادت: ١٩ مارچ ١٨٧٧ع - وفات : ١٤ جون ١٩٣٥ع) پڻ روهڙي ۾ رهيو ۽ اتي ئي لاولد فوت ٿيو.

انهيءَ مٿئين احوال مان اهو صاف طرح سان ظاهر ٿئي ٿو ته سيد وڏيل شاهه پنهنجي خاندان وارن کان ناراض ٿي روهڙيءَ ۾ وڃي ڪونه رهيو هو، پر مٿي بيان ڪيل لڳ لاڳاپن جي ڪري ئي روهڙيءَ ۾ اچي رهيو هو.

انهيءَ ساڳئي سلسلي ۾ تواريخ جا پراڻا ورق ورائيندي، ميرڪ مرتضيٰ جي خانداني شجري جو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ اهو معلوم ٿئي ٿو، ته "ميرڪي سادات" مان مير قوام الدين محمد بن مير رشيد الدين محمد جي حاويلي پڻ روهڙيءَ ۾ هئي. مير صاحب ڪي هتي ٢ ربيع الثاني ١١٥٩هه /٢٤ اپريل ١٧٤٦ع تي عيوض النساءِ نالي نياڻي تولد ٿي. ميرڪ مرتضيٰ جي انهيءَ ساڳئي روايت مان مير قوام الدين محمد جي سيد غلام حيدر شاهه ۽ سندس فرزندن - سيد مريد علي شاهه وغيره سان ڪنهن حد تائين ويجهڙائپ ظاهر ٿئي ٿي. "ميرڪي سادات" جي شجري تي جڏهن نظر ڪجي ٿي ته اهو معلوم ٿئي ٿو، ته مير قوام الدين محمد سيد مريد علي شاهه جو وڏو نانو هو. اسان هتي شجري جي روشنيءَ ۾ ان ڳالهه جي وضاحت ڪريون ٿا :

● سيد گولي شاهه جي متعلق — سيد غلام حيدر شاهه موسوي لکي ٿو، ته پاڻ ڪامينيءَ جو امتحان (سنڌي فائينل) پاس ڪرڻ کان پوءِ تپيداريءَ جو امتحان ڏنائين، تپيداريءَ کان سپروائيزر پڻ ٿيو. هڏ ڪاٺ جو نهايت مضبوط ۽ قداور جوان هو. سنڌس مٿي جا وار چيلهه تي پوندا هئا. پاڻ هڪ پلو ملهه هو ۽ اڪثر ملهه وڙهندو هو. پنهنجي دور جي چڱن نالي وارن ملهن کي زير ڪيو هئائين. نوڪريءَ ۾ رهندي وفات ڪري ويو. (ڏسو "اڪيئن پسيو مون" — قلمي سنڌي، ص ١٢)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد تقي الدين محمد

سيد رضي الدين محمد

سيد رشيد الدين محمد

سيد قوام الدين محمد ("شجره سادات پوراڻي" - ص ١١٥ ۾ روهڙيءَ ۾ سندس حاويلي جو ذڪر ڪيو آهي.

عيوض النساءِ بيگم (بقول "شجره سادات پوراڻي" - ص، ١١٥ . ٢ ربيع الثاني ١١٥٩هه/ ٢٤ اپريل ١٧٤٦ع تي روهڙيءَ ۾ ڄائي. زوجه مير محمد علي بن مير غلام عبدالقادر)

غلام عبدالقادر (سن ١١٨٠هه/١٧٦٦ع ۾ "تحفة الڪرام" جي تاليف وقت حيات هو. مير "قانع" ٺٽويءَ هن کي سکر جي بزرگن ۾ شمار ڪيو آهي.)

مير محمد علي (ولادت: ٤ رجب ١١٥٧هه / ١٣ آگسٽ ١٧٤٤ع - مير قوام الدين جو نياڻو هو. وفات: ١١٩٦هه/١٧٨٢ع . "شجره موسوي سادات" ص ٢١

سيد غلام حيدر شاه (ولادت ١١٩٦هه /١٧٨٢ع - ولادت جي چوٿين ڏينهن سندس والد وفات ڪئي.)

سيد ولي محمد شاه

مقيم علي شاه

خاوند ڏنو شاه (سکر لڏي ويو. هن وقت سندس اولاد پراڻي سکر ۾ رهي ٿو.)

سيد مريد علي شاه (ولادت: ٢٣ ذوالحج ١٢٣٥هه/ ١ آڪٽوبر ١٨٢٠ع - وفات: ١٩ شعبان المعظم ١٢٩٨هه/ ١٨ جولاءِ ١٨٨١ع)

هادي بخش شاه (ولادت: ٢٥ جمادي الثاني ١٢٨٥هه/ ١٣ آڪٽوبر ١٨٦٨ع - وفات: ٢٧ ربيع الاول ١٣٣٤هه/ ٢ فيبروري ١٩١٦ع. سندس اولاد پڻ سکر ۾ ئي رهي ٿو.)

وڏيل شاه (ولادت: ٢٢ جمادي الثاني ١٢٨٩هه/ ٢٧ آگسٽ ١٨٧٢ع - وفات: ١٤ رمضان المبارڪ ١٣٦٥هه/ ١٢ آگسٽ ١٩٤٦ع سندس اولاد روهڙيءَ ۾ رهي ٿو.)

سيد گولو شاه (ولادت: ١٩ مارچ ١٨٧٧ع - ١٤ جون ١٩٣٥ع تي لاولد فوت ٿيو.

سيد تراب علي شاه (لاولد)

سيد لعل محمد شاه

تراب علي شاه (ولادت: ٢١ ربيع الثاني ١٣٠٧هه/ ١٥ ڊسمبر ١٨٨٩ع)

محمد علي شاه (ولادت: ١٠ صفر المظفر ١٣٠٩هه/ ١٥ سيپٽمبر ١٨٩١) [هي ٻئي ڀائر سکر ۾ رهيا ۽ سندن اولاد اڄ تائين سکر پراڻي ۾ رهائش پذير آهي.]

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪ مرتضيٰ جي انهيءَ مذڪور نشاندهيءَ مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ مير قوام الدين محمد ڪافي عرصي ڪان روهڙيءَ ۾ رهندڙ هو. ۽ سندس شمار روهڙيءَ جي معزز ۽ بااثر شخصيتن ۾ ٿيندو هو. سيد قوام الدين محمد جي ڌيءَ - عيوض النساءِ بيگم جو اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون. سيد غلام حيدر شاهہ جي شجري مطابق - مير صاحب پنهنجي انهيءَ سعادت مند نياڻيءَ جو نڪاح - مير محمد علي بن مير غلام عبدالقادر سان ڪيو هو. جنهن مان مير غلام حيدر شاهہ تولد ٿيو.

بهرحال، سيد قوام الدين محمد جي انهيءَ خانداني سلسلي مان اها ڳالهہ صاف ظاهر ٿئي ٿي تہ سندس ڏوهٽاڻ روهڙيءَ ۾ ڄاوا ۽ نپنا، ۽ هتان جا ئي ٿي رهيا.

انهن مٿين خانداني روايتن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ”ميرڪي سادات“ يارهين صديءَ جي آخر ۾ يا ٻارهين صديءَ جي شروع ڌاري سکر مان ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان اچي روهڙيءَ ۾ رهيا. وقت گذرندي هيءُ سيد سڳورا اڳتي هلي، ”ميرڪي سادات“ جي بجاءِ ”موسوي سادات“ سڏجڻ ۾ آيا.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهہ موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد وڏيل شاهه موسوي

سيد وڏيل شاهه ٢٢ جمادي الثاني ١٢٨٩هـ / ٢٧ آگسٽ ١٨٧٢ع تي روهڙيءَ ۾ جنم ورتو. پاڻ پنهنجي والد - سيد مريد علي شاهه جي ٽئين گهرواريءَ مان هو. سندس نسب جو سلسلو هن طرح آهي:

سيد وڏيل شاهه بن سيد مريد علي شاهه بن غلام حيدر شاهه بن محمد علي شاهه بن غلام عبدالقادر بن رضي الدين محمد بن مير تقي الدين محمد بن ميرڪ عبدالاول بن ميرڪ محمد عبدالله بن ميرڪ عبدالباقي بن ميرڪ بايزيد الحسيني پوراڻي.

سيد وڏيل شاهه - عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن جي تعليم - آخوند ميان عبدالله کان حاصل ڪئي. آخوند صاحب، روهڙيءَ جي مشهور صوفي شاعر - فقير قادر بخش "بيدل" جو نياڻو هو ۽ بعد ۾ گادي نشين پڻ ٿيو.

سيد وڏيل شاهه ۽ سندس والد سيد مريد علي شاهه کي روهڙيءَ ۾ وڏيءَ عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. انهيءَ ڏس ۾، صوفي سبحان بخش، سجاده نشين درگاه بيدل - ڪتاب "پنج گنج" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"جڏهن فقير محمد محسن بيڪس سن ١٢٩٨هـ ۾ رحلت فرمائي، تڏهن دستور موجب ٽئين ڏينهن تي وعظ واري مسجد ۾، بيڪس صاحب جي دستار، فقير غلام اللطيف کي ٻڌائي وئي. هيءَ دستار سيد وڏيل شاهه ٻڌائي، جو ان وقت مسجد ۾ موجود هو." (1)

صوفي سبحان بخش جي انهيءَ مٿئين روايت جو تجزيو ڪندي اسان انهيءَ نتيجي تي پهچون ٿا، ته سيد وڏيل شاهه جو گهراڻو وڏيءَ عزت ۽ شان وارو هو. انهيءَ ڪري ئي فقير غلام اللطيف کي ڪانئس پڳ ٻڌائي وئي هئي. سيد وڏيل شاهه جي والد - سيد مريد علي شاهه ١٩ شعبان المعظم

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

١٢٩٨هه / ١٨ جولاءِ ١٨٨١ع تي وفات ڪئي ۽ ٿورڙي ئي وقت کان پوءِ، ٥ رمضان المبارڪ ١٢٩٨هه / ١ آگسٽ ١٨٨١ع تي فقير محمد محسن "بيڪس" هن جهان مان رحلت ڪئي. (2) ان وقت سيد وڏيل شاهه جي عمر اٽڪل ڏهه ورهيه هئي، ۽ فقير غلام اللطيف - جنهن کي "بيڪس" سائينءَ جي پڳ ٻڌرائي پئي وئي - تن ورهين جو ٻار هو. (3) ان وقت جيڪڏهن سيد مريد علي شاهه زنده هجي ها، ته پوءِ ڪانئس ئي پڳ ٻڌائي وڃي ها. پر جيئن ته سيد مريد علي شاهه اڳ ۾ ئي وفات ڪري چڪو هو، تنهنڪري سندس گهراڻي کي مان ۽ مرتبي ڏيڻ لاءِ، تبرڪ طور سيد وڏيل شاهه کان فقير غلام اللطيف کي پڳ جو وَرُ ڏياريو ويو.

سيد وڏيل شاهه سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ، پرائمري استاد جي حيثيت سان تعليم کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪئي. شاهه صاحب سن ١٨٩١ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد مان ٽيون سال پاس ڪيو. (4) پاڻ ميونسپل ورنيڪيولر اسڪول روهڙيءَ جو هيڊماسٽر تي رهيو. (5) شاهه صاحب تعليم کاتي ۾ ترقي ڪندي، ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جي عهدي تان پينشن تي لٿو. پاڻ تعليم کاتي ۾ اٽڪل ٽيهه ورهيه نوڪري ڪري، پنهنجي باقي حياتي روهڙي شهر ۾ آرام ۽ سڪون سان گذارڻ لڳو.

ديوان مولچند نٿو مل "مسڪين" - سيد وڏيل شاهه جي باري ۾ لکي ٿو:

> "مسلمانن ۾ ميان وڏيل شاهه موسوي سيد اسان جو ماستر هو. سندس ايامڪاريءَ ۾ پڙهائي اهڙي هوندي هئي، جو اڄ به اسان کي ڪم اچي رهي آهي. انصاف پسند اهڙو هو، جو هن جي اڳيان غريب شاهوڪار هڪ هوندو هو. آهستي آهستي ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽريءَ تي وڃي پهتو. سندس رهڻي ڪهڻي بلڪل سادي ۽ ايمانداريءَ جي هئي.... سندس در تان ڪوئي به فقير - هندو چاهي مسلمان - خالي نه موٽندو هو." (6)

ديوان مولچند "مسڪين" جي انهيءَ مٿين عبارت مان سيد وڏيل شاهه جي شخصيت ۽ سيرت جي پليءَ پت پروڙ پوي ٿي. ساڳئي وقت سندس تعليمي لياقت، انصاف پسندي ۽ سخاوت جو به پوريءَ طرح پتو پوي ٿو.

سن ١٩١٧ع ۾ سکر ۾ "انجمن حيدري" ● قائم ٿي. (7) سيد وڏيل شاهه

● ميان عبدالرحمان شاهه ميرڪ - انهيءَ انجمن جي مکيه ڪم ڪندڙن مان هو. (پر سرام. وي. مسند: "سکر سونهارو"، ص ١٤٩)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

انهيءَ انجمن جي بانيڪارن مان هو. سن ٢٦ - ١٩٢٥ع ۾ پاڻ انجمن جو صدر ٿي رهيو. هن انجمن طرفان ڪيترائي علمي ۽ مذهبي ڪتاب شايع ٿيا، جن جي اشاعت ۾ سندس وڏو هٿ هو. ان ڪانسواءِ پاڻ سن ١٩٢٧ع ۾ ايران، عراق ۽ شام ملڪن جي مقدس مقامات جي زيارتن لاءِ به سفر ڪيو هئائين.

شاه صاحب کي سن ١٩٢٩ع ۾ ان وقت جي دستور مطابق - سکر ضلعي جي ڪليڪٽر جي دربار ۾، خاص ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اعجاز حاصل هو. پاڻ سن ١٩٣٢ع ۾ ميونسپالٽي ۽ تعلقي لوڪل بورڊ جو ميمبر به ٿي رهيو.

شادي ۽ اولاد

سيد وڏيل شاه ٢٦ رجب المرجب ١٣٠٥هه/١٨ اپريل ١٨٨٨ع تي بيبي ڪريم ڏني (المتوفي: ١٧ ربيع الثاني ١٣٣٦هه/ ٣١ جنوري ١٩١٨ع) بنت ميرڪ مقيم علي شاه (المتوفي: ٥ شوال المڪرم ١٣٢٥هه/ ١١ نومبر ١٩٠٧ع) سان عقد ڪيو. ڪيس انهيءَ بيبي سڳوريءَ مان ٽي فرزند - سيد عطا حسين موسوي، سيد عبدالحسين موسوي ۽ سيد جواد حسين موسوي ٿيا، ۽ انهن مان هر هڪ جو اڳتي بيان ڪيو ويندو.

شاه صاحب ٧٤ ورهين جي ڄمار ۾، ١٤ رمضان المبارڪ ١٣٦٥هه/ ١٢ آگسٽ ١٩٤٦ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. ڪيس سکر پراڻي ۾ پنهنجي اباڻي قبرستان - "ڏتل شاه جي مڪان" ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

تصنيف ۽ تاليف

سيد وڏيل شاه جي تصنيف ۽ تاليف جي باري ۾ صحيح طرح سان معلومات حاصل ٿي نه سگهي آهي. ليڪن، سندس خانداني روايتن مان اهو پتو پوي ٿو ته پاڻ ملازمت دوران خواه پينشن تي لهڻ ڪان پوءِ، پنهنجي واندڪائيءَ جو ڪافي وقت تصنيف ۽ تاليف ۾ بسر ڪندو هو. اهڙيءَ طرح، ڪيترائي ننڍا وڏا ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا هئائين، پر انهن جو تفصيلي احوال محفوظ رهي نه سگهيو.

سيد وڏيل شاه تصنيف ۽ تاليف سان گڏ، صحافت جي ميدان ۾ به چڱو پاڻ موڪيو. روهڙي شهر مان "صراط المستقيم" جي نالي سان سنڌي زبان ۾ هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو هئائين، جنهن جو پاڻ ايڊيٽر به ٿي رهيو. جيتوڻيڪ اهو رسالو شيعه فرقي جو نمائنده رسالو هو، پر ان ۾ وقت جي وڏن عالمن، اديبن ۽ شاعرن جا مذهبي، تواريخي ۽ معلوماتي مضمون ۽ شعر ڇپجندا رهندا هئا. انَ رسالي ۾ خود شاه صاحب جا پنهنجا به ڪيترائي

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

مضمون شايع ٿيا، جي پنهنجيءَ جاءِ تي چڱي اهميت رکن ٿا. سيد وڏيل شاهه هن رسالي جي ذريعي سنڌي زبان ۽ ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي ۽ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو اٿائين تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ايتري وسعت ۽ لياقت موجود آهي، جو ان ۾ هر نوعيت جا خاص مضمون ڇپجي سگهن ٿا. هيءُ رسالو امر پرنٽنگ پريس، سکر سنڌ مان ڇپجي، روهڙيءَ مان پڌرو ڪيو ويندو هو. شروع ۾ رسالي جو ايڊيٽر - مدد علي مرزا هو. ⓿ رسالي جو مئنيجر - سيد عبدالحسين موسوي هو. "صراط المستقيم" رسالي جو پهريون پرچو ذوالحج ١٣٤١هه /جولاءِ ١٩٢٣ع ۾ پڌرو ٿيو.▲ هيءُ رسالو اٽڪل ساڍا چار ورهيہ پابنديءَ سان نڪرندو رهيو. هن رسالي جي آخري ڪڙي - ٽن مهينن جي گڏيل پرچي طور - يعني: آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر ١٩٢٧ع جي صورت ۾ ظاهر ٿي، ۽ آخر ۾ اهو مالي مشڪلات جو شڪار ٿي بند ٿيو.

سيد وڏيل شاهه جيڪي مضامين لکيا، تن ۾ "صفۀ صفا يا قاسم خاني" جي عنوان سان سنڌ جي تواريخ - خاص ڪري روهڙي شهر جي ڏس ۾ نهايت ئي هڪ قيمتي مضمون آهي. هن مضمون ۾، روهڙيءَ جي مشهور "ستين جو آستان" جي متعلق - تواريخي ۽ معلوماتي انداز ۾ روشني وڌي وئي آهي. منڍ ۾ مير ابوالقاسم نمڪين جي سوانح حيات ڏني وئي آهي ۽ پوءِ آستان تي موجود جملي قبرن جا ڪتبا پڻ نقل ڪيا ويا آهن. اسان جي خيال موجب - شاهه صاحب - سنڌ جو پهريون ليکڪ آهي، جنهن انهيءَ عنوان تي تحقيقي انداز ۾ مضمون لکيو آهي. اهڙيءَ طرح، سنڌس پيا بہ ڪيترائي معلوماتي، تواريخي ۽ مذهبي مضمون لکيل آهن.

حوالا

(1) "بيدل" قادر بخش، فقير: "پنج گنج" (سنڌي)، مترجم: فقير صوفي سبحان بخش، ص ١٥
(2) بدويؔ لطف الله: "تذڪره لطفي" - جلد ٽيون، ص ٢٥٥
(3) سيد عبدالحسين موسوي: "ديوان بيڪس"، ص ٦
(4) Directory of the Local Board Municipal Schools in Sindh", PP 114
(5) Ibid, PP 115
(6) "مسڪين" مولچند نٿومل: "روهڙي يادگار"، ص 40 ۽ 61
(7) پرسرام. وي. مسند: "سکر سونهارو"، ص ١٤٩

⓿ ڏسو "تعليقات"

▲ ڊاڪٽر اياز حسين قادريءَ جو قول آهي، تہ مرزا مدد علي بيگ سن ١٩٢١ع ۾ "صراط مستقيم" نالي ماهوار رسالي جو ايڊيٽر ٿي رهيو. ليڪن، جڏهن سيد وڏيل شاهه جي زندگيءَ جو جائزو ونجي ٿو تہ اهو ظاهر ٿئي ٿو، تہ اهو مذڪور رسالو سن ١٩٢١ع ۾ نہ، پر سن ١٩٢٣ع ۾ جاري ٿيو، جنهن جو مرزا صاحب ايڊيٽر ٿي رهيو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد عطا حسين موسوي

سيد عطا حسين موسوي - سنڌ جي وڏي بلند مرتبي جي عالمن، اديبن ۽ تعليمي ماهرن مان هڪ هو. پاڻ "ميرڪي سادات" گهراڻي جو چشم و چراغ هو. سندس والد جو نالو - سيد وڏيل شاهه هو. شاهه صاحب ١٢ جمادي الثاني ١٣١٦هه /٢٨ آڪٽوبر ١٨٩٨ع تي پنهنجي اباڻي شهر روهڙيءَ ۾ جنم ورتو.

سيد عطا حسين موسويءَ ابتدائي تعليم روهڙيءَ ۾ پرائي. عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم - قاضي ميان غلام مهدي بن قاضي پير محمد وٽان حاصل ڪيائين.(1) سن١٩١٤ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ، "سنڌ مدرسة السلام" ڪراچيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان نهايت ئي امتيازي حيثيت ۾ پاس ڪيائين. سن ١٩٢١ع ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مان بي. اي. جو امتحان پاس ڪيائين.* جيئن ته سندس والد بزرگوار - سيد وڏيل شاهه پڻ تعليمي محڪمي سان لاڳاپيل هو ۽ سندس علمي شوق ۽ مشغلي ڪري، هن پنهنجي فرزند کي پڻ علمي ۽ تعليمي ماحول مهيا ڪيو ۽ ان ئي ماحول ۾ سندس اعلي تربيت ڪئي. اهوئي ڪارڻ هو. جو سيد عطا حسين موسوي تعليم مان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، تعليم کاتي کي اهميت ڏني ۽ ان ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. پاڻ هڪ قابل ۽ محنتي استاد جي حيثيت ۾ ترقي ڪندي، آخر سنڌ جي تعليم کاتي جي هڪ اعليٰ عهدي تي پهتو.

شاهه صاحب سن ١٩٢١ع ۾ شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. سن ١٩٢٣ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي. ٽي. جو امتحان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ، پاڻ "ساهتي" پرڳڻي جي مشهور تعليمي درسگاهه - مدرسه هاءِ اسڪول نوشهري فيروز ۾ استاد مقرر ٿيو. ڪجهه وقت کان پوءِ، کيس اتان بدلي ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ رکيو ويو. جتي نور محمد هاءِ اسڪول جي "بورڊنگ هائوس" "جو سپرنٽينڊنٽ پڻ ٿي رهيو. پوءِ اتان بدلي ٿي ميرپورخاص جي هاءِ اسڪول ۾ اسسٽنٽ ماستر مقرر ٿيو. سن١٩٢٧ع

* سن ١٩٣٦ع کان اڳ ۾ سنڌ ملڪ، بمبئيءَ سان ڳنڍيل هو ۽ اڪثر سمورا امتحان بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ڏنا ويندا هئا.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

۾ ڪيس ترقي ڏيئي، اتي ئي هيڊ ماستر ڪري رکيو ويو. پاڻ هتي ١٩١٩ع تائين انهيءَ معزز منصب تي رهيو.● ان عرصي دوران پاڻ عليڳڙه يونيورسٽيءَ مان فارسي ادب ۾ ايم. اي. جو امتحان پڻ پاس ڪيائين.

سيد عطا حسين موسوي ڪجهه وقت لاءِ ”مُلا محمدن اسڪولس آف سنڌ“ جو ڊيپوٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر تي رهيو.* شاهه صاحب ان کان پوءِ ٿرپارڪر ضلعي جو ايڊمنسٽريٽو آفيسر ٿيو.▲ پاڻ انهيءَ عهدي تي ١٩٤١ع تائين فائز رهيو. انهيءَ سموري عرصي دوران ٿر جي علائقي، جو تعليم ۾ بلڪل پوئتي پيل هو، جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ڏاڍو پاڻ پتوڙيائين. شاهه صاحب سخت محنت ۽ اورچائيءَ سان ٿر ۾ تعليمي ماحول پيدا ڪيو. سندس انهيءَ محنت ۽ سر ٽوڙ ڪوشش ڪي ڏسي، اسڪولن جي استادن ۽ عوام پڻ ساٿس ڀرپور انداز ۾ ساٿ ڏنو. اهڙيءَ طرح، موسوي صاحب ٿر جي استادن، شاگردن ۽ عوام ۾ تعليمي روح ڦوڪيو ۽ سموري ٿرپارڪر ۾ اڄ تائين جيڪا تعليمي جاڳرتا قائم آهي، ان جو سهرو شاهه صاحب جي سر تي سونهي ٿو.

ان دور ۾ انگريزي تعليم لاءِ ٿرپارڪر ضلعي ۾ ميرپور خاص کان سواءِ ٻيو ڪو به اسڪول قائم ڪونه هو.+ شاهه صاحب - انهيءَ ڏس ۾ ڀرپور ڪوشش ۽ جتن ڪري، سموري ٿرپارڪر ضلعي ۾ هر هنڌ اي. پي. ڪلاس ۽ اي. وي. اسڪول قائم ڪري، ٿر واسين کي جديد انگريزي تعليم کان روشناس ڪرايو. ان کان سواءِ، ڪن هنڌن تي ان وقت جي سنڌ سرڪار طرفان پڻ هاءِ اسڪول کولرايائين. مٺي شهر ۾ - مسلم هاسٽل ۽ مسجد شريف، ۽ ڏيپلي ۾ هاءِ اسڪول به سندس اڻٿڪ ڪوششن ۽ محنتن جو نتيجو آهي.

● راقم جو مامو - قاضي ميان عبدالخالق قريشي پڻ ميرپورخاص هاءِ اسڪول ۾ ساڻس گڏ استاد تي رهيو ۽ آخري دم تائين ٻنهي دوستيءَ جو ناتو نباهيو.

*سن 1843ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ ملڪ ٽالپرن کان فتح ڪيو، ته ان وقت سنڌ جي روايتي ديني مدرسن ۾ تعليم ڏيڻ جو رواج عام هو، جنهن ۾ عربي ۽ فارسيءَ سان گڏ مروج سنڌي ۽ مذهبي تعليم ڏني ويندي هئي. سنڌ جي عوام ۽ مذهبي حلقي ۾ انگريزن لاءِ نفرت هئي. ان ماحول کي ساز گار بنائڻ لاءِ، انگريزن محمدن اسڪول قائم ڪيا، جن کي ملان مڪتب به چوندا هئا. ساليانو امتحان ۾ پاس ٿيندڙ ڇوڪرن جي انداز مطابق، في ڇوڪري تي ملن يا مولوين کي گرانٽ ڏنو ويندو هو ۽ اهو رواج پاڪستان قائم ٿيڻ تائين سنڌ ۾ رهيو.

▲ پاڪستان کان اڳ ۾ پرائمري تعليم، اي. پي. ڪلاس ۽ اي. وي. اسڪول - لوڪل بورڊ جي حوالي هوندا هئا. لوڪل بورڊ جي ميمبرن مان ”اسڪول بورڊ“ جو چيئرمين هوندو هو، جو تعليم جو انتظام سنڀاليندو هو.

+ ٿر ۾ هڪ انگريز ڊپٽي ڪليڪٽر - مسٽر ميڪنج - ڇتوري شهر ۾ انگريزي تعليم لاءِ اسڪول قائم ڪيو هو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ٿرپارڪر ضلعي ۾ ملازمت دوران، پاڻ ٿري، ڍاٽڪي ۽ گجراتي ٻوليون سکيو ۽ انهن لهجن ۾ ٿر جي استادن، شاگردن ۽ عام ماڻهن سان ڳالهائيندو هو. اهڙيءَ طرح، شاهه صاحب اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته جو انسان ڪنهن به ڪم ۾ خلوص نيت ۽ ديانتداري سان محنت ڪري ٿو، ته پوءِ هو ان ۾ اوس ڪامياب ٿئي ٿو. شاهه صاحب جي ٿر واسين لاءِ ڪيل تعليمي خدمتن جي اعتراف ۾، ديوان نند لعل لکي ٿو:

> ”ٿر ۾ شاهه صاحب ئي هو، جو تعليم جون مشعلون ڪٺي آيو هو. جيستائين هي اسڪول آهن، هي ٿر جا ادارا آهن، آفيسر ۽ عوام آهن، تيستائين ٿرين ڪان شاهه ڪڏهن به نه وسرندو.“ (2)

سن ١٩٤١ع ۾ شاهه صاحب کي اتر سنڌ جي اسڪولن جو اسسٽنٽ ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ڪري رکيو ويو. پاڻ انهيءَ عهدي تي ١٩٤٧ع تائين رهيو. ١٩٤٧ع ۾ کيس زميندارن جي ڇوڪرن جي اسڪولن جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. انهيءَ عرصي دوران سنڌ جي اترئين حصي ۾ تعليم جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ وڏيون ڪوششون ورتائين، جيڪي وسارڻ جون نه آهن. انهيءَ ساڳئي سال ۾، شاهه صاحب کي سکر ڊويزن جي اسڪولن جو ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو. ١٩٥٠ع ۾ کيس سنڌ جي تعليم کاتي جو ڊپوٽي ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. شاهه صاحب تعليم کاتي ۾، هڪ مدرس ۽ منتظم جي حيثيت ۾ پورا ٣٢ ورهيه سانده سنڌ جي عوام جي ٻنا ڪنهن مت پيد جي لازوال مثالي خدمت سرانجام ڏني. پاڻ سن ١٩٥٣ع ۾ پنهنجيءَ ملازمت جو عرصو نهايت عزت ۽ احترام سان پورو ڪري، پينشن تي لٿو. (3) موسوي صاحب پينشن تي لهڻ کان اڳ ۾، سن ١٩٥١ع ۾ حج پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۽ حرمين شريفين جي مقدس مقامات جون زيارتون پڻ ڪيون. (4)

سيد عطا حسين موسوي پينشن تي لهي اچڻ کان پوءِ به پنهنجي تعليمي سرگرمين کي انهيءَ ساڳئي خدمت خلق جي جذبي پٽاندڙ جاري رکيو، ۽ رات ڏينهن تعليم جي روشنيءَ کي ڦهلائڻ لاءِ ڪوشان رهيو. انهيءَ ڏس ۾ پاڻ پنهنجي ڀاءُ - سيد عبدالحسين موسوي، جيڪو پڻ ان وقت ڏاري ملازمت جو عرصو پورو ڪري پينشن تي لٿو هو، سان گڏجي ٥٧ - ١٩٥٦ع ۾ ”سکر ايڊيوڪيشنل سوسائٽي“ جي نالي سان هڪ ادارو قائم ڪيائين. انهيءَ سوسائٽيءَ جي سهڪار سان سکر ۾ اوريئنٽل ڪاليج برپا ڪيائين، جنهن جو

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

اعزازي وائيس پرنسپال - شيخ عبدالرزاق "راز" مرحوم ڪي مقرر ڪيو ويو. ان ڪاليج ۾ شاهه صاحب خود پاڻ بہ ٻين ليڪچرارن سان گڏجي پڙهائيندو هو. ان تدريسي ڪمن ۾ سندس ڀاءُ - سيد عبدالحسين موسوي جو پڻ ساٿس ساٿ هو.

روهڙي، جو موسوي صاحب جو پنهنجو اباڻو شهر هو، ۾ بہ شهر واسين جي اولاد جي تعليم جي سهولت لاءِ ڪاليج قائم ڪيائين. جيڪو هن وقت "سيد عطا حسين شاهه ڊگري ڪاليج" جي نالي سان سڃاڻڻ ۾ اچي ٿو. ان ڪاليج کي اعليٰ سطح تي هلائڻ ۽ ڪامياب بڻائڻ لاءِ، پاڻ اعزازي طور پرنسپال تي ڪم ڪيائين. شاهه صاحب ملازمت جي عرصي دوران جيڪو تجربو ۽ مشاهدو حاصل ڪيو هو، ان موجب پنهنجي اعليٰ صلاحيتن سان ان ڪاليج کي سنڌ جو بهترين معياري ڪاليج بڻايائين. اِن تعليم جي روشن شمع کي منور رکڻ لاءِ، سندس ننڍي ڀاءُ - سيد جواد حسين موسويءَ پڻ ساٿس گهڻو ساٿ ڏنو ۽ شاهه صاحب جي وفات ڪان پوءِ، اهو ڪاليج سندس ئي نگراني هيٺ هلندو رهيو.

"موسوي ڀائر" انهن مٿين مذڪور ڪاليجن کي پنهنجي ذاتي ۽ خانگي وسيلن ذريعي هلائيندا هئا، ۽ ڪنهن جي بہ اڳيان مدد لاءِ هٿ نہ ڊگهيڙيائون. جيتوڻيڪ سنڌ جي هر طبقي سان سندن نهايت گهرا ۽ گهاٽا تعلقات هئا. سندن کي دوست ڪين اهو مشورو ڏيندا رهيا، تہ ڪاليجن کي هلائڻ لاءِ مالي امداد حاصل ڪرڻ گهرجي. ليڪن، پاڻ مسڪرائي سدائين ائين چوندا هئا، تہ سائين! پاڻ کي ڪنهن آڏو هٿ ڊگهيرڻ اچي ئي ڪون!

اهل ۽ عيال

سيد عطا حسين موسويءَ بہ شاديون ڪيون. پهرئين شادي - "يمياڻي" خاندان مان ڪيائين. سندس انهيءَ گهرواريءَ ۱۳ صفرالمظفر ۱۳۳۷هه/ ۱۸/ نومبر ۱۹۱۸ع تي وفات ڪئي.

شاهه صاحب ان ڪان پوءِ وري ٻي شادي - بيبي بچل بنت احمد علي خواجائيءَ سان ڪئي، جنهن مان ڪيس بہ فرزند - هڪ سيد شفقت حسين موسوي ▲ ۽ ٻيو سيد امداد حسين موسوي ● ٿي. موسويءَ صاحب جي انهيءَ گهرواريءَ ۲ ذوالقعد ۱۳۵۲هه/ ۱٦/ فيبروري ۱۹۳٤ع تي رحلت ڪئي.

▲ سيد شفقت حسين موسويءَ جو احوال اڳتي بيان ڪيو ويندو.

● سيد امداد حسين موسوي ۷ جولاءِ ۱۹۲۸ ع تي روهڙيءَ ۾ ڄائو. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم پنهنجي اباڻي شهر روهڙيءَ ۾ حاصل ڪيائين. ان ڪان پوءِ انٽر سائنس جو امتحان پاس ڪري، لياقت ميڊيڪل ڄام شوري ۾ داخل ٿيو. جتان ايم. بي. بي. ايس. جي ڊگري حاصل ڪيائين. ڊاڪٽر ٿيڻ ڪان پوءِ، عوام جي خدمت جي جذبي پٽاندڙ سرڪاري نوڪريءَ

اڳئين صفحي تي ڏسو

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

وفات

سيد عطا حسين موسوي ١٨ صفر المظفر ١٣٨٦هه/٨ جون ١٩٦٦ع تي اربع جي ڏينهن پنهنجي خاڪي زندگيءَ جو سفر طي ڪري، حياتِ جاودانيءَ ڏانهن راهي ٿيو. اردو جي مشهور شاعر - "عارف" سنيليءَ سندس وِصال جو هجري سن هن ريت وضع ڪيو آهي:

مونس و غمخوارِ صد دانشوران جاتا رها،
ارتقائي - علم و فِن کا رازدان جاتا رها.
موسوي صاحب کي فرقت کا الم کيا پوچهيي،
پيکرِ اخلاص تها، اک مهربان جاتا رها.
خوش مزاجي سي هر اک دل کو مسخر کر گيا،
کاروان تو هي، اميرِ کاروان جاتا رها.
غم ني سايہ کر ليا هي دوستون کي قلب پر،
وه مجسم آفتابِ ضوفشان جاتا رها.
جس ني پهولون کو لهو بخشا تبسم کي لئي،
گلشنِ تعليم کا وه باغبان جاتا رها.
اب کهانَ وابستگي کا ساز و سامان بزم مين،
محفلِ احباب کا روحِ روان جاتا رها.
کس طرحِ هو ان کي اوصاف حميده کا بيان،
فيض کا تها ايک دريائيَ روان جاتا رها.
حاکم و محکوم کيا سب ايک تهي اسکي لئي،

ڪي ترجيح ڪانہ ڏنائين، ۽ روهڙيءَ ۾ اچي خانگي اسپتال ڪوليائين. شاهہ صاحب پنهنجي سموري حياتي انهيءَ اسپتال جي ذريعي روهڙيءَ جي عوام جي خلوص دل سان خدمت ڪئي.

شاهہ صاحب خانداني طرح سان فقہ جعفريہ جو پوئلڳ هو ۽ مذهبي ذهن رکندڙ شخص هو. پاڻ ايران، عراق ۽ شام جي مقدس مقامات جون زيارتون ڪيون هئائين. لبنان ۽ مصر جو بہ سفر ڪيو هئائين. سن ١٩٧٨ع ۾ حرمين شريفين جي زيارت ۽ حج جي مقدس ارادي سان حجاز جو پڻ سفر ڪيو هئائين.

سيد امداد حسين موسويءَ ٢٠ اپريل ١٩٨١ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي ۽ ڪيس سکر پراڻي ۾ پنهنجي اباڻي قبرستان - "ڏتل شاهہ جي مڪان" ۾ دفن ڪيو ويو. شاهہ صاحب پنهنجي پوئتان چار فرزند - انجنيئر سيد اجمل حسين موسوي، سيد عطا حسين موسوي، انجنيئر عبدالحسين موسوي، ۽ انجنيئر قلب حسين موسوي يادگار ڇڏيا.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

جـو رهـا اک دوسـت بـن کـر درميـان جاتـا رهـا.
کيـون نـه هـون غمگيـن بـه هنگـام فـراقِ موسـوي،
چـاره سـاز و دلنـواز اک مهربـاَن جاتـَا رهـا.
هي جدائي موسوي کي کس قـدر "عـارف" کـو شاق
اس کـي سـيني ميـن هـي اب دل کـي جگهـه "داغِ فـراق".(5)

١٣٨٦هه

اهڙيءَ طرح، سندس شاگرد - پروفيسر عبدالعلي فتح علي قلباٽيءَ فارسي زبان ۾ سندس وفات جو عيسوي سن وري هن ريت لڌو آهي:

هـاتف بگفـت "اصبـروا" بگـو بشـريف زادا،
"ابـدا غريـق رحمـت" عطـا حسـين بـادا.(6)

١٩٦٦ع

شخصيت

سيد عطا حسين موسويءَ پنهنجي سموري حياتي هڪ آدرشي انسان جي روپ ۾ گذاري. پاڻ هڪ مثالي استاد وانگر هئا ۽ ساري زندگي بنا ڪنهن مت ڀيد جي هر ڪنهن انسان سان پيار ۽ محبت ۾ بسر ڪئي. پاڻ نهايت اعليٰ شخصيت جا مالڪ هئا. ڪڏهن به ڪنهن جي دل آزاري ڪانه ڪيائين. هر ڪنهن سان هميشه رواداريءَ سان پيش ايندو هو. سندس اعليٰ ۽ بلند شخصيت جي باري ۾، شيخ عبدالرزاق "راز" لکي ٿو:

> "هو هڪ مخلص دوست، همدرد بزرگ ۽ مشفق ياءُ هو، جنهن جي دل ۾ انسانيت ۽ خلوص جو هڪ اٿاهه سمنڊ موجزن هو. آءُ سمجهان ٿو ته اسان جي ماضي قريب جي نيڪوڪار بزرگن جي سٽ جو آخرين چراغ هو، جو وسامي ويو ۽ چوڌاري اوندهه ٿي وئي. محبت و عشق ۽ حيا و حجاب جي چمن جو پوپون گل هو، جو ڪومائجي ڪري پيو ۽ باغ ويران ڏسڻ ۾ آيو." (7)

ازانسواءِ، شاهه صاحب جي گفتگو جو انداز پُر اثر ۽ موهيندڙ هو. جيڪو به سندس ڪچهري ۾ ويهندو هو، ته اهو علم ۽ بصيرت جي ڳالهين کان ڪافي فيضياب ٿيندو هو. پاڻ سڪ ۽ ساچاهه جو وڏو قائل هوندو هو. سندس چهرو مرڪندڙ هوندو هو ۽ ان ۾ سنجيدگي سمايل هوندي هئي ۽

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڪنهن به قسم جو تصنع ۽ ظاهري ڏيک ويک نه هوندو هو. بهرحال، شاهه صاحب انيڪ خوبين ۽ خصلتن جو مالڪ هو.

سيد عطا حسين موسويءَ کي علم موسيقي تي به ڪافي مهارت حاصل هئي. پاڻ راڳ جو پارکو هو ۽ دلي تي خود راڳ ڳائيندو هو. وٽس چوتار، تبلو، هارمونيم ۽ بينجو پڻ موجود هوندا هئا.

شاهه صاحب کي "علم رمل" ۾ به وڏو درڪ حاصل هو. روهڙيءَ جي وڏي رمال - قاضي ميان غلام مهدي بن قاضي پير محمد کان رمل جو علم حاصل ڪيو هئائين.(8)

"ميرڪي سادات" ڪاڏي خوراڪ ۽ طعامن وغيره جا وڏا شوقين هئا. مير محمد معصوم بکريءَ پنهنجي ڪتاب "تاريخ معصومي" ۾ سندن انهيءَ ڳالهه جو نهايت ساراهه جوڳن لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي. (9) شاهه صاحب کي پڻ اها ذات ورثي ۾ مليل هئي. پاڻ نون نون قسمن جي طعامن ۽ ست رڇين تيار ڪرائڻ جو تمام گهڻو شوقين هو. چانهه به اعليٰ قسم جي واپرائيندو هو. چون ٿا ته ڪيس سن ۱۹۴۹ع ۾ حيدرآباد دکن جي نواب جي چانهه ٺاهڻ جو طريقو معلوم ٿيو. پاڻ پنهنجي سر اها چانهه تيار ڪيائين، جنهن تي ان وقت اسي روپيه کن لاڳت آئي. (10) ان سان گڏ، شاهه صاحب کي هرڻ جي شڪار جو شغف هو. پاڻ جڏهن ٿر ۾ انسپيڪٽر ٿي ويندو هو ته واندڪائيءَ جي وقت هرڻ جو شڪار ڪندو هو. سيد صاحب مهمان نواز به هڪ ئي هو. اهو گڻ ڪيس خانداني طور ورثي ۾ مليو هو. ملازمت جي عرصي ۾ خواه پينشن تي اچڻ کان پوءِ به ڪيس مهمان کان سواءِ وقت تي ڪاڌو ڪائڻ سٺو نه لڳندو هو. ۽ وٽس هميشه مهمان موجود هوندو هو. اگر بدقسمتيءَ سان ڪنهن ڏينهن ڪو مهمان نه ايندو هو، ته شاهه صاحب اداس ٿي چوندو هو ته اڄ شايد اسان جو روز لڪيل نه آهي. شاهه صاحب جي اها عادت زندگيءَ جي آخرين دم تائين قائم رهي. سندس اعليٰ مهمان نوازيءَ ۽ خاطر تواضع جي باري ۾، شيخ عبدالرزاق "راز" لکي ٿو:

> "مهمان نوازيءَ جي حق ادا ڪرڻ ۾، شاهه صاحب جن نهايت انتها پسند هئا. مجال جو ڪو انڪار ڪري سگهي. ڪائڻ لاءِ هر شيءِ پنهنجي هٿ سان وڌائيندا هئا ۽ ان جا فضائل بيان ڪندا هئا .اهڙي چوچ مان ڏيندا هئا، جو انڪار جي ڪا گنجائش نه رهندي هئي. موڪلائڻ کان پوءِ اوطاق جي ٻاهرئين دروازي تائين اماڻڻ ايندا هئا." (11)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد عطا حسين شاهه موسوي جيئن تہ پنهنجي سڄي حياتي درس ۽ تدريس سان گڏ انتظامي عهدن تي فائز رهيو. پر ان هوندي بہ سندس طبع جو لاڙو مطالعي طرف گهڻو راغب رهيو. وٽس هڪ نادرالوجود ڪتبخانو هو، جنهن ۾ هر فن ۽ صنف تي ناياب ۽ قيمتي ڪتاب موجود هئا. سندس اهو علمي ڪتبخانو هر ڪنهن عالم ۽ محقق جي لاءِ هميشہ کليل رهندو هو، جنهن مان ڪيترائي پنهنجي علمي پياس بجهائيندا رهندا هئا. سندس وفات کان پوءِ سندس پونيرن انهيءَ ڪتبخاني جا اٽڪل ٽي سؤ کن قلمي ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشوري کي عطيي طور ڏنا، جتي سندس وڏي فرزند – سيد شفقت حسين موسويءَ جي نالي سان ڪارنر قائم ڪيل آهي.

شاهه صاحب سنڌي، هندي، سنسڪرت، انگريزي، فارسي ۽ عربي ٻولين تي ڪافي عبور رکندو هو. پاڻ مجلس ۽ ڪچهريءَ ۾ ذري ذري تي ڪيترائي پهاڪا، اصطلاح، محاورا ۽ چوٽيون ٽيڪا طور استعمال ڪندو رهندو هو ۽ اهي بہ موقعي مهل پٽاندڙ نهايت موزون ۽ موثر لڳندا هئا. خاص طرح، سنڌي زبان جي ماهيت متعلق ۽ لفظن جي اشتقاقن جي باري ۾ وٽس هڪ وڏو خزانو هو، ۽ اهو سڀ ڪجهہ پاڻ پنهنجيءَ وفات کان پوءِ سيني ۾ سانڍي دفن ٿي ويو. پاڻ شاهه جي رسالي جي لغت جو وڏو ماهر هو. شاهه جي شرح ڪرڻ ۾ ڪيس وڏو درڪ حاصل هو. ادبي ڪيتر ۾ هر ڪوٽي ڪري کي پرکڻ ۾ وڏي اهليت رکندڙ هو. پاڻ ساڳئي وقت اعليٰ درجي جو محقق، عالم، اديب ۽ مورخ، تصوف ۽ مذهبي علمن ۾ بہ وڏي ڄاڻ جو صاحب هو.

شاهه صاحب ڪيترائي ڪتاب ۽ مضمون ڌارين ٻولين مان ترجمو ڪيا ۽ ڪيترن شاعرن ۽ مصنفن جي ڪتابن کي مرتب ڪيو، جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ پاڻ علمي ۽ ادبي دنيا جا هر فن موليٰ هئا. ان سان گڏ اهو بہ واضح ٿئي ٿو تہ پاڻ "مقدمي" ۽ "ديباچي" لکڻ ۾ بہ وڏا ماهر هئا. سندس ڀاءُ - سيد عبدالحسين موسويءَ جڏهن ميان محمد ابراهيم عباسيءَ سان گڏجي "سڳنڌ" نالي لوڪ ادب تي ڪتاب تاليف ڪيو. تہ ان جو ديباچو موسويءَ صاحب پاڻ لکيو هو. ان ديباچي ۾، ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت تي جيڪا روشني وڌي ويئي آهي، ان مان سندس انهيءَ صنف تي ڪامل دسترس هجڻ جو ثبوت ملي ٿو.

تصنيفات

شاهه صاحب ملازمت جي گوناگون مصروفيتن جي باوجود، تصنيف ۽ تاليف جي ڏس ۾ تمام گهڻو قلمي پورهيو ڪيو آهي. هن سنڌي ادب جي

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

دامن ۾جيڪي ڪجهه نذراني طور ڏنو آهي، اهو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ وڏو بي بها خزانو آهي. اسان هتي سنڌس ڇپيل ۽ اڻڇپيل ڪتابن جو مختصر احوال ڏيون ٿا:

1. ڪچ ڪوڏيون: سنڌي زبان ۽ ادب ۾ معياري مضمونن جي ڪوٺ آهي. شاهه صاحب انهيءَ کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪجهه لکيو. پاڻ سن ١٩٢٠ع کان وٺي سنڌي زبان ۾، "مضمون" جي صنف تي طبع آزمائي ڪندو رهيو. سنڌس اهي ادبي ۽ علمي شهپارا - وقت جي مشهور ادبي رسالن، مخزنن ۽ اخبارن، جهڙوڪ: "صراط المستقيم"، "اخبار تعليم"، "ملا مخزن"، ٽماهي "سنڌ مدرسه ڪرانيڪل"، "ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مسلني"، ٽماهي "مهراڻ"، روزنامه "مهراڻ" ڪراچي وغيره ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا.

"ڪچ ڪوڏيون" * جي عنوان سان سنڌس مضمونن جو هيءُ مجموعو - هڪ وڏو بي بها علمي خزانو ۽ سنڌي زبان ۽ ادب جو هڪ لازوال ورثو آهي. دنيا جي هر مهذب ۽ متمدن زبان جي وڏن ودوانن ۽ اديبن - مضمونن جو هڪ وڏو سرمايو پيش پئي ڪيو آهي. ظاهريءَ طرح، اهو نه صرف منتشر خيالن جو مجموعو هوندو آهي، پر قوم ۽ ملڪ لاءِ اصلاحي قدم پڻ هوندو آهي. ان ۾ مضمون نگار جي وسيع نظري، حوصله مندي، طبع رسائي ۽ زنده دليءَ جو عڪس سمايل هوندو آهي. شاهه صاحب جي هن مجموعي ۾، ڪي مضمون سنڌس ذاتي تجربن ۽ مشاهدن تي ٻڌل آهن، ته ڪن ۾ وري فڪر ۽ خيال جي بلندي جو عنصر سمايل آهي. ان سان گڏ لفظن جي سهڻي ويس ۾، طنز ۽ مزاح به ملي ٿي. مجموعي ۾ پيش ڪيل مضمونن جي سٽاءَ ۽ ترتيب - فني ۽ علمي لحاظ کان به بهترين آهي. مضمونن ۾ نهايت ئي سهڻي، سلوڻي ۽ سوادي ٻولي استعمال ڪئي ويئي آهي. لفظن جي چونڊ، اصطلاحن ۽ محاورن جي جڙاءَ، فقرن جي بندش نهايت دلڪش ۽ وڻندڙ آهي. مضمونن ۾ ڪيترن هنڌن تي پهاڪا ۽ چوڻيون پڻ ڪماليت سان ڪتب آنديون ويون آهن. ان سان گڏ ڪيترن جاين تي فارسي، اردو ۽ سنڌي شاعرن جا شعر ۽ بيت ٽيڪا طور استعمال ڪيل آهن، جن سنڌس عبارت کي رنگين ۽ دلڪش بڻايو آهي. انهن ڳالهين کي ڏسي موسوي صاحب جي وسيع مطالعي جو اعتراف ڪرڻو پوي ٿو. هيءُ مجموعو - "ڪچ ڪوڏيون" جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي، ليڪن

* هن ڪتاب جو اصل قلمي مسودو - تمام گهڻن مضمونن تي مشتمل هو. جنهن مان ڳچ مضمون انهيءَ عنوان سان ڇپيل ڪتاب ۾ شايع ٿيل آهن، ۽ ان جو باقي حصو اڃا قلمي صورت ۾ آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

اهو بي بها ماڻڪن جو ميڙ آهي، جن جي قيمت ڪٿي نہ ٿي سگهجي. انهن املهہ ماڻڪن جو تعلق سڌو سنئون انساني زندگيءَ جي گهراين سان آهي ۽ معاشري ۽ سماج جي براين جو وڏو ميڙ لفظن جي روپ ۾ آهي. هيءُ ڪتاب سن ١٩٥٠ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان جو ستون ڇاپو سن ١٩٦٦ع ۾ پڌرو ٿيو.

2 . ڪشڪول: سيد عطا حسين موسويءَ جي مضمونن جو هيءُ ٻيو ڇپيل مجموعو آهي. هيءُ ڪتاب سندس وفات کان اٽڪل پنجويهہ ورهيہ ڪن پوءِ شايع ڪيو ويو آهي. هن مجموعي ۾ پڻ جيڪي مضمون پيش ڪيا ويا آهن، تن ۾ بہ شاهہ صاحب جي تجربن، مشاهدن ۽ مطالعي جو نچوڙ آهي. انهن ۾ سنڌي تهذيب ۽ تمدن، رهڻي ڪهڻي، سياءَ ۽ معاشري جي اهم ڳالهين ۽ ٽڪتن جو تمام ويجهو ۽ عميق جائزو ورتو ويو آهي. هيءُ ڪتاب سنڌ جي برک عالم ۽ اديب - ڊاڪٽر نواز علي "شوق" صاحب جي سهڪار سان "ڪافي پبليڪيشن، " ڪراچي سنڌ طرفان ١٩٩٢ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

3. اڻ ڇپيل مضمون: سيد عطاحسين موسويءَ - سنڌي مضمون جي صنف ۾، "ڪچ ڪوڏيون" ۽ "ڪشڪول" کان علاوه، ٽيهارو کن علمي ۽ ادبي مضمونن جو مجموعو - اڻ ڇپيل صورت ۾ يادگار ڇڏيو آهي. انهن مضمونن جو جائزو وٺڻ سان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ صاحب وٽ مضمون نويسيءَ جي ڏس ۾ اڻ کٽندڙ موضوع هئا. انهن مضمونن ۾، سنڌ جي مارن، ملير، مارئي، ثقافت، لوڪ ادب، تصوف ۽ ٻين ڪيترن اهڙن موضوعن تي طبع آزمائي ڪئي ويئي آهي.

سيد عطا حسين موسوي - پنهنجي هڪ خاص ۽ منفرد طرزِ عبارت جو صاحب هو. پاڻ سنڌ جو "لارڊ بيڪن" هو. جيئن "بيڪن" جا مضمون انگريزي ادب ۾ مشهور آهن، تيئن اسان جيڪڏهن سنڌي زبان جي هن مضمون نگار جي مضمونن کي پيٽينداسين، تہ اهي ڪنهن بہ صورت ۾ ان کان گهٽ نہ آهن. شاهہ صاحب پنهنجي سموري حياتي اڪثر "مضمون" جي صنف تي طبع آزمائي ڪندي پوري ڪئي، ۽ سنڌي زبان ۽ ادب ۾ هن صنف کي لازوال بڻايو.

4. مذهبي مضمون : سيد عطا حسين موسويءَ - "مضمون" جي صنف ۾، نہ صرف خالص علمي، ادبي، سماجي، معاشرتي ۽ ٻيا ڪيترن ئي قسمن جا مضمون لکيا، پر ان سان گڏوگڏ وقت بوقت مذهبي مضمون پڻ لکيائين. شاهہ صاحب خانداني طرح تشيع مسلڪ رکندڙ هو. پاڻ انهيءَ م لڪ جي مطابق

musavi@hotmail.com
سيد جواد حسين شاہ موسوي

www.facebook.com/musavisayed

اٺڪل ويهارو ڪن مضمون لکيا هئائين. سندس والد بزرگوار - سيد وڌيل شاهه - تعليمي شغل سان گڏ صحافت جي ميدان جو بہ شهسوار هو. هن روهڙيءَ مان ”صراط المستقيم“ جي نالي سان سنڌي زبان ۾ هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو. سيد عطا حسين موسويءَ جا اهي مذهبي مضامين انهيءَ رسالي جي مختلف پرچن (سن ١٩٢٣ع کان ١٩٢٧ع تائين) ۾ ڇپجندا رهيا. اهي مضمون مختلف عنوانن تي پنهنجي نوعيت جا معياري ۽ بهترين مضمون آهن. انهن مضمونن کي ڏسي، سندس مذهب جي باري ۾ وسيع معلومات ۽ عبور هئڻ جو ثبوت ملي ٿو.

5. جنس ڪوش سنڌي: سيد عطا حسين موسويءَ - سنڌي لغت جي ڏس ۾ هيءُ هڪ ننڍڙو ڪتاب تاليف ڪيو آهي، جنهن ۾ سنڌي زبان جي جنس ”مذڪر“ ۽ ”مؤنث“ جي لفظن کي گڏ ڪيو ويو آهي. دراصل، هيءُ ڪتاب سنڌي لغت نويسيءَ جو پنهنجيءَ نوعيت جو هڪ انوکو مثال آهي. هيءُ ڪتاب نوٽبڪ جي اٺڪل پنجاهه کن صفحن تي مشتمل آهي ۽ قلمي صورت ۾ آهي. ڪتاب جا پهريان بہ ٽي صفحا گم ٿيل آهن. ممڪن آهي، تہ موسوي صاحب انهن غائب ٿيل صفحن تي پنهنجي هميشہ جي دستور موجب - ڪتاب جو نالو، مهاڳ ۽ هن قسم جي لغت جي اهميت ۽ ترتيب جي باري ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور لکيو هوندو. راقم، شاهه صاحب جي ان ڇڏيل املهہ پونجيءَ کي پنهنجيءَ سمجهہ ۽ مطالعي آهر ترتيب ڏيئي، موضوع جي لحاظ کان ”جنس ڪوش سنڌي“ جي نالي سان مرتب ڪيو آهي. دراصل، سنڌي زبان ۾، گرامر جي ڪن مسئلن تي اڃا ايترو خاطر خواه ڪم نہ ٿيو آهي. انهيءَ ڏس ۾، سيد عطا حسين موسويءَ جنس ”مذڪر“ ۽ ”مؤنث“ جي مسئلي کي سامهون رکي، هن ڪتاب کي لغت جي انداز ۾ ترتيب ڏنو آهي. شاهه صاحب هرويرو تمام ڪن منجهائيندڙ قاعدن ۽ اصولن کي نہ ڇيڙيو آهي، ۽ جنس ”مذڪر“ ۽ ”مؤنث“ جي متعلق - سنڌي گرامر جي روايتي جوڙجڪ وارن اصولن کان هٽي، سنئون سڌو ”نر“ ۽ ”ماديءَ“ کي نروار ڪرڻ لاءِ صرف انهن جا ضد ڏنا آهن. جنس ”مذڪر“ ۽ ”مؤنث“ جي باري ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن - جيڪي اصول ۽ قاعدا وضع ڪيا آهن، تن مان شاهه صاحب صرف ٻن بنيادي اصولن کي پنهنجيءَ لغت ۾ استعمال ڪيو آهي، يعني معنيٰ ۽ مطلب جي لحاظ کان هر هڪ ”مذڪر“ يا ”مؤنث“ جو ضد ڏنو آهي. ائين ڪٿي ڇئجي تہ اصلي معنيٰ جي بجاءِ، ان جي مرادي معنيٰ ضد جي صورت ۾ ڏني وئي آهي. سنڌيءَ ۾ جنس ”مذڪر“ ۽ ”مؤنث“ لاءِ عام قاعدو آهي تہ جن ”مذڪر“ اسمن جي پڇاڙيءَ

www.facebook.com/musavisayed

۾ "او" جو اچار اچي ٿو، ان جي آخر ۾ "اي" پڇاڙي ڳنڍڻ سان "مؤنث" ٿيندو آهي. موسوي صاحب پنهنجو مرتب ڪيل هيءُ "جنس ڪوش سنڌي" انهيءَ عام بنيادي اصول تي تيار ڪيو آهي. بهرحال، هيءَ لغت راقم وٽ تيار آهي ۽ ان تي ڀرپور انداز ۾ مقدمو پڻ ڏنو ويو آهي.

6. ڪير سمجهائي: سيد عطا حسين موسوي لغت نويسيءَ ۾ وڏو اعليٰ مقام رکندڙ هو.▲ سندس هڪ لغت "جنس ڪوش سنڌي" جو اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون. انهيءَ سلسلي ۾، شاهه صاحب سن ١٩٥٦ع ڌاري هڪ ٻي لغت پڻ مرتب ڪئي هئي. هن لغت جي منڍ ۾ سندس مهاڳ لکيل آهي، جنهن جو عنوان آهي "ڪير سمجهائي."● هيءَ لغت پنهنجيءَ جاءِ تي سنڌي لسانيات جي ڏس ۾ هڪ انمول موتي آهي. هن ڪتاب جي انهيءَ مذڪور مهاڳ جي مطالعي مان اهو واضح ٿئي ٿو، ته شاهه صاحب - ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي ڪتاب - "تحقيق لغات سنڌي" کان متاثر ٿي، اها لغت ترتيب ڏني هئي.

دراصل، "ڪير سمجهائي" کي جيڪڏهن غور سان مطالعو ڪبو ته اهو معلوم ٿئي ٿو، ته شاهه صاحب - ڊاڪٽر سنديلي تي هڪ معياري ۽ صحتمند تنقيد ڪئي آهي. ان مان اهو بخوبيءَ اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته موسوي صاحب علم ادب جي ٻين صنفن سان گڏ اعليٰ درجي جو نقاد پڻ هو، ۽ ان مان سندس علميت ۽ سنڌي لغت نويسيءَ تي مڪمل عبور حاصل هئڻ جو اهڃاڻ پڻ ملي ٿو. هيءُ ڪتاب فل اسڪيپ سائيز ۾، چاليهه صفحن تي مشتمل آهي ۽ قلمي صورت ۾ آهي.

7. سيد صاحبڏني شاهه بلڙيءَ واري جو ڪلام: شاهه صاحب پنهنجي دور جي مشهور شاعر - سيد صاحبڏني شاهه بلڙيءَ واري جي ڪلام کي سوڌي

▲ سنڌ جي مشهور سياسي شخصيت ۽ قومي رهنما - سائين جي. ايم سيد جو سيد عطا حسين موسويءَ ڏانهن لکيل هڪ خط مؤرخه ١٢ ڊسمبر ١٩٦٤ع نظر مان گذريو، جنهن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت ڌاري سنڌي ادبي بورڊ طرفان "سنڌي لغت" جو پهريون جلد تيار ٿي شايع ٿي چڪو هو ۽ اڃا باقي جلدن جو ڪم رهيل هو. سائين جي. ايم. سيد جي انهيءَ خط جي اڀياس مان اهو ظاهر ٿئي ٿو، ته پاڻ سيد عطا حسين موسويءَ جي ان وقت سنڌ ۾ علميت ۽ لغت نويسيءَ کان وڏو متاثر هو. انهيءَ ڪري ئي هن موسوي صاحب کي اهو لکڻ مناسب سمجهيو - ته اوهان جيڪڏهن باقي ٽن جلدن جو ڪم پورو ڪري سگهو، ته آءٌ بورڊ کي اهڙو مشورو ڏيان ته هو اوهان سان ان سلسلي ۾ رابطو ڪن.

● هيءُ مهاڳ انهيءَ ساڳئي عنوان سان، ماهوار "پيغام" ڪراچي سنڌ، جنوري ١٩٨٨ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

۽ سنواري تيار ڪيو هو. هن ڪتاب جي تيار ٿيڻ ۾ ڪيس اٽڪل ٽن ورهين جو عرصو لڳي ويو. ڪتاب جي منڍ ۾، سيد صاحبڏني شاهہ جي سوانح حيات سان گڏ سندس شعر و شاعريءَ بابت مقدمو پڻ ڏنو ويو آهي. شاهہ صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ هن ڪتاب کي ڇپرائڻ لاءِ ڪافي ڪوشش ڪئي، مگر اهو ڇپجڻ کان رهجي ويو. انهيءَ ڪتاب جو قلمي مسودو راقم وٽ موجود آهي.

8 . فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ جو ڪلام: سنڌي ۽ سرائڪي زبان جي پوئين دور جي صوفي شاعرن مان فقير خوش خير محمد هيسباڻي - هڪ نامور شاعر ۽ صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. سيد عطا حسين موسويءَ فقير صاحب جو ڪلام گڏ ڪري، ان کي ترتيب ڏنو هو. ڪتاب جي منڍ ۾، فقير خوش خير.محمد هيسباڻيءَ جي سوانح حيات ۽ سندس شاعريءَ جي متعلق سير حاصل مقدمو پڻ لکيو هئائين. شاهہ صاحب ان ڪتاب کي مڪمل حالت ۾ ڇپائڻ کان اڳ ۾ ئي هن فاني جهان مان رحلت ڪري ويو.

هن ڪتاب جي باري ۾، جڏهن موسوي صاحب جي پوٽي - انجنيئر سيد عبدالحسين موسويءَ سان رابطو قائم ٿيو، تہ هن انهيءَ ڏس ۾ هڪ افسوسناڪ واقعو بيان ڪيو. قاضي ميان محمد علي ”اختر“ مورائي، جو سنڌي زبان جو اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي، سن ١٩٧٥ع ڌاري سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پي ايچ. ڊي. لاءِ، ”فقير خوش خير محمد هيسباڻيءَ جي ڪلام جو تنقيدي جائزو“ جي عنوان سان مقالي لکڻ لاءِ داخلا ورتي. قاضي ”اختر“ مورائي صاحب، موسوي صاحب جي ٻئي نمبر فرزند - ڊاڪٽر سيد امداد حسين موسويءَ کان ان ڪتاب جو مسودو ورتي ويو، محض انهيءَ خيال سان تہ ان سلسلي ۾ رهيل باقي بيو ڪلام گڏ ڪري، آءُ پنهنجي رنگ ڍنگ سان پي ايچ. ڊي. لاءِ مقالو لکي پيش ڪندس. مرحوم قاضي صاحب پي ايچ. ڊي. تہ ڪانہ ڪئي، پر مذڪور ڪتاب ڏٺين کي اڄ ڏينهن تائين موٽي نہ مليو آهي. هن وقت اها خبر نہ آهي، تہ ان قيمتي مسودي جو الا ئجي ڪهڙو حشر ٿيو!

9. مصري شاهہ جو ڪلام: سيد عطا حسين موسويءَ سنڌ جي ”ڪافين جي بادشاهہ“ - سيد مصري شاهہ نصرپور واري جو ڪلام بہ ترتيب ڏنو هو. انهيءَ ڪتاب جو مسودو بہ پنهنجي جاءِ تي مڪمل هو.جو شاهہ صاحب جي ننڍي ڀاءُ - سيد جواد حسين موسويءَ، سيد پناهہ علي شاهہ کي ڇپائڻ لاءِ ڏنو هو. هن وقت انهيءَ مسودي جي ڪا خبر ڪانهي، تہ انهيءَ جو ڇا حال ٿيو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

10. رباعيات سرمد شهيد: سيد عطا حسين موسويءَ سن ١٩٥٧ع ڌاري برصغير هند و پاڪ جي مشهور صوفي بزرگ ۽ درويش - سرمد شهيد جي فارسي رباعيات جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. ”رباعيات سرمد شهيد“ جي منڍ ۾، سنڌ جي مشهور فارسي زبان جي عالم ۽ اديب - ڊاڪٽر نبي بخش قاضيءَ جو پيش لفظ لکيل هو. هتي نهايت ئي افسوس سان اهو چوڻو پوي ٿو، تہ شاهہ صاحب جي لاڏاڻي کان پوءِ سندس ڪافي قيمتي قلمي خزانو دستبرد جو شڪار ٿي ويو. جيئن تہ سندس خاندان علمي ۽ ادبي هو. پر زماني جي انقلاب جا وهڪرا اهڙا بہ ٿين ٿا، جن ۾ ڪافي قيمتي سرمايا ضايع ٿي وڃن ٿا. هن وقت انهيءَ ڪتاب جو صرف پيش لفظ ۽ خود شاهہ صاحب جو لکيل مقدمو يادگار طور رهجي ويا آهن، جن کي ڏسي افسوس ۽ ارمان جون ترورون مهنڊيون پون ٿيون، تہ اهڙو بي بها خزانو زماني جي ستم ظريفيءَ جو شڪار ٿي ويو. هن ڪتاب جي متعلق - ڊاڪٽرنبي بخش قاضي صاحب پنهنجي پيش لفظ ۾ لکي ٿو:

> ”هيءُ ڪتاب لکي، شاهہ صاحب سنڌ ساهت جو سرمايو سرس ڪيو آهي، جنهن لاءِ هن کيرون لهڻيون. سرمد جي رباعيات جو سنڌي ترجمو پڻ ڏنو ويو آهي، جنهن جي وسيلي پڙهندڙ سرمد شهيد جي فڪر مان واقف ٿيندا.“

قاضي صاحب جي انهيءَ مٿئين عبارت مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن رباعيات سرمد جو سنڌي ترجمو اڄ باقي سلامت هجي ها، تہ سنڌي ادب جو منهن مٿانهون هجي ها! ساڳئي وقت، موسوي صاحب جي فارسي زبان تي عبور هئڻ جو پڻ واضح ثبوت مهيا ٿئي ها!

11. رباعيات عمر خيام: شاهہ صاحب، فارسي زبان جي جڳ مشهور شاعر - عمر خيام جي رباعين جو بہ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. عمر خيام جي رباعين جو ترجمو، دنيا جي هر ڪنهن علمي ۽ ادبي زبان ۾ ٿيو آهي. هن کان اڳ سنڌي زبان ۾، عمر خيام جي رباعين جو ترجمو شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ، خيرپور رياست جي حاڪم - مير علي نواز خان ”ناز“ ٽالپر ۽ ديوان ڏيارام گدومل بہ ڪيو آهي. سيد عطا حسين موسويءَ جي ڇڏيل ڪن قلمي مسودن مان سندس انهيءَ ترجمو ٿيل ڪتاب - ”رباعيات عمر خيام“ جو پتو پوي ٿو. سردست ان ڪتاب جو ڪو بہ نام و نشان باقي نہ رهيو آهي. ان ڪري سندس انهيءَ ڪاوش جي متعلق ڪجهہ وڌي ڇئي نٿو سگهجي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

12. سنڌ جا قديم ڪتبخانا: سيد عطا حسين موسويءَ پنهنجيءَ ملازمت جو عرصو پورو ڪري پينشن تي لهڻ ڪان پوءِ، تصنيف ۽ تاليف جي ڪم طرف وڏيڪ توجهہ ڏنو. انهيءَ دور ۾، شاهہ صاحب ”سنڌ جا قديم ڪتبخانا“ جي نالي سان هڪ ڪتاب جو مواد گڏ ڪرڻ شروع ڪيو. ديوان نند لعل شرما ڏانهن لکيل هڪ خط ۾، شاهہ صاحب ان ڪتاب جي مرتب ڪرڻ جو اشارو ۽ مقصد بيان ڪيو آهي. (12) شاهہ صاحب جو مقصد هو، سنڌ ۾ جيڪي بہ قديم ڪتبخانا آهن، انهن جي فهرست تيار ڪئي وڃي، تہ جيئن ايندڙ دور ۾ سنڌ جي محققن کي تحقيق ڪرڻ ۾ دشواري نہ ٿئي. ساڳئي وقت، انهيءَ مواد سان گڏ سنڌ ۾ جيڪي تواريخي ماڳ ۽ مڪان آهن، تن جي ڪتبن بابت بہ ڪافي مواد گڏ ڪيو هئائين. ليڪن، افسوس جو سندس وفات ڪان پوءِ اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. (13)

13 . سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ ڪُهنگي: شاهہ صاحب هيءُ ڪتاب ١٩٥٦ع کان اڳ ۾ لکيو هو، جيئن پاڻ پنهنجي هڪ مضمون بعنوان ”سنڌ“ ۾ اهڙو اشارو ڏنو اٿائين.

سيد عطا حسين موسويءَ جي انهن مٿين ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن ڪان سواءِ سندس لکيل ڪن ٻين ڪتابن جي بہ نشاندهي ٿئي ٿي. اسان هتي صرف انهن جا نالا ڄاڻايون ٿا:

1. فلسفہ حج
2. عرب، عربستان ۽ عرب جو ملڪ
3. سوانح امام علي نقي عليہ السلام
4. نصيحت آميز ڳالهيون
(مولانا روميءَ جي مثنويءَ جو سليس ترجمو)
5. تواريخ روهڙي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حوالا

(1) سيد عبدالحسين موسوي: "ديوان بيدل" (قلمي) - "قاضي پير محمد جو احوال"
(2) نند لعل "نندن" شرما: "آديسي اسور وڃائي واٽ ٽيا"، ص ٢٦
(3) سيد. جي. ايم: "جنب گذاريم جن سين" جلد پهريون ص ٤٩ - ٣٤٨
(4) "Biographical Encyclopedia of Pakistan", Edition 1960-61, pp 119
(5) ڏسو حوالو نمبر (2)، ص ٥
(6) ايضاً ، ص ٩٦
(7) شيخ عبدالرزاق "راز": "مرحوم سيد عطا حسين شاهه موسوي" (مضمون) — ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي سنڌ. سيپٽمبر ١٩٦٦ع، ص ٢٢
(8) ڏسو حوالو (1)
(9) مير محمد معصوم بکري: "تاريخ" معصومي" (سنڌي) ، ص ٢٥٥
(10) بروايت قاضي ميان شاهه بخش
(11) ڏسو حوالونمبر (7) ص ٢١
(12) ڏسو حوالو نمبر (2)، ص ٧٧
(13) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر: "گهڙيون گهاريم جن سين"، ص ١٥

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيدُ عبدالحسين موسوي

سيد عبدالحسين موسوي - روهڙيءَ جي "موسوي سادات" مان هو. سندس والد - سيد وڏيل شاهه موسوي پڻ پنهنجي وقت جو وڏو عالم، اديب، صحافي ۽ هڪ ڪامياب استاد ۽ اعليٰ درجي جو منتظم ٿي گذريو آهي.

سيد عبدالحسين موسويءَ ٢١ رمضان المبارڪ ١٣١٩هه / ٢ جنوري ١٩٠٢ع تي خميس ڏينهن شام جو ستين بجي، پنهنجي اباڻي شهر روهڙيءَ ۾ جنم ورتو. روهڙيءَ جو شهر - قديم زماني کان وٺي علم ۽ ادب جو گهوارو پئي رهيوآهي. علمي گهراڻي ۾ جنم وٺڻ سان گڏوگڏ، شاهه صاحب جي ذهن ۽ طبيعت تيِ هن علمي ۽ ادبي شهر جي ماحول جو پڻ فطرتي طور تي اثر پيو.

سيد عبدالحسين موسويءَ ابتدائي تعليم روهڙيءَ ۾، ان وقت جي مشهور استاد- قاضي ميان غلام مهدي بن قاضي ميان پير محمد کان حاصل ڪئي. قاضي ميان غلام مهدي سنڌ جي مشهور صوفي شاعر - فقير قادر بخش "بيدل" جي مجازي محبوب - قاضي ميان پير محمد جو فرزند ۽ بيدل سائينءَ جو شاگرد هو. شاهه صاحب ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، ڪراچيءَ جي مشهور درسگاهه - سنڌ مدرسة الاسلام مان مئٽرڪ جو امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪيو. ان کان پوءِ ڪيس سندس والد بمبئيءَ جي گرانٽ ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڊاڪٽري پڙهڻ لاءِ موڪليو. ليڪن، اتي سندس طبيعت ناساز رهڻ لڳي، تنهنڪري پاڻ سنڌ واپس موٽي آيو ۽ هتي ڪراچيءَ جي ڊي. جي. ڪاليج ۾ داخل ٿي، بي. اي. جو امتحان پاس ڪيائين.

هڪ شاگرد تي پنهنجي استاد جو وڏو اثر ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح، سيد عبدالحسين موسويءَ جي ذهن ۽ ذڪاءَ تي پڻ پنهنجي استاد قاضي ميان غلام مهديءَ جي تعليم ۽ تربيت ۽ شخصيت جو تمام گهڻو اثر پيو. پاڻ پنهنجي استاد کان متاثر ٿي، تعليم کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. ٿوري وقت کان پوءِ، بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي. ٽي. جو امتحان پڻ پاس ڪيائين. ان کان پوءِ، شاهه صاحب سنڌ جي مختلف هاءِ اسڪولن ۾استاد ٿي رهيو، جتي

www.facebook.com/musavisayed

پنهنجيءَ قابليت ۽ ذهانت سان تمام گهڻي مقبوليت حاصل ڪيائين. ان دور ۾، سنڌ اندر ميرپور خاص، لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ۾ وڏا وڏا هاءِ اسڪول قائم ٿيل هئا. جتي نهايت ئي قابل ۽ محنتي استادن کي موڪليو ويندو هو. شاهه صاحب کي پڻ انهن تعليمي ادارن ۾ پڙهائڻ جو شرف حاصل رهيو. جتي پاڻ وڏيءَ محنت ۽ اعليٰ اخلاق وسيلي پنهنجو نالو نروار ڪيائين.

سيد عبدالحسين موسويءَ جي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ هڪ ڪامياب منتظم واري حيثيت کان متاثر ٿي، کيس ان وقت سنڌ ۾ قائم ٿيل مسلم اسڪولن جو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو. ان دور ۾، مسلم اسڪولن جي حالت، تعليمي لحاظ کان گهڻو پوئتي پيل هئي. شاهه صاحب وڏيءَ محنت ۽ اورچائيءَ سان، سنڌ جي انهن اسڪولن جي حالت کي هر لحاظ کان سڌاري، ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪيو. سندس اعليٰ انتظامي صلاحيتن کان متاثر ٿي، بعد ۾ کيس ٽنڊي باگي جي مشهور هاءِ اسڪول جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. جتي پڻ پنهنجي اعليٰ ڪارڪردگي ڏيکاريائين. اهڙيءَ طرح، شڪارپور ۽ ڪراچيءَ جي اين. جي. وي. هاءِ اسڪولن جو پرنسيپال ٿي ڪم ڪيائين.

پاڻ آخر ۾ ڪراچيءَ جي "سنڌ مدرسة الاسلام" جو پرنسيپال مقرر ٿيو. جتان کيس ترقي ڏيئي پهريائين حيدرآباد ڊويزن ۽ پوءِ سکر ڊويزن جو ايڊيوڪيشن آفيسر مقرر ڪيو ويو. آخر ۾ انهن عهدي تان سن١٩٥٧ع ۾ پينشن تي لٿو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ، پاڻ پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن آرام ۽ سڪون سان پنهنجي اباڻي شهر روهڙيءَ ۾ گذاريائين. جتي سندس گهڻو وقت مطالعي ۽ تصنيف وتاليف ۾ گذرندو هو.

سيد عطا حسين موسويءَ سن ١٩٥٧ع ۾ ٻين علم دوست ساٿين سان گڏجي "سکر ايڊيوڪيشن سوسائٽي" برپا ڪئي. ان سوسائٽيءَ جي سهاري هيٺ سکر ۾ هڪ اوريئنٽل ڪاليج قائم ڪيو ويو. جنهن ۾ سيد عبدالحسين موسويءَ اعزازي طور پاڙهڻ جو ڪم شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح، شاهه صاحب پينشن تي اچڻ کان پوءِ به درس ۽ تدريس جي مشغلي سان وابسته رهيو.

سيد عبدالحسين موسوي نه صرف علم ۽ ادب جو شهسوار هو، پر علم طب ۾ به کيس وڏي مهارت حاصل هئي. شاهه صاحب ملازمت جي دور کان وٺي ويندي پينشن تي اچڻ کان پوءِ به باقي حياتيءَ جو عرصو طب جي ذريعي عوام الناس جي خدمت ۾ گذاريو. پاڻ ڪڏهن به ڪنهن کان ان جو عيوضو نه ورتائين، ۽ نه وري طب کي ذريعه معاش بڻايائين. وٽس وڏن وڏن حاذق حڪيمن جا ناياب نسخا هئا، جي ڪيترن ئي مختلف مرضن لاءِ تير به هدف

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

هوندا هئا. علم طب تي سنڌس چار پنج بياض قلمي صورت ۾، سنڌس لائق ۽ فائق پوٽي - انجنيئر سيد عبدالحسين شاهه موسويءَ وٽ موجود آهن. انهن بياضن کي جيڪڏهن ڪنهن ماهر حڪيم کان ترتيب ڏياري شايع ڪرايو وڃي، ته عوام الناس جي وڏي خدمت ٿيندي.

سيد عبدالحسين موسويءَ - بيبي شهزاد بنت ميرڪ سبحان علي شاهه سان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس ڪوبه اولاد ڪونه ٿيو.

شاهه صاحب ٥ شوال المڪرم ١٣٨٦هه /١٧ جنوري ١٩٦٧ع تي اڱاري ڏينهن صبح جو يارهين بجي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. ڪيس سکر پراڻي ۾ پنهنجي اباڻي قبرستان - "ڏتل شاهه جي مڪان" ۾ دفن ڪيو ويو.

تصنيفات

سيد عبدالحسين موسوي - سنڌي ادب جي ناميارن ۽ بلند پايي جي نثرنگارن مان هڪ ٿي گذريو آهي. پاڻ سنڌي، فارسي، عربي، اردو ۽ انگريزي ٻولين جو ڄاڻو هو. جيتوڻيڪ سنڌس لکيل ڪتابن جو تعداد ايترو گهڻو نه آهي، پر ان هوندي به اهي سنڌي ادب ۽ زبان جو وڏو سرمايو آهن. هتي سنڌس تصنيف ۽ تاليف ڪيل ڪتابن جو مختصر طور تي جائزو پيش ڪجي ٿو:

1. ڇوڪرين جي ورنيڪيولر فائينل امتحان جا پيپر: سيد عبدالحسين موسويءَ سنڌي اسڪولن جي نصاب طور، ٻين تعليمي ماهرن سان شريڪ ٿي، ڪافي ڪتاب لکيا آهن. هن مذڪور ڪتاب ۾ پڻ شاهه صاحب پنهنجي وقت جي مشهور هندو تعليمي ماهر - ڄڳتراءِ ايسرداس شوداساڻي ۽ قاضي ميان جان محمد شڪارپور واري سان گڏجي، سنڌي فائينل امتحان ۾ ويهندڙ ڇوڪرين جي سهولت لاءِ، سن ١٩٣٠ع کان سن ١٩٣٤ع تائين آيل امتحاني سوالن جا پيپر حل ڪيا آهن. هن ڪتاب جي منڍ ۾، ان جي اهميت ۽ ضرورت کي محسوس ڪندي ڄاڻايو ويو آهي ته:

> "جڏهانڪر ڇوڪرين جو ورنيڪيولر فائينل امتحان ٿيڻ لڳو آهي، تڏهانڪر سوالن جوابن واري پيپرن جي ڪتاب جي ضرورت گهڻي قدر محسوس پئي ڪئي وئي آهي."[١]

ان مٿئين عبارت مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته هيءُ ڪتاب انهن ٽنهي مصنفن - خاص طور سنڌ جي نياڻين لاءِ، سنڌي فائينل امتحان کي آسان بڻائڻ

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

لاءِ لکيو هو. ڪتاب جي منڍ ۾، امتحان ۾ جيڪي مقرر ٿيل ڪم آهن، تن جي وضاحت ڪئي وئي آهي. ڪتاب ۾ نثر، نظم، گرامر، صورتخطي، مضمون نگاري، انگي ۽ گهرو حساب، جاگرافي، تواريخ، صحت سکيا، ڇوڪرين لاءِ سبڻ جو ڪم وغيره جي باري ۾ ڄاڻ ڏني وئي آهي. هن ڪتاب جي مطالعي مان اهو به واضح ٿئي ٿو، ته ان دور ۾ سنڌي فائينل امتحان ۾ ڇوڪرين جي لاءِ اٺ هيڊ مقرر ٿيل هئا.

هيءُ ڪتاب جيئن ته ٽن مصنفن جو لکيل آهي، ان ڪري اهو معلوم ڪرڻ تمام مشڪل ٿي پيو آهي، ته ڪهڙو حصو ڪهڙي ليکڪ جو لکيل آهي. البت، هن ڪتاب کي مجموعي طرح نياڻين جي فائينل امتحان جي سلسلي ۾، نهايت ئي آسان نموني ۾لکيو ويو آهي. سيني پيپرن جي سوالن جا جواب نهايت خبرداريءَ سان ڏنا ويا آهن. خاص طرح سان ڇوڪرين کي امتحان جي تياري ڪندي جيڪي مشڪلاتون درپيش اچن ٿيون، تن کي سامهون رکي، هن ڪتاب کي نهايت مفيد بڻايو ويو آهي.

هن وقت جيتوڻيڪ ان ڪتاب جي اها تدريسي اهميت نه رهي آهي، تاهم ان جي مطالعي مان سنڌي زبان، شعر و شاعري، گرامر، جاگرافي، تواريخ ۽ مضمون نويسيءَ جهڙن اهم موضوعن بابت ڪافي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. هيءُ ڪتاب ديوان موتيرام ڏرمداس، موتي (اليڪٽرڪ) پرنٽنگ ورڪس، تلڪ روڊ، حيدرآباد سنڌ مان ڇپرايو ويو.

2. تفريق ۽ تقطيع: سيد عبدالحسين موسويءَ - هيءُ ڪتاب دراصل استادن ۽ شاگردن جي رهنمائيءَ ۽ رهبريءَ لاءِ لکيو هو. ان دور ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ورنيڪيولر امتحان، جنهن کي عام طرح "سنڌي فائينل" سڏيو ويندو هو، جي نصاب ۾ "علم نحو" ۽ "علم صرف" شامل هئا. ان وقت "علم صرف" تي ته سٺا ڪتاب لکيل هئا، پر "علم نحو" تي ڪو مختصر ڪتاب موجود نه هو. شاهه صاحب جيئن ته انهن ٻنهي مذڪور علمن تي مهارت رکندڙ هو، تنهنڪري "تفريق ۽ تقطيع" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيائين. ظاهري طور تي اهو ڪتاب نصابي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ لکيو ويو هو، پر شاهه صاحب پنهنجي وسيع ڄاڻ ۽ عالمانه ذوق سبب ان کي ايترو ته مختصر ۽ جامع بڻايو، جو سچ پچ درياءُ ڪوزي ۾ سمايو ويو آهي. هن ڪتاب مان نه صرف ان دور جا نوجوان شاعر لاڀ پرائيندا هئا، پر ان کي سند طور پڻ پيش ڪيو ويندو هو. هن ڪتاب جي ترتيب ۾، ميان محمد ابراهيم عباسي پڻ شاهه صاحب جو ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

هيءُ ڪتاب سن ١٩٣٤ع ۾ اشاعت هيٺ آيو. هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو - سن ١٩٤٥ع ۾ پوڪرداس ائنڊ سنز، ڪراچي سنڌ طرفان ڇپيو ۽ ان جو پنجون ڇاپو - سن ١٩٥٨ع ۾ توفيق آرٽ پريس، دادو سنڌ مان ڇپجي پڌرو ٿيو.

3. جاميٽري: سيد عبدالحسين موسويءَ نہ صرف سنڌي علم ۽ ادب جي خدمت ڪئي آهي، پر پاڻ "علم رياضيءَ" ۾ بہ وڏي مهارت رکندڙ هو. تواريخي لحاظ کان سندس خاندان مان ميرڪ عبدالباقي ٺٽوي (المتوفي ٩٨٣هـ / ١٥٧٥ع) "جاميٽريءَ" جي فن جو وڏو ماهر ٿي گذريو آهي، جنهن سنڌ ۾ انهيءَ فن تي نوان نوان تجربا ڪيا. اهو خانداني اثر، صدين کان پوءِ، سيد عبدالحسين موسويءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. شاهہ صاحب کي "علم رياضيءَ" جي هر شاخ تي مهارت حاصل هئي، پر خاص طرح سان "جاميٽريءَ" جي علم ۾ وڏي ڄاڻ رکندو هو. هاءِ اسڪولن ۾ ورهين جا ورهيہ علم رياضي پڙهائيندي، "جاميٽريءَ" جي علم تي ڪيس ايڏو تہ عبور حاصل هو، جو پاڻ ان تجربي جي بنياد تي هڪ ڪتاب لکيائين. جاميٽريءَ جو اهو ڪتاب سن ١٩٣٦ع ۾ ڇپرايائين، جنهن کي ان وقت جي تعليم کاتي طرفان نصاب تي رکيو ويو. سن ١٩٥٤ع ۾ هن ڪتاب جو پندرهون ڇاپو - ڇهن هزارن جي تعداد ۾ ڇپيو، ۽ ان جو ارڙهون ڇاپو - سن ١٩٥٧ع ۾ سنڌ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد سنڌ مان پڌرو ٿيو.

4 . تاريخ اسلام: سيد عبدالحسين موسوي نہ صرف مذهبي قسم جو ماڻهو هو، پر سندس تواريخي مطالعو بہ ڪنهن وڏي اسڪالر کان گهٽ نہ هو. سندس ذاتي ڪتبخاني ۾ گهڻي ڀاڱي طب، ادب ۽ تواريخ جا ڪتاب موجود هئا. مسلمانن جي عروج ۽ زوال جو نقشو، هر وقت سندس اکين آڏو رهندو هو. دنيا ۾ مسلم قوم جي ناگفتہ بہ حالت ڏسي، ڪيس گهڻو افسوس ٿيندو هو. انهيءَ ڳالهہ کان متاثر ٿي، پاڻ تواريخ جهڙي خشڪ مضمون کي هٿ ۾ ڪنيائين ۽ پنهنجي قلم سان ان کي اهڙو دلچسپ بڻايائين، جو اهو ڪتاب سنڌ جي عالمن خواهہ نوجوانن ۾ گهڻو مقبول ٿيو. هيءُ ڪتاب سنڌ جي مشهور پبلشر - آر. ايچ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ طرفان سن ١٩٥٠ع ۾ شايع ٿيو.

5. سڳنڌ: دراصل، سنڌي "لوڪ ادب" جي ابتدائي ميڙ چونڊ جو سهرو - سيد عبدالحسين موسويءَ جي سر تي سُونهي ٿو. دنيا ۾ جيڪي بہ سڌريل قومون آهن، تن جي علم ۽ ادب جو وڏو سرمايو "لوڪ ادب" ئي هوندو آهي. "لوڪ ادب" قومن جي تهذيب ۽ ثقافت جو آئينو هوندو آهي، جنهن ۾ سندن زندگيءَ

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

جو هر لحاظ کان عڪس موجود هوندو آهي. سنڌي لوڪ - ادب سنڌي قوم جو سرمايہ حيات آهي. جنهن مان سنڌ جي تهذيب، تمدن، سورهيائي، سخاوت وغيره جهڙين ڳالهين جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

شاهہ صاحب کي عموماً پنهنجي نوڪريءَ جي حوالي سان اڪثر سنڌ جي ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين ۾ اسڪولن جي امتحان وٺڻ لاءِ ويڃڻو پوندو هو. جتي ڀهراڙيءَ جا ماڻهو - ڪچهرين ۾ لوڪ ڪهاڻيون، ڳجهارتون، هُنر، ڏٺون ۽ ٻين ڪيترن ئي قسمن جون اهڙيون شاعراڻيون صنفون اچي پيش ڪندا هئا ۽ ڪچهرين کي رونق وٺرائيندا هئا. شاهہ صاحب جو جيئن تہ علم ۽ ادب ڏانهن تمام گهڻو لاڙو هو، ان ڪري مختلف وقتن تي جتي جتي پاڻ ويندو هو، تہ اتي ان قسم جي مواد کي سهيڙيندو رهندو هو. محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ”لوڪ ادب“ جي سلسلي ۾ سنڌ جي وڏي خدمت ڪئي آهي، پر اسان ايترو چوڻ ۾ حق بجانب آهيون، تہ سنڌي ”لوڪ ادب“ جو بنيادي پٿر - دراصل سيد عبدالحسين موسويءَ ئي رکيو هو. شاهہ صاحب - ”لوڪ ادب“ جي ان گڏ ڪيل مواد جي عالمانہ انداز ۾ ڇنڊ ڇاڻ ڪري، ميان محمد ابراهيم عباسيءَ جي شراڪت سان ”سُڳنڌ“ نالي ڪتاب تيار ڪري، سنڌ جي عالمن ۽ اديبن جي خدمت ۾ پيش ڪيو. هيءُ ڪتاب سن ١٩٥٠ع ۾ مسلم ادبي اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد سنڌ مان ڇپجي پڌرو ٿيو. ان کان پوءِ، هن ڪتاب جا لاڳيتا چار ڇاپا - ترتيبوار سن ١٩٥١ع، ١٩٥٢ع، ١٩٥٣ع ۽ ١٩٥٤ع ۾ قاضي ميان نصير محمد، توفيق آرٽ پرنٽنگ پريس، دادو سنڌ ۾ ڇپيا. هن ڪتاب جو ستون ڇاپو - سن ١٩٥٩ع ۾ تاج محل پريس، حيدرآباد سنڌ ۾ ۽ اٺون ڇاپو - سن ١٩٦٦ع ۾ اسلاميہ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد سنڌ مان شايع ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان هن ڪتاب کي ڪيترا دفعا نصاب طور پڻ شامل ڪيو ويو آهي.

6 . ديوان بيدل: سيد عبدالحسين موسوي بنيادي طرح تہ نثر نويس هو. پر شعر و شاعريءَ جي مذاق پڻ رکندو هو. پاڻ روهڙيءَ جهڙي علمي شهر سان واسطو رکندڙ هو. جتي ڪيترائي صوفي درويش ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، جن سنڌي ادب جي صوفيانہ شاعريءَ ۾ وڏو مقام حاصل ڪيو آهي. سنڌي ادبي بورڊ جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ جي قديم شاعرن جو ڪلام ڪٺي ڪرڻ ۽ ان کي جديد نموني سان ترتيب ڏيئي شايع ڪرڻ جو پروگرام رٿيو ويو. ان سلسلي ۾ روهڙيءَ جي مشهور صوفي شاعر - فقير قادر بخش ”بيدل“ جي ڪلام کي مرتب ڪرڻ لاءِ، سيد عبدالحسين موسويءَ جو انتخاب ڪيو ويو. شاهہ صاحب

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

- "بيدل" جي ڪلام کي مرتب ڪرڻ لاءِ سچي سنڌ مان مواد گڏ ڪيو ۽ مختلف قلمي نسخن کي پيٽي، سموري ڪلام کي تحقيقي لحاظ کان يڪجا ڪيو. ڪتاب جي منڍ ۾، فقير قادر بخش "بيدل" جي سوانح حيات، سندس علمي ڪارنامن، صوفيانه ۽ عاشقانه نظرين کي سهڻي نموني ۾ اجاگر ڪيو ويو آهي. "بيدل" جي ڪلام کي "ديوان" جي صورت ۾ ترتيب ڏيڻ ۽ ان تي عالمانه مقدمو لکڻ مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي، ته شاهه صاحب وڏيءَ ذهانت جو صاحب هو ۽ کيس جديد نموني تي ڪتاب مرتب ڪرڻ جي وڏي ڄاڻ حاصل هئي. "ديوان بيدل" سن ۱۹۵٤ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ طرفان شايع ٿيو. هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو - محترم ڊاڪٽر نواز علي "شوق" جي سعي ۽ ڪوشش سان سن ۱۹۹۱ع ۾ پڌرو ٿيو. هن ڇاپي ۾ "بيدل" سائينءَ جي سوانح، پيغام ۽ ڪلام بابت "شوق" صاحب جا ضروري اضافا پڻ ڏنا ويا آهن.

7 . سرهاڻ: "لوڪ ادب" جي سلسلي ۾، "سُڳنڌ" نالي ڪتاب ترتيب ڏيڻ کان پوءِ، شاهه صاحب وٽ اڃا بہ ڪافي اهڙو مواد گڏ ٿي چڪو هو، جيڪو پهرئين ڪتاب ۾ اچي نه سگهيو هو. سيد عبدالحسين موسويءَ "لوڪ ادب" جي باقي رهيل سيني صنفن کي گڏ ڪري "سرهاڻ" نالي ڪتاب ترتيب ڏنو، جنهن ۾ پڻ ميان محمد ابراهيم عباسيءَ جي شراڪت رهي. هيءُ ڪتاب شاهه صاحب سن ۱۹۵۸ع ۾ سنڌ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد سنڌ مان پنهنجي ذاتي خرچ تي ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب پڻ سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي. هن ڪتاب کي بہ سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان نصاب تي رکيو ويو.

8. ديوان بيڪس: "ديوان بيڪس" - فقير قادر بخش "بيدل" جي فرزند، فقير محمد محسن "بيڪس" جي ڪلام جو مجموعو آهي. سيد عبدالحسين موسويءَ "ديوان بيڪس" پڻ انهيءَ ساڳئي نموني تي ترتيب ڏنو آهي، جنهن طرز تي "ديوان بيدل" مرتب ڪيو هئائين. هن ۾ "بيڪس" جي سوانح حيات سان گڏ ان جي صوفيانه انداز کي تحقيقي نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب پڻ سندس شاعراڻي مذاق جي ساک پري ٿو. هيءُ ڪتاب سن ۱۹٦۵ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ طرفان شايع ٿيو.

9 . وڪريل وٿون: شاهه صاحب پينشن تي لهڻ کان پوءِ، پنهنجيءَ ملازمت واري عرصي ۾ کيس جيڪي تجربا ۽ مشاهدا نظر آيا، تن کي مضمونن جي صورت ۾ قلمبند ڪيو. هن انهن مضمونن کي "ڪمزوريون" جي نالي سان

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڪتابي صورت ڏيئي، پنهنجي حياتيءَ ۾ شايع ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ڪتاب جي مُنڍ ۾، سنڌ جي وڏي عالم ۽ اديب - ڊاڪٽر نبي بخش قاضيءَ کان تقريظ لکائي، ان ۾ شامل ڪئي هئائين. اجا ڪتاب ڇپائيءَ جي مرحلن ۾ داخل ئي نہ ٿيو هو، تہ شاهہ صاحب هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. ان کان پوءِ هن ڪتاب کي ڇپائڻ لاءِ، سندس پوٽي - ڊاڪٽر سيد امجد حسين موسويءَ ڪوشش ورتي ۽ ڪتاب جو مسودو - پروفيسر محمد فاضل شيخ صاحب جي حوالي ڪيو. شيخ صاحب ان ڪتاب جي مواد کي ڪمپوز ڪرايو، پر اهو وڏيڪ ڪتابي صورت ۾ اَڻ کان رهجي ويو. ان کان پوءِ، شاهہ صاحب جي پٽي لائق ۽ فائق پوٽي - انجنيئر سيد عبدالحسين موسويءَ اهو ڪمپوز ٿيل مواد راقم جي سپرد ڪيو ۽ ان کي شايع ڪرڻ جي اجازت ڏني.

سيد عبدالحسين موسويءَ جي ان مجموعي ۾ صرف ست مضمون هئا، جن کي "ڪمزوريون" جي عنوان سان مرتب ڪيو ويو هو. راقم، شاهہ صاحب جي انهن ستن مضمونن کان سواءِ، سندس زندگيءَ ۾ لکيل ٻين مضمونن جي پڻ ڳولا ۽ جستجو ڪئي. ان سلسلي ۾، شاهہ صاحب جا جوانيءَ جي زماني کان وٺي لکيل ٻيا بہ ڪيترائي مضمون مختلف رسالن مان هٿ ڪري، هن ڪتاب ۾ "وکريل وٿون" جي نالي سان ڏنا ويا آهن. هيءُ علمي ۽ ادبي ڪتاب - "ساهتي ادبي اڪيڊمي" - نواب شاهہ سنڌ طرفان اشاعت هيٺ آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهہ موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد جواد حسين موسوي

سيد جواد حسين موسوي - سيد وڏيل شاهه جو ٽيون نمبر فرزند هو. شاهه صاحب ۲۲ رمضان المبارڪ ۱۳۲٤هه / ۱۰ ڊسمبر ۱۹۰٦ع تي روهڙيءَ ۾ ڄائو. ابتدائي پرائمري ۽ ثانوي تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ بي. اي پاس ڪيائين. تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ ڪئنال اسسٽنٽ جو ڪورس پاس ڪري، سرڪاري ملازمت اختيار ڪيائين. ان ڪان پوءِ پاڻ پنهنجي هوشياريءَ ۽ ذهانت ڪري، ترقي ڪندي سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ اسسٽنٽ مقرر ٿيو. جتان ڪجهه عرصي ڪان پوءِ آفيس سپرينٽينڊنٽ ٿيو. ان ڪان پوءِ جڏهن مغربي پاڪستان جي چئني صوبن ڪي ملائي "ون يونٽ" ناهيو ويو. تہ ان وقت شاهه صاحب ڪي لاهور ۾ ماليات کاتي ۾ ڊپٽي سيڪريٽري جي عهدي تي فائز ڪيو ويو. ۽ انهيءَ عهدي تان پنهنجي ملازمت جو عرصو پورو ڪري پينشن تي لٿو.

سيد جواد حسين موسوي بہ پنهنجي ٻن ڀائرن - سيد عطا حسين موسوي ۽ سيد عبدالحسين موسوي، جي وقت جا مشهور تعليمي ماهر ۽ اديب هئا، وانگر نهايت ئي بلند پايي جو عالم ۽ اديب هو. ان سان گڏ شعر و شاعري جو بہ ذوق رکندڙ هو. مثنوي مولانا رومي ۽ شاهه لطيف جي رسالي سان سندس بي حد انس هوندو هو. شاهه صاحب - هميشہ سفر خواه حضر ۾، شاهه جو رسالو پاڻ سان گڏ رکندو هو.

سيد جواد حسين موسوي بہ پنهنجن وڏن ڀائرن جيان علم جو درياهه هو. سندس مطالعو تمام وسيع هو. پاڻ دم جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا هو ۽ اها تڪليف ڪيس ڪڏهن ڪڏهن تمام گهڻو ستائيندي هئي. انهيءَ جي باوجود پاڻ ڪڏهن بہ علمي ۽ ادبي مجلسون ترڪ نہ ڪيائين. پاڻ محفلن ۾ اڪثر مذهب، تصوف ۽ علم ادب جي ڳوڙهن مسئلن تي بحث مباحثو ڪندو هو ۽ پنهنجي وسيع مطالعي ۽ ڄاڻ مطابق ان تي پنهنجي عالمانہ راءِ جو اظهار ڪندو هو. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام تي ڪيس ڪافي عبور حاصل هو ۽ شاهه جي ڪنهن بہ شعر جي شرح نهايت ئي باريڪ بينيءَ سان ڪندو هو. ازانسواءِ، سنڌي لغت تي بہ ڪيس وڏي مهارت حاصل هئي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد جواد حسين موسوي نهايت ئي گوناگون خصلتن ۽ خاصيتن جو مالڪ هو. لطافت ۽ ظرافت سندس گفتگو کي انتهائي پُر لطف بڻائيندي هئي. پاڻ هر ڳالهه مان ظريفانه نڪتو ڪڍي، محفل کي رونق افروز بڻائيندو هو. پاڻ اڪثر ڪري بيت ناهي، ان ۾ ”لطيف“ جو نالو تخلص طور استعمال ڪندو هو. سندس باري ۾ هڪ روايت ملي ٿي، ته ون يونٽ جي ڏاڍ ۽ جبر واري دور ۾، هڪ دفعي سيد غلام مصطفيٰ شاهه، سنڌ يونيورسٽيءَ جو سابق وائيس چانسلر وٽس مهمان ٿي آيو. ان دور جي وڏيرن ۽ جاگيردارن جي متعلق - سندن ڪچهريءَ ۾ بحث ڇڙيو، ته ان وقت سيد جواد حسين موسويءَ چيو ته پنائي پڻ انهيءَ حالات لاءِ هيءُ بيت چيو آهي:

ڏاهن وڏيرن، ڏونگرن، هي جي ڏنا ڏک،
سنڌ ڏئي سرها ٿيا، ته ميڙيندا سي لک،
پنندا ڏنا سي پنجاب ۾، متان وسين رک،
ياڙين متان بک، لهندي کين لطيف چئي.

انهيءَ تي سيد غلام مصطفيٰ شاهه ڪلندي ڪيس چيو، ته شاهه جو سڄو رسالو پڙهيو اٿم، پر اهو شعر سندس ناهي. جواد حسين موسويءَ جواب ڏنو ته، قبلا! اهو شاهه جو گم ٿيل بيت آهي. حالانڪ اهو سيد جواد حسين موسويءَ جو پنهنجو ئي ناهيل بيت هو.

شاهه صاحب سنڌي زبان ۾ ڪافيون، غزل، بيت ۽ ڪن ٻين صنفن ۾ شعر چيو آهي. پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ ”موسوي“ تخلص استعمال ڪندو هو. افسوس! جو سندس اهو سمورو ذخيرو تلف ٿي ويو.

سيد جواد حسين موسويءَ پنهنجي حياتي نهايت ئي پروقار نموني ۾ بسر ڪئي. وٽس هميشه عالمن، اديبن ۽ سڄاڻ ماڻهن جي ڪچهريءَ جو ميڙاڪو متل هوندو هو. شاهه صاحب ٢٩ ذوالحج ١٣٩٣هه / ٢٤ جنوري ١٩٧٤ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. (1) کيس سکر پراڻي ۾ ، پنهنجي اباڻي قبرستان - ”ڏتل شاهه جي مڪان“ ۾ دفن ڪيو ويو. شاهه صاحب کي سيد اڪبر حسين موسوي نالي هڪ فرزند ٿيو.

هتي سيد جواد حسين موسويءَ جا ڪاليج جي شاگرديءَ واري زماني ۾ چيل ٻه غزل نموني طور ڏجن ٿا.

غزل

.........تو مون کي جاني، ڪيم صدقي دل و جان کي،
خرد کي، ساهه کي، آرام کي، دولت ۽ ايمان کي.
نه آهه توکي خبر ڪائي، ته ڪاٿيان ڪيئن تو جاڻ ،

www.facebook.com/musavisayed

گهڙيءَ ڪي، پهر ڪي، پل ڪي، صبوح ڪي، شامِ هجران ڪي.
لب جان بخش جانان سان نہ آهہ طاقت جو مَٽ ٿيندا،
شڪر ڪي، قند ڪي، انگور ڪي، لعلِ بدخشان ڪي.
تنهنجي زلفن سياهن سان، نہ ٿي تشبيهہ اي پيارا،
بلاڪي، ازدها ڪي، نانگ ڪي، اژدر بيّابان ڪي.
مريضِ عشق تنهنجي کي، ڏسڻ سان ٿي پوي سودا،
فلاطون ڪي، ارسطو ڪي، لقرماجش ڪي، لقمان ڪي.
ڪيو "موسوي" پيدا، فقط ڪُن مان يد قدرت،
زمين ڪي، آسمان ڪي، بحر ڪي، بر ڪي، بيابانَ ڪي.

ايضا

توهان ڪي ڇا مزو ايندو، اسان جي ڇيچلائڻ ۾،
سبب آهي رڪيل کهڙو، ستايل ڪي ستائڻ ۾.
اوهان ڪي سچ تہ سمجهيم ٿي، مسلمان قوم جان سادو
مگر ڪافر ادائون هن، اوهان جون تيز تائڻ ۾.
گهران ڪجهہ ڪين ٿو سو مان، مگر اڪ ڪول مخموري،
اهوئي راز آهي جو، رڪيل شيشي سنگهائڻ ۾.
ٿيس بي ڪي حس تہ مر سمجهو، تہ بي جان ٿي ويو آهي،
مگر فرحت توهان سمجهي، اسان جي مڙهہ رلائڻ ۾.
ستمگر ڇو ٿيا آهيو، ڀلا بي ساهہ تي سائين،
شڪاري شينهن چيتا پڻ ڇڏن مرِدا تا ڪائڻ ۾.
خدايا! هي قهر ڪهڙو، ڀڄي برتن ٿو سب دلبر
اڃي جان بوءِ ان ڪي ٿي، مٽي منهنجيءَ جي ڪائڻ ۾.
ڪريان مان فڪر روزيءَ جو ۽ بت جا پڻ سهان سهمان،
حياتي تَتُ ڏکن جو آ، اڃي ائين مون ڳي ڀانئڻ ۾.
سڙيل دل ۽ جگر ڪاڏل جي تن مان بوءِ پئي نڪري،
اڃن جي "موسوي" تنهنجا هميشہ ڳيت ڳائڻ ۾.

حوالا

(1) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "جواد حسين شاهہ موسوي مرحوم" (مضمون) ماهوار "شريعت" سکر سنڌ، آڪٽوبر ۱۹۹٤ع ص ۲۷

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد شفقت حسين موسوي

سيد شفقت حسين موسوي ٢٨ جمادي الاول ١٣٤٣هه / ٢٥ ڊسمبر ١٩٢٤ع تي سنڌ جي قديم شهر روهڙيءَ ۾ ڄائو. سندس والد بزرگوار - سنڌ جو مشهور ماهرِ تعليم ۽ اديب - سيد عطا حسين موسوي هو. سيد شفقت حسين موسويءَ پنهنجي ابتدائي سنڌي ۽ انگريزيءَ جي تعليم روهڙيءَ ۾ پرائي. سن ١٩٤٦ع ۾ چيلارام ائنڊ سيتلداس ڪاليج شڪارپور مان بي. اي. جي ڊگري ورتائين. ان کان پوءِ سن ١٩٤٩ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايل.ايل. بيءَ جو امتحان پاس ڪري، قانون جي سند حاصل ڪيائين. قانون جي سند حاصل ڪرڻ کان پوءِ، پاڻ باقاعدي وڪالت جو پيشو اختيار ڪيائين ۽ پنهنجي وقت جو ناميارو قانوندان ثابت ٿيو.

شاهه صاحب سن ١٩٥٣ع ۾ ملڪ جي سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو، ۽ انهيءَ ساڳئي سال روهڙيءَ جي تڪ مان بنا مقابلي سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر مقرر ٿيو. شاهه صاحب انهيءَ ڏس ۾، پنهنجو پاڻ کي هڪ بهترين پارليامينٽرين ثابت ڪيو. صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرشپ دوران پاڻ پنهنجي ذهانت ۽ قابليت جي ڪري، ان وقت سنڌ جي وزيراعليٰ - عبدالستار پيرزادي جو پارليامينٽري سيڪريٽري مقرر ٿيو. سن ١٩٥٥ع ۾ ون يونٽ قائم ڪري، پاڪستان کي ٻن صوبن ۾ ورهايو ويو: هڪ مغربي پاڪستان (موجوده پاڪستان) ۽ ٻيو مشرقي پاڪستان (موجوده بنگلاديش). شاهه صاحب سن ١٩٥٦ع ۾ مغربي پاڪستان جي قانون ساز اسيمبليءَ جو ميمبر مقرر ٿيو. ساڳيءَ طرح، جڏهن سن ١٩٦١ع ۾ مغربي پاڪستان ۾ ٻيءِ اليڪشن ٿي، ته پاڻ پنهنجي تڪ مان ميمبر منتخب ٿيو. اهڙيءَ طرح، شاهه صاحب سياست جي ميدان ۾ پنهنجي علائقي جي عوام جي ڏاڍي خدمت ڪئي. پنهنجي علائقي جي غريب ماڻهن جا جيڪي مسئلا هئا، تن کي وقت جي اسيمبلين ۾ نهايت ذهانت ۽ ايمانداريءَ سان پيش ڪيائين، ۽ ان طرف وقت جي حڪومتن جو ڌيان ڇڪايائين.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد شفقت حسين موسوي نہ صرف قانون ۽ سياست جي ميدان ۾ پاڻ موکيو پر ان سان گڏ تعليمي ميدان ۾ پڻ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنائين. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سينيٽ جو بہ دفعا ميمبر چونڊيو. سکر جي اسلاميہ ڪاليج ۽ اورينٽل ڪاليج جي قائم ڪيل بورڊ جو ميمبر ٿي رهيو. ۽ انهيءَ دوران انهن ٻنهي ڪاليجن جي ترقيءَ فلاح ۽ بهبود لاءِ تمام گهڻو پاڻ پتوڙيائين. ازانسواءِ، سکر ضلعي جي ريڊڪراس، فيملي پلاننگ ڪميشن، مهراڻ ڪلچرل ائسوسيئيشن ۽ روهڙيءَ جي آر. ڊي. چنديرام ويم گهر جي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر بہ ٿي رهيو.

شاهہ صاحب رانديڻ ۽ ٻين سماجي ڪمن ۾ بہ ڏاڍو ٻهرو ورتو ۽ انهن ڪاميٽين جو پاڻ ڪڏهن صدر، تہ ڪڏهن سيڪريٽري ٿي رهيو. پاڻ سير و سياحت جو بہ شوقين هو. هندوستان، عراق، ايران، شام، لبنان وغيره ملڪن جو سفر ڪري، اتان جي سياسي، معاشي ۽ مذهبي حالتن جو جائزو ورتائين.

هن سياسي، سماجي ۽ تعليمي سرگرمين سان گڏ، علم ادب جي طرف پڻ توجهہ ڏنو. پاڻ ڪيترائي علمي ۽ ادبي مضمون ۽ افسانا لکيائين، جي وقت بوقت ان دور جي ادبي رسالن ۽ مخزنن ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا. سندس اهي قلمي ڪاوشون هڪ بياض جي صورت ۾، سندس ڀائٽيي - انجنيئر عبدالحسين موسويءَ وٽ محفوظ آهن.

سيد شفقت حسين موسويءَ ٤٣ ورهين جي ڀرپور جوانيءَ ۾، ۱۸ جمادي الاول ۱۳۸۷هہ / ۲٤ آگسٽ ۱۹٦۷ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي ۽ سکر پراڻي ۾ پنهنجي خانداني قبرستان - "ڏتل شاهہ جي مڪان" ۾ دفن ٿيو. کيس هڪ فرزند - ڊاڪٽر سيد امجد حسين موسوي نالي ٿيو.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڊاڪٽر سيد اڪبر حسين موسوي

ڊاڪٽر سيد اڪبر حسين موسوي ولد سيد جواد حسين موسوي ٢٤ جولاءِ ١٩٤٧ع تي ڄائو. ابتدائي پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي شهر روهڙيءَ ۾ حاصل ڪيائين. ثانوي تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄام شوري ۾ داخل ٿيو. جتان سن ١٩٧٢ع ۾ سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان ايم. بي. بي. ايس. جو امتحان پاس ڪري، ڊاڪٽريءَ جي سند حاصل ڪيائين. ان ڪان پوءِ ايل.ايم .سيءَ ۾ هائوس سرجن جي حيثيت ۾ ڪم ڪيائين. سن ٧٤ – ١٩٧٣ع ۾ جناح پوسٽ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ ۾، نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو - ويسڪيولر ڊزيزز (دل جي بيمارين جي شعبي) ۾ هائوس سرجن مقرر ٿيو. بعد ۾، جناح اسپتال ڪراچي ۽ سول اسپتال سکر ۾ ميڊيڪل آفيسر ۽ پاپيوليشن پلاننگ بورڊ ڪراچيءَ جو چيف ميڊيڪل آفيسر ٿي رهيو. ان ڪان پوءِ سرڪاري ملازمت تان استعيفا ڏيئي، روهڙي تعلقي جي ڳوٺ "ڪنڊرا" ۾ پنهنجي خانگي اسپتال ڪوليائين. (1)

"موسوي سادات" جي خاندان جو روهڙيءَ ۾ وڏو اثر ۽ رسوخ پئي رهيو آهي. ڊاڪٽر اڪبر حسين موسويءَ پنهنجي ڊاڪٽري مشغلي ۽ سماجي خدمتن سان گڏ عملي سياست ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتو. پاڻ سن ١٩٧٦ع ۾ ٻوڏ جي متاثرين جي آبادڪاريءَ لاءِ، روهڙي تعلقي جو ائڊمنسٽريٽر ٿي رهيو. ۽ انهيءَ سلسلي ۾ "هلال احمر" جي سهڪار سان هڪ ماڊل ٽائون لاءِ ڪوشش ڪيائين. سن ١٩٧٧ع واري اليڪشن ۾ پنهجي خانداني تڪ مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. اهڙيءَ طرح، پاڻ سکر ضلعي جي امن ڪاميٽيءَ جو ميمبر، روهڙيءَ جي سوشل سوسائٽيءَ جو صدر ۽ سکر جي روٽري ڪلب جو ڊائريڪٽر ٿي رهيو. ازانسواءِ، انجمن حيدريہ روهڙي ۽ امام بارگاهہ سوسائٽي جو صدر پڻ ٿي رهيو. سن ١٩٨٢ع ۾ روهڙي تعلقي جي مارڪيٽ ڪاميٽيءَ جو چيئرمين بہ ٿي رهيو. (2) انهن عهدن تي رهندي ڪافي سماجي ۽ فلاحي خدمتون سرانجام ڏنائين. ڀراڙيءَ جي ڇوڪرين کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪرڻ لاءِ بہ ڀرپور ڪوششون ورتائين، ۽ "ڪنڊرن" ۾ ڇوڪرين جو هڪ اسڪول کولرايائين.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

شاهه صاحب جيئن تہ صحت جي محڪمي سان تعلق رکندڙ هو. انهيءَ ڪري هن ان ڏس ۾ پهراڙيءَ جي ماڻهن ڪي طبي سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر جي حيثيت ۾ ڪيترين ئي جاين. جهڙوڪ: اروڙ. دوداڻڪو. پاتڻي. دڙي واهڻ. علي واهڻ. صالح پٽ ۾ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي فراهميءَ جون اسڪيمون. هيلٿ سينٽر. ويم گهر سان گڏ بجلي ۽ پرائمري اسڪول کولرايا. ۽ اتي نهايت ئي بهترين بندوبست ڪيائين. روهڙيءَ جي سول اسپتال ۾ بہ ڪافي توسيعي ڪم ڪرايائين ۽ ان ۾ نمايان واڌارو آندائين. روهڙي شهر کي ٻوڏ کان بچاءُ واسطي بند اڏائڻ جو انتظام پڻ ڪيائين. پاڻ سياسي ۽ سماجي ڪمن سان گڏ علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ بہ حصو وٺندو رهندو هو.

سيد اڪبر حسين موسويءَ ٨ سپٽمبر ١٩٩٢ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. کيس پنهنجي اباڻي قبرستان سکر پراڻي ۾ دفن ڪيو ويو. شاهه صاحب کي ٽي ڌيئر ۽ ٽي فرزند: سيد جواد حسين شاهه (ثاني). سيد سجاد حسين شاهه ۽ سيد غضنفر حسين شاهه ٿيا.

حوالا

(1) "Biographical Encyclopedia of Pakistan", International Publishers (Pak) Ltd, Lahore, 1984-85, PP 23

(2) Ibid, PP 23-24

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد عبدالرحيم موسوي

سيد عبدالرحيم موسوي ولد سيد غلام مرتضيٰ موسوي ٥ آڪٽوبر ۱۹۵۷ع تي ڄائو. ابتدائي پرائمري تعليم سکر پراڻي جي مين پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين. ثانوي تعليم لاءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول روهڙيءَ ۾ داخل ٿيو، جتان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. روهڙيءَ جي مشهور "سيد عطا حسين شاهه ڊگري ڪاليج" مان بي. اي. جي ڊگري ورتائين. سن ۱۹۷٦ع ۾ ڪراچيءَ ۾ "سنڌي لينگويج" ٽيچر مقرر ٿيو. ملازمت سان گڏ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بہ ڪوشان رهيو. انهيءَ سلسلي ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ مان "بين الاقوامي تعلقات" جي مضمون ۾ ايم. اي. جو امتحان پاس ڪيائين. ازانسواءِ ايس. ايم. لا ڪاليج ڪراچيءَ مان ايل. ايل. بي جي ڊگري پڻ ورتائين.

شاهه صاحب جي ملازمت وارو هنڌ "لياري" هئڻ سبب ۽ خود پنهنجي حساس طبع مطابق - هن هتان جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي حالتن جو تمام ڳوڙهو مشاهدو ۽ اڀياس ڪيو. اهو ئي ڪارڻ هو، جو پاڻ "لياري ڪميونٽي ڊيولپمينٽ پروجيڪٽ" ۾ انگريزي سکڻ لاءِ داخلا ورتائين. انهيءَ اداري ۾ رهڻ جي ڪري، ڪيس لياريءَ جي مسئلن بابت گهڻي ڄاڻ حاصل ٿي. اهڙيءَ طرح، پاڻ "لياري پروجيڪٽ ڪائونسل" جو ميمبر مقرر ٿيڻ سان گڏ، ان مذڪور ڪائونسل طرفان قائم ڪيل تعليمي ڪاميٽيءَ جو چيئرمين ٿيو. ۱۹۹۷ع ۾ کيس "لياري پروجيڪٽ" جو صدر پڻ چونڊيو ويو.

شاهه صاحب سياسي، سماجي ۽ ثقافتي مصروفيتن سان گڏ علم ادب ڏانهن پڻ متوجهه رهيو. پاڻ سن ۱۹۹۲ع کان ۱۹۹٦ع تائين، روزاني اخبار "عوامي آواز" ۾ "رند پروڙين راز" جي عنوان سان ڪالم لکندو رهيو. جن ۾ا سياسي، سماجي ۽ ثقافتي نوعيت جو مواد پيش ڪندو رهيو. انهن ڪالمن مان چونڊ مضمونن کي انهيءَ ساڳئي عنوان - "رند پروڙين راز" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ پڌرو ڪيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب ۲۲٤ صفحن تي مشتمل آهي. انهيءَ ڪتاب کان سواءِ، سنڌس هڪ ٻيو مجموعو - "سماجي انقلاب" جي نالي سان پڻ شايع ٿيل آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڊاڪٽر سيد امجد حسين موسوي

ڊاڪٽر سيد امجد حسين موسوي ولد سيد شفقت حسين موسوي ٣٠ آگسٽ ١٩٥٨ع تي روهڙيءَ ۾ "موسوي سادات" جي حويليءَ ۾ ڄائو. سندس والد – سيد شفقت حسين موسوي سنڌ جي مشهور تعليمي ماهر، عالم ۽ اديب – سيد عطا حسين مُوسويءَ جو وڏو فرزند هو. سيد امجد حسين موسوي ابتدائي پرائمري پنهنجي اباڻي شهر روهڙيءَ ۾ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ، سن ١٩٧٢ع ۾ مئٽرڪ ۽ سن ١٩٧٤ع ۾ انٽر سائنس جا امتحان پاس ڪيا. ان ڪان پوءِ سنڌ ١٩٧٥ع ۾ سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو، جتان سن ١٩٨٢ع ۾ ايم.بي.ايس. جي ڊگري حاصل ڪيائين. سن ١٩٨٤ع ۾ سنڌ سرڪار جي صحت کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. سن ١٩٩٠ع ۾ ويانا يونيورسٽيءَ مان ميڊيڪل جي اعليٰ سند پڻ حاصل ڪئي هئائين.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ملازمت جي سلسلي ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج اسپتال لاڙڪاڻي ۽ تعلقي اسپتال روهڙيءَ ۾ ميڊيڪل آفيسر تي رهيو. اهڙيءَ طرح ترقي ڪندي سکر ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر (A.D.H.O) جي عهدي تي فائز ٿيو ۽ انهيءَ منصب دوران ١٩ سيپٽمبر ١٩٩٤ع تي اوچتو حرڪت قلب بند ٿيڻ سبب نوجوانيءَ ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪيائين. (1)

سيد امجد حسين موسوي جيتوڻيڪ ڊاڪٽري پيشي سان وابسته هو، پر ڪيس نديپڻ کان وني علمي ماحول ورثي ۾ پڙ پيو ۽ انهيءَ اثر هيٺ نوجوانيءَ ۾ ئي علم ادب ڏانهن متوجهه ٿيو. پاڻ هڪ معياري نثر نويس ۽ شاعريءَ جي مذاق رکندڙ هو. هن وقت تائين سندس جيڪو به علمي ۽ ادبي ذخيرو دستياب ٿيو آهي، اهو انهيءَ ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته پاڻ سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين تي عبور رکندڙ هو. سندس ڇڏيل علمي ۽ ادبي ڪاوشن ۾ شاعريءَ جي بياض کان علاوه مذهبي ۽ معلوماتي مضامين ۽ سفرنامو شامل آهن.

سن ١٩٨٩ع ۾ ڊاڪٽر بدرالدين اُجڻ صاحب جڏهن روهڙيءَ جو ايس.ڊي.ايم (S.D.M) هو ته سندس سعيي ۽ ڪوشش سان "جشن روهڙيءَ جو

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

هڪ علمي، ادبي، تواريخي ۽ ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو ويو. ڊاڪٽر سيد امجد حسين موسويءَ انهيءَ پروگرام کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ موقعي تي شاهه صاحب "جشن روهڙي" جي عنوان سان هڪ نظم پڻ پيش ڪيو، جو هتي ملاحظي لاءِ ڏجي ٿو: (2)

هر زبان تي آهي وائي – جشن روهڙي،
آچپن تي مُرڪ آئي – جشن روهڙي.
طعام سان ۽ نعت خوانيءَ ساڻ گڏ،
واهه جو زيارت ڪرائي – جشن روهڙي.
قادري صاحب (3) ڪيا وَڙَ ڪيترا،
ڪئي اتئون بيحد ڀلائي – جشن روهڙي.
پياري محسن، پياري سائين بدرالدين، (4)
آعجب رونق لڳائي – جشن روهڙي.
تاج محمد شيخ (5) هڪ دلبر جوان،
جان جي بازي لڳائي – جشن روهڙي.
حضرت يعقوب علي شاهه (6)، صالح شاهه، (7)
خوشين جي شمع جلائي – جشن روهڙي.
ڪئمپ فائر تي ۽ ٿيو آمن مارچ،
سَتَ ڏهاڙا تي صفائي – جشن روهڙي.
گل محمد انصاري (8)، جاويد (9)، شمس(10)،
ساڻ اختر (11) جي سچائي – جشن روهڙي.
برادرم اجمل حسين (12)، عبدالحسين،
خوب آسيني ملهائي – جشن روهڙي.
ساڻ سنگت سان يتو عبدالفتاح،
آرضا شاهه (13)، ڀي نيائي – جشن روهڙي.
عبدالله، جنسار(14)، جاويد ۽ جواد، (15)
نند تن پنهنجي ڦٽائي، جشن روهڙي
پان وارن، پڙيءَ وارن ۽ سين،
جوش مان تي جهمر پائي – جشن روهڙي.
مفت ميڊيڪل ۽ رانديڻ جا مزا،
آملي سڀ کي وڌائي، جشن روهڙي.
ڪر دُعا "امجد" اها ۽ پڻ سدا،
شل ٿئي روهڙي بہ سائي – جشن روهڙي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حوالا

(1) بروايت ڊاڪٽر زاهد حسين رضوي ڪوٺائي.

(2) هيءَ نظم محترم نوشاد علي "جعفري" جي ٿورن سان مليو.

(3) غلام صديق قادري، رٽائرڊ، ڊي.آءِ. جي. پوليس.

(4) بدرالدين اڄڻ، ٽڏهوڪو ايس.اي.ڊيم. روهڙي.

(5) تاج محمد شيخ - اڳوڻو ايم . پي .اي

(6) مير سيد يعقوب علي شاهه رضوي - پڳدار ڪوٺائي سادات روهڙي

(7) مرحوم سيد صالح شاهه بن سيد نبي بخش شاه رضوي بڪاري.

(8) مرحوم گل محمد انصاري – اخبار "الغوث" جو ايڊيٽر.

(9) غلام حسين بلوچ "جاويد".

(10) شمس الدين ڪلوڙ "صابر"، ليڪچرار گورنمينٽ عطا حسين شاهه ڊگري ڪاليج روهڙي.

(11) نوجوان محقق، اديب ۽ شاعر اختر درگاهي.

(12) انجنيئر سيد اجمل حسين موسوي بن ڊاڪٽر امداد حسين موسوي.

(13) سيد غلام رضا شاهه تقوي تارڪي طريل.

(14) عبدالله شيخ – روهڙيءَ جو صحافي.

(15) جواد عباسي – روهڙي جو صحافي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سيد محمد عارف "عارف" موسوي

سيد محمد عارف موسوي ولد سيد غلام مرتضيٰ موسوي ٤ مئي ۱۹۵۹ع تي ڄائو. ايم. اي. سنڌي تائين تعليم حاصل ڪئي اٿائين. تعليم پرائڻ کان پوءِ پاڻ پرائمري استاد جي حيثيت ۾ تعليم کاتي ۾، ملازمت اختيار ڪيائين ۽ هن وقت هڪ قابل ۽ محنتي استاد طور پرائمري سطح تي ٻارن کي تعليم ڏيڻ ۾ مشغول آهي.

شاهه صاحب درس و تدريس جي مشغلي سان گڏ، علم ادب طرف پڻ راغب آهي. فرصت جو وقت علمي ۽ ادبي ڪتابن جي پڙهڻ ۽ خاص طرح شعر و شاعريءَ جي مطالعي ۾ گذاريندو آهي. پاڻ سنڌيءَ ۾ شاعري به ڪندو آهي ۽ "عارف" تخلص استعمال ڪندو آهي. سنڌي شاعريءَ جي صنفن مان بيت، وائي، نظم ۽ غزل بهترين ۽ سنجيدو لکندو آهي. سنڌي شاعريءَ سان گڏ نثر به لکيو اٿائين، جنهن ۾ ڪجهه افسانا، مضمون ۽ ترجما پڻ شامل آهن. سندس هڪ ڪتاب - "آه نه سلين عام سين" جي نالي سان سن ۱۹۸۸ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

هتي سندس شاعريءَ جو انتخاب ملاحظي لاءِ ڏجي ٿو.

بيت

(1)

جيڏي ٻاهر ٻاٿ، تيڏو اندر سوجهرو،
ٻري پئي لاٽ، جهر جهر منهنجي جيءَ ۾.

(2)

ٽوٽي من جو گهاءُ، جهڙو چوڏهينءَ چنڊ،
پوءِ به مون تي ڏنڊ، روشنيءَ ۾ رلندو رهان.

(3)

لاٻارا لهي ويا، ڳهي ويا ڳاهه،
اڃا منجهيل ساهه، تون نه ايرين سڄ.

www.facebook.com/musavisayed

(4)

رلنـدي ڪيئـي راتيـون، توڪـي نـہ مـون پـاتو،
ڪٽـي بنسـريون بـن ۾، توڙيـي مـون ڳـاتو
کهڙو هـي نـاتو، ملـون نـہ چوڏهيـنءَ چنـڊ ۾.

(5)

جنـدڙي ٿـيءُ نـہ مـاندي، ايـڏو سـور سـهي،
پلـي سـورن پـورن جـي، آهـي منـڙا وهـي،
ڪـو بـہ نـہ ويندو ڪهـي، ڏاران ڏڪڙن جـي هتـان.

وائي

تـن ۾ تنهنجـي تات، مـن ۾ مـانڊ متـي،
روئـي روئـي ڪالهـہ، مـون آ ڪـاٽي رات.

تن ۾ تنهنجي تات ......

وڇيـنءَ ويـنا پـرڙا کولـي، لـَنون تـا هـڪڙي لات

تن ۾ تنهنجي تات ......

ناز تہ تنهنجا ڪيئي نرالا، مان نيٽين تي ويس گهات،

تن ۾ تنهنجي تات ......

ٻـُر پيـالا مـون ڪـي مليـا، تنهنجـي هـاٿونءَ هات،

تن ۾ تنهنجي تات ......

سسيون ڏڙڪان ڏار ڏري وئيـن، مجـي نـہ پـوءِ بـہ مات

تن ۾ تنهنجي تات ......

ڪهڻ جو تو آ قهر ڪيو چو؟ مون ڪي هڪڙي ڪات،

تن ۾ تنهنجي تات ......

”عارف“ تنهنجـي مـرڻ جـي اڄ آ، وائـي هـر هڪ وات،

تن ۾ تنهنجي تات ......

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ٽيڙو

(1)

ڪيـــڏو اڇـــي تـــو واس
هـــن جـــي انـــگ جـــا ســـنگ
پڇـــي تيـــا هـــن راس.

(2)

هـــن جـــا انـــگ
وري وري واســـينگن هنيـــا
مـــون ڪـــي پئـــي ڏنـــگ.

(3)

ڳـــاڙهو ويـــس نـــڪ ۾ بولـــو
آهـــي هـــوا جـــي پـــرن تـــي
يـــا جهولـــي تـــو جهولـــو.

(4)

تـــــاڙي تنواريـــــو
پـــل پـــل جيـــون جـــو
پيـــار ۾ گهـــاريو

(5)

منهنجـــو جيئـــڙو
تـــاريڪ راهـــن ۾ تـــولاءِ
روشـــن ڏيئـــڙو

نظم

هـــاڻ ســـوچون جـــڏي
اڄ تـــه لوچـــون گـــڏي
هـــن وڪريـــل پيـــار ڪـــي

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڏيون سڀ کي وندي
سڀ محل ڇڏيون
پٽ ماڙيون ڪيون
ڪري ترڪ عيش کي
ڇو نه ويھون تڏي
اڄھو باک ڦٽي
سج ڪئي التي
ڇڏي خواب سارا
اچو سج ڏي لڏي
جيئن کنوڻ کنوي
گوڙ سيکو ٻڌي
اھڙو مانجھي اچي
جيڪو سڀ کي گڏي
ڪيڏو ڏينھن تپي
پيو تو رڻ ٻري
ڪا تہ جھٽ گھڙي
ويھہ گوڏو گڏي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ميرڪي سادات جا گورستان ۽ آثار

سکر جي ”ميرڪي سادات“ جو خانداني قبرستان - ستاويهن (۲۷) ايڪڙن جي ايراضيءَ تي ڦهليل هو. هن قبرستان جي قديم آثارن مان اهو معلوم ٿئي ٿو، تہ ڪنهن زماني ۾ هيءُ گورستان ” - غازي عبدالرشيد“ باغ کان وٺي بندر ڏانهن ويندڙ ريلوي لائين تائين هو. هن وقت ان باغ ۽ سکر اسٽيڊيم جي اوڀرندي واري ڪنڊ تي ڪي گمنام قبرون خستہ حالت ۾ موجود آهن.

چبوترن واريون قبرون

ڪنهن زماني ۾ سکر پراڻي ڏانهن ويندڙ سڙڪ جي سموري ڪناري تي چبوترا ڦهيل هئا، جن جي اندر مزارون هيون. انهن چبوترن ۾ وقت جا ڪيترائي امير، مدبر، اڪابر ۽ صاحبِ دل ماڻهو محو خواب هئا. ليڪن، وقت گذرندي ۽ پوين جي بي توجهيءَ جي ڪري، اهي چبوترا ۽ مزارون ڊهي زمين دوز ٿي ويا آهن. البت، ٻہ چار ڪي نشان اڃا باقي موجود آهن، جي زماني جي نا التفاتيءَ تي مرثيہ خوان آهن.

ميرڪ عبدالباقيءَ جي قبي جي پٺيان اترئين پاسي هڪ پڪسرائون ٺلهو هو، جنهن تي پڻ ڪن بزرگن جون قبرون هيون. جيتوڻيڪ ڪجهہ وقت اڳ ۾ اهي مزارون خستہ حالت ۾ ڏسڻ ۾ اينديون هيون، پر هن وقت اهي سيئي زماني جي وهڪري ۾ لڙهي ختم ٿي ويون آهن، ۽ انهن جو ڪوبہ نشان باقي نہ رهيو آهي. مولائي شيدائيءَ پنهنجي ڪتاب ”تاريخ سکر“ ۾ انهن مزارن جي صرف نشاندهي ڪئي آهي. (1)

ميرڪ جو قبو

سکر جي لوڪل بورڊ آفيس جي اوڀرندي طرف ميرڪ عبدالباقي پورانيءَ جو مقبرو آهي، جنهن تي چن جو ڪم ٿيل آهي. وقت گذرندي ۽ برساتين پوڻ ڪري گچ جو رنگ ڪارو ٿي ويو آهي، ۽ ڪٿي ڪٿي تہ ان گچ جي پلستر جا

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

چلر ڦاٽي لهي پيا آهن. مقبري جي دروازي جي پيشانيءَ تي هڪ ميٽائين رنگ جي پٿر تي فارسيءَ ۾ هيٺيون ڪتبو اڪريل آهي:

مير عبدالباقي پوراني آن قطبي ڪه بود،
قدوه آل رسول و زبده خاص اله
سال فوتش شيخ قاضي شاه محمد زد رقم
داد جان را مير عبدالباقي پوراني آه

۱۰۱۹هه

ميرڪ عبدالباقي پوراڻيءَ جي انهيءَ مقبري اندر چار مزارون آهن، جن مان ٽي قبرون هڪ پڪسرائين ٿلهي تي هڪ قطار ۾ آهن. باقي هڪ مزار ان ٿلهي جي پٺيان الڳ ٺهيل هئي، جنهن جو هن وقت ڪو به وجود باقي نه رهيو آهي.ڪنهن به مزار تي ڪوبه تاريخي ڪتبو لڳل نه آهي. صرف خانداني شجري ۽ روايتن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو ته اويرندي ڪان پهرئين تربت ميرڪ عبدالباقي پوراڻيءَ (المتوفي ۱۰۱۹هه /۱۶۱۰ع) جي آهي، ۽ ٻئي نمبر تي ميرڪ عبدالباقيءَ جي مرشد جي مزار آهي، جيڪا پڻ ٻين قبرن ڪان نسبتا وڏي ٺهيل آهي. ميرڪ عبدالباقيءَ جي مرشد جي باري ۾، وثوق سان ڪجھ چئي نه ٿو سگهجي ته اهو ڪير هو ۽ ڪٿان جو هو. صرف خانداني روايت آهي ته ان بزرگ کي "شاهه پرند" چوندا آهن.(2) ٽئين مزار ميرڪ عبدالباقيءَ جي فرزند - ميرڪ سيد محمد عبدالله (المتوفي ۱۰۲۳هه/۱۶۲۵ع) جي آهي. ميرڪ مرتضيٰ "شجره سادات پوراڻيءَ" ۾ لکي ٿو ته، " و قبر منور ايشان در روضه پدر بزرگ وار است". (3) ٿلهي جي پٺيان واري ننڍي قبر - "مير باز بيگ" جي هئي، جنهن لاءِ پڻ ميرڪ مرتضيٰ اشارو ڏنو آهي ته، "و قبر او را در گنبذ کردند زير قدم مير مرحوم مذکور."(4)

ميرڪ عبدالباقيءَ جي قبي جي ٻاهران مهاڙيءَ واري دروازي لڳ ساڄي پاسي ڪان ٽي مزارون هيون، جن مان پهرئين مزار - ميرڪ عبدالاول پوراڻيءَ (المتوفي ۱۰۹۳هه /۱۶۸۲ع) جي ۽ ٻئي مزار ميرڪ عبدالعظيم جي هئي. ميرڪ عبدالباقيءَ جي قبي واري دروازي جي کابي پاسي پڻ به مزارون هيون، جن مان هڪ ڪچي ۽ ٻي پڪي هئي. اهي ٻئي مزارون بيبي الله ٽڪائيءَ جون هيون. هن وقت اهي مذڪور مڙئي مزارون پڻ زماني جي حادثن جو شڪار ٿي، هميشه لاءِ مٽجي ويون آهن. (5)

مسٽر محمد صديق ميمڻ جڏهن سکر جو ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ (A.D.M) هو، ته هن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ميرڪ عبدالباقي پوراڻيءَ جي

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

مقبري جي پرسان انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتبو نصب ڪرايو هو، جو هن وقت اتي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. ليڪن، اسان کي ان ڪتبي تي تحرير ٿيل عبارت جو نقل – محترم شوڪت خواجائيءَ جي معرفت دستياب ٿيو آهي، جو هتي ملاخطي لاءِ ڏجي ٿو:

THE TOMB OF MIR ABDUL BAQI PURANI EX-GOVERNOR OF BUKKUR

Amir Mirak Shah Ba Yazid Hussain, a native of Purani in Hirat, Came to Sindh in A.H 928 (AD 1521) with Mirza Shah Hussain Arghun S/o Sher Beg Arghun, who may have met him at the court of Babar. He was appointed Governor of Bukkur, but after a time he left the post to his son and went to Kandhar, where he died. His son was the saiyid Abdul Baqi Purani, whose tomb is located here. An inscription upon it runs as follows:

> "Mir Abdul Baqi Purani, the Qutb, who was to chief of the descendants of the Prophet, the cream of the chosen people of God. Shaikh Qazi Shah Muhommad Composed the Chronogram of his death. Alas, Mir Abdul Baqi Purani gave his life on the 3rd of the month of Ramzan, night of saturday A.H 1019 (A.D 1610)."

The Mirki Saiyids are descendent from Amir Mirak Shah Ba Yazid Hussain. There are also Mirki Saiyids at Thatta, who are descended from the brother of Amir Mirak Shha, who obtanied a post of authourity in that town.

The tomb, graves and the surrounded buildings are located in city survey to 633 admeasuring 2631 Sq.Yards. close besides it in the west, the intervening space being crowded with graves, are the walls of two ruined buldings, prbably both mosques, upon which still remain large are as of coloured tilework in designs and combination of tints very different in their treatment to what is found in other parts of Sindh. What makes this difference is the free use of plain, unglazed brick or terracotta surfaces, alternating with the coloured tile work, and this produces a soft, subdued tone to the whole which is distinctly pleasing. These rained remains are in a delapidated condition.

The tilework imidiately around the door way in the outside on the khawaja Khizr island was of the same style as that on the

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

old ruined Masjid near the tomb of Mir Abdul Baqi Purani and Which is Probably of about the same date as the tomb namely A.H 1019

The caurse of Gods wrath upon Him, who would try to destray this stone.

02.03.1980 (MUHAMMAD SIDDIQUE MEMON)
Additional District Magistrate
Sukkur

مسٽر محمد صديق ميمڻ اها مذڪور ساڳئي عبارت هوبهو پنهنجي تازي ڪتاب "Sukur - Then & Now" ۾ پڻ ڇاپائي آهي. (6) ميمڻ صاحب جي انهيءَ مٿئين ڪتبي واري عبارت جو جڏهن باريڪبينيءَ سان اڀياس ڪجي ٿو تہ اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو، تہ موصوف سواءِ ڪنهن تواريخي ڇنڊڇاڻ ۽ تجزيي ڪرڻ جي بدران جي. ڊبليو. اسمائٿ جي مشهور ڪتاب "گزيٽيئر آف دي پروانس آف سنڌ" – B واليوم، جلد ٽئين – سکر ڊسٽرڪٽ تان هوبهو حرف بحرف نقل ڪيو آهي جنهن جو اسان سيد عبدالرحمان شاهہ واري احوال ۾ تفصيل ڏيئي آيا آهيون. مسٽر محمد صديق ميمڻ ڪي اهو گهربو هو تہ پاڻ اسمائٿ صاحب واري انهيءَ بيان جي متعلق – سکر/روهڙيءَ ۾ رهندڙ "ميرڪي سادات" جي ڄاڻ سڄاڻ وارن ماڻهن ڪان وڌيڪ تصديق ڪري ها، ڇاڪاڻ تہ اها تواريخ جي سلسلي ۾ هڪ وڏي غلطي آهي، جنهن ڪي بار بار دهرائڻ سان تواريخ ۾ پيچيدگيون پيدا ٿي پونديون آهن.

ميرڪي سادات جا مقبرا

هينري ڪزنس پنهنجي ڪتاب - "سنڌ جا قديم آثار" ۾ ميرڪ عبدالباقيءَ جي مقبري جو احوال بيان ڪندي لکي ٿو تہ، "قبي جي اولهندي طرف، قبرن جي جهڳٽي جي ويجهو ٻن تباهہ ٿيل جاين جون پٽيون آهن. اهي ٻئي شايد ڪنهن مسجد جي جاءِ جي باقيات آهن."(7)

هينري ڪزنس پنهنجي انهيءَ مٿئين عبارت ۾ جن پڳل پٽين جو ذڪر ڪري ٿو، اهي ٻئي مسجد جي باقيات نہ آهن. دراصل، ميرڪ عبدالباقي پورانيءَ جي انهيءَ مقبري جي پرسان ڪن ٻين "ميرڪي سادات" جي بزرگن جي مزارن تي عاليشان قبا تعمير ڪيل هئا، جن ۾ ڪاشيءَ جون سرون استعمال ٿيل هيون. هينري ڪزنس پنهنجي ڪتاب ۾ انهن آثارن جون تصويرون بہ ڏنيون آهن. هڪ تصوير ۾ قبي اندر واضح طور تي مزارون پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. بهرحال، زماني گذرندي اهي مقبرا ڊهي زمين دوز ٿي ويا آهن ۽ هن

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهہ موسوي

www.facebook.com/musavisayed

وقت صرف اولهندي پٽ جا نشان باقي رهجي ويا آهن، جن کي هينري ڪزنس مسجد جي باقيات تصور ڪيو آهي. انهن مذڪور "ميرڪي سادات" جي مقبرن جي باري ۾ ڪجهه به معلوم ٿي نه سگهيو آهي، ته اهي تباهه ٿيل مقبرا "ميرڪي سادات" مان ڪهڙن بزرگن جا هئا.

هن موجوده وقت ۾ ڪنهن شخص هڪ ديوار ڏياري ان هنڌ مدرسو قائم ڪيو آهي.

ٽڪريءَ وارا چبوترا

"ميرڪ جي قبي" جي پٺيان ٿوري مفاصلي تي هڪ ٽڪريءَ جي ٻن ڪنڊن تي ٻه هم چورس چبوترا آهن، جن تي ڪنهن زماني ۾ ننڍا قبا تعمير ٿيل هئا. اڳي ٽڪري ڪافي وڏي هوندي هئي ۽ چڙهڻ لاءِ رستو پڻ هو. هن وقت ان ٽڪريءَ کي ٽڪي ۽ برباد ڪري چوڌاريءَ گهر ٺاهيا ويا آهن، جنهن ڪري مٿي وڃڻ لاءِ ڪوبه رستو باقي نه رهيو آهي.

بيبي داديءَ جي مزار

بيبي داديءَ جي باري ۾، ميرڪ سيد غلام مصطفيٰ شاهه عرف وريل شاهه جي روايت آهي ته هيءَ اصل ۾ عورت نه، پر "ميرڪي سادات" مان هڪ مرد هو. ان سيد سڳوري جو نالو - گهڻيءَ ڪوشش جي باوجود به ڪيس ذهن تي اچي نه سگهيو. بهرحال، سندس متعلق ايترو معلوم ٿي سگهيو آهي ته پاڻ اڪثر زنانا ڪپڙا پائيندو هو ۽ انهيءَ نسبت جي ڪري ئي ڪيس بيبي دادي ڪري سڏيندا هئا. هو وڏو اهل دل بزرگ هو. سندس مزار - آغا بدرالدين درانيءَ جي بنگلي جي پٺيان ٽڪريءَ تي واقع آهي.

حلالي ۽ حراميءَ وارو منارو

مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب - "تاريخ سکر" ۾، "ميرڪي سادات" جي آثارن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

> "ميرڪين جي قبرستان جون ڪي عمارتون عبرت انگيز هيون، جيئن حلالي ۽ حرامي جي مناره نما عمارت. اهو منارو اٽڪل ويهن فوٽن جي اوچائي تي بيٺل هو. اڪثر ڪري ان کي حلالي حرامي چوندا هئا. حلالي ۽ حرامي جو مقصد اهو هو، ته جيڪڏهن ڪو شخص حلالي هوندو هو ته ان منجهان سولائيءَ سان لنگهي ويندو هو، پر جي حرامي هوندو هو ته وچ ۾ اٽڪجي بيهندو هو." (8)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

مولائي شيدائيءَ جي قول موجب - اها مناري نما عمارت، سن ١٩٠٤ع تائين قائم هئي، پر پوءِ آهستي آهستي ڊهي زمين دوز ٿي وئي. اهو منارو ميرڪين واري مسجد جي پرسان هو.

ميرڪي سادات جي مسجد

"ميرڪي سادات" جي اهل مستورات جي مقبرن جي پير ۾، ڏکڻ طرف کان ميرڪين جي مسجد قائم ٿيل هئي. اها مسجد - قبرستان ۾ ان خيال سان نهرائي وئي هئي، ته جيئن جنازي نماز پڙهندڙ ۽ مزارن جي زيارت ڪندڙ زائرين - نماز جي وقت نماز ادا ڪري سگهن. هيءَ مسجد نهايت ڪشادي ۽ قديم عمارت سازيءَ جو هڪ بهترين نمونو هئي. ملتس ڪاشيءَ جو نهايت ئي نفيس ڪم ٿيل هو. مسجد جي ديوارن تي ڪاشيءَ جو جيڪو ڪم ٿيل هو، سو اقليدس جي شڪلين مطابق هو. اها مسجد وقت گذرندي زبون ٿي وئي، جنهن کي هن وقت پاڙي جي سرنديءَ وارن نئين سر تعمير ڪرايو آهي.

"ميرڪي سادات" جي انهن قديم مقبرن، مزارن، چبوترن، ديوارن ۽ ان سان گڏ بکر جي حاڪم - سلطان محمود ڪوڪلتاش جي قبر ۽ "ميرڪي سادات" واري مسجد تي جيڪي ڪاشيءَ جون سرون لڳل آهن، اهي اصل ۾ سکر جون اوائلي عمارتون آهن.

ڏتل شاه جو مڪان

سکر پراڻي ۾ ريلوي لائين جي لڳولڳ "ميرڪي سادات" جو قبرستان آهي، جنهن کي "ڏتل شاه جو مڪان" ڪري سڏيو وڃي ٿو. سيد ڏتل شاه بن غلام علي شاه ١٩ رمضان المبارڪ ١٣٢٢هه /٢٧ نومبر ١٩٠٤ع تي وفات ڪئي ۽ کيس ان مذڪور قبرستان ۾ دفنايو ويو. ديوان بودومل ڏوڏي روهڙيءَ وارو، جو مير ڏتل شاه جو مريد ۽ معتقد هو. سندس ياد ۾ ٧، ٨ ۽ ٩ رمضان المبارڪ تي تي ڏينهن لاڳيتو ميلو ۽ ملاڪڙو لڳرائيندو هو. ان ملاڪڙي ۾ سنڌ جا ناميارا ملهه پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا. صوفيانه راڳ جون محفلون به وڏي پيماني تي ٿينديون هيون. اهوئي سبب آهي، جو هن قبرستان کي "ڏتل شاه جو مڪان" ڪري سڏيو ويندو آهي. (9)

مرحوم وريل شاه ميرڪي جو قول آهي، ته انهيءَ قبرستان ۾ جيڪو پهريون ميرڪي سيد دفن ڪيو ويو هو، اهو "مير نور شاه" هئو. سيد غلام حيدر شاه جي "شجره سادات موسوي" جي مطالعي مان به اهو معلوم ٿئي ٿو، ته مير نور شاه بن ميرڪ قوام الدين محمد سن ١٢٥٦هه / ١٨٤٠ع ۾

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

وفات ڪئي. (10) ان مان اهو اندازو ٿئي ٿو. تہ ميرڪي ساداتن پنهنجن فوتي بزرگن کي انهيءَ قبرستان ۾ تيرهين صدي هجريءَ جي پوئين اڌ کان پوءِ دفنائڻ شروع ڪيو. البت، مرحوم وريل شاهہ اهو ٻڌائي نہ سگهيو. تہ ان قبرستان ۾ ان دور جا پيا ڪهڙا بزرگ دفن ڪيا ويا هئا. انهيءَ ڏس ۾ اهو وڌيڪ معلوم ٿئي ٿو. تہ هيءُ قبرستان اصل ۾ "ميو قوم" وارن جو هو. ميو قوم جو محلو - سکر ۾ انهيءَ هنڌ آباد هو. جتي هن وقت "ميرڪي سادات" رهن ٿا. دراصل، انهيءَ ميو قوم وارن کان ئي "ميرڪي سادات" پنهنجي حاويلين لاءِ زمينون خريد ڪيون هيون. اڄ تائين پراڻن سرڪاري ڪاغذن ۽ دستاويزن ۾، انهيءَ قوم جي محلي جي نسبت سان "ميو گهٽي" لکيل ملي ٿي. ان تواريخي ڳالهہ جو ثبوت اڄ بہ قائم آهي. "ميرڪي سادات" جي قبرستان جي سيرانديءَ کان "ميون جو قبرستان" آهي ۽ ان قبرستان جي پيرانديءَ کان وري "داين جو قبرستان" آهي. ازانسواءِ، "ڏتل شاهہ جي مڪان" جي سامهون جيڪا مسجد آهي، اها "ميو مسجد" سڏبي آهي. (11)

سيد مريد علي شاهہ ۽ مير ڏتل شاهہ وارن جي تهي انهيءَ قبرستان ۾ دفن ٿيل آهي. مير ڏتل شاهہ جي قبر جو تعويذ ميٺائين پٿر جو آهي، جنهن تي آيتون ۽ عبرت انگيز رباعيون لکيل آهن. زوردار برساتن، سمَ ۽ ڪلر جي ڪري، هن قبرستان جون ڪافي مزارون ڊهي زمين دوز ٿي ويون آهن ۽ ڪيترين قبرن جا نشان ئي مٽجي ويا آهن. چون ٿا، تہ انهن مزارن تي تاريخي ڪتبا بہ لڳل هئا، جي پوين جي لاپرواهيءَ ۽ لاغرضيءَ سبب ڀڄي ۽ ڀري ختم ٿي ويا. سڀ فنا آهي. رهي نام الله جو.

ڏهاڪو سال اڳ ۾، ميرڪ قلندر بخش بن غلام علي شاهہ جي مزار تي ڪاشيءَ جي سر تي لکيل هڪ ڪتبو هو. وقت جي وهڪرن ۽ سنڀال نہ هئڻ جي ڪري، ڪتبي جي ڪاشي ڪن جاين تان ڇٽي وئي هئي، جنهن ڪري ڪجهہ سٽون ناس ٿي ويون هيون. قطعي جي آخري سٽ مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سيد صاحب ١٣٢٦هہ / ١٩٠٨ع ۾ هيءُ جهان ڇڏيو. ڪتبو هن ريت آهي:

قلندر بخش شاهہ آن مير سرور	کز اخلا قش جهاني بود معمـور
بتـاريخ دويـم رجب.....	جـمعہ آن شہ پـير پر نـور
از ايـن دنيـا...........	بـارضـوان باجور.......
چـو طـل...............	سـريقاً هاتف حق گفت "مغفور"
	١٣٢٦هہ
اي آمـد..............	از آمـدنت اميـدوارم
محـتاج لـطيف دعايم	گـو فاتحہ کـہ بـي نـوائم

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهہ موسوي

www.facebook.com/musavisayed

جيڪڏهن انهن تاريخي ڪتبن جي سنڀال ڪئي وڃي ها، ته تواريخ جو وڏو سرمايو هٿ اچي سگهي ها. ۽ پنهنجي وقت جا ڪيترائي نامور بزرگ، عالم، شاعر ۽ صاحب ثروت هستيون اڻين اونداهيءَ جي کن ۾ غرق نه ٿي وڃن ها! اڄ به سکر پراڻي ۽ روهڙيءَ جي "ميرڪي سادات" جو اهوئي خانداني قبرستان آهي.

سنڌ جا ناميارا عالم، اديب ۽ وقت جا تعليمي ماهر - سيد وذيل شاهه، سيد عطا حسين موسوي، سيد عبدالحسين موسوي، "شجره سادات موسوي" جو مرتب - سيد الله ڏنو شاهه، متعدد ڪتابن جا مصنف - سيد قائم علي شاهه ۽ مقبول حسين شاهه، ميرڪ محمد حسن شاهه، نامور ڪهاڻيڪار - سيد دلدار حسين موسوي ۽ سندن پيا عزيز ۽ قريب سڀ انهيءَ قبرستان ۾ مادرگيتيءَ جي آغوش ۾ روز محشر جي انتظار ۾ ستل آهن.

چپريءَ وارو اوتارو

چپريءَ وارو اوتارو پڻ "ميرڪي سادات" جي پراڻن آثارن مان هڪ آهي. اهو مذڪور اوتارو اڄ به نئين سکر ۾ صرافه بازار وٽ موجود آهي. هن اوتاري جو تواريخي پس منظر هن ريت آهي:

"چپري" اصل ۾ هڪ ديهه جو نالو آهي، جو قديم زماني ۾ ڪچي جو علائقو هو. اها ديهه ميرڪ محمود عرف مير سيد محمد * جي ملڪيت هئي. سنڌو درياهه جڏهن گرميءَ جي موسم ۾ چاڙهه ڪندو هو، ته پاڻي انهيءَ ديهه تائين چڙهي ايندو هو. وري جڏهن پاڻي موٽ ڪائيندو هو، ته پوءِ انهيءَ ديهه ۾ پوکي راهي ٿيندي هئي. (12) هتي پٽا قوم جي ماڻهن جا گهر به هئا، جن لاءِ مولائي شيدائيءَ جو قول آهي - ته اهي ميرڪ محمود جا مريد هئا. (13) ميرڪ محمود - چپريءَ ۾ هڪ عاليشان اوتارو نهرايو هو، جنهن ۾ هڪ عزاخانو پڻ قائم ڪيو هئائين. هتان محرم الحرام جي عاشوري جي ڏينهن تابوت پڻ ڪڍيو ويندو هو. ان ساڳئي روايت کي برقرار رکندي، اڄ ڏينهن تائين تابوت ڪڍڻ جو سلسلو قائم آهي. اهو اوتارو هن وقت "انجمن حيدري" جي حوالي آهي. ميرڪ محمود عرف مير محمد ٢٩ محرم الحرام ١٢٨٤هه/ ٢ جون١٨٦٧ع ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي ۽ ڪيس سندس وصيت مطابق انهيءَ جاءِ تي دفن ڪيو ويو. جوت علي فقير نالي هڪ مجاور انهيءَ اوتاري ۾ "انگاس" جي ٿلهي

* ميرڪ محمود جي نسب جو سلسلو هن طرح آهي: ميرڪ محمود بن ميرڪ مورند شاهه بن مير محمد باقر بن ميرڪ محمد افضل بن ميرڪ محمد اعظم (١٠٨٣هه - ١١٤٦هه) بن سيد محمود (١٠٥١هه - ١٠٩٧هه) بن ميرڪ عبد الاول.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

تي سنگمرمر جو هيٺيون ڪتبو نصب ڪرايو:

مقبره سيد محمد شاه مهر شاه الموسوي

المتوفي ٢٩ محرم الحرام ١٢٨٤ هجري.

يا الله يا علي يا محمد	وصي المصطفيٰ حقا
ياحسن يافاطمہ ياحسين	امام الانس والجنتہ

In loving Memory of Sayed
Muhammad Shah Mehar Shah
Died 29th Muharram 1284 Hijri

فقير جوت علي

انهيءَ متئين ڪتبي ۾ ميرڪ محمود عرف مير سيد محمد جي والد جو نالو مهر شاهه ڄاڻايو ويو آهي. ”ميرڪي سادات“ جي شجرن ۽ خانداني روايتن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ميرڪ محمود جي والد جو نالو – مورند شاهه هو. ممڪن آهي تہ سيد مورند شاهه کي ”مهر شاهه“ جي نالي سان پڻ سڏيو ويندو هجي، جنهن جو انهيءَ مذڪور ڪتبي ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

ڇيڙيءَ واري انهيءَ اوتاري ۾ ميرڪ محمود سان گڏ سندس والد بزرگوار – ميرڪ مورند شاهه جي مزار پڻ آهي. ميرڪ محمود کي ڪو بہ نرينو اولاد ڪونہ ٿيو. ڪيس صرف بہ نياڻيون ٿيون، جن مان هڪ سيد فتح محمد شاهه شيرازي ● جي نڪاح ۾ آئي ۽ ٻي ميرڪ سچل شاهه (المتوفي ١٦ جمادي الاول ١٣٣٠هه / ٤ مئي ١٩١٢ع) بن ڏتل شاهه جي عقد ۾ آئي. (14)

ميرڪ غوث بخش شاهه جي مسجد ۽ امام بارگاهه

ميرڪ غوث بخش شاهه (ولادت : ١ جمادي الاول ١٢٧٦هه / ٢٦ نومبر ١٨٥٩ع – وفات: ٢٢ ذوالقعد ١٣٤٩هه / ١١ اپريل ١٩٣١ع) – سيد ڏتل شاهه جو ٻيو نمبر فرزند هو. (15) ميرڪ غوث بخش شاهه پنهنجي ”ميرڪي سادات“ جي محلي ۾، هڪ مسجد شريف ۽ امام بارگاهه تعمير ڪرايا هئا. انهيءَ مسجد شريف ۽ امام بارگاهه کي ”ميرڪي سادات“ وري نئين سر جديد طرز تي تعمير ڪرايو آهي. هن وقت اهي ٻئي آثار – ”باب الحوائج مسجد ۽ امام بارگاهه“ جي نالي سان سڏجڻ ۾ اچن ٿا.

● ڏسو ”تعليقات“

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حوالا

(1) مولائي شيدائي: "تاريخ سکر"، ص ۳۸۳
(2) بروايت ميرک غلام مصطفيٰ شاهہ عرف سيد وريل شاهہ
(3) ميرک مرتضيٰ: "شجره سادات پوراني" (قلمي فارسي)، ص ۱٦۱
(4) ايضا
(5) بروايت ميرک غلام مصطفيٰ شاهہ عرف سيد وريل شاهہ
(6) Memon Muhammad Siddique, "Sukkur - Then & Now", pp 190-91
(7) هينري ڪزنس: "سنڌ جا قديم آثار" (سنڌي)، ص ۲٦۹
(8) ڏسو حوالو نمبر (1)
(9) بروايت سيد غلام حيدر شاهہ موسوي
(10) سيد غلام حيدر شاهہ موسوي: "شجره ساداتِ موسوي" (قلمي سنڌي)، ص، ۳۳
(11) بروايت سيد غلام حيدر شاهہ موسوي، حاجي عبدالعزيز ۽ ڏٽي بخش چانديو صاحب
(12) براويت سيد غلام حيدر شاهہ موسوي
(13) ڏسو حوالو نمبر (1)، ص ۳۸٦
    - انجنيئر ماجد حسين شاهہ (ولادت: ۱۰ جون ۱۹۷۸ع)
    - خالد حسين شاهہ (ولادت: ۱ اپريل ۱۹۸۰ع)
  - عابد حسين شاهہ
  - اياز حسين شاهہ
- فضل حسين شاهہ ← صابر حسين شاهہ — ساڪن روهڙي
- مقبول حسين شاهہ (۱۹ مئي ۱۹۳۳ع — ۲۲ اپريل ۱۹۹۷ع)
  - بيبي فاطمہ
  - ڊاڪٽر طيبہ زوجہ سيد حسن زيدي
  - پروفيسر طاهره
  - زرنگار شاهہ
    - مريم (ولادت: ۲۳ ڊسمبر ۱۹۸۹ع)
    - خديجہ (ولادت: ۱۷ سپٽمبر ۱۹۹۲ع)
    - لقمان (ولادت: ۱ سپٽمبر ۱۹۹۸ع)
  - ذوالفقار حسين شاهہ
  - ذوالقرنين شاهہ

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهہ موسوي

اولاد ميرک عرب شاهه بن رشيد الدين محمد بن تقي الدين محمد بن ميرک عبدالاول

ميرک عرب شاهه (ولادت: ١١ صفر المظفر ١١٤٥هه)

- علي محمد فضل النساء زوجه ميرک غلام حيدر بن محمد علي شاهه
- عبدالرسول
  - غلام علي شاهه (١٨ ربيع الثاني ١٢٢٢هه –١٢ جمادي الثاني ١٢٨٢هه)
    - مير ڏتل شاهه (٢٧ ربيع الاول ١٢٤٩هه – ٧ رمضان المبارک ١٣٢٢هه)
      - سچل شاهه (٢١ صفر المظفر ١٢٧٤ هه - ١٦ جمادي الاول ١٣٣٠هه)
        - واحد ڏنو شاهه (ولادت: ١٢٩٥هه)
          - باغ علي شاهه
        - پنيل شاهه
          - اشرف خاتون (المتوفي: ٦ ذوالقعد ١٣٦٢ هه) زوجه ارباب علي شاهه
        - محمد ڏني زوجه ميرک کوڙل شاهه
        - شاهه بيگم زوجه ميرک مٺل شاهه
      - غوث بخش شاهه (اولاد لاءِ ڏسو ص ٢٦٠
      - رب رکي شاهه (ولادت: ١٢٨٤ هه) - لاولد
    - بقا بيگم (المتوفي: ٢٦ جمادي الاول ١٣١١هه) زوجه ميرک دوست علي)
    - ذوالفقار علي شاهه (اولاد لاءِ ڏسو ص ٢٦١
    - قادر بخش شاهه (اولاد لاءِ ڏسو ص ٢٦٢
    - شاهه بيگم زوجه مريد علي شاهه
    - شهزاد بيگم زوجه ميرک محمد شاهه بن غلام حسين شاهه
    - قلندر بخش شاهه (اولاد لاءِ ڏسو ص ٢٦٢
  - بيبي رحمل زوجه ميرک غلام حسين شاهه
  - حمزه علي شاهه (ولادت: ١٦ ذوالقعد ١٢٢٥هه)
    - شاهه علي (١٢٤٦هه – ١٢٩٧هه)
    - نيپاهو شاهه (ولادت: ١٢٨٥ هه)
      - حبيب شاهه
      - صالح شاهه (ولادت: ٤ ذوالحج ١٣٦٢هه)
        - سخاوت حسين شاهه
      - وزير علي
  - جاني بيگم زوجه ميرک غلام حيدر شاهه بن محمد علي شاهه
  - بيبي کمل زوجه ميرک ولي محمد بن غلام حيدر شاهه

www.facebook.com/musavisayed

اولاد غوث بخش شاهه بن ڏتل شاهه بن غلام علي شاهه بن عبدالرسول شاهه بن ميرک عرب شاهه

غوث بخش شاهه (١ جمادي الاول ١٢٧٤ هه - ٢٢ ذوالقعد ١٣٤٩ هه)

- ڪوڙل شاهه (٣ ربيع الاول ١٢٩٩هه — ٦ ذوالحج ١٣٤٦هه)
  - ممتاز علي شاهه
  - ناصر علي شاهه (ولادت: ٢١ سيپٽمبر ١٩٢١ع — ١٢ جولاءِ ١٩٨٩ع)
    - زوار اطهر حسين شاهه (المتوفي: ٩ مارچ ١٩٩٤ع)
      - انجنيئر ڪفايت حسين شاهه
    - مطهر علي شاهه
      - غلام علي شاهه
      - فهيم علي شاهه
      - نعيم علي شاهه
      - ابوذر
    - اظهر علي شاهه
      - ناصر علي شاهه
  - ظفر علي شاهه (ولادت: ٩ آگسٽ ١٩٢٣ع — ١٤ نومبر ١٩٨١ع)
    - گلزار حسين شاهه
      - ممتاز علي شاهه
      - گوهر عباس
  - صفدر علي شاهه (اولاد لاءِ ڏسو ص ٢٦١)
  - مظفر علي شاهه (ولادت: ٢١ مئي ١٩٢٨ع)
    - انجنيئر مزمل حسين شاهه
      - شازيب حيدر
      - جهان زيب حيدر
    - نصرت حسين شاهه
    - انجنيئر حسن رضا شاهه
    - ڊاڪٽر مسرور حسين شاهه
- مٺل شاهه (المتوفي: ١٨ نومبر ١٩٢٨ع)
  - صحت خاتون زوجه ممتاز علي شاهه
- عالم شاهه (المتوفي: ١ جولاءِ ١٩٢٤ع)
  - شهر بانو
- بيبي مريم زوجه ميرک پنيل شاهه
- بيبي پانل زوجه ميرک ميهر علي شاهه

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

اولاد سيد صفدر علي شاهہ بن کوڙل شاهہ بن غوث بخش شاهہ بن ڏتل شاهہ

صفدر علي شاهہ (١٠ آڪٽوبر ١٩٢٥ع – ٢٠ جنوري ١٩٧٩ع)

- انجنيئر اقبال حسين شاهہ
  - صفدر علي شاهہ
  - فائق علي شاهہ
  - شفاعت شاهہ
- ڊاڪٽر اشفاق حسين شاهہ ← شهہ زين حيدر عرف علي رضا شاهہ
- انجنيئر اخلاق حسين شاهہ
  - زعيم حيدر
  - مريحا
  - مهدي حيدر

*****

اولاد ذوالفقار علي شاهہ بن غلام علي شاهہ بن عبدالرسول بن عرب شاهہ

ذوالفقار علي شاهہ (٢٢ شعبان المعظم ١٢٥٦هہ – ١٤ ذوالقعد ١٣٠٢هہ)

- بيبي امير زوجہ ميرڪ حاجن علي شاهہ
- بيبي ارباب زوجہ ميرڪ غفور علي شاهہ
- بيبي رحمل زوجہ ميرڪ سبحان علي شاهہ
- عبدالله شاهہ (معصوم)
- جهنگل شاهہ – (١٢٩٩هہ – ٢٥ صفر المظفر ١٣٦٥هہ)
  - خدا بخش شاهہ (ولادت: ٣ رمضان المبارڪ ١٣٣٣هہ)
- اميد علي شاهہ (٣ محرم الحرام ١٣٠٣ هہ – ١٦ محرم الحرام ١٣٣٧هہ)
  - پناهہ علي شاهہ (٦ جنوري ١٩١٤ع – ١٣ ڊسمبر ٢٠٠٠ع)
    - اٺ ڏيئر

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

اولاد قلندر بخش شاهہ بن میرک غلام علي شاهہ
بن عبدالرسول بن عرب شاهہ

میرک قلندر بخش شاهہ (۱۲۵۸ھ – ۱ رجب المرجب ۱۳۲۶ھ)

- غلام مصطفيٰ عرف مولا بخش شاهہ (۱۳۰٤ ھ – ۱۳۲۲ ھ)
- غلام رسول شاهہ (ولادت: ۲۰ محرم الحرام ۱۳۱۰ ھ – ۱۵ صفر المظفر ۱۳۲۹ھ)
  - غلام مصطفيٰ عرف وريل شاهہ (۲٤ ڊسمبر ۱۹۲۰ع - ۲۸ ڊسمبر ۱۹۹۱ع)- لاولد

*****

اولاد قادر بخش شاهہ بن غلام علي شاهہ
بن عبدالرسول بن عرب شاهہ

میرک قادر بخش شاهہ (ولادت: ۱۲٦۰ھ)

- سبحان علي شاهہ
  - بيبي شهزاد زوجہ عبدالحسين شاهہ بن وڌيل شاهہ
  - عظيم علي شاهہ - لاولد
  - احسان علي شاهہ
  - نواز علي شاهہ
    - سبحان علي شاهہ
      - انجنيئر عظيم علي شاهہ
      - نواز علي شاهہ

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ضميمو (4)

شجره خاندان خبوشاني سادات سکر

مخدوم اعظم حاجي محمد (المتوفي: ۹۳۸هه)

- شيخ علاؤ الدول
  - شيخ عارف
    - ذيءَ زوجہ سيد عبدالله
    - ذيءَ زوجہ سيد عبدالله
- ذيءَ زوجہ سيد عبدالعلي بن شيخ شاهہ علي اسفرائيني
  - مير عبدالله
    - مير محمد اعظم (اولاد لاءِ ڏسو ص)
    - ذيءَ زوجہ سيد عبدالحي
      - مير عبدالاول
  - خواجہ معدي محمد
    - مرزا يحيٰ
    - مرزا محمد باقر ديوانہ
  - خواجہ شرف الدين
    - شاهہ مرزا
    - ذيءَ
  - خواجہ عبدالسلام

musavi@hotmail.com
سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

اولاد مير محمد اعظم خبوشاني

مير محمد اعظم

- مرزا سعادت يار
- مير محمد اشرف (نياٹو - ميرک محمد عبدالله بن ميرک عبدالباقي)
  - مير عبدالواحد (ولادت: ۱ ذو القعد ۱۰۲۵ھ وفات: ۲ ربيع الاول ۱۰۹۹ھ (نياٹو ميرک عبدالاول)
    - مير محمد علي (المتوفي: ۱۰۷۸ھ)
    - سيد عبدالحي (ولادت: ۱۰۷۸ھ وفات: ۲٦ رجب ۱۱۳۸ھ) (نياٹو - ميرک محمود بن ميرک عبدالاول
    - شرف النساء بيگم (ولادت: ۱۰۸۳ھ - وفات: ۲٦ جمادي الثاني ۱۱۳۵ ھ)
    - بولاقي بيگم زوجہ سيد محمد بن مير زکريا بن مير بزرگ بن مير محمد معصوم
  - مير عبدالغفور (ولادت: ۱ جمادي الاول ۱۰۳۱ ھ - وفات: ۹ ربيع الاول ۱۰۷٤ھ)
    - مير محمد اشرف (ولادت: ۱۸ ربيع الاول ۱۰۷٤ھ — وفات: ۲۷ محرم الحرام ۱۱۱۲ھ) (اولاد لاءِ ڏسو ص . . . .) نياٹو - ميرک عبدالاول بن ميرک محمد عبدالله
    - فرخنده بيگم (ولادت: ۲۵ رجب المرجب ۱۰٦۰ھ — وفات: 5 صفر المظفر ۱۱۳۳ھ) زوجہ ميرک محمود بن ميرک عبدالاول

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

اولاد مير محمد اشرف بن مير عبدالغفور بن مير محمد اشرف خبوشاني

مير محمد اشرف (نياڻو - ميرک عبدالاول بن ميرک محمد عبدالله)

— مير عبدالغفور
(ولادت: ١٣ شعبان المعظم ١٠٨٨ھ — وفات: ١٦ ذوالقعد)
(نياڻو - مير محمد بن مير زکريا معصومي)

— مير امام بخش (٢٧ رجب المرجب ١١٦٤ھ تي اسماعيل خان جي حکومت ۾ فوت ٿيو.) (نياڻو - مير بزرگ بن مير علي شير بن مير محمد زکريا معصومي)

— مير عبدالشکور
(ولادت: 23 محرم الحرام ١٠٩١ھ وفات: ذو الحج ١١٥٢ھ)
(نياڻو - مير محمد بن زکريا معصومي)

— فرزانه بيگم (ولادت : ١٠٩٣ھ - وفات: 5 رجب المرجب ١١٢٧ھ)
زوجه مير محمد اعظم بن ميرک محمود بن عبدالاول

— شاهه مرزا (ولادت: ١١٠٦ھ — وفات: ٢١ ذو الحج ١١٥٢ھ)- لاولد

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ضميمو (5)

شجره خاندان سيد زئي / ڇاٽي سادات سکر

- سيد حبيب
  - سيد حسن
    - عاقل شاهه
      - شاهه محمد (نياڻو - ميرڪ عبدالعظيم بن ميرڪ محمد عبدالله)
      - غلام محمد
        - مرزا محمد
          - نور محمد
          - ڌيءَ
        - نظر محمد
          - سيد يوسف
      - سيد علي
        - عبدالمعالي (نياڻو - ميرڪ محمد باقي بن ميرڪ عبدالعظيم) (اولاد لاءِ ڏسو ص)
        - محمد يوسف
        - محمد علي
    - سيد جان محمد
      - سيد باقر
        - ڌيءَ
        - حسن (المتوفي: شعبان المعظم 1154هه)
          - ٻہ ڌيئر
      - سيد عنايت
        - سيد جان محمد
        - سيد مهر شاهه
        - سيد يار محمد
        - سيد عبدالرحيم
        - سيد عبدالنبي
        - بيبي حوا
  - سيد حسين

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

اولاد سيد عبدالمعالي بن سيد علي بن سيد عاقل شاه

سيد عبدالمعالي
- شاه محمد
  - مير کمال الدين محمد
    - محمد امين (نياڻو - ميرک عسکر علي بن ميرک غلام عبدالقادر)
      - فيض محمد
        - الله بخشي (المتوفي: ٣ ربيع الثاني ١٣٠٣ه) زوج ميرک فضل علي
      - گلڻ شاه
      - لطيف خاتون زوجه دائم علي ميرکي
  - لطف النسا، زوجه ميرک محمد اکرم بن محمد اعظم
- نور بيگم زوجه ميرک احمد بن ميرک محمد
- عصمت بيگم (المتوفي: ٢٤ رجب المرجب ١١٤٩ه) زوجه ميرک محمد کاظم بن ميرک تقي الدين محمد
- عزيز بيگم

****

؟

سيد شاه همزه

سيد شاه قاسم

مير سلطان (نياڻو - ميرک عبدالعظيم بن ميرک محمد عبدالله)

- مير همزه (المتوفي: ٤ رمضان المبارک ١١٤٧ه)
- وزير بيگم زوجه مير بيگ محمد

****

مير محمد حسين ("تحفة الکرام"، ص ٣٢٩) مير عاقل شاه جو پاءُ

مير محمد محسن

مير چراغ شاه

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ضميمو (6)

سيد مصطفيٰ جي اولاد ۽ ڏوھٽاڻ جو شجرو

- مير سيد مصطفيٰ
  - شاھ خانم زوجہ ميرڪ عبدالباقي بن ميرڪ عبدالعظيم
    - شرف الدين محمد (المتوفي: ٢٥ شعبان المعظم ١١١٤ھ)
    - امير النساء زوجہ ميرڪ مرتضيٰ بن ميرڪ محمود
    - سلطان بيگم زوجہ سيد محمد عارف ●
      - سيد دين محمد
        - گلاب شاھ
        - نور شاھ
        - مولي ڏنو شاھ
      - بھار بيگم زوجہ مير فتوحي بن مير مظفر ڪابڙوٽي
        - صادق علي
      - علمائي بيگم زوجہ سيد قائم شاھ
      - مصري بيگم (الڪعلوي ساداتن ۾ ڏنل)
      - سيد غلام مرتضيٰ (سلطان بيگم بنت ميرڪ عبدالباقي سان شادي ڪيائين، اولاد ڪو نہ ٿيس. بيبي صاحبہ ١١٤٥ھ ۾ فوت ٿي وئي.)
  - بيبي بيگم

● ميرڪ مرتضيٰ - سيد محمد عارف جي باري ۾ ڪو بہ احوال نہ ڏنو آھي. پر گمان غالب آھي تہ ھيءُ ۽ مير مصطفيٰ ٻئي ڄڻا داراشڪوه سان گڏ ھئا. سيد محمد عارف جي سيد مصطفيٰ سان ڪا ويجھي مٽي مائٽي ھئي. ميرڪ مرتضيٰ جي ھينئين جملي مان اھڙو گمان ٿئي ٿو:

"و حقيقت اولاد نسبت نامہ سيد مصطفيٰ و سيد محمد عارف از ابتدائي معلوم نبود ازين سبب در تحرير نيامده". (ص ١٢٤)

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاھ موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ضميمو (7)

شجره خاندان رضوي مشهدي ملتاني سادات

؟

میر محمد معصوم

میر حسین

- میر مرتضیٰ قلي
  - جتو النسا بیگم زوجہ میرک تقي الدین محمد
  - میر محمد یعقوب
    (نیاٹو - میرک تقي الدین محمد)
    - سیده بیبي زوجہ میرک سید فضل علي بن میرک حامد
  - حیات النساءِ بیگم زوجہ میرک رشید الدین محمد بن تقي الدین محمد
  - صفدر علي (نیاٹو — میرک فضل علي بن میرک حامد)
    - فتح علي
      - پریل شاه
        - فیض النساءِ زوجہ میرک امیر بخش شاه
      - بیبي جیوان زوجہ میرک بچل شاه بن آندل شاه
    - محمد یعقوب
- سیده بیبي زوجہ میرک حامد بن میرک احمد بن میرک محمد بن میرک عبدلاول

musavi@hotmail.com سید جواد حسین شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ضميمو(8)

سيد عطا حسين موسويءَ جي لکيل مضمونن جو وچور

(الف) اڻ ڇپيل علمي ۽ ادبي مضمون

1. سنڌ
2. ٿر
3. ملير
4. مارئي
5. سنڌ جي عام ۽ خاص شاعرن مارئي ڇو ڳاتي آهي؟
6. ٿري
7. روهڙي
8. ٻه اکر روهڙيءَ بہ لهڻا
9. روهڙيءَ جي باغات
10. اروڙ
11. ڪراچي
12. سائين ايسر لعل
13. سيٺ سگنيچند
14. مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽو
15. قاضي فقير محمد "قانع"
16. اتفاق
17. تماش گاھ عالم
18. علم تصوف
19. سلوڪ جا مقام يا حال جا عالم
20. حال
21. سماع

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

22. معشوق جو مرتبو ۽ مان
23. ڪافي
24. ميڙو
25. شادي
26. ٻڪ
27. نڪمٽائي
28. غريبي گلزار اٿئي، موچاري مينگهو چوي
29. عارب
30. ماستر
31. اٿ
32. گهنڊ
33. ٽي اڪر
34. ٿ
35. ڊ
36. ٨٨٠

(ب) ”صراط المستقيم“ رسالي ۾ ڇپيل مذهبي مضمون

نمبر	عنوان	اشاعت
1.	فوج حسينيءَ جو شير خوار سپاهي	صفر المظفر ١٣٤٢ھ
2.	ذڪر شهادت حسنين	ربيع الثاني ۽ جمادي الاول ١٣٤٢ھ
	ايضاً	جمادي الثاني ۽ رجب المرجب١٣٤٢ھ
	ايضاً	شعبان المعظم ۽ رمضان المبارڪ ١٣٤٢ھ
3.	تبصره	شوال المڪرم ۽ ذوالقعد ١٣٤٢ھ
4.	اقوال زرين	ايضاً
5.	واقعه غدير	ايضاً
6.	فلسفه شهادت	محرم الحرام ١٣٤٣ھ

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

7.	شهيد اعظم	صفر المظفر ١٣٤٣ھ
8.	بحث اولي الامر	ربيع الاول ١٣٤٣ھ
9.	فضيلت جناب امير عليہ السلام	ربيع الثاني ١٣٤٣ھ
10.	نفس رسول الله	ايضاً
11.	نماز	جمادي الاول ۽ جمادي الثاني ١٣٤٣ھ
12.	ثبوت ماتم حسين	رجب، شعبان ۽ رمضان ١٣٤٣ھ
13.	مسافر جي عيد	شوال، ذوالقعد ۽ ذوالحج ١٣٤٣ھ
14.	يوم غدير خم	ايضاً
15.	سوال جواب	صفر المظفر ١٣٤٤ ھ
16.	ايضاً	ربيع الاول ١٣٤٤ھ
16.	خصايص حسيني	ربيع الثاني ١٣٤٤ ھ
17.	تقيہ	جمادي الثاني ١٣٤٤ ھ
	ايضاً	رجب المرجب ١٣٤٤ھ
18.	اقوال پيغمبر آخر الزمان صلي الله عليہ وآلہ وسلم	شوال المکرم ١٣٤٤ھ
19.	محرم جو چنڊ	محرم الحرام ١٣٤٥ھ
20.	دنيا	ايضاً
21.	دين ۽ دنيا	ربيع الاول ١٣٤٥ھ
22.	سوال ۽ جواب	ربيع الثاني ١٣٤٥ھ
23.	سوال ۽ جواب	جمادي الاول ٣١٤٥ھ
24.	اهلبيت	ذوالقعد ۽ ذوالحج ١٣٤٥ھ
25.	الله وارن جا آثار ۽ مزار غريب	محرام الحرام ١٣٤٦ھ

musavi@hotmail.com

سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

تعليقات

(الف) مشاهير

امير ڪبير سيد علي همداني

امير ڪبير سيد علي بن شهاب الدين بن محمد پنهنجي وقت جو وڏو صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. بر صغير هند و پاڪ جي ”ڪشمير“ واري حصي ۾ سڀ کان پهريون اسلامي مبلغ هو. پاڻ ١٢ رجب المرجب ٧١٤ هـ / ٢٢ آڪٽوبر ١٣١٤ع تي ”همدان“ ۾ پيدا ٿيو. سندس ولادت جو سن ”رحمت الله“ مان وضع ٿئي ٿو. سندس خاندان جي نسب جو سلسلو، حضرت امام زين العابدين عليه السلام سان وڃي ملي ٿو. طريقت جي سلسلي ۾ پاڻ وقت جي ٻن بزرگن - ابوالبرڪات تقي الدين اخي علي دوسي (المتوفي ٧٣٤هـ /١٣٣٧ع) ۽ شيخ شرف الدين محمود مزدقاني رازي (المتوفي ٧٦٦ هـ / ١٣٦٥ع) کان فيض حاصل ڪيائين. جن جي ارادت جو سلسلو علاؤ الدوله السماني تائين ۽ ان جي ئي ذريعي نجم الدين ڪبريٰ تائين پهچي ٿو. شيخ شرف الدين محمود ڪيس ڏورانهن ڏيهن جو سير ۽ سفر ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جنهن جو مقصد صرف اسلام جي تبليغ ڪرڻ ۽ ان کي ڦهلائڻ هو. اهڙيءَ طرح، پاڻ ٢١ ورهيه سانده سياحت ۾ گذاريائين.

سيد علي همداني سن ٧٧٤هـ / ١٣٧٦ع ۾ پهريون دفعو ڪشمير ۾ مبلغ جي حيثيت ۾ آيو. ان زماني ۾ ڪشمير جو حاڪم سلطان شهاب الدين هو. اهڙيءَ طرح، پاڻ ٻيو پيرو سلطان قطب الدين جي زماني ۾، سن ٧٨١ هـ / ١٣٧٩ع ۾ حجاز کان موٽندي ڪشمير آيو هو. ان کان پوءِ ٽيون پيرو به سن ٧٨٥هـ /١٣٨٣ع ۾ ڪشمير آيو، جتان پاڻ ترڪستان روانو ٿيو ۽ انهيءَ سفر دوران ”باجوڙ“ جي علائقي ۾ ڳوٺ ”ڳڙهي حبيب الله“ ۾ ٦ ذوالحج ٧٨٦ هـ / ١٩ جنوري ١٣٨٥ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪيائين. سندس لاش کي

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

"ختلان" (تاجڪستان) ۾ مدفون ڪيو ويو. جتي سندس مزار جي مٿان قبو تعمير ڪيو ويو. انهيءَ هنڌ کي اڄڪلهہ "ڪلاب" چيو وڃي ٿو. "مسجد شاهہ همدان" جي مهاڙيءَ تي هڪ ڪتبو نصب ٿيل آهي، جنهن تي سندس وفات جي قطع تاريخ هن ريت ڏنل آهي:

حضرت شاهہ همدان ڪريم،
آيـــــة رحمت ز ڪلام قديم.
گفت در دم آخر و تاريخ شد،
بسم الله الرحمن الرحيم

٧٨٦ھ

ڪيس هڪ فرزند سيد محمد (ثاني) نالي ٿيو. جنهن سن ٨٥٤ھ / ١٤٥٠ع ۾ رحلت ڪئي.

سيد علي همداني پنهنجي دور جو نہ صرف هڪ وڏو صوفي درويش هو، پر هڪ وڏو عالم ۽ صاحب تصنيف بزرگ پڻ هو. عربي ۽ فارسي زبانن ۾ ١٧٠ ڪتاب تصنيف ڪيا هئائين. سندس تصنيفات مان بہ ڪتاب - هڪ "اوراد فتحيہ" عربيءَ ۾ ۽ ٻيو "ذخيرة الملوڪ" فرسيءَ ۾ مشهور آهي.●

جلال الدين بايزيد پوراڻي

جلال الدين بايزيد پوراڻي پنهنجي وقت جو بلند مرتبي جو عالم، عابد ۽ زاهد شخص هو. پاڻ هميشہ زهد ۽ عبادت ۾ رڌل رهندو هو. شرعي احڪامن جي پوئواري ڪندو هو ۽ حضرت رسالت مآب صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي سنت جي تابعداري ڪندو رهندو هو. سندس روحاني مرتبا نهايت ئي اعليٰ ۽ افضل هئا. عام ماڻهن جي مختلف گروهن جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هميشہ توجهہ ڏيندو هو. ڪيس جيڪڏهن ڪنهن حاڪم ڏانهن ڪنهن معاملي جي سلسلي ۾ رجوع ڪرڻو پوندو هو، تہ پاڻ خود ان سان ملاقات ڪري، ان جي دل ۾ خيرخواهيءَ جو تاثر پيدا ڪندو هو. سندس دسترخانو نهايت ئي ڪشادو هو.

● (i) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميہ" - جلد چوڏهون ياگو ٻيو. ص ٨٩ ۽ ٩٠

(ii) سيد علي همداني: "مودة القربيٰ" (سنڌي)، ص کان ٢٠

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

جلال الدين بايزيد جي باري ۾، "نفحات الانس" ۾ اچي ٿو ته ظاهريءَ طرح سندس ڪوبه مرشد نه هو. يعني پاڻ اويسي هو. پاڻ اڪثر ڪري چوندو هو. ته جڏهن به مون کي ڪا مشڪل درپيش ايندي آهي، ته ان کي حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي روحانيت جي واسطي سان دفع ڪندو آهيان. هن ١٠ ذوالقعد ٨٦٢هه / ١٩ سيپٽمبر ١٤٥٨ع تي رحلت ڪئي ۽ "پوران" ۾ دفن ٿيو. چوڻ ۾ اچي ٿو ته وفات وقت سندس عمر ٩٠ سال جي لڳ ڀڳ هئي. سندس مزار تي ان وقت جي حاڪم - سلطان حسين ميرزا بايقرا هڪ عاليشان مقبرو تعمير ڪرايو.*

سيد محمد "نوربخش"

سيد محمد بن محمد بن عبدالله - "نور بخشيه" فرقي جو باني هو. سيد محمد - "قهستان" جي هڪ ڳوٺ "قاعين" ۾ سن ٧٩٥ هه / ١٣٩٢ع ۾ پيدا ٿيو. سندس نسب جو سلسلو سترهن واسطن سان حضرت امام موسي ڪاظم عليه السلام تائين پهچي ٿو. تعليم جي مشغلي کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، "خواجه اسحاق ختلانيءَ" جو مريد ٿيو. خواجه اسحاق ختلاني - ان دور جي وڏي روحاني بزرگ "سيد علي همدانيءَ" جو مريد هو. خواجه اسحاق ختلانيءَ، سيد محمد کي سيد علي همدانيءَ وارو خرقو عطا ڪري، کيس "نور بخش" جو لقب ڏنو. انهيءَ ڪري سيد محمد جي مريدن واريءَ جماعت کي "نور بخشيه" سڏيو ويندو آهي. خواجه اسحاق ختلانيءَ سيد محمد کي انهيءَ لقب ڏيڻ کان علاوه سندس مهدي ۽ امام هجڻ جو اعلان پڻ ڪيو هو. ان وقت جي حڪمران مرزا شاه رخ تيموريءَ کي جڏهن ان واقعي جي خبر پئي، ته هن کيس هڪدم گرفتار ڪرايو. اهڙيءَ طرح ، مرزا شاه رخ هن کي ٽي دفعا قيد ڪرايو ۽ کيس قيد دوران سخت سزائون ۽ اذيتون ڏنيون ويون. مرزا شاه رخ تيموريءَ سن ٨٥٠ هه / ١٤٤٧ع ۾ وفات ڪئي ۽ ان کان پوءِ ئي کيس قيد مان آزادي حاصل ٿي. سيد محمد نوربخش سن ٨٦٩ هه / ١٤٦٤ع ۾ رحلت ڪئي. کيس ٻه فرزند ٿيا: هڪ سيد جعفر ۽ ٻيو سيد قاسم. سيد جعفر خلافت جي گاديءَ تي ويهڻ پسند نه ڪيو ۽ عربستان وڃي گوشي نشين ٿي، باقي حياتي عبادت الاهيءَ ۾ پوري ڪيائين. سيد محمد جو ننڍو فرزند - سيد قاسم (المتوفي ٩٨١هه / ١٤٧٣ع جي گاديءَ تي ويٺو ۽ " نوربخشيه" سلسلي کي اڳتي وڌايائين.

دراصل، "نوربخشيه" ان دور ۾ هڪ تحريڪ هئي، جا ايران ۽ افغانستان جون حدون ٽپي، برصغير هند و پاڪ ۾ ڪشمير تائين پهتي. هن فرقي جو

* غياث الدين بن همام الدين حسيني: "حبيب السير" - جلد چوٿون (فارسي)، ص ٦٠

musavi@hotmail.com

سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

فڪري ۽ ذهني لاڙو "صوفي" طريقي طرف هو. خود سيد محمد "نور بخش" جي دعويٰ هئي، تہ هن خدا جي نور جو جلوو ڏٺو آهي ۽ امام جعفر صادق عليہ السلام جي ذريعي حضرت علي عليہ السلام کان تعليم حاصل ڪئي آهي. هو "همہ اوست" جو قائل هو. ساڳئي وقت ، سندس اهو بہ نظريو هو، تہ دنيا جي هر عيش، آرام ۽ دنيا جي اسبابن کان ڪناره ڪشي ڪرڻ ضروري آهي. پاڻ "فنا" واري اصول جو بہ حامي هو. سندس خيال موجب الله تعاليٰ جي رضامنديءَ تي راضي رهڻ ۽ مرشد جي رفاقت حاصل ڪرڻ بہ ضروري آهي. هن بزرگ جي سوانح نگارن اهو ڄاڻايو آهي تہ سندس نظريي تي شيعہ مذهب جو اثر غالب هو؛ ●

سلطان علي مشهدي

سلطان علي مشهدي پنهنجي زماني جو جيد عالم، عابد، زاهد ۽ اعليٰ درجي جو خوش نويس ٿي گذريو آهي. پاڻ سن ٨٤١هہ / ١٤٣٧ع ۾ "مشهد" ۾ ڄائو. مشهد شريف ۾ سندس ديني مدرسو قائم هو، جنهن ۾ پاڻ خود درس ۽ تدريس جو ڪم ڪندو هو. سندس علميت، عبادت، زهد ۽ تقويٰ جي ڪري هر ڪو ماڻهو سندس وڏي عزت ۽ تعظيم ڪندو هو. سلطان علي مشهدي "خط نستعليق" ۾ پنهنجي دور جو بي نظير خطاط هو. خطاطيءَ جي فن ۾ماهر استاد جي حيثيت ۾ ڪيس وقت جي عالمن ۾ "قبلة الڪتاب"، "زبدة الڪتاب"، "سلطان الخطاطين" ۽ "ڪاتب السلطاني" جهڙن لقبن سان ياد ڪيو ويندو هو. سن ٨٦٥هہ / ١٤٦١ع ۾سلطان ابوسعيد گورگانيءَ ڪيس دعوت ڏيئي هرات گهرايو هو. پاڻ سلطان حسين ميرزا جي دربار جو خاص خطاط هو. سلطان حسين ميرزا جي لاءِ ڪيترائي ڪتاب لکيا هئائين. سلطان علي مشهدي خوش گو شاعر پڻ هو. خوش نويسيءَ جي متعلق، هيءُ شعر سندس منظوم رسالي "صراط السطور" ۾ آيل آهي:

ڪاغذي بهتر از خطائي نيست،
حاجت آنک آزمائي نيست.
جندا ڪاغذ سمر قندي،
مکنش و داگر خرد مندي.

"مراة العالم" جي قول مطابق سلطان - علي مشهديءَ سن ٩٠٢هہ / ١٤٩٧ع ۾ انتقال ڪيو. پر "حبيب السير" جو چوڻ آهي تہ هن سن ٩١٩هہ /

● (i) احمد رباني : "مقالات مولوي محمد شفيع" – جلد پيو (اردو)، ص ٢ کان ٧
(ii) محب الحسن: "ڪشمير سلاطين ڪي عهد مين" (اردو)، ص ٨٣ – ٣٧٨

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

١٥١٣ع ۾ وفات ڪئي. اسان جي خيال موجب تہ ”حبيب السير“ واري صاحب جو قول صحيح آهي. ڇاڪاڻ تہ سندس نقل ڪيل ”ديوان حافظ“ جو هڪ قلمي نسخو ”لٽن لائبريري - علي ڳڙهہ“ ۾ محفوظ آهي، جنهن تي ڪتابت جو سن ٩١٩ هہ/ ١٥١٣ع ڄاڻايل آهي. ممڪن آهي تہ انهيءَ نسخي جي ڪتابت کان پوءِ، پاڻ جلد ئي فوت ٿي ويو هجي. سلطان علي مشهديءَ کي حضرت امام علي رضا عليه السلام جي روضي جي پرسان دفن ڪيو ويو. *

سلطان حسين ميرزا بايقرا

سلطان حسين ميرزا بايقرا جي نسب جو سلسلو امير تيمور سان وڃي ملي ٿو. سيد حسام الدين راشديءَ پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب ”روضة السلاطين و جواهر العجايب“ جي تعليقات ۾ سلطان حسين ميرزا جي نسب جو سلسلو هن ريت ڄاڻايو آهي: ابوالغازي سلطان حسين بايقرا - متخلص ”حسيني“ بن سلطان غياث الدين منصور ميرزا (وفات ٨٤٩هہ/١٤٤٥ع) بن ميرزا بايقرا - حاڪم همدان (١٨ - ٨١٧هہ/ ١٥ - ١٤١٤ع) بن عمر شيخ ميرزا (تولد ٧٥٣هہ/١٣٥٢ع. وچ سياري ۾ ربيع الاول ٧٩٦هہ/جنوري ١٣٩٤ع ۾ چاليهن سالن جي عمر ۾ قتل ٿيو ۽ ميرزا جهانگير جي پهلوءَ ۾ دفن ٿيو.) بن امير تيمور. سلطان حسين ميرزا جي ماءُ - فيروزه بيگم (وفات : ١٤ محرم الحرام ٨٧٤هہ/ ٢٤ جولاءِ ١٤٦٩ع) بنت امير زاده سلطان حسين محمد بيگ بن امير موسيٰ - امير تيمور جي پوٽي هئي. انهيءَ طرح، سلطان حسين ميرزا ڏاڏاڻي خواه ناناڻي نڪ طرفان ”تيموري“ هو ۽ پاڻ نجيب الطرفين خانداني بادشاهہ هو. سندس لقب ”ابوالغازي“ هو. سلطان حسين ميرزا محرم الحرام ٨٤٢هہ/ ١٤٣٨ع ۾ ڄائو. سندس ڄمڻ جو هنڌ هرات جي اوير - اتر جي وچ ۾ ”پل تولڪيءَ“ جي ويجهو ”سراءِ دولت خان“ آهي. ڪيس پنهنجي والد سلطان غياث الدين منصور ميرزا جي وفات کان پوءِ ”خراسان“ جي حڪومت ورثي ۾ ملي. سندس حڪومت ۾ خراسان جي اوير ۾ بلخ، اتر ۾ خوارزم، اولهہ ۾ بسطام ۽ دامغان ۽ ڏکڻ ۾ قنذار ۽ سيستان جا علائقا هئا. هن تمام ٿوري وقفي کان سواءِ رمضان المبارڪ ٨٧٣ هہ/مارچ ١٤٦٩ع کان سن

* (i) غياث الدين بن همام الدين حسيني: ”حبيب السير“ - جلد ٽيون (فارسي) ص ٣٣٤
(ii) ”شاغل“ عثماني، احترام الدين احمد، مولوي: ”صحيفہ خوشنويسان“ (اردو)، ص ٣٨

musavi@hotmail.com

سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

٩١١هه/١٥٠٤ع تائين خراسان تي حڪومت ڪئي. سلطان حسين ميرزا پنهنجي دور جو هڪ وڏو بهادر ۽ نامور سپاهي هو. سندس حڪومت جي دور جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو "هرات" جي فتح هو. هن سن ٨٧٥هه/١٤٧٠ع ۾ هرات تي ڀرپور حملو ڪيو ۽ يادگار محمد - جو شاهه رخ جو پوٽو هو، کي گرفتار ڪري قتل ڪرائي ڇڏيو. ان ڪان سواءِ هن "حصار" تي حملي ڪرڻ جي ارادي سان "ترمذ" تي حملو ڪيو. اتان جو حاڪم - مسعود بہ پنهنجي فوج وٺي سندس مقابلي لاءِ تيار ٿي آيو. مسعود جي مقابلي ۾، سلطان حسين ميرزا هڪ تجربيڪار ۽ ذهين بادشاهه هو. هيءُ ڪنهن اٽڪل سان لڪي ڇپي. فوج جي هڪ دستي کي درياءَ جي پار موڪلڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. مسعود ان کان ڏڄي بزدليءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ "حصار" مان ڀڄي وڃي پنهنجي ڀاءُ بائسنقر وٽ "سمرقند" ۾ پناهه ورتي. سلطان حسين ميرزا - "حصار" کي گهيري ۾ ورتو، پر هتان جي عوام نهايت دليريءَ ۽ بهادريءَ سان سلطان جي فوجن جو مقابلو ڪيو. آخر ۾ سلطان حسين ميرزا - مسعود جي ڀيڻ پائنده بيگم جي شادي پنهنجي پٽ حيدر ميرزا سان ڪرائي صلح ڪيو ۽ محاصرو ختم ڪيو ويو. اهو واقعو سن ٩٠١هه/١٤٩٦ع ۾ ٿيو.

سلطان حسين ميرزا بايقرا - "ماوراءُ النهر" جي انتظام کي بهتر بنائڻ جي خيال سان پنهنجي ٻن پٽن - ميرزا بديع الزمان کي "بلخ" ۽ ميرزا مظفر حسين کي "استر آباد" جا علائقا ڏنا. ليڪن ٻنهي ڀائرن جي وچ ۾ نااتفاقي ٿي پئي. آخرڪار سلطان حسين ميرزا مجبور ٿي شهزادي بديع الزمان تي حملو ڪيو ۽ ڪيس شڪست ڏنائين. سلطان حسين ميرزا جو دور خوشحاليءَ جو زمانو هو. هن زندگيءَ جي ابتدائي دور ۾ برابر وانگر تمام گهڻيون تڪليفون ۽ مصيبتون برداشت ڪيون، ۽ ان ڪان پوءِ وڃي ترقيءَ جي منزل تي پهتو. ان زماني ۾ سندس دربار جو شان ۽ شوڪت ۽ دٻدٻو وچ ايشيا ۾ ضرب المثل هو. سلطان حسين ميرزا - محمد خان شيبانيءَ جي روزبروز وڌندڙ طاقت کي ختم ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ وچ ايشيا جي ٻين حاڪمن کي پڻ ان ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. سلطان حسين ميرزا هڪ وڏي فوج گڏ ڪري، محمد خان شيبانيءَ جي مقابلي لاءِ "بابا الاهي" نالي هڪ ڳوٺ وٽ ڇانوڻي هڻي اچي ويٺو. ان وقت سندس پيرسني هئي ۽ پاڻ سنڌن جي سور جي بيماريءَ ۾ مبتلا هو. انهيءَ مذڪور بستيءَ وٽ اچڻ کان پوءِ سندس بيماريءَ شدت اختيار ڪئي ۽ تاريخ ١١ ذوالحج ٩١١ هه/٥ مئي

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

١٥٠٦ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪيائين. ڪيس "هرات" ۾ سلطان حسين جي مدرسي ۾، سندس ماءُ فيروزه بيگم جي تعمير ڪرايل خاص گنبذ ۾ دفن ڪيو ويو. سلطان حسين ميرزا چاليهه ورهيه حڪومت ڪئي. پاڻ هرات جي "تيموري" خاندان جو آخري فرمانروا هو، هن زندگيءَ ۾ ڇهه شاديون ڪيون، جن مان ڪيس چوڏهن پٽ ۽ ٻارهن نياڻيون ٿيون. نريني اولاد مان ميرزا بديع الزمان، ميرزا مظفر حسين، ميرزا ابوالحسن ۽ ميرزا محمد حسين نامور حيثيت وارا ٿي گذريا آهن.

سلطان حسين ميرزا بايقرا نهايت ئي خوش مزاج هو. منجهس خلق ۽ مروت تمام گهڻي هئي. ملڪي معاملا اڪثر ڪري مذهب ۽ شرع جي مطابق نبيريندو هو. بادشاهيءَ جي ابتدائي زماني ۾ شراب ڪونه واپرائيندو هو، پر پوءِ شراب جو عادي بڻجي ويو ۽ روزانو ظهر ۽ عصر جو وچ ۾ شراب نوشيءَ جو دور هلندو هو. "مجالس-النفائس" واري سندس عدالت ۽ سلطنت جي جهانداريءَ جي واکاڻ ڪئي آهي. پاڻ مجموعي طرح سٺين خصلتن ۽ وصفن وارو هو، پر ڪڏهن ڪڏهن بيجا ۽ نامناسب ڳالهيون ڪري وجهندو هو.

سلطان حسين ميرزا بايقرا هميشه عالمن ۽ فاضلن جي صحبت ۾ رهڻ پسند ڪندو هو. مولانا عبدالرحمان "جامي"، عبدالله "هاتفي"، شيخ الاسلام سيف الدين احمد، ملا شيخ حسن، سلطان علي مشهدي، "انوار سهيليءَ" جو مصنف – حسن "واعظ"، عبدالله مرواريد، "حبيب السير" جو مصنف – مير خواند ۽ سندس پوٽو امير خاوند، ملا مسعود شيرواني، مير جمال الدين محدث، مير عطا الله مشهدي، مير حسين "معمائي"، ملا محمد "بدخشي"، حسين "ڪامي" ۽ دولت شاهه وغيره جهڙا عالم، اديب، شاعر، مؤرخ، تذڪره نگار، مصور ۽ خطاط سندس دربار جا املهه موتي هئا، جن سندس دربار کي وڏيڪ جرڪايو. پاڻ ترڪي ۽ فارسي زبان ۾ سنجيدو ۽ عمدو شعر چوندو هو. "حسيني" سندس تخلص هو. ترڪي زبان ۾ سندس شاعريءَ جو هڪ "ديوان" آهي، جو هڪ ئي بحر ۾ سمايل آهي. انهيءَ ديوان جو هڪ نسخو سن ٩٥٠هه / ١٥٤٣ع ۾ هرات جي قاسم علي نالي خوش نويس نقل ڪيو هو، جنهن کي اسماعيل حڪمت ارتايلان سن ١٩٤٦ع ۾ استنبول مان ڇپائي پڌرو ڪيو. سلطان حسين ميرزا جي باري ۾ سام ميرزا جو قول آهي ته هن "مجالس العشاق ۾" نالي هڪ ڪتاب تصنيف ڪيو هو. ان ڪتاب ۾ ڪيترن ئي صوفي بزرگن ۽ عارفن جون سوانح عمريون ڏنل آهن. ليڪن مغل بادشاهه –

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاهه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ظهير الدين "بابر" پنهنجي ڪتاب "تزڪ بابريءَ" ۾ لکي ٿو ته اهو ڪتاب اصل ۾ ڪمال حسين گزگاهيءَ جو آهي. ●

مير علي شير "نوائي"

مير علي شير نوائي، پندرهين صدي عيسويءَ ۾ سلطان حسين ميرزا بايقرا جي دور حڪومت ۾، هڪ وڏو عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. مير علي شير نوائي نه صرف مشرقي ادبيات ۾، پر ترڪي ادب جي تواريخ ۾ هڪ اهڙي شخصيت جو مالڪ هو، جنهن کي نهايت منفرد مقام حاصل هو. مير علي شير نوائي ١٧ رمضان المبارڪ ٨٤٤ هه/ ٩ فيبروري ١٤٤١ع تي هرات ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو ڪچڪنه هو، جو "اويغور" قبيلي سان تعلق رکندو هو. پاڻ هڪ اهڙي خاندان سان تعلق رکندو هو، جنهن جا ڪيترائي بزرگ تيموري سلطانن جي دور حڪومت ۾ وڏن اهم عهدن تي فائز رهندا پئي آيا. انهن مان ڪي فوجي خدمتن تي مامور هئا، ته ڪي وري اهل علم جي مجلسن ۾ هر دلعزيز هئا. مير علي شير وڏي مطالعي جو صاحب هو. ڪيس ديني علمن ۾ به وڏو درڪ حاصل هو. پاڻ ترڪي زبان جو شاعر هو ۽ "نوائي" تخلص استعمال ڪندو هو. پاڻ سلطان حسين مرزا بايقرا جو هم مڪتب هو. سن ١٤٦٩ع ۾ جڏهن سلطان تخت نشين ٿيو، ته مير علي شير کي "مهردار" جي عهدي تي مقرر ڪيائين. مير صاحب نهايت ئي ساده مزاج، بي طمع ۽ وڏو فياض هو. پنهنجي وقت جو وڏو حصو ادبي مشغلن ۽ عبادت ۾ بسر ڪندو هو. سن ١٤٩٠ع ۾ بادشاهي عهدو طبيعت جي خلاف سمجهي ڇڏي ڏنائين ليڪن ان هوندي به قومي ۽ سياسي خدمتون جاري رکندو آيو. مير علي شير ١١ جمادي الثاني ٩٠٦هه/ ٢ جنوري ١٥٠١ع تي رحلت ڪئي.

مير علي شير نوائي متعدد تصنيفن جو صاحب هو. شاعريءَ ۾ چار ديوان يادگار ڇڏيائين: هڪ "غرائب الصغر" (ننڍپڻ جا عجائبات)، ٻيو "نوادر الشباب" (جوانيءَ جا نادر خيالات)، ٽيون "بدائع انوساط" (درمياني زندگيءَ جا انوکا خيالات) ۽ چوٿون "فوائد الڪبر" (ٻڍاپڻ جا فائدا). انهن● ديوانن کان

●(i) هروي محمد فخري، سلطان: "روضة السلاطين و جواهر العجايب" (فارسي) ص ٤٢ ۽ ٢٢٠

(ii) نوائي علي شير، مير: "مجالس النفائس" (فارسي)، ص ٣١ — ١٣٠

(iii) بابر ظهير الدين محمد: "تزڪ بابري" (اردو)، ص ١٠٩ کان ١١٥

(iv) محمد رحيم دهلوي: "محمد شيباني خان" (اردو)، ص ١٤٤

(v) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" جلد انون، ص ٣٠٩ کان ٣١٢

(vi) غبار غلام محمد، مير، "افغانستان در ميسر تاريخ" ص

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سواءِ مثنويون بہ لکيون اٿائين. صوفياءِ ڪرام جي فارسي تصنيفات جو پڻ ترڪي زبان ۾ ترجمو ڪيو اٿائين، جهڙوڪ: "محبوب القلوب" (امير خسرو جي ڪتاب "انيس القلوب" جو ترجمو)، "لسان الطير" (فريد الدين عطار جي "منطق الطير" جو ترجمو)، " مجالس النفائس) وغيره.*

امير ذوالنون ارغون

امير ذوالنون ارغون بن امير حسن بصري - چنگيز خان جي اولاد مان هو. سندس نسب جو سلسلو هن ريت بيان ڪيو وڃي ٿو: "امير ذوالنون بن امير حسن بصري بن ارغون خان بن بقا خان بن هلاڪو خان بن تولي خان بن چنگيز خان. امير ذوالنون پنهنجي شجاعت ۽ بهادريءَ جي ڪري پنهنجي خاندان ۾ گهڻو مشهور هو. شروع ۾ ميرزا ابوسعيد بن سلطان محمد بن ميران شاهہ بن امير تيمور جي فوج ۾ هڪ معزز عهدي تي فائز هو. هن ڪجهہ وقت پنهنجي والد سان گڏ هرات ۾ ميرزا يادگار محمد وٽ بہ گذاريو هو. ان کان پوءِ خراسان جي حاڪم - سلطان حسين ميرزا بايقرا جي ملازمت ۾ رهيو. هن کيس سن ٨٨٤ هہ / ١٤٧٩ع ۾ قنذار ۾ صوبيدار مقرر ڪيو هو. ان سان گڏ کيس "غور" ۽ "داور" جي علائقن جي حڪومت پڻ ڏني. قنذار جو صوبيدار مقرر ٿيڻ کان پوءِ، هن "هزاره" ۽ "تڪدري" قبيلن سان جنگ ڪئي ۽ آخر ۾ انهن کي مطيع ڪيائين. سلطان حسين ميرزا بايقرا خوش ٿي قنذار سان گڏ "هرات" ۽ "غور" جو سمورو ملڪ سندس حوالي ڪيو. هن هزاره، تڪدري ۽ قبچاق قبيلن کي هٿ ۾ رکي، حڪومت کي مضبوط بڻايو. انهيءَ تان سلطان حسين ميرزا ۽ سندس پٽ بديع الزمان ميرزا مٿس حسد ڪرڻ لڳا. انهيءَ ڪري هن پنهنجي حڪومت بن پٽن ميرزا شاهہ بيگ ۽ ميرزا محد مقيم ۽ پنهنجي ياءُ ميرزا سلطان عليءَ جي حوالي ڪري، پاڻ قنذار ۾ وڃي رهيو. آخرڪار سياسي مصلحت سببان امير ذوالنون پنهنجي نياڻيءَ جو نڪاح بديع الزمان ميرزا سان ڪيو ۽ ان جي خوشنودي حاصل ڪيائين. سن ٩١١هہ/١٥٠٥ع ۾ محمد خان شيباني وڏيءَ فوج سان خراسان تي حملو ڪيو. ان وقت بديع الزمان - امير ذوالنون ۽ ٻين اميرن کي مدد لاءِ سڏيو. امير ذوالنون پنهنجي فوج وٺي وڃي بديع الزمان سان گڏيو. هن ان طرف وڃڻ وقت

* (i) سيد محمد عبدالله : "اردو دائره معارف اسلاميہ" - جلد چوڏهون ڀاڱو ٻيو، ص ١٣٧ کان ١٥٤

(ii) سيد حسن برني: "مقالات برني" - جلد ٻيو (اردو) ص ٨٩ کان ٩١

(iii) غبار غلام محمد، مير: "افغانستان در ميسر تاريخ"، ص

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

قنڌار ۽ داور جون حڪومتون پنهنجي ٻن پٽن - ميرزا شاهه بيگ ۽ ميرزا محمد مقيم جي حوالي ڪيون ۽ "سيستان" ڪي پنهنجي ڀاءُ ميرزا سلطان عليءَ جي حوالي ڪيائين. جيئن ته محمد خان شيبانيءَ جي وڏي طاقتور فوج هئي، جنهن جو مقابلو خراساني فوج نه ڪري سگهي ۽ جنگ جي ميدان مان ڀاڄ ڪاڍي، پر امير ذوالنون ارغون نهايت بهادريءَ ۽ دليريءَ سان شيباني فوج جو مقابلو ڪندي قتل ٿي ويو. اهو واقعو سن ۹۱۳ھ/۱۵۰۷ع ۾ ٿيو. ●

محمد خان شيباني

سلطان محمد خان شيباني (1) - "ازبڪ" قوم جو اميرزادو هو. پاڻ حڪمران گهراڻي سان تعلق رکندڙ هو. سندس نسب جو سلسلو - فاتح اعظم "چنگيز خان" سان وڃي ملي ٿو. پاڻ چنگيز خان جي هڪ شاخ - "جوجي" خاندان جو چشم ۽ چراغ هو. جنهن جي وچ ايشيا ۾ ڪيترين صدين تائين حڪومت قائم رهي. محمد خان شيباني سن ۸۵۰ ھ / ۱٤٤٦ع ۾ "ترڪستان" ۾ ڄائو. (2) سندس نالو محمد خان ۽ ڪنيت "ابوالفتح" هئي. ڪيس اڪثر "شاهه بيگ ازبڪ" به ڪري سڏيو وڃي ٿو. سندس والد جو نالو "شاهه بوداق" (3) ۽ والده "آق ڪوزي بيگم" هئي. سن ۸۷۳ھ / ۱٤٦۸ع ۾ سندس والد فوت ٿي ويو. تواريخي لحاظ کان اهو زمانو نهايت ئي پر آشوب هو. محمد خان شيباني ازبڪن جو وڏو لشڪر تيار ڪري اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي. ابتدائي دور ۾، زماني جي انقلابن ۽ حادثن سندس راهه ۾ ڪافي رڪاوٽون وڌيون، ليڪن هن انهن سيني مشڪل حالتن جو

● (i) "مسافر" محمد صديق : "تاريخ سنڌ" ڀاڱو چوٿون، (ڇاپو پيو)، ص ۱ کان ۹
(ii) سيد مير محمد بن سيد جلال ٺٽوي : "ترخان نامه" (سنڌي) ، ص ٥ کان ۹
(iii) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر : "اردو دائره معارف اسلاميه" - جلد ڏهون، ص ٦٥

(1) محمد رحيم دهلويءَ پنهنجي ڪتاب ۾ "محمد خان شيبانيءَ" ڪي "محمد شيباني خان" ڪري لکيو آهي، باقي ٻين سيني ماضي خواه حال جي مورخن "محمد خان شيباني" ڪري ڄاڻايو آهي. "شيباني خان" سندس خاندان جو وڏو ڏاڏو هو، جنهن جي نسبت سان ڪيس "محمد خان شيباني سڏيو وڃي ٿو ۽ اهو نالو ئي تواريخي لحاظ کان درست آهي.

(2) اهو سن محمد رحيم دهلويءَ پنهنجي ڪتاب "محمد شيباني خان" ۾ ڄاڻايو آهي. "اردو دائره معارف اسلاميه" ۾ سندس ڄم جو سن ۸۰۰ھ/۱۳۹۸ع ڄاڻايو ويو آهي.

(3) روضة السلاطين و جواهر العجايب" (ص ۲۳) ۾ سندس والد جو نالو "شاهه بداغ" ڏنل آهي. سيد حسام الدين راشديءَ انهيءَ ڪتاب جي "تعليقات" ۾ شيبانيءَ جو شجرو پڻ ڏنو آهي، جنهن ۾ سندس پيءُ جو نالو "شاهه بوداق" لکيو اٿائين، (ص ۲۱٦) جو درست آهي. "اردو دائره معارف اسلاميه" ۾ به اهوئي نالو ڏنل آهي.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

نهايت ئي جوانمرديءَ سان مقابلو ڪيو ۽ آخرڪار ان ۾ ڪاميابي حاصل ڪيائين. هن پنهنجي پختي ارادي، همت ۽ بهادريءَ سان "تيموريه" سلطنت جو تختو اونڌو ڪري، "شيباني" سلطنت جو پايو وڌو. محمد خان شيبانيءَ "تيموريه" خاندان جي زبردست بادشاهه - بابر سان مسلسل لڙايون ڪيون ۽ ڪيس ڪڍهن به سک ۽ سانت سان ويهڻ نه ڏنو. آخرڪار، سن ٩٠٦هه/١٥٠٠ع ۾ بابر پنهنجيءَ سڳي ڀيڻ خانزاده بيگم کي سمرقند ۾ ڇڏي، جان بچائي نڪتو. اهڙيءَ طرح بابر "ماوراءُ النهر" کي الوداع چئي، هندوستان جو رخ ڪيو ۽ محمد خان شيبانيءَ وچ ايشيا ۾ هڪ وڏي سلطنت، جا سن ٩٠٦ هه/١٥٠٠ع کان سن ١٠٠٨هه/١٥٩٩ع تائين قائم رهي، جو بنياد مضبوط ڪيو.

نيٺ ڪمال کي آخر زوال آهي. شاهه اسماعيل صفوي سمورو ايران فتح ڪري "صفويه" حڪومت جو بنياد وڌو. محمد خان شيباني پهرئين رمضان المبارڪ ٩١٦هه/٢ ڊسمبر١٥١٠ع ۾ "مرو" ۾ شاهه اسماعيل جي حملي ۾ مارجي ويو. ڪانئس پوءِ به ڪيترن ورهين تائين، تخت ۽ تاج سندس خاندان ۾ رهيو. محمد خان شيباني تواريخ ۾ هڪ وڏي شخصيت جو مالڪ ٿي گذريو آهي ۽ وقت جي حڪمرانن ۾ وڏي حيثيت رکندڙ هو. سندس وفات کان پوءِ سندس جاءِ نشين "ڪوچ گونجي" - شيباني سلطنت کي بحال رکڻ ۾ في الحال ڪامياب ٿي ويو، پر ايران جي تشيع جو ماوراءُ النهر تي اثر غالب پئجي ويو، جنهن جا نهايت ئي دور رس نتيجا نڪتا.

محمد خان شيبانيءَ جي بهادريءَ ۽ عدل پروي وارين خوبين سان گڏ تواريخ ۾ سندس کي ناروا حرڪتون به بيان ڪيون وجن ٿيون، جي هي آهن: هن پنهنجيءَ حڪومت جي اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ تمام گهٽي رتو ڇاڻ ڪئي ڪيترن ئي شهزادن جا سر وڍايا ۽ سموري ماوراءُ النهر ۾ ڌهڪاءُ قائم ڪيو. خديجه سلطان بيگم کي شاهه منصور بخشيءَ جي سپرد ڪيو، ته جيئن هو هن کي طرح طرح جا عذاب ۽ ايذاءُ ڏئي. اهڙيءَ طرح "شيخ پوران" جهڙي مدبر ۽ معزز شخص کي عبدالوهاب مغل جي حوالي ڪيائين ۽ سندن فرزندن کي پڻ هڪ هڪ ماڻهوءَ جي سپرد ڪيائين.

محمد خان شيبانيءَ ٽي شاديون ڪيون. هن ١١ محرم الحرام ٩١٣هه/٢٣ مئي، ١٥٠٧ع تي "هرات" کي فتح ڪيو ۽ ان کان پوءِ قلعي ۾ داخل ٿي، ديوانن وانگر محل ۾ ڪاهي پيو. مظفر ميرزا جي گهرواريءَ - خانزاده بيگم، جنهن جي حسن جي هاڪ ٻڌي هئائين، تنهن سان عدت جي مدت پوري ٿيڻ کان اڳ نڪاح ڪيائين. انهيءَ گهرواريءَ جي بطن مان ڪيس محمد

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

تيمور نالي پٽ ٿيو. محمد خان شيبانيءَ جي قتل ٿيڻ کان پوءِ، شاهه اسماعيل صفويءَ - خانزاده بيگم کي عزت ۽ احترام سان بابر ڏانهن روانو ڪيو. شيبانيءَ ٻئي شادي - يونس خان جي نياڻيءَ مهرنگار چغتائيءَ سان ڪئي ۽ ٽئين شادي زهرا بيگيءَ، جيڪا سمرقند جي فتح وقت هٿ آئي هئي، سان ڪيائين. ڪيس خرم نالي هڪ ٻيو پٽ بہ هو، جو عين جوانيءَ ۾ فوت ٿي ويو.

محمد خان شيباني نهايت ئي بهادر، مدبر ۽ تعليم يافتہ هو. ملڪي سياست تي ڪيس وڏي ڄاڻ حاصل هئي. سندس سمجهہ ۽ سوچ متانهين ۽ طبيعت نهايت ئي موزون هئي. جيئن تہ پاڻ ترڪ هو، ان ڪري ڪيس ترڪي زبان ۽ ان جي عبارت مان گهڻو بهرو مليل هو. ترڪي ۽ فارسيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن شعر بہ چوندو هو. شعر و شاعريءَ سان گڏ ڪيس علم موسيقيءَ تي بہ دسترس هئي. پاڻ خود بہ راڳ جو ڄاڻو هو ۽ ڳائيندو بہ هو. شاعرن ۽ اديبن جو وڏو قدردان هو ۽ انهن جي سرپرستي بہ ڪندو هو. فارسي ۽ ترڪيءَ سان گڏ عربي بہ سٺي ڄاڻندو هو. هن ترڪي زبان ۾ ڪافي تصنيفون يادگار ڇڏيون آهن. "ملابنائي" سندس درٻاري شاعر هو. پاڻ سدائين هن جي صحبت ۾ رهڻ پسند ڪندو هو. ان دور جي هڪ ٻئي شاعر - محمد صالح ميرزا، جو سلطان حسين ميرزا بايقرا جو درٻاري شاعر هو، سان بہ گهڻيءَ عزت ۽ احترام سان پيش ايندو هو. صالح ميرزا - سندس مدح ۾ "شيباني نامہ" نالي هڪ طويل رزميہ مثنوي چئي هئي. ●

عبدالوهاب مغل

عبدالوهاب مغل کي محمد رحيم دهلويءَ پنهنجي ڪتاب "محمد شيباني خان" ۾ عبدالوهاب شغاول ڪري ڄاڻايو آهي. عبدالوهاب - سلطان احمد مرزا جي اميرن ۾ شامل هو. "خجند" جو علائقو گهڻي عرصي کان وٺي بابر جي پيءُ جي عملداريءَ ۾ هو. ليڪن ، آخر ۾ سلطان احمد ميرزا ان کي پنهنجي قبضي هيٺ آندو ۽ عبدالوهاب - کي اتان جو حاڪم مقرر ڪيائين. بابر جڏهن "اسفره" جي جنگ ۾ فتح حاصل ڪري واپس موٽي رهيو هو، تہ هن خجند تي

● (i) هروي محمد فخري، سلطان: "روضة السلاطين و جواهر العجايب" "(فارسي) ص ٢٣، ٢١٠، ٢١٦

(ii) دهلوي محمد رحيم: "محمد شيباني خان" (اردو)، ص ٥ کان ٤٢ ۽ ١٧٥ کان ١٨٠

(iii) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر، "اردو دائره معارف اسلاميہ" -جلد يارهون، ص ٤٣ - ٨٣٩

(iv) غبار غلام محمد، مير: "افغانستان در ميسر تاريخ"، ص

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

پرپور حملو ڪيو. عبدالوهاب مقابلي جي سگهه نه ساري سگهيو ۽ قلعو بابر جي حوالي ڪيائين. هن محمد خان شيباني جي شهه تي "شيخ پوران" سان خراب ورتاءُ ڪيو هو. عبدالوهاب مغل ترڪي ۽ فارسي زبانن ۾ شاعري به ڪندو هو. "مجالس النفائس" جي صاحب - سندس ڪلام جو نمونو نقل ڪيو آهي. *

سلطان بديع الزمان ميرزا

سلطان بديع الزمان ميرزا – سلطان حسين ميرزا بايقرا جو پٽ هو. سندس ماءُ جو نالو بيگ سلطان بيگم هو. پاڻ پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ سن ٩١١هه / ١٥٠٥ع ۾ هرات جو بادشاهه ٿيو. بديع الزمان ميرزا سهڻيءَ صورت سان گڏ اعليٰ سيرت جو مالڪ پڻ هو. پاڻ هڪ بهادر سپاهي ۽ جنگ دوران گزڪمان هلائڻ جو وڏو ماهر ۽ شوقين هو. سلطان حسين ميرزا جڏهن مسعود تي حملو ڪيو ته قندز جو حاڪم - خسرو پنهنجي فوج وٺي مسعود جي مدد لاءِ آيو، پر سلطاني فوج سان مقابلي جي سگهه نه ساري پٺي ويو ان وقت سلطان حسين ميرزا – بديع الزمان ميرزا کي خسروءَ جي سرڪوبيءَ لا قندز روانو ڪيو، ليڪن بديع الزمان ميرزا کي ان لڙائيءَ ۾ بري شڪست آئي. سلطان حسين ميرزا پنهنجي حڪومت جا ڪجهه علائقا پڻ پٽن کي ورهائي ڏنا، ته جيئن حڪومت جو انتظام بهتر نموني ۾ هلي سگهي. انهن مان بديع الزمان ميرزا کي "بلخ" ۽ مظفر حسين ميرزا کي "استرآباد" جا علائقا ڏنا. ليڪن بديع الزمان ميرزا کي ان تي پيءُ سان ناراضگي ٿي پئي. نيٺ سلطان حسين ميرزا مجبور ٿي سرڪش شهزادي تي حملو ڪيو ۽ ڪيس شڪست ڏنائين. بديع الزمان ميرزا اتان ڀڄي وڃي خسروءَ وٽ پناهه ورتي.

بديع الزمان ميرزا – سن ٩٠٣هه / ١٤٩٨ع ۾ امير ذوالنون جي ڌيءَ سان شادي ڪئي. پاڻ پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ، صرف هڪ ورهيه حڪومت ڪري سگهيو. محمد خان شيبانيءَ سن ٩١٣هه / ١٥٠٧ع ۾ خراسان تي حملو ڪيو. بديع الزمان ميرزا امير ذوالنون کي مدد لاءِ سڏيو، پر هو انهيءَ جنگ ۾ مارجي ويو. محمد خان شيبانيءَ جي خراسان تي قبضي کان پوءِ بديع الزمان ميرزا - استرآباد ڀڄي ويو ۽ اتان قنڌار ويو. ان وقت قنڌار جو حاڪم - ميرزا شاهه بيگ ارغون هو، جو سندس سالو ٿيندو هو. ليڪن ميرزا شاهه بيگ ارغون ساڻس برائيءَ سان پيش آيو. شاهه اسماعيل صفويءَ سن

* (i) دهلوي محمد رحيم: "محمد شيباني خان" (اردو)، ص ٥٨ – ١٥٧

(ii) نوائي علي شير، مير: "مجالس النفائس" (فارسي)، ص ١٧١

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

٩١٧هه/١٥١١ع ۾ جڏهن حڪومت هٿ ڪئي تہ ان وقت بديع الزمان ميرزا ٺٽي جي حاڪم سلطان فيروز بن ڄام نظام الدين وٽ پڄي اچي سام پيو هو ۽ سن ٩١٩هه/١٥١٣ع تائين سنڌ ۾ رهيو. ان کان پوءِ ترڪيءَ جي سلطان - سليم عثمانيءَ جڏهن تبريز فتح ڪيو تہ سن ٩٢٠هه/١٥١٤ع ۾ بديع الزمان ميرزا کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو. جتي هيءُ سن ٩٢٣هه/١٥١٧ع ۾ طائون جي بيماريءَ ۾ وفات ڪري ويو ۽ استنبول ۾ دفن ٿيو.

بديع الزمان ميرزا جو پٽ محمد الزمان هندوستان ۾ اچي رهيو. هن گجرات جي حاڪم بهادر شاهہ کان پوءِ پورچوگيزن جي مدد سان گجرات تي قبضو ڪرڻ ٿي چاهيو. ليڪن ان منصوبي ۾ ڪامياب نہ ٿيو. ان کان پوءِ همايون بادشاهہ وٽ ويو. جو سندس پيٽيويو ٿيندو هو. محمد الزمان ميرزا سن ٩٤٦هه / ١٥٣٩ع ۾ وفات ڪئي. ●

عبيدالله خان ازبڪ

عبيدالله خان ازبڪ - محمود سلطان جو پٽ ۽ محمد خان شيبانيءَ جو سڳو ڀائٽيو هو. "مورخ سنڌ" سيد حسام الدين راشديءَ ڪتاب "روضة السلاطين و جواهر العجايب" جي "تعليقات" ۾ سندس نسب جو سلسلو هن طرح سان ڄاڻايو آهي:

> عبيدالله خان ابوالغازي بن شاه بداغ (شاهہ بوداق) بن ابوالخير بن دولت بن ابراهيم..... شيبان بن جوجي بن چنگيز خان.

عبيدالله خان پنهنجي دور جو هڪ نهايت ئي درويش صفت ۽ خوش طبع بادشاه ٿي گذريو آهي. پاڻ وڏو زاهد ۽ پرهيز گار هو ۽ اڪثر عبادت الاهيءَ ۾ گذاريندو هو. هن خراسان ملڪ جي حڪومت هٿ ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڏاڍيون تڪليفون برداشت ڪيون ۽ نيٺ انهيءَ مهم جوئيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪيائين. انهن نيڪ خوبين ۽ خصلتن جي باوجود هن ان دور جي هڪ وڏي

● (i) هروي محمد فخري، سلطان: "روضة السلاطين و جواهر العجايب" (فارسي)، ص ٤٩، ٢٢٦

(ii) دهلوي محمد رحيم: " محمد شيباني خان" (اردو) ص ١٨ — ١١٧

(iii) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميہ" جلد اٺون، ص ٣١٠

(iv) رحمان، ايس. اي، جسٽس: "اردو جامع انسائيڪلو پيڊيا" جلد پهريون، ص ٢٢٣

(v) غبار غلام محمد، مير: "افغانستان در ميسر تاريخ"، ص

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

بلند مرتبي واري عالم ۽ بزرگ - مولانا هلاليءَ کي شهيد ڪرايو هو. ميرڪ حسين نالي هڪ شاعر مولانا هلاليءَ جي شهادت جي تاريخ هن ريت وضع ڪئي آهي:

سيف الله ڪشت

٩٣٦ هه

عبيدالله خان ازبڪ - ”شيباني“ خاندان جو پنجون نمبر حاڪم ٿي گذريو آهي. هن سن ٩٤٠هه/١٥٣٣ع کان ٩٤٦هه/١٥٣٩ع تائين حڪومت ڪئي. پاڻ عبدالله يمنيءَ جو مريد هو. سيد حسام الدين راشدي - ”مذڪر الاحباب“ جي حوالي سان لکي ٿو، ته عبيدالله خان ڪڏهن به پنهنجو وقت اجايو ضايع نه ڪيو. علم تصوف جي ڪيس وڏي ڄاڻ حاصل هئي. وڏين معنيٰ خيز ڳالهين کي نهايت دلچسپيءَ واري انداز ۾ بيان ڪندو هو. پاڻ هر وقت عالمن، فاضلن ۽ شاعرن جي صحبت ۾ رهندو هو ۽ وٽس هميشه ان جماعت جي مجلس گرم رهندي هئي. پاڻ غزل، نظم ۽ رباعيءَ ۾ يگانه روزگار هو. شاعريءَ ۾ اڪثر ”عبيدي“ تخلص استعمال ڪندو هو. فارسي ۽ ترڪي زبانن ۾ سندس شاعريءَ جو ذخيرو ملي ٿو. هن هيٺين رباعي چئي هئي، جا مولانا خواجگيءَ ڏانهن موڪلي هئائين:

احـوال نيـم اي دوسـت يڪـي دو بينـم،
هـر چيـز ڪـه بينـم همـه بـا او بينـم.
مسـتغرق هـو شـدم چنـان، در همـه حـال،
هـو گويـم و هـو بشـنوم و هـو بينـم

سندس غزلن جو هڪ ديوان، جنهن جي ڪتابت ان دور جي مشهور ۽ معروف ڪاتب - سلطان علي مشهديءَ سن ٩١٣هه/١٥٠٧ع کان ٩١٩هه/١٥١٣ع ذاري ڪئي هئي، قلمي صورت ۾ برٽش ميوزيم ۾ محفوظ آهي.

عبيدالله خان سن ٩٤٦هه/١٥٣٩ع ۾ وفات ڪئي. ڪنهن شاعر - سندس وفات جي قطع تاريخ هيٺينءَ طرح وضع ڪئي آهي:

آه از حامي اهل دل عبيدالله خان *

٩٤٦هه

* (i) هروي محمد فخري، سلطان: ”روضة السلاطين و جواهر العجايب“ (فارسي)، ص ٢٤، ١١٠ کان ١١٣

(ii) نوائي علي شير، مير: ”مجالس النفائس“ (فارسي)، ص ١٧٤

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ظهير الدين محمد بابر

ظهير الدين محمد بابر - هندوستان جو پهريون مغل فرمانروا، توزڪ نويس ۽ اعليٰ درجي جو شاعر هو. بابر جي پيءُ جو نالو ”عمر شيخ ميرزا“ هو. نسب جو سلسلو - پنجين پيڙهيءَ ۾ امير تيمور سان وڃي ملي ٿو. سندس ماءُ جو نالو ”قتلوڪ نگار خانم“ هو. جنهن جي نسب جو سلسلو - پندرهين پيڙهيءَ ۾ چنگيز خان سان ملي ٿو. بابر ٦ محرم الحرام ٨٨٨هه/١٤ فيبروري ١٤٨٣ع تي ”فرغانہ“ ۾ پيدا ٿيو. جنهن کي هاڻي ملڪ قوفند بہ ڪري سڏين ٿا. بابر پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ، رمضان المبارڪ ٨٩٩هه/جون ١٤٩٤ع ۾اٽڪل ٻارهن ورهين جي عمر ۾ تخت نشين ٿيو. ڪيس ننڍيءَ عمر کان وٺي جنگ و جدل ورثي ۾ ملي. جڏهن سندس والد وفات ڪئي، تہ ان وقت فرغانہ، خنجد ۽ اتيبہ جا علائقا سندس قبضي ۾ هئا ۽ پاڻ خود دشمنن جي محاصري ۾ گهيريل هو. سندس چاچو - سلطان احمد ميرزا ”سمرقند“ ۽ مامو - سلطان محمود ”مغلستان“ جا حاڪم هئا. انهن ٻنهي پاڻ ۾ ملي، سندس پيءُ عمر شيخ ميرزا تي حملو ڪيو ۽ هو انهيءَ حملي دوران فوت ٿي ويو. بابر تخت نشين ٿيڻ کان پوءِ، انهن ٻنهي سان ربيع الاول ٩٠٣هه/نومبر ١٤٩٧ع تائين مقابلو ڪندو رهيو ۽ انهن سيني سازشن ۽ منصوبن کي ختم ڪيائين، جي ڪيس ”فرغانہ“ جي تخت تي ويهڻ کان محروم ڪرڻ ۾ رذل هئا. محمد خان شيبانيءَ رمضان المبارڪ ٩٠٦هه/اپريل ١٥١٠ع ۾ بابر کان سمرقند فتح ڪري ورتو. محرم الحرام ٩١٠هه/جون ١٥٠٤ع ۾ بابر وري سمرقند تي حملو ڪيو، پر اهو جلد ئي ارغونن جي قبضي ۾ اچي ويو. محمد خان شيبانيءَ پنهنجي طاقتور فوج سان بابر کي ”ماوراءُ النهر“ جي سرزمين تان هڪالي ڪڍيو، ۽ هن جلاوطن ٿي هندوستان طرف رخ اختيار ڪيو.

محمد خان شيبانيءَ پهرئين رمضان المبارڪ ٩١٦هه/٢ ڊسمبر ١٥١٠ع تي ”مرو“ جي لڙائيءَ ۾ شاهہ اسماعيل صفويءَ کان شڪست کاڌي ۽ هيءُ ان جنگ ۾ مارجي ويو. سن ٩١٧هه/١٥١١ع ۾ بابر ٻيهر سمرقند تي حملو ڪري، ان کي فتح ڪيو. جمادي الثاني ٩٢٨هه/مئي ١٥٢٢ع ۾ قنڌار کي ارغونن کان آزاد ڪرايائين. بابر جڏهن هندوستان تي حملو ڪيو، تہ هن سڀ کان پهريائين ”بجور“ کي فتح ڪيو. هتان جو حاڪم - ملڪ منصور يوسف زئي هو. بابر ان جي نياڻيءَ ”افغاني آغاچہ“ سان شادي ڪئي ۽ فتح ڪيل ملڪ منصور کي موٽائي ڏنائين.

www.facebook.com/musavisayed

"فاتح قنذار" (بابر) ڪي لاهور جي حاڪم - دولت خان لوڌيءَ ۽ دهليءَ جي بادشاهه - ابراهيم لوڌيءَ جي چاچي عالم خان لوڌيءَ هندوستان تي حملي ڪرڻ جي دعوت ڏني. رجب ٩٣٢هه/اپريل ١٥٢٦ع ۾ بابر "پاڻيپت" جي ميدان تي ابراهيم لوڌيءَ کي شڪست ڏني ۽ "آگري" تي قبضو ڪيائين. اهڙيءَ طرح، بابر هندوستان ۾ "مغل سلطنت" جو پايو وڌو. مغل سلطنت - برصغير هند و پاڪ ۾ تواريخ جو هڪ روشن باب آهي.

بابر ٦ جمادي الاول ٩٣٧هه/٢٦ ڊسمبر ١٥٣٠ع تي آگري ۾ وفات ڪئي. سندس وفات جي تاريخ "بهشت روزي باد" مان نڪري ٿي. هن جي لاش کي ڪابل ۾ سندس رڪايل باغ ۾ دفن ڪيو ويو. مٿس مقبرو تعمير ڪيل آهي. ●

شاهه اسماعيل صفوي

شاهه اسماعيل صفوي - ايران جو مشهور حاڪم ٿي گذريو آهي. پاڻ سن ٨٩٢هه/١٤٨٧ع ۾ پيدا ٿيو. هن پنهنجي بهادريءَ ۽ اورچائيءَ سان ايران ۾ ساسانين جي حڪومت کي ختم ڪري، "دولت صفويه" جو بنياد وڌو. شاهه اسماعيل ايراني قوميت جي جڙ نئين سر شروعات ڪئي. سندس مورث اعليٰ شيخ صفي الدين (المتوفي سن ٧٣٥هه/١٣٣ع) هو. جنهن جي نسب جو سلسلو - امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام سان وڃي ملي ٿو. شيخ صفي الدين شيخ - زاهد گيلانيءَ (المتوفي ٧٠٠هه/١٣٠١ع) جو مريد ۽ نياڻو هو. هن "اردبيل" ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ هتي هڪ خانقاهه جو بنياد وڌائين، جتي تصوف جي تعليم ۽ پرچار ڪندو هو. وقت جا حڪمران پڻ سندس وڏي عزت ڪندا هئا.

شيخ صفي الدين جي چوٿين گادي نشين - شيخ جنيد پنهنجي خانداني جاهه و جلال بدولت دنيوي اقتدار حاصل ڪيو ۽ چڱي خاصي فوجي طاقت پڻ حاصل ڪري ورتائين. هن پاڻ کي "شيخ" جي بجاءِ "شاهه" چوائڻ شروع ڪيو. وٽس پنهنجي جانثار مريدن ۽ عقيدتمندن جي اٽڪل ڏهه هزار فوج هئي. شاهه

● (i) دهلوي محمد رحيم: "محمد شيباني خان" (اردو)، ص ١٤ — ١١٢

(ii) سيد هاشمي فريد آبادي، مولوي: "تاريخ هند" (اردو)، ص ٦٠ — ١٥٠

(iii) بابر، ظهير الدين محمد: "تزڪ بابري" (اردو)، ص ١٧

(iv) گلبدن بيگم "همايون نامه" (اردو)

(v) ميرزا محمد وحيد، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" جلد ٻيو، ص ١٥ — ١٣،

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

جنيد - اوزن حسن جي همشيره سان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس ٻه پٽ شيخ حيدر ۽ شاهه اسماعيل ٿيا. ان زماني ۾ ترڪمان حاڪم - جهان شاهه جو "شروان شاهه" جي نالي سان مشهور هو ۽ سندس حڪومت آذربيجان، عراق عرب ۽ عراق عجم تائين هئي. هن شاهه جنيد جي طاقت کي ختم ڪرڻ لاءِ ٢٠ رجب المرجب ٨٩٣هه / ٣٠ جولاءِ ١٤٨٨ع تي متس ڀرپور حملو ڪيو، جنهن ۾ شاهه جنيد ۽ سندس پٽ شيخ حيدر مارجي ويا. ان وقت سندس ٻئي پٽ شاهه اسماعيل جي عمر هڪ سال هئي.

شاهه اسماعيل تيرهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي مريدن سان گڏ "اردبيل" جي طرف خروج ڪيو ۽ ان کان پوءِ "بجرخزر" جو رخ ڪيو، جتي ترڪن جي ستن مکيه قبيلن سندس ساٿ ڏنو. اهڙيءَ طرح، شاهه اسماعيل هڪ وڏو لشڪر تيار ڪري "شروان شاهه" سان جنگ ڪئي، جنهن ۾ ان کي شڪست ڏنائين ۽ پيءُ جي قاتلن کي قتل ڪرايائين. اهڙيءَ ريت شاهه اسماعيل ارزنجان ، آذربيجان ۽ تبريز کي فتح ڪيو. هن تبريز ۾ باقاعدي تاج پوشي ڪئي ۽ "شاهه" ، "خاقان اسڪندر شاهه" ۽ "شاهه دين پناهه" جا لقب اختيار ڪيائين.

تخت نشينيءَ کان پوءِ هن رياست جو سرڪاري مذهب - "شيعه" (اماميه) هئڻ جو اعلان ڪيو. سندس انهيءَ شاهي فرمان کان سمورو ايران ۽ دولت عثمانيه متاثر ٿيا. انهيءَ ڪري ڪيترن علائقن خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو ۽ خود ايران ۾ مذهبي ڇڪتاڻ سبب ڪافي بغاوتون ٿيون. شاهه اسماعيل سن ١٥٠٣ع کان ١٥١٤ع تائين پنهنجي فوج ۽ عقيدتمندن جي زور سان بغاوتن کي بند ڪيو. هن پنهنجن باغين ۽ مخالفن جو قتل عام ڪرايو. سن ١٥١٠ع ۾ محمد خان شيبانيءَ کي شڪست ڏنائين ۽ هو ان لڙائيءَ ۾ مارجي ويو. شاهه اسماعيل سن ٩٣٠هه / ١٥٢٤ع ۾ اٺتيهن سالن جي عمر ۾، "اردبيل" ۾ فوت ٿيو ۽ اتي ئي پنهنجي خانداني قبرستان ۾ دفن ٿيو. سندس وفات کانپوءِ سندس وڏو پٽ - شاهه طهماسپ، جو ان وقت ڏهن سالن جي عمر جو هو، تخت تي ويٺو. *

ميرزا ڪامران

ميرزا ڪامران - مغل بادشاهه ظهير الدين بابر جو ٻيو نمبر پٽ هو. سندس والده جو نالو "گلرخ بيگم" هو. نصير الدين همايون سندس ماٽيتو ڀاءُ هو. ميرزا ڪامران سن ٩١٥هه / ١٥٠٩ع ۾ "ڪابل" ۾ ڄائو هو. بابر ڪيس قنڌار جو حاڪم مقرر ڪيو هو. همايونءَ جي شروعاتي دور ۾ پاڻ پنجاب جو

* ميرزا محمد وحيد، ڊاڪٽر : "اردو دائره معارف اسلاميه" - جلد ٻيو، ص ٣٩ - ٧٣٧

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

صوبيدار هو. همايونءَ جي جلاوطنيءَ واري دور ۾ ميرزا ڪامران ۽ سندس ننڍو ڀاءُ - ميرزا محمد عسڪري افغانستان جي علائقي تي قابض رهيا.

"منتخب التواريخ" جي صاحب - ميرزا ڪامران جي وڏي تعريف ڪئي آهي، تہ پاڻ وڏو بهادر، سخي، خوش مزاج ۽ خوش اعتقاد هو. سندس دربار ۾ هميشہ عالمن ۽ فاضلن جي مجلس گرم رهندي هئي. هن همايونءَ جي خلاف ڪيترائي دفعا بغاوتون ڪيون. آخرڪار، همايونءَ تنگ ٿي ڪيس سن ٩٦١هہ/١٥٥٤ع ۾ اکين کان انڌو ڪرائي ڇڏيو. "تايخ فرشتہ" واري ڪامران جي انڌي ٿيڻ جي تاريخ هن طرح ڏني آهي: "چشم پوشيد ز بيداد سپهر."

ميرزا ڪامران جي شادي، سنڌ جي ارغون حاڪم ميرزا شاهہ حسن جي نياڻيءَ "ماه چوچڪ بيگم" سان ٿي. ميرزا ڪامران اکين کان وڏو ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن مڪي شريف وڃي رهيو هو تہ ميرزا شاهہ حسن ارغون پنهنجي ڌيءَ کي ساڻس گڏ وڃڻ کان روڪيو. ليڪن، هن وفادار خاتون پنهنجي پيءُ کي اهو چئي انڪار ڪيو تہ جڏهن ڪامران جي عروج جو دور هو تہ اوهان مون کي سندس حوالي ڪيو ۽ هاڻي هن وقت مصيبت ۽ ناداريءَ جي حالت ۾ ڪيس ڪيئن ٿي ڇڏي سگهان!

ميرزا ڪامران سن ٩٦٢هہ/١٥٥٥ع ۾ مڪي شريف روانو ٿيو، جتي ١١ ذوالحج ٩٦٤هہ/٥ آڪٽوبر ١٥٥٧ع تي فوت ٿي ويو. سندس مزار "جنت المعليٰ" ۾ حضرت بيبي خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها جي مزار جي ويجهو آهي. عبدالقادر بدايونيءَ سندس وفات جو سن ٩٦٤هہ/١٥١٨ع ڄاڻايو آهي، جو درست نہ آهي. ڪيس هڪ فرزند - ابراهيم ابوالقاسم ميرزا "شوڪتي" (المتوفي ٩٧٣هہ/١٥٦٥ع) ۽ اٺ نياڻيون ٿيون.

ميرزا ڪامران اعليٰ درجي جو شاعر پڻ هو. هن ترڪي ۽ فارسي زبانن ۾ ڪلام چيو آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو - "ديوان ڪامران" سن ١٩٢٩ع ۾ اعظم ڳڙهہ مان شايع ٿيو ●

مخدوم محمد وارث

مخدوم محمد وارث جي حياتيءَ جي باري ۾ ڪو بہ مفصل احوال ڪونہ ٿو ملي. البت، ڪن قديم تواريخي ماخذن مان سندس متعلق ڪجهہ مختصر

● (i) فرشتہ، محمد قاسم: "تاريخ فرشتہ" جلد اول (اردو)، ص ٤٧ — ٧٤١

(ii) بدايوني، عبدالقادر، مُلا: "منتخب التواريخ" (اردو)، ص ٢٩٦ کان ٣٠٢

(iii) هروي محمد فخري، سلطان: "روضة السلاطين و جواهر العجايب" (فارسي)، ص ٥٧، ٢٤٦ کان ٢٥٠

(iv) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميہ" - جلد سترهون، ص ٤٧ - ٤٨

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

احوال ملي ٿو، جو هن طرح آهي:

محمد اسلم انصاري پسروري لکي ٿو ته، "شيخ محمد وارث اخلاق حميده سان سينگاريل هو. فقر ۽ قناعت ۾ تمام گهڻو مشهور هو. هميشه تزڪيہ باطن ۽ مجاهده نفس ۾ مشغول رهندو هو. پاڻ دهليءَ ۾ رهندو هو."

شيخ محمد وارث جي باري ۾، مغل دور جو هڪ ٻيو مورخ - خافي خان نظام الملڪ لکي ٿو ته ، "شيخ محمد وارث حقائق ۽ معارف ڪان آگاهہ هو. پاڻ صوري ۽ معنوي فضل ۽ ڪمال جي زيور سان سينگاريل هو. هميشه خلوت ۽ اڪيلائيءَ ۾، عبادتن ۽ رياضتن ۾ مشغول رهندو هو. وقت جي گهڻن ئي خدا رسيده بزرگن جو منظور نظر هو. ڪيترين ئي خوارق عادات ۽ ڪرامتن جو صاحب هو. عوام ۾ سندس انهن ڳالهين جي ڪري گهڻي مشهوري هئي. عالمگير بادشاهه سندس خدمت ۾ ڪيترائي دفعا حاضري ڀري هئي. عام ماڻهن جي ڀلائيءَ واسطي هميشه ڪوشان رهندو هو."

هن بزرگ سن ١١٠٦هه/١٦٩٥ع ۾ رحلت ڪئي.*

سيد فتح محمد شاهه شيرازي

سيد فتح محمد شاهه شيرازيءَ جا وڏا اصل ۾ ٺٽي جا رهاڪو هئا. سيد علي (ثاني) شيرازيءَ جي اولاد مان سيد جمال شاهه شيرازي نالي هڪ بزرگ - ٻارهين صدي هجريءَ ڌاري ٺٽي مان لڏي اچي روهڙيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي. سيد فتح محمد شاهه جي نسب جو سلسلو - سيد جمال شاهه شيرازيءَ سان هن طرح ملي ٿو: سيد فتح محمد شاهه بن سيد حاجي شاهه (المتوفي ٢٨ صفر المظفر ١٢٥٧هه/ ٢١ اپريل ١٨٤١ع) بن سيد الله بخش بن سيد پيرل شاهه بن سيد محمد منور بن سيد جمال شاهه شيرازي. سيد فتح محمد شاهه - روهڙيءَ جي عيد گاهه واري قبرستان ۾ مدفون آهي.

سيد فتح محمد شاهه شيرازي پنهنجي دور جو هڪ بهترين خوش نويس هو. "مجموعہ رقعات" جي نالي سان فارسي زبان ۾، سندس ڪتابت ڪيل هڪ قلمي نسخو ملي ٿو. هيءُ نسخو - "خط نسخ" ۾ قديم دور جي ٿلهي پني تي لکيل آهي ۽ ڪرائون سائيز جي ٢٤٢ صفحن تي مشتمل آهي. شاهه صاحب ٢٧ جماد الاول ١٢٩٣هه/ ٢٠ جون ١٨٧٦ع تي هيءُ نقل ، اصل

* (i) انصاري محمد اسلم پسروري : "فرحت الناظرين" (اردو)، ص ٨٦ ۽ ٨٧

(ii) خافي خان نظام الملڪ هاشم علي خان: "منتخب اللباب" -جلد ٽيون (اردو)، ص ٤٧٤

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڪتاب تان اتاري تيار ڪيو هو. هن نسخي جي ستم ظريفي اها ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جو ان جي شروع وارن هڪ سو ڪن صفحن جي هيٺئين حصي کي اڏوهيءَ کائي ڇٽ ڪري ڇڏيو آهي.

هن ڪتاب جي نالي مان ئي اهو پڌرو آهي تہ ان ۾ مختلف موقعن تي مختلف واقعن بابت عرضداشتون ۽ خط ڏنل آهن، جن ۾اڪثر بکر جي مغل نوابن جي دور حڪومت جي ڏاڍاين ۽ سندن عملدارن ۽ ڪارندن جي ظلمن جا داستان بيان ٿيل آهن. اهي خط بکر جي شريف ماڻهن، مخدومن، عالمن ۽ بزرگن هٿان جي غريب رعيت تي ٿيندڙ ظلمن کان ڪين نجات ڏيارڻ ۽ دربار شاهيءَ مان داد رسي حاصل ڪرڻ لاءِ لکيا هئا. بکر جي عوام سان مغل نوابن ۽ سندن ڪارندن جيڪي ويل وهايا هئا. تن جو هن مجموعي ذريعي تفصيل پڙهي لڳ ڪاندارجي وڃن ٿا. هيءُ ڪتاب بکر جي مغل نوابن جو ڇڻ تہ قرطاس ابيض آهي. هيءُ قيمتي قلمي نسخو انجنيئر عبدالحسين موسويءَ وٽ موجود آهي (٥)

ميرزا مدد علي بيگ

ميرزا مدد علي بيگ - حيدر آباد سنڌ جي "ٽنڊي آغا" جي ميرزا خاندان مان هو. سندس والد جو نالو ميرزا نور محمد بيگ هو. ميرزا مدد علي بيگ سن ۱۸۸۳ع ۾ "ٽنڊي آغا" ۾ ڄائو. سنڌي ۽ انگريزيءَ جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، فارسي ۽ اردو زبانن ۾ مهارت حاصل ڪيائين. پاڻ اعليٰ درجي جو شاعر هو ۽ پنهنجي ڪلام ۾ "مدد" تخلص استعمال ڪندو هو. سنڌي غزل جي صنف تي تمام گهڻي مشق ڪيائين. سندس ڪيترائي غزل "گلدستہ لاڙڪاڻہ" ۾ ڇپجندا رهندا هئا. سنڌي مرثيي جي صنف تي بہ طبع آزمائي ڪيائين. سن ۱۹۱۲ع ۾ سندس چيل سلامن جو هڪ مجموعو - اردو زبان ۾ شايع ٿيو. ميرزا صاحب شاعريءَ کان سواءِ سنڌي نثر ۾ بہ ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ چين جو شهزادو (ٻہ جلد) ، عقل چرخ (ٻہ جلد)، انارڪلي، سيف الملوڪ، گل بڪاولي ۽ عيار پادري وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن.

ميرزا مدد علي بيگ ۱٦ مئي ۱۹۳۰ع تي وفات ڪئي *

(٥) (i) "شجره سادات شيرازي" (قلمي)
(ii) ڏسو راقم جو مقالو — "سنڌ جي تواريخ جا ماخذ"، ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ. نمبر ۱، سال ۱۹۹۵ع ، ص ۹۹ ۽ ۱۰۰

*قادري، اياز حسين، ڊاڪٽر: "سنڌي غزل جي اوسر" - ياگو پيو، ص ۷٦ — ۲۷۵

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

(ب) جاگرافيائي ماڳ ۽ مڪان

اَستر آباد

"اَستر آباد" جو شهر - ايران ۾ "بحيره خزر" (ڪيسپين سمنڊ) جي ڏکڻ اوڀرندي طرف "جرجان" صوبي ۾، "قره صو" درياءَ جي هڪ پرتي ڪنڌڙ نديءَ جي ڪناري تي واقع آهي. هيءُ شهر - ان صوبي جو ٻيو نمبر اهم ۽ مشهور شهر آهي. "استر آباد" کي هن وقت "گرگان" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هيءُ شهر اسلامي دور کان به اڳ ۾ آباد هو، پر ان جي صحيح نموني ۾ ۽ پوريءَ طرح سان ڪابه تواريخ ڪونه ٿي ملي. ڪن مؤرخن جو خيال آهي ته هيءُ اهوئي قديم شهر آهي، جنهن کي "زدر ڪارتا" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. عام ماڻهن جي خيال موجب - هن شهر جو نالو، فارسي لفظ "ستاره" يا "استر" جي نسبت سان منسوب آهي. اسلامي دور ۾، هيءُ شهر هڪ تجارتي بندرگاهه هو. عربن - حضرت عثمان رضي الله عنه جي خلافت واري دور ۾ هن شهر تي حملو ڪيو هو، پر يزيد بن المهلب سن ٩٨هه /٧١٦ع ۾ ترڪن کي شڪست ڏيئي ان کي پوريءَ طرح فتح ڪيو. عرب مؤرخن - ڪن روايتن جي آڌار تي اهو ڄاڻايو آهي ته هن شهر کي يزيد بن المهلب هڪ قديم ڳوٺ جي ڪنڊرن تي نئين سر آباد ڪرايو هو، جو شروع ۾ "آسترڪ" چوڻ ۾ آيو ۽ پوءِ اڳتي هلي "استر آباد" جي نالي سان مشهور ٿيو.

عرب سياحن مان "مقدسي" ۽ "الاصطخريءَ" جو چوڻ آهي، ته چوٿين صدي هجريءَ (ڏهين صدي عيسوي) ۾ هن شهر جو وڏو اوج هو. سندن قول موجب - هيءُ شهر ريشم جو هڪ اهم مرڪز هو. انهن سياحن هن شهر جي آبهوا ۽ هتان جي عمدين عمارتن ۽ قلعي جي به واکاڻ ڪئي آهي. ٻين عرب مؤرخن ۽ سياحن پڻ انهن ڳالهين جي تصديق ڪئي آهي. استر آباد ان دور ۾ وڏو اهم ساموندي بندرگاهه هو ۽ هتي واپاري غوراب اچي لنگرانداز ٿيندا هئا. هتي به ٻوليون ڳالهايون وينديون هيون، جن مان هڪ مقامي ٻولي - "حروفي فرقي" جا ماڻهو استعمال ڪندا هئا. هن وقت اتي فارسي زبان اڪثريت سان

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ڳالهائي وڃي ٿي.

"مقدسي" جي قول موجب - هن شهر جو قلعو - هن وقت زبون حالت ۾ آهي. قلعي جي ڦاٽڪ وٽ مسلمانن جي ابتدائي دور واري جامع مسجد قائم آهي، جو ان دور جو يادگار آهي.

مغلن جي دور ۾ بہ هيءُ شهر وڏيءَ اهميت وارو هو. هتان جي ترڪ قبيلي "قاجار" - ڪي تواريخي لحاظ کان برتري حاصل هئي. هن قبيلي مان خان آغا محمد "استرآباد" ۾ پيدا ٿيو. شاهہ عباس اول، نادرشاهہ ۽ آغا محمد پنهنجي دور ۾ هتي وڏيون عاليشان عمارتون تعمير ڪرايون. . هن شهر ۾ تمام گهڻيون مسجدون ۽ درگاهون هيون، جن مان زماني گذرندي ڪافي تباهہ ۽ برباد ٿي ويون. ايران جي بادشاهہ - رضا شاهہ پهلويءَ پنهنجي دور حڪومت ۾، هن شهر جو نالو "استرآباد" مان بدلائي "گرگان" رکيو. هن وقت هن شهر ۾ انهن قديم آثارن مان مقبره امام زاده نور ۽ مسجد گلستان يادگار جي حيثيت رکن ٿا.

فارسي زبان ۾ تواريخ جي مشهور ۽ معروف ڪتاب - "تاريخ فرشتہ" جو مصنف محمد قاسم فرشتہ (ولادت: ٩٦٠ هہ/ ١٥٥٣ع - وفات : 1033هہ / ١٦٢٤ع کان پوءِ) بہ "استرآباد" ۾ تولد ٿيو هو. ▲

پُوران

"ماوراءُ النهر" يا وچ ايشيا جي ڪيترن ئي قديم تواريخي شهرن، ڳوٺن، بستين ۽ ماڳن جي احوالن وانگر - "پوران" جو بہ ڪنهن قديم تواريخ يا تذڪري ۾ ڪو بہ مفصل ۽ مستند احوال ڪونہ ٿو ملي. "فيروز اللغات" (فارسي) ۾ - "پوران" جي باري ۾ - صرف ايتري وضاحت ڪئي ويئي آهي، تہ هيءُ ايران جي قديم شهر "قنوج" جو نالو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ "قنوج" جي متعلق پڻ ڪافي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي ويئي، ليڪن ايران يا وچ ايشيا جي ڪنهن بہ تذڪري ۾ ان بابت ڪو بہ سراغ ڪونہ ٿو ملي. البت، "قنوج" - هندوستان ۾ واقع هڪ شهر جو نالو آهي، جتي جو حاڪم - راج پرٿويراج هو. جنهن کي

▲ (i) "حسرت" شرواني حبيب الرحمان، مولانا ڊاڪٽر: "علماءِ سلف و نابينا علماء" (اردو)، ڏسو "تعليقات" — از : مفتي محمد انتظام الله شهابي اڪبر آبادي، ص ٤٠٤

(ii) مرزا محمد وحيد، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميہ"- جلد ٻيو، ص ٧٥ — ٥٧٣

(iii) فرشتہ، محمد قاسم : "تاريخ فرشتہ" - جلد اول (اردو)، مترجم: خواجہ عبدالحي، ص ٣٧

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

محمود غوريءَ شڪست ڏني هئي.

محترم محمود الحسن صديقي پنهنجي پي ايڇ . ڊي جي مقالي - "سنڌ جي ارغونن ۽ ترخانن جي تواريخ" (انگريزي) ۾- "پوران" جي باري ۾ مبهم نموني ۾ لکي ٿو، ته پوران جو قديم قصبو - "هرات" جي اتر ۾ واقع آهي.

انهيءَ ڏس ۾، "مورخ سنڌ" - سيد حسام الدين راشديءَ جو قول آهي، ته "پوران" هرات جي قريب هڪ مردم خيز ڳوٺ هو. "ميرڪي سيد" اصل اتان جا هئا، ان ڪري "پوراني سادات" ڪري سڏيا ويندا آهن. شاهه حسين ميرزا بايقرا جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، خراسان جي نئين حاڪم - محمد خان شيبانيءَ جي دور ۾ اتان لڏي، شاهه بيگ ارغون جي زماني ۾ قنڌار ۾ رهيا.

"پوران" جي باري ۾ مزيد تحقيق ۽ تلاش جاري آهي. ●

حائر

"حائر" - تواريخي لحاظ کان "ڪربلا" جو زبان زد نالو آهي. ان جي اصليت جي باري ۾ اختلاف آهي. ڪن مورخن جو چوڻ آهي ته "حائر" خود "ڪربلا" جو نالو پڻ آهي ۽ اهو اصل ۾ "حير" جو اسم فاعل آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي - جتي پاڻي هڪ هنڌ اچي گڏ ٿئي ۽ نه نڪري سگهي. انهيءَ لحاظ کان ڪربلا هڪ نشيبي جاءِ آهي ۽ هتي هميشه پاڻي جمع رهندو هو. تنهنڪري ان جو نالو "حير" پئجي ويو.

مشهور مؤرخ - سيد عبدالجواد ڪليدار جي راءِ آهي ته عباسي دور حڪومت کان اڳ ۾، ڪربلا جو نالو "حائر" هو. هتي حضرت امام حسين عليه السلام جو روضو مبارڪ ۽ ٻين ڪيترن ئي شهيدن سڳورن جون مزارون آهن. ▲

خبوشان

خراسان ۾ نيشاپور ۽ قوچان جي پرسان "خبوشان" نالي هڪ معروف شهر آهي. هتان جي آبهوا گهميل ۽ معتدل آهي. اناج تمام گهڻو پيدا ٿئي ٿو. هيءُ

● (i) فيروز الدين، مولوي : "فيروز اللغات" (فارسي) – جلد اول، ص ٢٠٦

(ii) Siddiqui, Mahmudul Hassan: "History of Arghuns & Turkhans of Sindh", pp 17

(iii) سيد حسام الدين راشدي: "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون"، ص ٨٠

▲ سيد طيب آغا جزائري، حجته الاسلام مفتي: "تاريخ ڪربلا و نجف" (اردو)، ص ٣٠ ۽ ٣١

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

شهر ميوات ڪان بہ گهڻو مشهور آهي. خاص طرح سان هتي انگور ججهي انداز ۾ تئي ٿو ۽ اهو پنهنجيءَ خصوصيت جي لحاظ ڪان ڪافي مشهور آهي. هن شهر ۾ نهايت ئي اعليٰ ۽ ارفع خانواده هئا. جن مان ڪيترائي وڏا عالم، فاضل ۽ مشائخ ٿي گذريا آهن. هتان جا ماڻهو خوش الحان ۽ ريان ڪيان آهن. هتي "ڪُرد" ۽ "تاجڪ" قبيلي جي ماڻهن جي وڏي آبادي رهي ٿي، جي اڪثر شيعہ فرقي سان تعلق رکن ٿا. مذهب ۽ دينداري هتان جي ماڻهن جو شيوو آهي. ڪرد ۽ تاجڪ قبيلي جا ماڻهو وڏا بهادر، دلير، نيڪ ۽ هنر مند آهن. *

خَتلان

"خَتلان" - قديم زماني ڪان وٺي علمي لحاظ ڪان مشهور ۽ معروف رهيو آهي. هتي ڪيترائي الله وارا بزرگ ۽ مشائخ گذريا آهن. هيءُ شهر بلخ ۾، ڪوه "ڪونين" جي ڏکڻ ۾ واقع آهي. ياقوت حمويءَ جو قول آهي، تہ ختلان جو علائقو - سمرقند جي ويجهو مختلف بستين تي مشتمل آهي. ▲

داور

"داور" جو قصبو - افغانستان ۾ غور ۽ سيستان جي سرحد تي، "هَلمَند" درياءَ جي ڪناري تي آهي. ●

سبِزوار

"سبزوار" - خراسان جو هڪ شهر آهي، جو نيشاپور جي سر اولهندي ۾، اٽڪل چوهٺ ميلن جي مفاصلي تي واقع آهي. هيءُ شهر ايران جي ڪيترن ئي بهادريءَ جي داستانن ڪان مشهور پئي رهيو آهي. ايامن ڪان وٺي اها روايت ڪئي وڃي ٿي، تہ رستم ۽ سهراب جي ڪشتيءَ جي بهادريءَ وارو واقعو - هن شهر جي چوسول ۾ ٿيو هو ۽ اهو مَيدان - "سفيد ديو" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. شروع ۾ هيءُ "بيهق" ضلعي جو هڪ اهم شهر هو. پر پوءِ اڳتي

---

* (i) "برق" غلام جيلاني، ڊاڪٽر: "معجم البلدان" (اردو)، ص ١٢٦

▲ (i) دهلوي محمد رحيم: "محمد شيباني خان" (اردو)، ص ٢١٧

(ii) "برق" غلام جيلاني، ڊاڪٽر: "معجم البلدان" (اردو)، ص ١٢٧

● "برق" غلام جيلاني، ڊاڪٽر: "معجم البلدان" (اردو)، ص ١٤٠

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

هلي، خود "بيهق" جي جاءِ تي "سبزوار" کي ضلعي جو صدر مقام بڻايو ويو.

سلطان شاهه کي جڏهن سندس وڏي ڀاءُ - "تڪش" - خوارزم مان ڪڍي ڇڏيو تـہ هن پنهنجي ڀيءُ جي سلطنت مان خراسان تي پنهنجو حق ڄمايو. ۽ سن ١١٨٦ع ۾ سبزوار تي حملو ڪري، ان کي پنهنجي قبضي هيٺ آندو. هن شهر کي مغولن جي لشڪر تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو هو، پر پوءِ ان وري خوشحالي ۽ ترقي حاصل ڪئي.

سبزوار هڪ وڏو تجارتي شهر هو. "مستوفي" نالي هڪ سياح - جنهن چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ هن شهر کي ڏٺو هو. هتان جي بازارن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تـہ شهر جون بازارون - ڪاٺ جي ڇتين سان، ٿنين جي سهاري تي ٽڪيل آهن.

سن ١٣٣٧ع ۾ "بَشتين" جي رهاڪو هڪ شخص - عبدالرزاق - جو ايراني بادشاهہ - ايلخاني اَبوسعيد جي دور ۾ سن ١٣١٦ع کان ١٣٣٥ع تائين سندس ملازمت ۾ رهيو هو. هتان جي حاڪم خلاف بغاوت ڪئي ۽ سبزوار ۽ ان جي آس پاس جي علائقي تي قبضو ڪري، "سربدار" خاندان جي حڪومت جو پايو وڌو. هن خاندان جي اٽڪل پنجاهہ ورهيہ حڪومت رهي. سن ١٣٨١ع ۾ تيمور ان حڪومت جو خاتمو آندو. ان بعد "صفوي" حڪمرانن - هن شهر کي نئين سر تعمير ڪرايو ۽ ترقي وٺرائي. هتان جا باشندا اڪثر ڪري شيعہ فرقي جا پوئلڳ آهن.

هن شهر ۾ پنهنجي وقت جا وڏا عظيم ماڻهو، عالم ۽ اديب پيدا ٿيا، جن ۾ نظام الملڪ، وزير الپ ارسلان، ملڪ شاهہ (باني نظاميہ بغداد)، ابوالحسن علي بن زيد (مصنف "تاريخ بيهقي") وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن. ●

شيراز

شيراز - ڏکڻ ايران جي "فارس" صوبي جي گاديءَ جو هنڌ آهي. مشهور ۽ معروف شهر - "سمرقند" هن کان پنجويهہ ميل اتر طرف آهي ۽ "اصفهان" پڻ ان جي نزديڪ آهي. هن شهر جي بنياد پوڻ بابت ڪيترين ئي مختلف روايتون ملن ٿيون. هڪ روايت موجب - هن شهر کي "شيراز بن طهورث" آباد ڪيو

● (i) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميہ" - جلد ڏهون، ص ٣ - ٧٠٢
(ii) رحمان، ايس. اي، جسٽس: "اردو جامع انسائيڪلو پيڊيا" - جلد پهريون، ص ٣٠٠

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

هو. شايد اهو قديم شهر ڦٽي تباهہ ٿي ويو. جنهنجي کنڊرن تي ”ارد شير خُره“ ان کي وري نئين سر آباد ڪيو ۽ ان جي گاديءَ جو هنڌ ”گَور“ (جور) يعني جديد ”فيروز آباد“ هو. هن شهر کي حضرت عمر رضي الله عنہ جي خلافت جي زماني ۾، ابو موسيٰ الاشعري ۽ عثمان بن ابي العاصي فتح ڪيو هو. خليفي وليد بن عبدالملڪ جي دور ۾، محمد بن قاسم - ان کي وري نئين نموني ۾ تعمير ڪرايو هو. ابو ڪاليجار سلطان الدولہ (٤٣٦هہ / ١٠٤٤ع کان ٤٤٠هہ /١٠٤٨ع) هن شهر کي چوڌراري هڪ وڏي شاهي قلعي نما ديوار ڏياري هئي، جنهن کي ٻارهن دروازا هئا. محمود شاهہ انجوءَ، جو مظفري خاندان وارن جو حريف هو، اٺين صدي هجري/چوڏهين صديَ عيسويءَ جي وچ ڌاري انهيءَ ديوار جي مرمت ڪرائي هئي. سن ٧٩٥هہ /١٣٩٣ع ۾ تيمور هن شهر تي حملو ڪيو، جنهن ۾ شاهہ منصور مظفري قتل ٿي ويو. محمد خان شيبانيءَ جي دور ۾، شيراز کي وڏي شهرت حاصل هئي ۽ ان وقت شيراز جو حاڪم – ابراهيم ترخان هو. بابر جڏهن پنهنجن اتحادين سان گڏجي محمد خان شيبانيءَ جو مقابلو ڪيو، تہ ان وقت شيبانيءَ هن شهر کي ڌاڙو لٽيو ۽ آس پاس جي علائقن تي خونخوار حملا ڪيا. بابر ۽ سندس حامي - شيبانيءَ جو اهو جلال ۽ انداز ڏسي، پوئتي پير ڪري ڀڳا. سن ١١٣٧هہ /١٧٦٤ع ۾ افغانن شيراز تي حملو ڪيو ۽ ڪريم خان رند ان کي تخت گاهہ بڻايو. هن شهر جي ديوار جي مرمت ڪرائڻ سان گڏوگڏ بازارين جي فرشبندي ڪرائي ۽ تمام سهڻيون ۽ خوبصورت عمارتون تعمير ڪرايون. سن ١٨١٣ع ۽ ١٨٦٤ع ڌاري لڳاتار زلزلا آيا، جن شيراز ۾ ڪافي تباهي ۽ بربادي مچائي. اسلامي دور حڪومت کان اڳ واري دور ۾ هتي پارسين جا ٻہ آتشڪدا هئا، جن مان هڪ کي ”ڪارنيان“ ۽ ٻئي کي ”هُرمز“ ڪري چوندا هئا.

شيراز شهر جي جاگرافيائي لحاظ کان اهڙي بيهڪ آهي، جو فارس صوبي جا اڪثر وڏا رستا - مختلف طرفان کان اچي هتي پاڻ ۾ ملن ٿا. اهڙيءَ طرح، شيراز صوبي جي ڪيترن ئي اهم شهرن سان بہ ڳنڊيل آهي، مثلا : سيراف، جزيره قيس، جزيره هرمز وغيره. ساڳئي وقت، انهن رستن تي ڪوار ، فيروز آباد، ڪارزين، لاغر، فارياب وغيره پڻ آباد آهن. ازانسواءِ، خوزستان، اصفهان، يزد، بابڪ وغيره ڏانهن پڻ شيراز کان وڃي سگهجي ٿو. شيراز - گرم سير وادين ۽ شيرين چشمن جي ڪري بي انتها جاذبيت وارو مقام آهي. هتان جو شراب تمام گهڻو مشهور آهي. ماڪي ۽ پٽر مان نهيل چَڪيءَ جا پڙ پڻ گهڻو مشهور آهي. ”رڪن آباد“ نالي هڪ نهر - شهر ۾ پاڻي کڻي اچي ٿي، جنهن جي حافظ شيرازيءَ پڻ پنهنجي شعر ۾ ساراهہ ڪئي آهي. اها نهر عضد الدولہ جي پيءُ - رڪن الدولہ بويهيءَ کوٽائي هئي. هن شهر

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

جون ٽي مسجدون مشهور آهن: جامع عتيق، نئين مسجد ۽ مسجد سنقر. شيراز ۾ وقت جي ڪيترن ئي اوليائن جون مزارون آهن. انهيءَ ڪري هن شهر کي "برج اوليا" - يعني: اوليائن جو قلعو بہ ڪري چوندا آهن. انهن ۾ علوي احمد بن محمد بن موسيٰ ڪاظم عليہ السلام، شيخ سعدي ۽ حافظ شيرازيءَ جون مزارون قابل ذڪر آهن، جي شهر جي اتر ۾ واقع آهن. هتي "دلگشا" ۽ "هفت تن" نالي بهترين باغ آهن. ▲

غور

"غور" جو شهر - هرات ۽ غزنيءَ جي وچ ۾ آهي. "غور" جي لغوي معنيٰ آهي، هيناهين زمين وارو حصو. "مرغاب" ۽ "هرات" جي پهاڙن واري علائقي کي "غور" يا "غورستان" ڪري سڏيو ويندو آهي. هرات، هلمند ۽ مروه درياهہ بہ اتان ئي نڪرندا هئا. چوٿين صدي هجريءَ (ڏهين صدي عيسوي) ۾ غور هڪ غير مسلم علائقو هو، ليڪن هتي مسلمان بہ رهندا هئا. هيءُ سون ۽ چانديءَ جي کاڻين کان بہ مشهور هو. غزنوي خاندان جي زوال کان پوءِ، غور جي اميرن ۽ رئيسن خود مختياريءَ جو اعلان ڪيو ۽ "فيروز" جبل جي قلعي کي گاديءَ جو هنڌ قرار ڏنائون. اهڙيءَ طرح، علاؤالدين جهان سوز - نئين حڪومت جو پايو وڌو. سندس وفات کان پوءِ، هن جي پائٽيي - شمس الدين کي غور جو حاڪم بڻايائون. جو سلطان غياث الدين جي نالي سان سن ٥٥٦هہ/١١٦١ع ۾ تخت نشين ٿيو. هن پنهنجي ڀاءُ - شهاب الدين محمد کي غزنيءَ جو حاڪم مقرر ڪيو. هن پنجاب ۽ هندوستان تي حملو ڪيو ۽ "غوري" حڪومت قائم ڪئي. ڪيس تواريخ ۾ سلطان معزالدين محمد بن سام جي نالي سان بہ سڏيو ويندو آهي، پر هيءُ اڪثر سلطان شهاب الدين محمد غوريءَ جي نالي سان گهڻو مشهور آهي. ⓿

▲ (i) دهلوي محمد رحيم: "محمد شيباني خان" (اردو)، ص ٢٣٩ کان ٢٤٦

(ii) "حسرت" شرواني، حبيب الرحمان، ڊاڪٽر مولانا: "علماءِ سلف و نابينا علماءِ" (اردو)، ڏسو "تعليقات" — از: مفتي محمد انتظام الله شهابي اڪبر آبادي ص ٤٢٩

(iii) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: اردو دائره معارف اسلاميہ" - جلد ٻارهون، ص ٨٧٨

⓿ (i) "حسرت" شرواني حبيب الرحمان، مولانا ڊاڪٽر: "علماءِ سلف و نابينا علماءِ" (اردو)، ڏسو "تعليقات" — از : مفتي محمد انتظام الله شهابي اڪبر آبادي، ص ٤٣٧

(ii) سيد هاشمي فريد آبادي، مولوي: "تاريخ هند" - حصہ اول (اردو)، ص ١٠٨

(iii) "برق" غلام جيلاني، ڊاڪٽر: "معجم البلدان" (اردو))، ص ٢٥٤

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

فَراه

فراه نالي مشهور تواريخي شهر - افغانستان جي صوبي هرات ۾. ”فراه“ درياءَ جي ڪناري تي واقع آهي. هيءُ درياهه ڏکڻ اولهندي ڪان وهندو، هامون سيستان ۾ اچي داخل ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ هن وقت فراه - زماني جي ستم ظريفيءَ جو شڪار ٿي اجڙي چڪو آهي، پر ان هوندي به هيءُ شهر تواريخي لحاظ کان ڪنهن حد تائين نهايت اهم آهي. هن شهر ۾ مختلف شهرن ڏانهن ويندڙ قافلن جا ڪيترائي رستا پاڻ ۾ اچي ملن ٿا. هن وقت هيءُ شهر ضلعي جو صدر مقام آهي.

مهدوي تحريڪ ▲ جي باني - سيد محمد المعروف ميران محمد جونپوريءَ ١٩ ذوالقعد ٩١٠هه /٢٣ اپريل ١٥٠٥ع تي ٿيهٺ ورهين جي ڄمار ۾. ” فراه“ ۾ رحلت ڪئي. ڪيس فراه ۽ رج جي وچ ۾ ”مهديءَ جي باغ“ ۾ مدفون ڪيو ويو. سندس مزار جي مٿان شاهه قاسم عراقيءَ مقبرو تعمير ڪرايو هو. *

قبچاق

”قبچاق“ - ترڪستان ۾ هڪ گهاٽي جهنگل وارو ميداني علائقو آهي. هتي ”قبچاق“ قبيلي جا ترڪ باشندا ڪثرت سان آباد آهن. ڪن مؤرخن - قبچاق کي ”قپچاق“ يا ”قفچاق“ به ڪري لکيو آهي. هي وڏا طاقتور ۽ رهزن ذاڙيل قسم جاماڻهو هئا، ۽ تواريخ ۾ پنهنجي بي رحميءَ ۽ سفاڪيءَ جي ڪري تمام گهڻو مشهور هئا. هن قبيلي جي باري ۾ ”اردو دائره معارف اسلاميه“ (جلد سورهون - ياڳون ڀهريون، ص ٢٥٨ ڪان ٢٦٠ تائين) ۾ وڌو تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي.

مشهور مستشرق عالم - لين پول جي قول مطابق - ”دشت قبچاق“ مان مراد اهو ملڪ آهي، جنهن کي درياءِ ”ڊان“ ۽ ”والگا“ سيراب ڪن ٿا. اهو اوير ڪان اولهه ۾ ”يورال“ ۽ ڊينوب“، ۽ اتر ڪان ڏکڻ ۾ ”اسود“ ۽ ”ڪيسپين“ سمنڊ

▲ وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو راقم جا مقالا — (i) ”سنڌ ۾ مهدوي تحريڪ“، ٽماهي ”مهراڻ“ حيدرآباد سنڌ. نمبر ١ سال ١٩٧١ع (ii) ”ڄام نظام الدين سمو ۽ مهدوي تحريڪ“. ٽماهي ”مهراڻ“ حيدرآباد سنڌ. نمبر 3 سال ١٩٧١ع

* (i) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: ”اردو دائره معارف اسلاميه“ - جلد پندرهون، ص 2٢ — ٢٢١

(ii) سيد محمود يد اللهيؒ: ”حيات پاڪ“ (اردو). ص ١٥ — ٢١٤

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

سان گهيريل آهي. ساڳيو مؤرخ اهو پڻ ٻڌائي ٿو ته مشرقي قبچاق - "سيحون" درياهه جي هيٺاهين حصي ۽ "الغ دڪوچڪ تاگ" جبل جي ڪوهستاني حصي وارو علائقو آهي. چوڏهين صدي عيسوي ۾ مشرقي قبچاق جي اولهه ۾ "باتوڪي نيلگون" قوم ۽ اتر ۾ شيبان جي "ازبڪ" قوم جون حڪومتون قائم هيون. ۽ انهن حڪومتن جون سرحدون اوير ۾ چغتائي حدن سان ملنديون هيون ۽ ان جي ڏکڻ ۾ "قزلي قم" جو بيابان ۽ "اليگزينڊر اوسڪي" جبلن جو سلسلو هو. ●

قنڌار

"قنڌار" - افغانستان جو قديم تواريخي شهر آهي. هيءُ شهر ڪابل جي ڏکڻ – اولهه ۾ واقع آهي. هيءُ افغانستان جو ٻيو نمبر وڏو شهر آهي. قنڌار ٣٤٦٢ فوٽن جي بلنديءَ تي "تَرنڪ" ۽ "اَرغَنتَب" درياهن جي وچ ۾ آهي. شهر جي آبادي اٽڪل چاليهه هزارن جي لڳ ڀڳ آهي. هتي "دُراني" قبيلي جي باشندن جي اڪثريت آهي.

سڪندراعظم هن شهر ۾ هڪ فوجي ڇانوڻي قائم ڪئي هئي. سن ٥٢٠ع ۾ هڪ چيني سياح - "زائر سُنگ يُن" قنڌار آيو هو. جنهن شهر جي ٻاهران "سلطان ويس" جي خانقاهه ۾ مهاتما ٻڌ جو "ڪاسه گدائي" ڏٺو هو جو اڃا تائين محفوظ آهي. اندازو آهي ته اهو شايد ٻُڌ مَتي جي مبلغن پاڻ سان هتي آندو هو. اسلامي تواريخ ۾ قنڌار شهر جو ذڪر سن ٥٤٥هه / ١١٥٠ع ڌاري ملي ٿو. هيءُ شهر - قديم زماني ۾. مغل بادشاهه بابر کان اڳ واري دور ۾ به هندوستان ۽ خراسان جي درميان هڪ وڏو اهم تجارتي مرڪز هو. فرغانه، ترڪستان، سمرقند، بخارا، بلخ، حصار ۽ بدخشان کان جيڪي تجارتي قافلا ايندا هئا. اهي ڦريائين ڪابل ۾ پهچندا هئا ۽ وري جيڪي خراسان کان ايندا هئا ته اهي قنڌار پهچندا هئا. اهڙيءَ طرح، خُراسان ۽ هندوستان جي وچ ۾ قنڌار - واپار جي اهم منڊي ۽ آمدرفت جو هڪ ذريعو هو. هتي اُن مان ٺهيل ڪپڙي جو وڏو واپار هلندو آهي.

"آل صفار" جي دور ۾، جڏهن سن ٥٤٥هه / ١١٥٠ع ۾ علاؤالدين

● (i) دهلوي محمد رحيم: "محمد شيباني خان" (اردو)، ص ٤٤ – ٢٤٣

(ii) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" - جلد سورهون، ڀاڱو ڀهريون، ص ٦٠ – ٢٥٨

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

جهانسوز - "بُست" شهر کي تباهه ۽ برباد ڪيو. تڏهن قنڌار کي وڏي شهرت حاصل ٿي. ان کان پوءِ تواريخ ۾ اهو دور به اچي ٿو ته جڏهن تيمور قنڌار فتح ڪيو. ته هن اهو علائقو پنهنجي پوٽي - محمد کي ڏنو. پندرهين صدي عيسويءَ جي خاتمي کان پوءِ هرات جي حاڪم - سلطان حسين بايقرا - قنڌار کي پنهنجيءَ حڪومت ۾ شامل ڪيو ۽ انهيءَ دور ۾ پهريون دفعو قنڌار جو نالو - سڪن تي اڪريل نظر اچي ٿو. سلطان حسين بايقرا جي زماني ۾، ارغون سردار - ذوالنون بيگ پين صوبن کان علاوه "زميندآور" جي حڪومت پڻ حاصل ڪئي ۽ قنڌار کي گاديءَ جو هنڌ بڻايو. جڏهن محمد خان شيبانيءَ متس حملو ڪيو. ته هو ان لڙائيءَ ۾ مارجي ويو. ان کان پوءِ بابر سن ۹۱۳هه /۱۵۰۷ع ۾ ذوالنون بيگ جي پٽ - شاهه بيگ ارغون کي قنڌار مان هڪالي ان تي قبضو ڪيو. شاهه بيگ ارغون، محمد خان شيبانيءَ جي مدد سان وري قنڌار حاصل ڪيو. شاهه بيگ ارغون ۽ مقيم خان سان بابر پيهر جنگ ڪئي، جنهن ۾ هيءُ ٻئي قنڌار خالي ڪري ڀڄي ويا. ان کان پوءِ بابر بادشاهه جي ازلي دشمن - محمد خان شيبانيءَ قنڌار تي ڀرپور حملو ڪيو. جنهن ۾ بابر جو مقرر ڪيل حاڪم - ناصر مرزا مارجي ويو ۽ قنڌار شيبانيءَ جي قبضي ۾ آيو. آخرڪار سن ۹۲۸هه /۱۵۲۲ع ۾ بابر قنڌار تي مستقل قبضو ڪري، ان کي هندوستان جي مغل سلطنت جو حصو بنائي ڇڏيو. بابر جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، ڪابل ۽ قنڌار جي حڪومت - شهزادي ڪامران کي ملي. ان کان پوءِ حڪومتن جي تبديلين ڪري قنڌار ڪڏهن مغلن جي قبضي ۾ رهندو هو، ته ڪڏهن وري ان تي پيا قابض ٿيندا رهندا هئا. سن ۱۰۵۸هه / ۱۶۴۸ع ۾ شاهه عباس ثانيءَ ان کي فتح ڪيو. ان کان پوءِ مغل هميشه لاءِ قنڌار کان محروم رهيا. اهڙيءَ طرح، نادر شاهه کان پوءِ احمد شاهه ابداليءَ قنڌار تي قبضو ڪيو. ان بعد زمان شاهه ۽ سندس ڀائرن - محمود ۽ شجاع الملڪ جي وچ ۾ لڙايون ٿيون، پر ڪابه ذر هميشه لاءِ قنڌار تي قابض نه ٿي سگهي. سن ۱۲۵۵هه / ۱۸۳۹ع ۾ شجاع الملڪ انگريزن جي مدد سان قنڌار تي قبضو حاصل ڪيو. آخر سن ۸۰ - ۱۸۷۹ع ڌاري انگريزن - سمورو ملڪ امير عبدالرحمان جي حوالي ڪري، ان کي افغانستان جو "امير" تسليم ڪيو.

قنڌار شهر جي محل وقوع ۾ ڪيترائي ڀيرا تواريخي لحاظ کان تبديليون اينديون رهيون آهن. نادرشاهه واري دور ۾ قنڌار هڪ جابلو ميداني علائقي وارو شهر هو، جنهن کي نادر شاهه تباهه ۽ برباد ڪيو هو ۽ انهن کنڊرن تي

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

"غلزئين" ايران جي بادشاهه - حسين شاهه جي نالي پوئتان "حسين آباد" نالي شهر قائم ڪيو. احمد شاهه ابداليءَ جو مقبرو پڻ قندار شهر ۾ آهي. قندار جي هڪ مسجد شريف ۾ حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وآله وسلم جو چوغو مبارڪ اڄ تائين محفوظ آهي. قديم قندار جا ڪندر ۽ "چهل زينه" جا آثار ڏسڻ جهڙيون جايون آهن. مغل بادشاهه بابر پنهنجيءَ فتح جي ياد ۾ اتي هڪ تحرير اُڪرائي هئي. *

ماوراءُ النهر

ماوراءُ النهر جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام جيلاني "برق" لکي ٿو، ته روسي ترڪستان جو اهو حصو - جو درياءِ جيحون جي اوپر ۾ واقع آهي. جيحون جي اولهه واري اترئين حصي کي "خوارزم" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي ۽ ان جو ڏاکڻيون حصو "خراسان" سان شامل آهي. "ماوراءُ النهر" عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اهو علائقو - جو درياءَ جي پار يعني پرئين پر هجي. "ماوراءُ النهر" جو لفظ عربي ادب کان وري فارسيءَ ۾ رواج هيٺ آيو. نائين صدي هجري / پندرهين صدي عيسويءَ ۾، حافظ ابرو پنهنجي جاگرافيءَ جي ڪتاب ۾ پڻ "ماوراءُ النهر" جي باري ۾ هڪ جدا باب بيان ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح، ادبي روايتن جي اثر هيٺ ماوراءُ النهر جو لفظ، خود وچ ايشيا ۾ اڄ ڏينهن تائين تواريخ جي ڪتابن ۾ استعمال ٿيندو اچي ٿو. دراصل، درياءِ جيحونءِ - ايران ۽ توارن جي وچ مان وهي ٿو. ان ڪري ئي عرب مؤرخن انهيءَ ايراني توران کي "ماوراءُ النهر" ڪري سڏيو آهي. مشهور ايراني شاعر- "فردوسيءَ"، جنهن "شاه نامه" تصنيف ڪيو هو، جو تعلق پڻ توران سان هو. ماوراءُ النهر جي اوپر ۾ فرغانه ۽ ڪاشغر آهن. اولهه ۾ بخارا ۽ خوارزم، اتر ۾ تاشقند ۽ شاهرخيه ۽ ڏکڻ ۾ بلخ ۽ ترمذ جا علائقا آهن. هيءُ وسط ايشيا جو اهو علائقو آهي، جتي ترڪ نسل جا ماڻهو گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا.

دنيا جي انقلابن ۽ ڦيرين گهيرين سببان "ترڪستان" جي لفظ کي وسط ايشيا جي نقشي تان مٽائي ڇڏيو آهي. هن وقت اهو سمورو علائقو - پنجن

* (i) "برق" غلام جيلاني، ڊاڪٽر: "معجم البلدان" (اردو)، ص ۲۸۳
(ii) دهلوي محمد رحيم: "محمد شيباني خانٖ" (اردو)، ص 55 – ۲۵۳
(iii) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" - جلد سورهون، ڀاڱو پهريون، ص ۱۵ – ۴۱۳
(iv) رحمان، ايس. اي. جسٽس: "اردو جامع انسائيڪلو پيڊيا" - جلد پهريون ص ۵۱ – ۱۱۵۰

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

حصن ۾ ورهايل آهي:

1. ترڪيءَ جي موجوده حڪومت
2. بدخشان ۽ بلخ (هنن جا ڪجهه حصا افغانستان ۾ آهن.)
3. پاڪستان جي صوبہ سرحد جا ڪجهہ حصا (جن کي پختونستان سڏيو وڃي ٿو.)
4. چين ۾ سنڪيانگ جو علائقو ۽
5. روسي ترڪستان - جو وري پنجن حصن ۾ تقسيم ٿيل آهي:
   (i) ازبڪستان
   (ii) ترڪمانستان
   (iii) تاجڪستان
   (iv) ڪرغيرستان
   (v) قزاقستان

روس جي ٽٽڻ کان پوءِ هن وقت اهي سڀ آزاد رياستون آهن. بخارا ۽ خيوا جا علائقا - "ترڪمانستان" ۾ شامل آهن. فرغانہ ۽ بدخشان وغيره "تاجڪستان" سان ملايل آهن. ●

مرو

چنگيز خان جي دور ۾، "مرو" - هڪ وڏو پر رونق ۽ عظيم الشان شهر هو. هيرلڊ ليمب جي قول موجب - "مرو" جو شهر - بيابان جو هڪ "لعل" هو. هن شهر ۾ خوارزم بادشاهن جا تفريح گاهہ قائم هئا. هيءُ درياءِ مرغاب جي ڪناري تي هڪ سرسبز ۽ وسندڙ شهر هو. شهر ۾ وڏا وڏا ڪتبخانا قائم هئا، جن ۾ ڪيترائي ناياب ڪتاب محفوظ هئا. شهر جي چوڌاري قلعو هو ۽ ان جي سنڀال لاءِ فوج رکيل هئي. چنگيز خان - هن شهر تي حملو ڪيو ۽ فريب سان ان تي قبضو ڪيائين. چنگيزي فوجن، شهر ۾ قرلٽ سان گڏ قتل و غارت جي بازار گرم ڪئي بيگناهہ مسلمان مردن ۽ عورتن کي قتل ڪيو ويو ۽ وڏي عرصي تائين هيءُ شهر تباهہ ۽ برباد رهيو. محمد خان شيبانيءَ جي دور ۾ هيءُ شهر وري آباد ٿيو. شهر جون رونقون تہ واپس آيون، پر اها اڳ واري حيثيت ڪانہ رهي. ايران جي صفويہ حاڪمن جي دور ۾ بہ هيءُ شهر اوج تي هو. شاهہ اسماعيل صفويءَ (سن ٩٠٧هہ / ١٥٠٢ع کان ٩٣٠هہ /

● (i) "برق" غلام جيلاني، ڊاڪٽر: "معجم البلدان" (اردو)، ص ٣٠٥
(ii) دهلوي محمد رحيم: "محمد شيباني خان" (اردو)، ص ٦٣ — ٢٦٢
(iii) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميہ" - جلد ارڙهون، ص ١٥ —٤١٤

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

١٥٢٦ع) محمد خان شيبانيءَ کي "مرو" ۾ شڪست ڏني ۽ هو مارجي ويو. سن ٩٣٢هه/ ١٥٢٥ع ۾ ازبڪن جي سردار - عبيدالله خان - "مرو" تي حملو ڪيو ۽ ايرانين کي هڪالي ڇڏيو.*

مشهد

"مشهد" - ايران جي صوبي خراسان جي گاديءَ جو هنڌ آهي. هيءُ شهر اٺين امام - حضرت علي رضا عليہ السلام جي روضي پاڪ جي ڪري وڏيءَ شهرت جو حامل آهي. دراصل، "طوس" جو موجوده نالو - "مشهد مقدس" يا "مشهد رضوي" آهي. مشهد - "ڪشف رود" جي واديءَ ۾ واقع آهي. "ڪشف رود" کي "آب مشهد" بہ ڪري سڏيو ويندو آهي، جا طوس جي قديم ڪنڊ رات کان ٻارهن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ننڍڙي ڍنڍ - "چشمہ جيلاس" مان نڪري ٿي ۽ مشهد جي ڏکڻ - اوڀرندي طرف اٽڪل هڪ سوءُ ميلن جي مفاصلي تي روسي ايراني سرحد تي "هري رود" سان وڃي ملي ٿي. مشهد جو شهر - "ڪشف رود" جي ڏاکڻئي ڪناري کان ڇهن ميلن جي مفاصلي تي آهي. هن جي چوڌاري وڏا بلند جبل آهن. هيءُ شهر سمنڊ جي سطح کان ٣٢٨٠ فوٽن جي بلنديءَ تي آهي. هتان جي آبهوا سياري ۾ تمام سرد ۽ اونهاري ۾ سخت گرم هوندي آهي. هيءُ ايران جو ٽيون نمبر وڏو شهر آهي. طوس ۽ مشهد ٻئي پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان الڳ الڳ محلن وانگر ڳنڍيل آهن. عرب مؤرخن جي قول مطابق - طوس کان مشهد پندرهن ميلن جي مفاصلي تي اتر - اوڀر ۾ واقع آهي ۽ اهوئي "سناباد" جو قديم ڳوٺ آهي، جنهن کي "المشهد" ۽ "ضريح خانقاهہ" ڪري سڏيو ويو آهي. "المقدسي" - سڀ کان پهريون عرب مؤرخ آهي، جنهن ڏهين صدي عيسويءَ جي آخري چوٿائيءَ ۾ هن شهر کي "مشهد" جي نالي سان ياد ڪيو آهي. مشهور عباسي خليفي - هارون رشيد جي مزار ميل کن جي مفاصلي تي واقع آهي. هارون رشيد جي فرزند - مامون رشيد، حضرت امام علي رضا عليہ السلام کي جامع الصفات بزرگ ڏسي ڪيس پنهنجو ولي عهد مقرر ڪيو هو.

"مشهد" مشرقي طرز جو شهر آهي. سلطان مسعود غزنويءَ جي دور ۾، هتان جي گورنر - سن ١٠٣٧ع ۾ امام علي رضا عليہ السلام جي روضي جي حفاظت لاءِ هڪ قلعو تعمير ڪرايو هو. سن ١١٢١ع ۾ هن شهر جي چوڌاري قلعي نما ديوار ڏياري ويئي، جنهن جي شڪل مستطيل واري آهي. شهر اندر هڪ خوبصورت نهر اچي ٿي، جنهن جي ڪناري تي خوش نما ۽ سرسبز وڻ پوکرايل آهن. سڀ کان وڌيڪ وڻندڙ ۽ دلڪش نظارو شاهي بازار جو آهي،

* دهلوي محمد رحيم: "محمد شيباني خان" (اردو)، ص ٦٧ — ٢٦٤

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

جنهن کي "خيابان بازار" ڪري سڏيو وڃي ٿو. هيءَ بازار - شاهه عباس اول (٩٩٥هـ / ١٥٨٦ع – ١٠٣٧هـ /١٦٢٧ع) پنهنجي دور ۾ تعمير ڪرائي هئي. اها بازار پوڻا ٻه ميل ڊگهي آهي ۽ شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي. هندوستان جي مشهور گورنر جنرل ۽ وائسراءِ لارڊ ڪرزن - هندوستان ۾ اچڻ کان اڳ ۾ "مشهد" جو سير ڪيو هو. هو ان بازار جي باري ۾ چوي ٿو، ته مشهد جي اها بازار - پيرس جي "شان زي ليزي" بازار جي هم پلئه آهي. هتي ريشمي ڪپڙي، بخمل ۽ قالين جي گهڻي تجارت ٿئي ٿي.

تيموري بادشاهه - شاهه رخ - سن ٨٠٩هـ /١٤٠٦ع کان ٨٥٠هـ / ١٤٤٦ع تائين هن شهر تي حڪومت ڪئي. سندس پياري گهر واريءَ بيگم گوهر شاد – حضرت امام علي رضا عليه السلام جي روضي مبارڪ کي تمام گهڻو سينگاريو. سن ٨٤١ هـ / ١٤٣٧ع ۾ روضي جي پرسان هڪ مسجد شريف پڻ تعمير ڪرايائين، جا "مسجد گوهر شاد" جي نالي سان سڏجڻ ۾ اچي ٿي. سورهين صدي عيسويءَ ۾، "صفويه" خاندان جي نامور حڪمرانن – طهماسپ اول ۽ شاهه عباس اول - امام صاحب جي روضي کي وڌيڪ سينگاريو ۽ ان کي هڪ مرڪزي حيثيت ڏني. سن ١٨٤٥ع ۾ مزار جو ناظم مقرر ٿيڻ لڳو، جنهن کي "متولي باشي" چوندا آهن ۽ ان جو عهدو گورنر جي برابر هوندو آهي.

مشهد جي خانقاهه جي عمارت تمام خوبصورت آهي. خانقاهه جو شاندار گنبذ پري کان مسافرن کي روشنيءَ جي مناري وارو ڪم ڏيندو آهي. خانقاه جي پرسان هڪ عاليشان ڪتبخانو قائم ڪيل آهي. هيءُ ڪتبخانو، تيموري بادشاهه - شاه رخ قائم ڪيو هو. نادر شاهه - جو علم کان ڪورو هو، پڻ هن ڪتبخاني لاءِ چار سو قلمي ڪتاب ڏنا هئا. انهيءَ ڪتبخاني جي پرسان هڪ عجائب گهر پڻ آهي، جنهن ۾ حضرت علي عليه السلام جي هٿ جو لکيل قرآن شريف ۽ پيا ڪيترائي اهم ۽ قيمتي نوادرات محفوظ ڪيل آهن. هتي هڪ شاهي مهمان خانو به آهي. امام صاحب جي روضي سان گڏ هڪ "اسلامي يونيورسٽي ۾" قائم ڪئي ويئي آهي، جا اوقاف کاتي جي سهڪار سان هلي رهي آهي. ان کان سواءِ هتي ميڊيڪل يونيورسٽي به آهي. هن شهر کي ريلوي ذريعي "اشڪ آباد" سان ملايو ويو آهي. ●

● (i) ڪانپوري عبدالرزاق، مولوي: "نظام الملڪ طوسي" (اردو)، ص ٤٢ کان ٤٦ تائين فوٽ نوٽ

(ii) سيد محمد عبدالله ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" - جلد ايڪيهون، ص ١٥٥ کان ١٧٣

(iii) رحمان، ايس اي، جسٽس: "اردو جامع انسائيڪلو پيڊيا" - جلد پيو، ص ١٥٧٠

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

نيشاپور

”نيشاپور“ - ايران ملڪ جي مشهد شهر جي اولهہ ۾، خراسان جو هڪ مشهور تواريخي شهر آهي. هن شهر جو خراسان جي چئن وڏن اهم شهرن - نيشاپور، مرو، هرات ۽ بلخ ۾ شمار ٿئي ٿو. هن شهر جو بنياد - شاهہ پور اول بن ارد شير اول وڌو هو. ڪن جو وري اهو رايو آهي، تہ هن شهر کي شاه پور ثانيءَ چوٿين صدي عيسويءَ ۾ آباد ڪيو هو. هن شهر جي اتر - اولهندي طرف ”ريوند“ جبلن ۾ برزين مهر جو آتشڪدو واقع آهي، جنهن کي ساسانين جي ٽن مشهور آتشڪدن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. يزد جرد ثاني (٤٣٨ع کان ٤٥٨ع) نيشاپور ۾ رهندو هو.

سن ٣٠هہ / ٦٥١ع ۾ بصري جي عامل - عبدالله بن عامر - نيشاپور کي فتح ڪيو. ان زماني ۾ هيءُ هڪ معمولي شهر هو. ان وقت شهر کي فوجي نوعيت وارو قلعو ڪونہ هو. حضرت علي عليہ السلام ۽ امير معاويہ جي وچ ۾ لڙاين وقت خراسان ۽ تخارستان ۾ بغاوت ٿي. حضرت علي عليہ السلام سن ٣٧هہ / ٦٥٧ع ۾ خليد بن ڪاس کي بغاوت بند ڪرڻ لاءِ موڪليو. سن ٤٢هہ / ٦٦٢ع ۾ امير معاويي جي دور ۾، قيس ابن الهثيم السلميءَ کي نيشاپور جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. سن ٤٥هہ / ٦٦٥ ۾ خليد بن عبدالله الحنفي نيشاپور جو عامل ٿي آيو. سن ٦٣هہ / ٦٨٣ع ۾ عبدالله بن خازم اموين جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ هو سن ٧٣هہ / ٦٩٢ع ۾ مارجي ويو.

ٽين صدي هجريءَ ۾، نيشاپور جو شهر - ”طاهريہ“ خاندان جي حاڪم - ابو العباس عبدالله بن طاهر جي قبضي ۾ رهيو ۽ ان دور ۾ وڏي عروج تي هو. سن ٢٥٩هہ / ٨٧٣ع ۾ ”صفاري“ خاندان جي باني - يعقوب بن الليث بن مُعدل - نيشاپور تي حملو ڪيو ۽ ”طاهريہ“ خاندان جي حاڪم - محمد بن طاهر کي شڪست ڏني، ليڪن، هن جلدئي شهر تي پيهر قبضو حاصل ڪيو. سن ٢٦٩ هہ / ٨٨٢ع ۾ عمرو بن الليث نيشاپور فتح ڪيو. هن هتي وڏيون سهڻيون ۽ عمديون عمارتون تعمير ڪرايون. عمرو سن ٩٠١ع ۾ ساساني حاڪم - اسماعيل بن احمد سان لڙائيءَ ۾ قتل ٿي ويو. اهڙيءَ طرح، نيشاپور ۾ وقت بوقت ڪيترن ئي حاڪمن جي حڪومت قائم رهي.

اسلامي دور حڪومت ۾، هن شهر کي فارسي زبان ۾ ”ابر“ بہ ڪري سڏيو ويندو هو. اموي ۽ عباسي حڪمرانن پنهنجي دور ۾ ڪن سکن تي اهو

www.facebook.com/musavisayed

نالو اُڪرايو هو. مسلمان سياحن مان ابن حوقل، ياقوت ۽ مستوفيءَ - هن شهر جي آبهوا ۽ زرخيزيءَ جي وڏي تعريف ڪئي آهي. نيشاپور وڏي عرصي تائين علم ۽ عرفان جو مرڪز رهيو، هتي وڏا مدرسا هئا، جن ۾ امام غزالي جهڙن عالمن درس ۽ تدريس جو ڪم ڪيو. امام موافق جو وڏو مدرسو هو، جنهن وٽ نظام الملڪ طوسي، عُمر خيام ۽ حسن بن صباح پڙهيا هئا. سلجوقين جي دور ۾، نيشاپور ڪي وڏو عروج حاصل رهيو. عمر خيام - ملڪ شاهه سلجوق جي نالي "تقويم جلالي" نالي ڪتاب تيار ڪيو، جنهن جو نظير دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي. الحاڪم ابو عبدالله البيع النيسابوريءَ (المتوفي ٤٠٥هـ/١٠١٤ع) "تواريخ علماءِ نيشاپور" نالي هڪ ڪتاب اٺن جلدن ۾ لکيو. الذهبيءَ انهيءَ ڪتاب جو خلاصو لکيو آهي. فارسي زبان جا ناميارا شاعر – عمر خيال ۽ فريد الدين "عطار" - نيشاپور ۾ تولد ٿيا ۽ اهي هتي ئي مدفون ٿيل آهن. هن شهر ڪي چوگرد هڪ قلعو هو، جنهن ڪي ٻه دروازا هئا. هتي پنجاهه بازاريون هيون، جتي وڏو وڻج واپار هلندو هو. هتان جي تجارتي منڊي - "المعسڪر" جي نالي سان مشهور هئي.

نيشاپور دنيا جي ڪيترن ئي حادثن ۽ انقلابن جو شڪار رهيو. سن ٤٠١ هـ/ ١٠١٠ع ۾ هتي سخت ڏڪار پيو. يارهين صدي عيسويءَ جي شروع ۾، نيشاپور - ڪراميه فرقي جي متقشفين جو مرڪز رهيو، جن جو اڳواڻ – ابوبڪر محمد بن اسحاق هو. سن ١١٤٢ع ۾ خوارزم شاهه السز هيءُ شهر سلطان سنجر سلجوقيءَ ڪان فتح ڪري، ان تي قبضو ڄمايو. سن ٥٤٨هـ/١١٥٣ع ۾ "غز" قبيلي وارن هن شهر ڪي تخت و تاراج ڪيو. انهن انقلابن ۽ جنگين جي ڪري هن شهر ڪافي مشڪلاتون ۽ تباهيون ڏٺيون. تيرهين صدي عيسويءَ ۾ هيءُ شهر لاڳيتو ٽي ڀيرا تباهه ۽ برباد ٿيو. ٻه دفعا (سن ٦٠٥هـ / ١٢٠٨ع ۽ سن ٦٧٩هـ/١٢٨٠ع) هن شهر ڪي زلزلي لوڏي، تباهي مچائي ۽ ٽئين دفعي وري تاتارين جي يلغار سبب تباهه ٿيو. سن ٧٥١هـ/١٣٥٠ع ۾ جڏهن مشهور سياح - ابن بطوطه - نيشاپور آيو هو، ته ان وقت هيءُ شهر ڪجهه پاڻ پرو ٿي رهيو هو.*

*(i) "برق" غلام جيلاني، ڊاڪٽر: "معجم البلدان" (اردو)، ص ٣٥٠

(ii) حسرت شرواني، حبيب الرحمان، مولانا ڊاڪٽر: "علماءِ سلف ونابينا علماءِ" (اردو)، ڏسو "تعليقات" - از : مفتي محمد انتظام الله شهابي اڪبر آبادي، ص ٤٧ - ٤٤٦

(iii) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" - جلد ٻاويهون، ص ٣٦ - ٥٣٤

(iv) رحمان، ايس، اي، جسٽس: "اردو جامع انسائيڪلو پيڊيا" - جلد پيو، ص ١٧٦٩

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

هرات

”هرات“ - افغانستان جي اتر - اولهه ۾ واقع هڪ قديم تواريخي شهر آهي. هيءُ شهر پهريائين خراسان ۾ شامل هو، مگر هن وقت افغانستان جو هڪ وڏو صوبو آهي. ”هرات“ درياءَ جي ڪناري تي آباد هئڻ ڪري، هن شهر تي اهو نالو پيو. هيءُ وڏي آباديءَ وارو شهر آهي. مرو، قنڌار ۽ بخارا جي شاهراهن تي ُهجڻ ڪري وڏو تجارتي مرڪز آهي. هرات جي قديم شهر ۾ ٻه بازاريون آهن، جي هڪ ٻئي کي جدا ڪن ٿيون ۽ ان ڪري شهر چئن حصن ۾ ورهايل آهي. اهي ٻئي بازاريون جتي ملن ٿيون، اتي هڪ وڏو گنبذ نهيل آهي. شهر ۾ هڪ چونڪ جو نالو ”چارس“ آهي. قديم شهر کان ٻاهر پڻ نئين آبادي وڌي آهي ۽ هڪ نئون شهر آباد ٿيو آهي. شهر ۾ تمام گهڻا باغ ۽ بزرگن جون مزارون آهن. هتي مختلف قسمن جو بهترين انگور پيدا ٿئي ٿو. هتي مسجدون، مدرسا ۽ بهترين عمديون ۽ سهڻيون عمارتون آهن. ”هرات“ - افغانستان جي نهايت ئي زرخيز صوبن مان هڪ آهي. قديم زماني کان وٺي هن وقت تائين ان کي وسط ايشيا جو ”اناج جو گهر“ سڏيو ويندو آهي. هرات ۾ پندرهين صديءَ عيسويءَ ۾ هڪ يونيورسٽي قائم ٿي هئي، جنهن کان پڻ هيءُ شهر گهڻو مشهور آهي.

تواريخي لحاظ کان به هرات وڏيءَ عظمت ۽ حيثيت جو مالڪ رهيو آهي. سڪندر اعظم پڻ هتي آيو هو. ساسانين جي دور ۾ هرات ”هياطله“ جي خلاف سرحد تي هڪ اهم فوجي مرڪز هو. اموي دور ۾، هرات - وارن بغاوت ڪئي ۽ عربن سن ٤١هه /٦٦١ع ۾ ورې قبضو قائم ڪيو. سن ٨٣هه / ٨٠٢ع ۾ يزيد بن المهلب - عرب باغين کي شڪست ڏيئي، ڪين مطيع بڻايو. هرات — بحيره روم کان هندوستان يا چين طرف وڃڻ وارن رستن تي هئڻ ڪري واپار جو وڏو اهم مرڪز هو. عرب سياحن مان اصطخري، ابن حوقل ۽ ٻين ٻڌايو آهي ته هن شهر کي هڪ قلعو هو، جنهن کي چار دروازا هئا ۽ شهر ۾ وڏي آبادي رهندي هئي. ڇهين صدي هجري /يارهين صدي عيسويءَ ۾ ”غوريءَ“ خاندان جي دور ۾، هيءُ شهر وڏي عروج تي هو. سن ٥٩٨هه /١٢٠١ع ۾ غياث الدين غوريءَ هتي جامع مسجد تعمير ڪرائي هئي. غورين جي ابتدائي دور ۾ هتي قرامطين جو زور هو ۽ ان کان پوءِ شافعي مسلڪ وارن جو وڌيڪ اثر رهيو. اسلامي دور ۾ هن شهر کي وڏو مقام حاصل

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

هو. سن ٦١٨هه / ١٢٢٢ع تائين کنڊرن جي صورت ۾ رهيو. سن ٧٨٢هه / ١٣٨٠ع ۾ تيمور - هرات تي قبضو ڪيو ۽ ان دور ۾ هن شهر وڏي ترقي ڪئي. سن ٨٧٤هه / ١٤٦٩ع ۾ سلطان حسين بايقرا جي دور ۾ هرات کي وڏي شهرت حاصل ٿي. هن سن ٩١٢هه/١٥٠٦ع تائين حڪومت ڪئي. مير علي شير "نوائي" سندس خاص وزير هو. ترڪي ۽ فارسي زبان جو وڏو شاعر پڻ هو. هن هرات ۾ وڏيون عاليشان عمارتون تعمير ڪرايون. جن مان گوهر شاد جو مدرسو، علي شير محل، خواجه عبدالله انصاري (المتوفي ٤٨١هه/١٠٨٨ع) جو مقبرو ۽ باغات وغيره قابل ذڪر آهن. سن ٩١٣هه/١٥٠٧ع ۾ ازبڪن هرات تي قبضو ڪيو. سن ٩١٦هه/١٥١٠ع ۾ شاهه اسماعيل وڏيءَ جنگ ڪان پوءِ، هرات تي قبضو ڪري پنهنجي تسلط هيٺ آندو. شاهه اسماعيل جي فوت ٿيڻ ڪان پوءِ، ازبڪن ٻيهر هرات حاصل ڪيو. سن ٩٣٤هه/١٤٢٥ع ۾ شاهه طهماسپ هن شهر کي ازبڪن کان واپس ورتو. سن ١١٢٨هه/١٧١٦ع ۾ هرات جي ابدالي افغانن بغاوت ڪئي ۽ سن ١١٤٢هه/١٧١٦ع ۾ ان تي نادر شاهه حملو ڪري، پنهنجو قبضو ڄمايو. اهڙيءَ طرح، هرات وقت بوقت لڙاين ۽ بغاوتن جو مرڪز رهيو. سن ١٨٦٣ع ڪان پوءِ ايرانين هن شهر تي پنهنجو قبضو ڄمايو. ان ڪان پوءِ اڄ ڏينهن تائين هيءُ شهر افغانستان جو هڪ حصو ۽ صوبي جي گاديءَ جو هنڌ آهي. *

هُرمز

"هُرمز" - ايران جو هڪ بهترين بندرگاهه هو. جو خليج فارس جي ڇوڙ واري هنڌ تي واقع هو. سن ١٣٠٠ع ۾ "هرمز" جي قديم شهر جي بلڪل سامهون، هڪ ننڍڙي ٻيٽ کي پڻ انهيءَ ساڳئي نالي سان سڏيو ويندو هو. بحيره هند جي ڪناري وارن ملڪن لاءِ "هرمز" کي وڏي خاص اهميت حاصل

* (i) "برق" غلام جيلاني، ڊاڪٽر: "معجم البلدان" (اردو)، ص ٣٥٨
(ii) دهلوي محمد رحيم: "محمد شيباني خان" (اردو)، ص ٢٧١
(iii) حسرت شرواني، حبيب الرحمان، مولانا ڊاڪٽر: "علماءِ سلف و نابينا علماءِ" (اردو)، ڏسو "تعليقات" — از: مفتي محمد انتظام الله شهابي اڪبر آبادي، ص ٤٤٧
(iv) سيد محمد امجد الطاف: "اردو دائره معارف اسلاميه" - جلد ٽيويهون، ص ٣٤ — ١٣١
(v) رحمان، ايس. اي، جسٽس: "اردو جامع انسائيڪلو پيڊيا" - جلد پيو، ص ١٨٤٩

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

هئي، ڇاڪاڻ تہ مغربي ايشيا ۽ هندوستان جي تجارت انهيءَ بندرگاهہ ذريعي ٿيندي هئي. چين ۽ هرمز جي وچ ۾ پڻ سمنڊ جي رستي آمدرفت ٿيندي هئي. محمد رحيم دهلويءَ - هرمز کي "هرموز" بہ ڪري سڏيو آهي. هتي بهترين قسم جا موتي ملندا آهن، جي "هرموزي" موتي ڪري سڏبا آهن. سمنڊ جي ڪناري تي ڇوٿين صدي ق.م. هڪ بندرگاهہ جي حيثيت ۾ قائم ٿيو هو، جو چوڏهين صدي عيسويءَ تائين مشرق جو اهم تجارتي بندرگاهہ هو، ۽ ان کان پوءِ هيءُ بندر - هڪ ڀيٽ جي صورت ۾ تبديل ٿي ويو. ليڪن ان کان پوءِ بہ هن جو اوج قائم رهيو. هرمز - زراعتي پيداوار جهڙوڪ: ڪڻڪ، جَوَ، ڇانور، نير وغيره جي اعتبار کان بہ زرخيز هو. معدنيات ۾ سون، چاندي، لوهہ، شنگرف ۽ لوڻ جي دولت سان مالامال هو.

"هرمز" کي سڀ کان پهريائين عربن - هڪ بندرگاهہ ۽ تجارتي مرڪز جي لحاظ کان ٻاهرين دنيا سان روشناس ڪرايو. ابن خردازبہ - هن بندرگاهہ جي وڏي تعريف ڪئي آهي. سن ١١٠٠ع کان پوءِ، هيءُ شهر - عرب حڪمرانن جي ماتحت رهيو. مشهور سياح - "مارڪو پولو" - جنهن سن ١٢٣٦ع کان ١٢٧٧ع تائين سفر ڪيو هو، اهو هرمز جي عرب حاڪم جو نالو - رڪن الدين محمود ڇاٽائي ٿو. قديم هرمز سمنڊ کان ڇئن ميلن جي مفاصلي تي هو ۽ اهو درياءَ جي ڪناري تي هو. ادريسي، اصطخري ۽ مقدسي وغيره ان جو ذڪر "ڪرمان" جي خاص تجارتي منڊين ۾ ڪن ٿا. مشهور مؤرخ - "ابوالفدا" جي قول موجب - ان قديم شهر کي تاتارين تباهہ ڪيو هو. "ابن بطوطہ" - جديد هرمز جو احوال ڏنو آهي. هرمز تي هميشہ ايران جو قبضو رهندو آيو آهي. دراصل، هرمز ان وقت کان تباهہ ٿيڻ لڳو، جڏهن "شاهہ عباس اعظم" پنهنجي نالي پوئتان "بندرعباس" جو بنياد وڌو. سن ١٥٠٧ع ۾ پورچوگيزن بہ هن تي قبضو ڄمايو هو، مگر برطانيہ ۽ ايراني فوجن سن ١٥٢٣ع ۾ انهن کان واپس ورتو. هرمز جي هن وقت اها شهر واري حيثيت ڪانہ رهي آهي. سن ١٩٧٩ع ۾ ايران ۽ عراق جي مشهور جنگ انهيءَ ڪاريءَ تان لڳي. ڪجهہ وقت لاءِ اهو بند رهيو ۽ پوءِ ان کي کوليو ويو. ●

● (i) "برق" غلام جيلاني، ڊاڪٽر: "معجم البلدان" (اردو)، ص 358
(ii) دهلوي محمد رحمي: .حمد شيباني خان" (اردو)، ص 72 — 271
(iii) سيد محمد امجد الطاف: "اردو دائره معارف اسلاميہ جلد ٽيويهون، ص 43 — 142
(iv) رحمان، ايس. اي، جسٽس: "اردو جامع انسائيڪلو پيڊيا" جلد ٻيو، ص 1851

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

همدان

"همدان" - "نهاوند" جي اوڀر ۽ "قم" جي اولهہ ۾ ايران جو هڪ شهر آهي. همدان جو شهر - ان صوبي جي گاديءَ جو هنڌ پڻ آهي. "تهران" - هن شهر کان اٽڪل ١٨٠ ميلن جي مفاصلي تي آهي. قديم زماني ۾ "همدان" - شمالي فارس جي سلطنت جو گاديءَ جو هنڌ هو. قديم ايراني ڪتبن ۾ ان جو نالو "هڪمتانہ" ۽ ڪلاسيڪي مصنفن ان کي "اڪتبانہ" ڪري لکيو آهي. هيءُ شهر "الوند" جبلن جي دامن ۾ هڪ زرخيز ميدان ۾ واقع آهي. ايران ۽ عرب روايتن موجب - همدان جي قدامت ۾ گذريل عظمت واري حيثيت اڄ بہ باقي آهي. ياقوت حموي - هڪ ايراني حوالي سان لکي ٿو تہ جمشيد - "سارُو" نالي هڪ عمارت نهرائي هئي. دراصل، سارُو - همدان جي قلعي جو نالو آهي. سن ٥٥ ق.م. ۾ "ڪوروش اعظم" - قبيلي "عاد" جي آخري تاجدار کي شڪست ڏيئي، ان تي قبضو ڪيو. سڪندر اعظم جي حملي کان پوءِ، هن شهر پنهنجي پراڻي عظمت وڃائي ڇڏي هئي. ساساني بادشاهہ - بهمن ابن اسفند يار - شهر جي چوڌاري قلعي کي مڪمل ڪرايو هو. هڪ ٻئي روايت مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ "دارا" پنهنجي دور ۾ هن شهر کي نئين سر تعمير ڪرايو هو، جو بخت نصر جي دور ۾ تباهہ ٿي ويو. دارا وچ شهر ۾ هڪ محل تعمير ڪرايو هو، جنهن کي هڪ هزار ڪمرا هئا ۽ انهن ۾ خزاني کي محفوظ ڪيو ويندو هو. سن ١٧٨٩ع ۾ آغا محمد قاچار ان محل کي ڍهرائي تباهہ ڪري ڇڏيو. اڄڪلهہ انهن کنڊرن کي "المصليٰ" ڪري سڏيندا آهن.

ٻارهين صدي عيسويءَ دوران هيءُ شهر اٽڪل اڌ صديءَ تائين، ان صوبي جي گاديءَ وارو شهر رهيو. "علوي گنبذ" اڄ بہ ان دور جي ياد تازي ڪري ٿو. سن ١٣٨٦ع ۾ تيمورلنگ - "همدان" کي پوريءَ طرح سان برباد ڪيو. سترهين صدي عيسويءَ ۾ شاهہ عباس اعظم جي دور ۾، هن شهر جي اڳ واري رونق وري موٽي آئي ۽ وڏي اوج کي رسيو. سن ١٧٦٤ع کان ١٧٣٠ع تائين هيءُ شهر ترڪن جي قبضي ۾ رهيو. سن ١٨١٣ع ۾ همدان پيهر کنڊرن جي روپ ۾ تبديل ٿي ويو. انهن حالتن هوندي بہ اڄ تائين هيءُ شهر پنهنجي سيني ۾ تواريخ جا ڪئين دور سانديو پيو آهي. همدان شهر ۾ ڪيترائي قديم آثار ڏسڻ جهڙا آهن. انهن ۾ باب الاسد، بهرام گور جون عمارتون، بوعلي سينا جو مقبرو ۽ مجسمو، گنبذ علوي، المصليٰ، ايستر جو مقبرو، بابا طاهر جو مقبرو وغيره قابل ذڪر آهن.

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

همدان جي آبهوا تمام سرد آهي ۽ هتي تمام گهڻي برفباري ٿيندي آهي. ان وقت هتان جو نظارو نهايت ئي دل فريب هوندو آهي. هتي چمڙي، سون، چاندي ۽ ٽامي جون صنعتون آهن. هتان جا قالين پنهنجي نفاست جي لحاظ کان گهڻو مشهور آهن. قديم زماني کان وٺي ڪاٺ جو پڻ نهايت سهڻو ۽ عمدو ڪم ٿيندو آهي.*

*(i) "برق" غلام جيلاني، ڊاڪٽر: "معجم البلدان" (اردو)، ص ٣٦٠

(ii) حسرت شرواني - حبيب الرحمان، مولانا ڊاڪٽر. "علماءِ سلف و نابينا علماءِ" (اردو)، ڏسو "تعليقات" — از : مفتي محمد انتظام الله شهابي اڪبر آبادي، ص 448

(iii) سيد محمد امجد الطاف: "اردو دائره معارف اسلاميه" - جلد ٽيويهون، ص ٦٧ — ١٦٦

(iv) رحمان، ايس. اي، جسٽس: "اردو جامع انائيڪلو پيڊيا" - جلد ٻيو، ص ١٨٦٠

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

ببليو گرافي

(الف) قلمي نسخا

1. انصاري الله جوڙيو : ”تاريخ موسوي عرف شاهنامو“ (سنڌي)
2. سيد عبدالحسين موسوي : ”ديوان بيدل“ (سنڌي)
3. سيد غلام حيدر شاهه موسوي : ”اڪئين پسيو مون “ (سنڌي)
4. سيد غلام حيدر شاهه موسوي : ”شجره سادات موسوي“ (سنڌي)، ١٩٥٢ع
5. سيد محمد حسن شاهه، ميرڪ: ”گلزار انما“ (سنڌي)
6. سيد مرتضيٰ ميرڪ: ”شجره سادات پوراڻي“ (فارسي)
7. سيد نورالدين محمد پوراڻي: ”ميلاد رسول“ (فارسي)
8. ”نامي“ بيگ محمد: ”تواريخ نوابين بکر“ (فارسي)

(ب) سنڌي ڪتاب

1. انصاري الله جوڙيو : ”بکر جي بزرگن جو سياست ۾ حصو“، ڪمال پرنٽنگ پريس، ٻئراج روڊ، سکر، ١٩٨١ع
2. بدوي لطف الله: ”تذڪره لطفي“ — جلد ٽيون، آر.آيچ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ، ٥٣ — ١٩٥٢ع
3. ”بيدل“ قادر بخش، فقير: ”پنج گنج“ — مترجم : فقير صوفي سبحان بخش، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه / حيدرآباد سنڌ، ١٩٧٦ع
4. ٽالپر محمد جمن، ڊاڪٽر : ”سنڌ جا اسلامي درسگاهه“، سنڌ ثقافت کاتو - حڪومت سنڌ، ڪراچي سنڌ، ١٩٨٢ع
5. پرسرام. وي. مسند: ”سکر سونهارو“، سنڌي ساهتيه منڊل، ڪراچي سنڌ، ڇاپو ٻيو - ١٩٨٧ع
6. سيد، جي. ايم: ”جنب گذاريم جن سين“ - جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٻيو - ١٩٧٩ ع
7. سيد حسام الدين راشدي: ”امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بکري“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٧٩ ع

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

8. سيد حسام الدين راشدي: ”تذڪره امير خاني“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٦١ع
9. سيد حسام الدين راشدي: ”ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون“، انجمن تاريخ سنڌ، ڪراچي سنڌ، ١٩٨١ع
10. سيد عبدالحسين موسوي: ”ديوان بيڪس“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٦٥ع
11. سيد علي همداني: ”مودت القربي“ - مترجم : انجنيئر عبدالحسين موسوي، قرآن و اهل بيت پبليڪيشنز سنڌ، ١٩٩٧ع
12. سيد مير محمد بن سيد جلال ٺٽوي: ”ترخان نامہ“ - مترجم : ميرزا عباس علي بيگ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٩٤ع
13. قادري اياز حسين، ڊاڪٽر : ”سنڌي غزل جي اوسر“ - ٻيو ڇاپو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو سنڌ، ١٩٨٤ع
14. مرزا قليچ بيگ: ”قديم سنڌ — ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٽيون — ١٩٩٠ع
15. ”مسافر“ محمد صديق: ”تاريخ سنڌ“ — ٻاڳو ڇوٿون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو سنڌ، ڇاپو ٻيو - ١٩٨٥ع
16. ”مسڪين“ مولچند ٺٽو مل رامناڻي: ”روهڙي يادگار“، ايف/٤ ميونسپل ڪوارٽرس ودالا، بمبئي
17. مولائي شيدائي : ”تاريخ سکر“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٩٢ع
18. مولائي شيدائي : ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٥٨ع
19. مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي : ”تحفة الڪرام“ - مترجم : مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٥٧ع
20. مير محمد معصوم بکري : ”تاريخ معصومي“ - مترجم: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٻيو - ١٩٥٩ع
21. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: ”تذڪره شعراءِ سکر“، سنڌي ادبي سوسائٽي، اسلاميہ ڪاليج سکر سنڌ، ١٩٦٥ع
22. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: ”گهڙيون گهاريم جن سين“، مهراڻ اڪيڊمي، ڪراچي سنڌ، ١٩٩٤ع
23. ننڌ لعل ”نندن“ شرما: ”آديسي اسور وڃائي واٽ ٿيا“، ڇاڇرو سنڌ، ١٩٦٦ع
24. وفائي دين محمد، مولانا: ”تذڪره مشاهير سنڌ“ — جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٨٥ع

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

25. هينري ڪزنس: "سنڌ جا قديم آثار" — مترجم : عطا محمد ڀنڀرو. سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ. ۱۹۹۵ع

(ج) اردو ڪتاب

1. احمد رباني : "مقالات مولوي محمد شفيع" - جلد ٻيو. مجلس ترقي ادب، لاهور. ۱۹۷۲ع

2. انصاري محمد اسلم پَسُروري: "فرحت الناظرين" — مترجم: محمد ايوب قادري، اڪيڊمي آف ايجوڪيشنل ريسرچ (آل پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس)، ڪراچي سنڌ. ۱۹۷۲ع

3. ايسٽوڪ، ڪيپٽن : "عبرت ڪده سندھ" — مترجم: محمد ضامن ڪنتوري، مطبع شمسي حيدرآباد دڪن. ۱۹۰۳ع

4. بابر، ظهير الدين محمد: "تزڪ بابري" — مترجم : رشيد اختر ندوي، سنگ ميل پبليڪيشنز. لاهور ۱۹۸۸ع

5. بدايوني، عبدالقادر، مُلا: "منتخب التواريخ" — مترجم: محمود احمد فاروقي، شيخ غلام علي ائنڊ سنز. لاهور. ۱۹۶۲ع

6. "برق" غلام جيلاني، ڊاڪٽر: "معجم البلدان"، شيخ غلام علي ائنڊ سنز. لاهور

7. "حسرت" شرواني، حبيب الرحمان. ڊاڪٽر مولانا : "علماءِ سلف و نابينا علماءِ"، اڪيڊمي آف ايجوڪيشنل ريسرچ (آل پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس)، ڪراچي سنڌ. ۱۹۶۱ع

8. خافي خان نظام الملڪ هاشم علي خان: "منتخب الباب" — جلد ٽيون — مترجم : محمود احمد فاروقي، نفيس اڪيڊمي، ڪراچي سنڌ. ۱۹۶۳ع

9. دهلوي محمد رحيم: "محمد شيباني خان"، مڪتبہ رضيہ، ڪراچي سنڌ. ۱۹۴۸ع

10. رحمان ، ايس. اي. جسٽس: "اردو جامع انسائيڪلو پيڊيا" — جلد اول، شيخ غلام علي ائنڊ سنز. لاهور. ۱۹۸۷ع

11. رحمان، ايس. اي جسٽس: اردو جامع انسائيڪلو پيڊيا" — جلد ٻيو. شيخ غلام علي ائنڊ سنز. لاهور. ۱۹۸۸ع

12. سيد حسن برني: "مقالات برني" — جلد ٻيو. انجمن ترقي اردو پاڪستان، ڪراچي سنڌ. ۱۹۹۱ع

13. سيد طيب آغا جزائري، حجة الاسلام مفتي: "تاريخ ڪربلا و نجف"، اداره علوم آل محمد، لاهور. ۱۹۶۲ع

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

14. سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" — جلد ٽيون، دانش گاه پنجاب، لاهور، ڇاپو پيو — ١٩٨٠ع

15. سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" — جلد ڏهون، دانش گاهه پنجاب لاهور ، ١٩٧٣ع

16. سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر : "اردؤ دائره معارف اسلاميه" — جلد يارهون، دانش گاهه پنجاب لاهور، ١٩٧٥ع

17. سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" — جلد چوڏهون، ياڱو ڇپيو، دانش گاهه پنجاب، لاهور، ١٩٨٢ع

18. سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" — جلد پندرهون، دانش گاهه پنجاب، لاهور، ١٩٧٥ع

19. سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر : "اردو دائره معارف اسلاميه"— جلد سورهون، ياڱو ڇپهريون، دانش گاهه پنجاب، لاهور، ١٩٧٨ع

20. سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" — جلد سورهون، ياڱو ڇپيو، دانش گاهه پنجاب، لاهور، ١٩٧٨ع

21. سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر : "اردو دائره معارف اسلاميه" — جلد سترهون، دانش گاهه پنجاب، لاهور ١٩٧٨ع

22. سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" — جلد ارڙهون، دانش گاهه پنجاب، لاهور، ١٩٨٥ع

23. سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر : "اردو دائره معارف اسلاميه" — جلد ايڪيهون، دانش گاهه پنجاب، لاهور، ١٩٨٧ع

24. سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" — جلد ٻاويهون، دانش گاهه پنجاب، لاهور، ١٩٨٩ع

26. سيد محمود يد اللهي : "حيات پاڪ"، اعجاز پرنٽنگ پريس، حيدرآباد دکن، ١٣٨٧هه/١٩٦٨ع

27. سيد هاشمي فريد آبادي: "تاريخ هند"، جامعه عثمانيه، حيدرآباد دکن، ڇاپو ڇهون — ١٩٣٧ع

28. شاغل عثماني، احترام الدين احمد، مولوي: "صحيفه خوشنويسان"، ترقي اردو بيورو، نئين دهلي، ١٩٨٧ع

29. فرشته محمد قاسم : "تاريخ فرشته" — جلد اول — مترجم : عبدالحي خواجه، شيخ غلام علي ائنڊ سنز، لاهور، ١٩٦٢ع

30. ڪانپوري عبدالرزاق، مولوي: "نظام الملڪ طوسي"، نفيس اڪيڊمي، ڪراچي سنڌ، ڇاپو ٻيو — ١٩٦٠ع

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

31. گلبدن بيگم: "همايون نامہ" — مترجم : رشيد احمد ندوي، سنگ ميل پبليكيشنز، لاهور، ١٩٨٥ع
32. مجلسي محمد باقر، علامہ : "بحار الانوار" — جلد ستون، اماميہ كتبخانہ، مغل حويلي، لاهور
33. محب الحسن : "كشمير — سلاطين كي عهد مين"، نيشنل بوك فائونڊيشن، اسلام آباد، ١٩٩٠ع
34. ميرزا محمد وحيد، ڊاكٽر : "اردو دائره معارف اسلاميہ" — جلد پيو، دانش گاه پنجاب، لاهور، ڇاپو پيو — ١٩٨٠ع
35. "نسيم" امروهوي: "تاريخ خيرپور"، اتحاد پريس، سكر سنڌ، ١٩٨٧ع
36. هاشمي عبدالقدوس: "تقويم تاريخي"، اداره تحقيقات اسلامي، اسلام آباد، ڇاپو پيو — ١٩٨٧

(د) فارسي كتاب

1. سيد شاه جهانگير هاشمي بكري : "مثنوي مظهر الآثار" — مرتب : سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٧
2. سيد محمد علي روضاتي: "جامع الانساب"، چاپخانہ جاويد اصفهان (ايران)، ١٩٥٧ع
3. غياث الدين بن همام الدين الحسيني: "حبيب السير" — جلد چوٿون، انتشارات كتبخانہ خيام
4. فيروز الدين، الحاج مولوي: "فيروز اللغات" — جلد اول، فيروز سنز لميٽڊ، لاهور / كراچي
5. قاضي احمد ٺٽوي / آصف خان قزويني : "تاريخ الفي" — مرتب: علي آل دائود، انتشارات كليہ بہ شركت انتشاراتي فكر روز، ١٣٧٨ش.
6. قاطعي هروي، ملا : "تذكره مجمع الشعراي جهانگير شاهي" — مرتب : ڊاكٽر محمد سليم اختر، مؤسسه تحقيقات علوم آسياي ميان و غربي ، دانشگاه كراچي سنده، ١٩٧٩ع
7. مدرس محمد باقر: "شهر حسين يا جلوه گاه عشق"، انتشارات كليني (ايران)، ڇاپو پيو — ١٤١٤هه/١٩٩٣ع
8. مصنف نامعلوم : "بحرالانساب"، بمبئي، ١٣٣٥هه/١٩١٧ع
9. منزوي احمد : "فهرست مشترك نسخہ هاي خطي فارسي پاكستان"— جلد ڏهون، مركز تحقيقات فارسي ايران و پاكستان، اسلام آباد، ١٩٨٨ع

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

10. مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "معيار سالڪان طريقت" — مرتب : ڊاڪٽر خضر نوشاهي، اداره معارف نوشاهيه. ساهن پال شريف ضلع منڊي بهاؤالدين، ٢٠٠٠ع.

11. مير غلام محمد "غبار" : "افغانستان در ميسر تاريخ"، دولتي مطبع ڪابل، افغانستان، ١٣٤٦هه/١٩٦٧ع

12. "نوائي" علي شير، مير: "تذڪره مجالس النفائس" مترجم : سلطان محمد فخري هراتي، علي اصغر حڪمت، ڪتاب فروشي منو چهري خيابان.

13. هروي محمد فخري، سلطان: "روضة السلاطين و جواهرالعجايب" — تصحيح: سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٦٨

(هه) انگريزي ڪتاب

1. Aitken, E.H: "Gazetteer of the Province of Sindh", Mercantile steam Press, Karachi Sindh, 1907
2. Beveridge, A.S: "Babar Namah", Val I, Lahore, 1975.
3. "Biographical Encyclopedia of Pakistan", International Publishers (Pak) Ltd:, Lahore, 1984-85
4. "Directory of the Local Board & Municipal Schools in Sindh", Commissioner's Printing Press, Karachi Sindh, 1917
5. "History of Alienations in the Province of Sindh", Vol II, Karachi Sindh, 1888
6. Memon Muhammad Siddique: "Sukker - Then & Now", Oxford University Press, Karachi Sindh, 2000
7. Siddiqui, Mahmudul Hassan : "History of Arghuns & Turkhans in Sindh", Institute of Sindhology, Jam Shoro Sindh, 1972
8. Smyth, J.W: "Gazetteer of the Province of Sindh" - B Volume - I - Karachi District, Government Central Press, Bombay, 1919
9. Smyth, J.W: "Gazetten of the Province of Sindh", B Volume III Sukkur District, Government Central Press, Bombay, 1999

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي

www.facebook.com/musavisayed

musavi@hotmail.com سيد جواد حسين شاه موسوي



Title By Sindhica